ادبي چمن



سنڌي ساهتيه اڪادمي، گجرات راجيه
گانڌينگر

ادبي چمن

٢٠١٧

سنڌي ساهتيه اڪادمي، گجرات راجيه
ايپليڪاگار ڀون، سيڪٽر 17، گانڌينگر - 382017.
فون : 23256797-23256798 (079)

ادبي چمن تي سدائين بهار هجي

رڪيل مورائي

اهي گذريل صديءَ جي اسيءَ واري ڏهاڪي جا آخري سال هئا. سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نگار ۽ ناول نگار سائين ناصر مورائي تازو ئي هند ياترا ڪري واپس آيو هئو. مان تازو مورو ڇڏي ڪراچيءَ آيو هوس. هڪ ڏينهن ساڻس ملڻ لاءِ سندس ڪراچيءَ ڪان ڇگو ئي پند ٻاهر اسٽيل ٽائون ۾ سندس گهر تي ملڻ لاءِ ويو هوس. تڏهن هو اسٽيل مل ۾ آفيسر جي ڪرسيءَ تي هئو ۽ ادبي طور تہ ايترو سرگرم ڪونہ رهيو هئو، پر سماجي طور ڪافي سرگرم هئو.

سندس لئبريريءَ ۾ ڇگي انداز ۾ هند جا ڇپيل ڪتاب ۽ رسالا ڏسڻ لاءِ مليا هئا. پر جيئن تہ منهنجي دلچسپي شاعريءَ ۾ هئي. ان ڪري هن ان وقت تازو شايع ٿيل سنڌي ٻوليءَ جي نفيس شاعرنارايڻ شيام جي شاعريءَ جو ڪتاب " نہ سورنگ نہ سا سرهاڻ" تحفو ڪري ڏنو هئو ۽ نارائڻ شيام جو هڪ ڪتاب مون ڪانئس پڙهڻ لاءِ ورتو هئو، جنهن جو نالو هئو، " آچيندي لڄ مران " هيءُ قصو هئو ان رسالي جي ڏسڻ جو ، جيڪو پوءِ لڳاتار نہ رڳو ڏسڻ لاءِ مليو. پر پڙهڻ لاءِ بہ مليو ۽ ان ۾ ڇپجڻ جو موقعو بہ مليو.

سائين ناصر مورائيءَ جي لئبريريءَ ۾ ٻين ڪتابن ۽ رسالن سان گڏ جن ٻن رسالن منهنجو ڌيان ڇڪايو هئو. اهي هئا، هڪڙو " ادبي چمن " ۽ ٻيو هئو "روح رهاڻ " هاڻ تہ شاهد پوئين رسالي جو نالو بہ شايد ٻلجان ٿو پر " ادبي چمن" اڄ تائين مون سان گڏ آهي يا مان ان سان گڏ آهيان. ان گڏ هجڻ جو سبب اسان جو مانوارو دوست ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو عالم ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي آهي. مون کي شايد احساس ٿي رهيوآهي تہ ڊاڪٽر

سنڌي ساهتيہ اڪادمي

ادبي چمن - ٢٠١٧

شري وشنو پنڊيا (صدر)
شري منوج اوجها (رجسٽرار)
شريمتي اِمامي بيگم سعيد (اسسٽنٽ رجسٽرار)
ڊا. جيٺو لالواڻي (سمپادڪ)
ٽائيٽل ڊزائين: شري موهن مدهوش (سنڌ)

ADABI-CHAMAN-2017

(Annual Literary Journal)
SHRI VISHNU PANDYA (President)

MANOJ OJHA (Registrar)

SMT. EMAMI BEGUM SAIYED (Asst. Registrar)

DR. JETHO LALWANI (Editor)

Title Design: Shri Mohan Madhosh (Sindh)
Price : Rs. 20/-

Published by :
Shri Manoj Ojha (Registrar)
Sindhi Sahitya Academy, Gujarat State,
Abhilekhagar Bhawan, Sector - 17, Gandhinagar-382017.
Phone : (079) 23256797-23256798

Printed at :
Scan Computers
3, Radheyshyam Complex,
Opp. S. T. Workshop, Patiya, Naroda Road,
A'bad-382345. Ph. : (O) 079-30246776 (M) 9327007002

تعداد ۾ لکبو بہ رهيو آهي تہ ڇپبو بہ رهيوآهي. ڪتابي صورت ۾ ناٽڪ هند ۾ وڌيڪ شايع ٿيا آهن. ان جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا آهن.

تڪڙ ۾ جيڪي نالا ذهن تي اچي رهيا آهن. انهن ۾ ناميارِي شاعر شمشيرالحيدريءَ جو ٽي وي ناٽڪ ”ڪاڪ محل“ ۽ ناميارِي شاعر قمر شهباز جا ٽي وي ۽ ريڊيو ناٽڪ ” واچوڙن ۾ لاٽ“ جي نالي سان شايع ٿيا آهن ويجهي عرصي ۾ اسان جي ڪهاڻيڪار دوست منظور ڪوهيار جي ناٽڪن جا ڪتاب ”راڄ ڪرتهہ“ ۽ ”ماهتاب“ جي نالي سان شايع ٿيا آهن، ساڳئي وقت تازوئي، اسان جي ناميارِي ڪهاڻيڪار ۽ ناٽڪ نگار امر جليل جي ڪجهہ اسٽيج ناٽڪ، ريڊيو ناٽڪ ۽ ٽي وي ناٽڪن جو مجموعو اسان جي نوجوان دوست مختيار احمد ملاح ترتيب ڏنو آهي، جنهن کي سنڌ حڪومت جي ثقافت واري کاتي ڇپرايو آهي، سنڌ جي رسالن ۾ ڪو هيڪڙ ٻيڪڙ ناٽڪ ڇپيو آهي نہ تہ ٺيو خير.

ان جي ڀيٽ ۾ ادبي چمن جي هر پرچي ۾ ناٽڪ جو هڪ حصو شامل ڪري، ڇڻ ناٽڪ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪيل آهي، پل ان جو سبب ڊاڪٽر ڄيٺي لالوانيءَ جو ناٽڪ نويس هجڻ بہ هجي. پر ناٽڪ سنڌ ۾ ايتري اوج تي نہ آهي اهو سچ آهي.

ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي جيئن تہ هڪ تخليقڪار سان گڏ هڪ تحقيق نگار بہ آهي، ان ڪري هن ادبي چمن ۾ تحقيق کي پڻ جوڳي جڳهہ ڏني آهي. ادبي چمن ۾ شامل ڪن اهم تحقيقي مضمونن کي سهيڙي هڪ الڳ ڪتاب جي شڪل بہ ڏيئي سگهجي ٿي. ائين ڪهاڻيون ۽ شاعري تہ هن رسالي ۾ هوندي آهي ۽ ادبي چمن ۾ بہ اهي ٻئي تخليقي ادب جون صفحون موجود رهنديون آيون آهن.

سڀ گڏي، ادبي چمن سنڌي ادب جو هڪ سٺو ، پڙهڻ ۽ سانڍڻ جهڙورسالو رهيو آهي، سندس ڪاميابي اها بہ آهي تہ اهو ٻن

لالواڻيءَ جي نالي سان منهنجي شناسائيءَ جو سبب بہ شايد “ ادبي چمن ” ئي آهي. جنهن جو هو سمپادڪ (ايڊيٽر) رهيو آهي. ان کان اڳ مون کي ڊاڪٽر صاحب کي پڙهڻ جو موقعو نہ مليو هئو.

هاڻ جڏهن “ ادبي چمن” لاءِ ڪي لفظ لکڻ جي گهرج پئي آهي تہ مون کي ائين لڳي ٿو تہ ادبي چمن ، جيئن شروع ٿيو آهي، تئين لڳاتار چهچٽدو رهيو آهي، پڪ سان شروع جي پرچن ۾ سنڌ جو ادب تہ نہ آهي يا نہ جي برابر آهي. پر هند جي ادب جو اهڙو ضخيم پرچو شايد وري ڪو نڪتو هجي ۽ ان رسالي تخليقي ۽ تحقيقي ادب جي جيڪا آبياري ڪئي آهي. اها اڳ هند ۾ ۽ هاڻ هند توڙي سنڌ ۾ آبرودار نموني اپري آئي آهي.

ادبي چمن ، جڏهن کان سنڌ جو حصو يعني سنڌ جو ادب بہ هڪ حصي طور شامل ڪيو تہ ان ڇڻ اسان جي سنڌي ادب کي جوڙي ورتو آهي.

انهيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ نہ آهي تہ ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جيان هند ۾ بہ ڪيترائي رسالا نڪتا ۽ اڳتي هلي اهي بند ٿي ويا. منهنجي يادگيريءَ ۾ نئين زندگي، ڪونج، رچنا، سپون، مستقبل رهجي ويا آهن. سرڪاري ادارن پاران ادبي چمن ۽ سنڌو جوت، موجود آهن، ڪجهہ عرصو ڪي ساليانا رسالا، پونجي، ساهتيڪار، الڪا، سنگيتا، جا بہ ڪي پرچا نظرن مان گذرندا رهيا. ويجهي عرصي ۾ سنڌو ۽ مهڪ رسالا بہ ڏسڻ ۾ آيا آهن. انهن سيني جي وچ ۾ ۽لڳاتار ساليانو ادبي چمن ، چڱي عرصي کان سنڌ ۾ ايندو رهيوآهي ۽ ان کي باقائدي سنڌ ڏانهن موڪلڻ ۾ ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ جو ئي عمل دخل آهي.

هند جي رسالن ۾ جيڪي سرڪاري ادار ڇاپي رهيا آهن، انهن ۾ ادبي چمن ڏانهن اهو تعريفي حوالو بہ وڃي ٿو تہ ان پرچي ۾ سنڌي ناٽڪ کي جوڳي جڳهہ مليل آهي. سچ اهو آهي تہ ورهاڱي کانپوءِ ناٽڪ سنڌ ۾ هيٺو پئجي ويوآهي، پر اهو هند ۾ چڱي

سمپادڪيہ...

”ادبي چمن“ هند-سنڌ جو لوڪپريہ، معياري، تخليقي ۽ تحقيقي ساليانو رسالو آهي. جنهن جي اشاعت سنڌي ساهتيہ اڪادمي گجرات راجيہ طرفان سال 1987 کان نيمائتي ٿيندي پئي رهي آهي. ”ادبي چمن“ ۾ نون ساهتيڪارن کي اڳرائي ڏيندي، رسالي ۾ کوجناتمڪ مقالا، مضمن، ليکہ، ڪهاڻيون، ناٽڪ، شاعريءَ سان گڏ ”سرحد پار جو ادب“ چونڊ رچنائون شايع ڪندي معيار کي بہ اوچو رکيو ويو آهي.

”ادبي چمن“ ۾ وقت بہ وقت خاص صنفن ۽ مايہ‌نياز اديبن جي ادب تي مقالا، ليکہ، مضمون خاص وياپڪ طور شايع ڪيل آهن جن پڻ ڪافي لوڪپريتا حاصل ڪئي آهي.

سداحيات دادا هري دلگير هند-سنڌ جا عظيم شاعر ۽ نثرنويس آهن. هنن گيت، غزل، رُباعيون، پنجڪڙا، بيت، دوها، للت پد ۽ ٻارن لاءِ مذر سهڻيون ڪوتائون ۽ گيت پروليون جوڙيون آهن. دادا سرجڻهار سان گڏ مهان، برکہ تعليمدان، سماج سيوڪ، نمرتا ۽ نماڻائيءَ جي مورت هئا. هنن انيڪ تعليمي، سرڪاري، نيم سرڪاري اِدارن سان گڏ گانڌيڌام ڪو-آپريٽو بئنڪ، گانڌيڌام ڊيولپمينٽ اٿارٽي، مرڪزي ساهتيہ اڪادمي ۽ ٻين سنسٿائن، يونيورسٽين ۾ مانائتا عهدا ماڻيا. ساهتيہ جي کير ۾ هند توڙي سنڌ ۾ کين ڪيترائي اِنعام مليا.

ٻهگڻي شخصيت جا مالڪ جيڪي سرسوتيءَ جا پوڄاري هئا. گجرات سرڪار جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي وڪاس لاءِ انيڪ يوجنائون گهڙيون تڏهن دادا دلگير صاحب، سداحيات سترامداس ”سائل“ جن سان گڏ صلاحڪار بورڊ تي رهيا. اڳتي هلي خودمختيار سنڌي ساهتيہ اڪادمي گجرات راجيہ جا چيئرمن بڻيا. هنن جي ايامڪاريءَ ۾ سنڌي ادب، ڀاشا، تعليم، ڪلا، سنسڪرتيءَ ۽ سنڌيت چوڏسي وڪاس ڪيو. هنن جو عملي ڪاريہ

ڏاڪڻ ڪان وڏيڪ عرصو لڳاتار نڪرندو رهيو آهي ۽ اڄ بہ جاري آهي، ظاهر آهي لکندڙن جوان ۾ اهم حصو آهي پر ان سموري ذميواريءَ ڪي جنهن سهڻي نموني ڊاڪٽر جيتي لالواڻي نڀايو آهي اها اهم ڳالهہ آهي. هن صاحب احمد آباد ۾ ويهي جيڪا سنڌ جي ادب ۽ هند جي ادب ڪي ڳنڍڻ واري روايت جي پاسداري ڪئي آهي، ان سنڌ جي اديبن ڪي وڏيڪ خوشي ڏني آهي، ساڳئي وقت اها اميد بہ جاڳائي آهي تہ هند ۾ اڃا سنڌي ادب سِرِ جي رهيو آهي. ڀڪ سان ادبي چمن جو سنڌي ادب ۾ پنهنجو حصو آهي جيڪو ادبي تاريخ ۾ ياد ڪيو ويندو ، ساڳئي وقت ادب ۾ شامل ٿيندڙ ان نئين ٿهي ڪان بہ اها ڳالهہ نہ وسرندي جيڪا ٿهي ادبي چمن معرفت سنڌي ادب ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي چڪي آهي. يا سڃاڻپ جي اميد ۾ آهي.

ڊاڪٽر جيتي لالواڻي چڱن ئي نوجوانن ڪي پڻ اهميت ڏيئي ڇاپيو آهي، جيڪا بہ سندس ادب ڏانهن اتساهہ پري اڪ آهي. ائين ادبي چمن تخليقي صنفن ڪي گهڻي اهميت ڏني آهي ۽ ڀڪ سان اڳتي بہ سندس اها ئي ڪوشش رهندي.

اڄ جڏهن هند ۾ سنڌي ادب پڙهڻ وارن جو انگ نہ هئڻ برابر وڃي رهيو آهي. تڏهن اسان جي هند ۾ وينل عالمن ۽ اديبن جون هيءُ ڪوششون سنڌ جي پڙهندڙن ڪي وڏيڪ فائدو ڏيئي رهيون آهن. پلي هند جي ڪتابن جي پهچ سنڌ ۾ گهٽ ٿئي ٿي پر جڏهن بہ ڪو رسالو يا ڪتاب هتي اچي ٿو تہ الگ الگ دوستن ۽ اديبن جي حلقي ۾ اهو ڏيان سان پڙهيو وڃي ٿو. ائين ادبي چمن بہ گهڻي ڏيان سان پڙهيو وڃي ٿو. چاڪاڻ تہ ان ۾ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي موضوعن تي پڙهندڙ ڪي مواد ملي وڃي ٿو. هڪ سني رسالي جي اها ئي اهم خوبي هوندي آهي ۽ اها خوبي ادبي چمن جي بہ آهي.

فهرست

اڪادميءَ جي سونهري تواريخ جي ورقن ۾ درج ٿيل آهي.

دادا دلگير جو جنم منڙي، سونهاري سنڌ ۾ 15 جوُن 1916 تي لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيو ۽ هن مهان شخصيت تاريخ 11 اپريل 2004 تي هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪيو.

مرڪزي ساهتيہ اڪادمي-دهليءَ طرفان تاريخ 29-28 جنوري 2017 تي اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ايشوري جيوت بخشاڻي هال، آديپور ۾ ”هري دلگير درياڻي شتابدي سيمينار“ جو آيوجن ڪيو ويو. جنهن ۾ سنڌيءَ جي برک مقالانگارن ۽ مضمون نويسن دادا دلگير جي جيون، فن، ڪاريہ تي تحقيقي مقالا پيش ڪيا ۽ دلگير جي ڪويتائن جو پڻ رس پان ڪرايو. اُنهيءَ موقعي تي سنڌي صلاحڪار بورڊ مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جي ڪنوينر ڊاڪٽر پريم پرڪاش سان صلاح ڪندي اِهو فيصلو ڪيو ويو تہ ”ادبي چمن-2017“ ۾ اُهي مقالا ”دادا هري دلگير وياڳہ“ تحت شايع ڪيا وڃن.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش ۽ مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جا شڪرانا مڃيندي مقالا، ليکہ ”ادبي چمن“ ۾، دادا دلگير صاحب جن جي اڪادميءَ لاءِ ڏنل بهترين ادبي شيوائن جو قدر ڪندي، عزت سان شرڌانجلي روپ ۾ شايع ڪري رهيا آهيون. ادبي مقالن سان گڏ ڪجهہ ٻيا ليکہ بہ دادا دلگير جي رچنا-فن-جيون تي حاصل ٿيل آهن، اُهي بہ درج ڪيل آهن.

”ادبي چمن-2017“ جو دادا دلگير جيون-فن-ڪاريہ خاص وياڳہ انڪ، اڳين انڪن جيان يادگار، معياري ثابت ٿيندو ۽ ادبي حلقن ۾ مڃتا حاصل ڪندو اَهڙو وشواس آهي.

هن انڪ ۾ سرحد پار جو ادب، ڪهاڻيون، شاعري، مضمون وغيره محدود پيج هجڻ جي باوجود بہ جيڪي بہ رچنائون حاصل ٿيون آهن اُهي سڀ شامل ڪيل آهن جن ”ادبي چمن“ جي سونهن وڌائي آهي.

پنهنجي قيمتي راين کان واقف ڪندا تہ خوشي ٿيندي.

جينو لالواڻي

(سمپادڪ)

ڪي نوٽ : پريم پرڪاش

شاعر هري درياڻي 'دلگير'، جنم شتابدي سيمينار
ساهتيہ اڪادمي، دهلي ۽ اِنڊين اِنسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي جو گڏيل سهڪار

28-29 جنوري 2017 سنڌالاجي، آديپور جو اڱڻ

ڪوتا دلگير جي، رنگہ رتي پرڀات

(نارائڻ شيام)

15.06.1916 - 14.04.2004

دلگير نيڻ ہوتي، ڪوتا تو گنگنائي،
سنسار لءِ سُنهري، سپنو نهي رهيو آ.

مان پنهنجي مختصر ڪي-نوٽ تي اچان، تنهن کان اڳہ ہہ-چار ڳالهيون:

پرمانند ميوارام جي 150هين جنم جينتي تي، هت ئي رکيل هڪ ڏينهن جي سمپوزيم ۾ مون ہڌايو هو ۽ اڄ اُها دهرائي رهيو آهيان تہ ساهتيہ اڪادميءَ جو 100، 150، 200... جنم جينتي ملهائڻ واري پروگرام هيٺ، گذريل سالن اندر هڪ ہن ڏينهن جا سيمينار ٿيا آهن، جيئن تازو خليفو گل محمد گل، سدارنگاڻي 'خادم'، رام پنجواڻي، تيرٿ بسنت، پريوُ 'وفا'، ڪيئلداس 'فاني'، پرمانند ميوارام... ۽ خاص هڪ ڏينهن جا ٽن تي سمپوزيم - موتي پرڪاش، ڪيرت ٻاٻاڻي، ناڪر چاولا... اِهي پروگرام گهڻو ڪري اديب جي ڪيل ڪاريہ تي قدرشناسيءَ ۽ ڪرت جي روپ ۾ ٿيندو آهي. ڪٿ، وري ڪٿ جا هلڪا اَنش ڪن پيپرن ۾ اچي ويندا آهن. جنهن تي پروگرام ٿيندو آهي، هن جي زندگي، زندگيءَ جو سفر، شخص-شخصيت، ادب/شاعريءَ جو سفر، مخصوص دين، اُن جي خوبين-خصوصيتن وغيره کي ملائي پاڻ ۾ گڏجي، يادن جو سمو اُٿلندا آهيون. ماحول جوڙيندا آهيون، جيئن لڳي اديب/شاعر اِجهو اسان سان روح رهاڻ ڪري رهيو آهي.

- گذريل ڇئن سالن جي عرصي ۾ اڪادميءَ جي ميٽنگہ/پروگرامن



هري دلگير

Hari Dilgir

B: 15-6-1916 D : 11-4-2004

دلگير جا ايڊٽ ڪيل آهن. ’امر گيت‘، ڀڳوت گيتا ڪوتا ۾ ٽيڪا سميت ۽ ’جپ صاحب‘ ٻئي سندس سهڻا ترجما آهن. ٻنهي تي پيپر نه آهن.

شاعر دلگير تي ٽي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ’سنگيتا‘ پاران ’سدا هجن هوت حيات‘ سمپادن ارجن حاسد، ’هري دلگير : هڪ اڀياس‘ سمپادن : ڀڳوان نردوش، ٽيون آشا رنگواڻيءَ جو ’هري دلگير جي شعر ۾ درشن‘. اِئين ته ٻيا به ڪيترا هِت هُت ڇپيل ليک آهن. وري ڪيترن اَهم اديبن /شاعرن، نقادن دلگير تي لکيو آهي ۽ خوب لکيو آهي. تازو رچنا جي انڪ ۾ لکمي کلاڻيءَ جو لکيل قدرشناسيءَ وارو اَهم ليک شامل آهي. انهن قدرشناسي ۽ ڪٽ وارن ليکن، ڪتابن تي هڪ الڳ پيپر ’وري ڪٽ‘ وارو به هن سيمينار ۾ شريڪ هجي ها ته... پر اڄ اَهڙيون Studies ڏکيون ٿي پيون آهن، ڪارٽن جي سيني کي خبر آهي... تبصرا، تنقيد، ڪٽ، وري ڪٽ... اِهي اسان جي اهم ضرورتون آهن، سرجڻ آهي ته اِهي به ساهتڪ ضرورتون آهن.

جيون جو جس آهه اِنهيءَ ۾ جيءُ جيءُ ڙي جيءُ،

پريم ڪٽوري جا به ملي ٿي، پيءُ پيءُ ڙي پيءُ.

آديپور/ڪڇ جي سڄي يومي شاعراڻي رهي آهي/شاعري رهي آهي/شاعرن-ڪوين سان سرسبز رهي آهي... اِها سنڌ سان به گهڻو ويجهي سنبنڌ، جذبي سان جڙيل آهي، مٽي ساڳي آهي، پاڻ ساڳيو آهي، پاڻي ساڳيو آهي، هوائون ساڳيون آهن... ۽ ٻولي به ساڳي آهي، ڀاوَ سنسار ساڳيو آهي، جيئڻ جو طور طريقو لڳ ڀڳ ساڳيو آهي، ڏُک-سُک، آشائون-اُميدون، سپنا، حقيقتون...

دلگير دير سان ئي سهي سنڌ کان سڌو آديپور ۾ اَچي ٽانئيڪو ٿيو، ماحول ۽ ماڻهو هرويرو اجنبي نه هئا ۽ هوُ هتان جو ٿي ويو. شهر ۽ دلگير هڪ ٻئي جا ٿي ويا...

سينڌ دنيا جي سنواريون ۽ وري سينگاريونس،

هن ڪماريءَ کي وري حوُر بڻائينداسين.

’موُج ڪئي مهراڻ‘ (1966) جي ’رهاڻ‘ ۾ ئي دلگير پنهنجي پٽن کي کولي رکيو هو، ’’... پر عام طور شاعريءَ جا به مکيه موضوع آهن ؛ زندگي ۽ پيار... مان زندگيءَ کي سندس سندر سروپ ۾ پسڻ جو مشتاق

جو شروعات ۾ 40/42 پنهنجن اديبن کي شرڌانجلي ڏئي چڪا آهيون!

- اسان جا 25-20 وڏڙا بزرگ اديب آهن، جيڪي سرگرمين ۾ ائڪٽو پارٽ نٿا وٺي سگهن. باقي منظر کان اَسين پوريءَ طرح واقف آهيون. پيپر لکندڙن جو انداز ٽهائين گهٽ آهي.

- نوان نؤجوان ليکڪ/ڪوي گذريل ٽن-چئن سالن کان ائڪٽو ٿي رهيا آهن. اُنهن جو انداز 40-35 آهي. لوڪيٽ ته 60 کن ٿيا آهن. اِنهن مان هڪ ٻن سالن بعد 15-10 نؤجوان ليکڪ تيار ٿي ويندا، اَهڙي اُميد آهي. ساهتيه اڪادمي جا ٻن نوجوانن کي يووا پُرسڪار به ملي چڪا آهن : منوج چاولا، پارتي سدارنگاڻي.

وڏ ۾ وڏ نؤجوان آديپور جا آهن جيڪي وري هڪ نه ٻئي ادب-ڪلا روپ ۾ سنڌالاجي/صاحب بچاڻي سان جڙيل آهن. اِها گذارش آهي ته اسان جا اَنيوي اَديب نؤجوانن جي پنهنجي پنهنجي شهر ۾ سونهپ ڪندا...

شاعر هري درياڻي دلگير : جنم شتابدي تي ٻن ڏينهن جو سيمينار ڪُل 2 + 6 اجلاس ۾ ورهايل آهي. 1. يادون 2. شعريءَ ۽ ساهتڪ سڀ پهلو. ٻن مجموعن ’ڪوڏ‘ ۽ ’صبح جو سهاڳ‘ کي ڇڏي باقي سيني تي جدا جدا پيپر پيش ٿيندا.

دلگير جو شاعريءَ ۾ ’قدرت‘، ’مؤسيقي‘، ’درشن/آشاواد‘، ’جماليت وشين تي به الڳ الڳ پيپر آهن.

هڪ پيپر ”دلگير جي شاعريءَ تي بيوس جو اثر“ تي، ٻيو پيپر نارائڻ شيام ۽ دلگير جي گڏيل مجموعي ’ماڪ ڦڙا‘ تي آهي. الڳ پيپر دلگير جي ’ادبي ليکه‘ ڪتاب جنهن ۾ 16 ناميارن شاعرن/اديبن تي دلگير جا لکيل ڪارائتا ليکه آهن. دلگير جي آتم ڪٿا ٻن ڀاڱن ۾ آهن ’چولو منهنجي چڪ ۾‘ 1987، ۽ ’گند منهنجي گوڏ ۾‘ 2003. ٻئي الڳ الڳ سِرن سان چيپٽرس ۾ مجموعا آهن، اِن تي به پيپر آهي.

دلگير جون ٻال ڪوتائون- اِنهن جا به ڪجهه سهڻا مجموعا آهن تنهن تي به پيپر پيش آهي.

علاوه : مهورتي اجلاس بعد شروعات ۾ دلگير جي رچنائن جو ’پاٺ آخر ۾ ’يادگيريون‘ ۾ دلگير سان گهاريل يادگار پلن جي پيشڪش آهي ’بيوس جو چونڊ ڪلام‘ ۽ ’جائزو‘ بيوس جي ڪوتا، به ناياب ڪتاب

جهنگلي گل (1988) دلگير جو نثرائو نظم وارو مجموعو آهي. اِن جي ”بابت“ ۾ لکي ٿو: ”هي جهنگلي گل (يعني ڪوتائون) ڪنهن به پاٽيءَ ۽ ياڻ بنا، قدرتي هوا ۽ سورج جي روشنيءَ ۾، هي گل منهنجي من جي ڌرتيءَ کي چيري پنهنجو پاڻ ٻاهر نڪري آيا آهن. نه ڪيم قافين جي قلمبندي ۽ نه وري رديفن جي رنگينين سان ڪين سينگارڻ سنوارڻ جي ڪوشش ڪيم. وزن ڇند ۽ ماترائن جي ممتا کان به هي مڪت آهن.....“ ”رديفن ۽ قافين جي قيد مان پوين ٻن ٽن سالن ۾ الائي ڪيئن پاڻ کي آزاد بڻائي ٻاهر نڪري آيو آهيان.“

دلگير جي اِن مجموعي ۾ ڏنل هڪ ڪوتا آهي:

آهي ڪو؟

اِنسانيت جي اِسپتال ۾
تهذيب تڙڦي رهي آهي
هوءَ بيحد بيمار آهي.
ڪنهن هوشيار ڊاڪٽر جي
ضرورت آهي
جو يا ته ڪيس شفاياب ڪري
يا مورڳو ئي ماري ڇڏيس،
جيڪي ڊاڪٽر موجود آهن،
هن ڪيس ڪٽڻ ۾ خطرو
محسوس ڪري رهيا آهن
ڇو ته بيمار خطرناڪ آهي
اڳيون رڪارڊ اِئين آهي
ته هن بيمار
ماري ڇڏيو آهي خود ڊاڪٽرن کي.
سقراط، عيسيٰ، منصور، گانڌيءَ
۽ ٻين ڪيترن ئي ڊاڪٽرن،
هي ڪيس ڪنيو هو هٿ ۾
پر سيني کي ماري ڇڏيو هن بيمار
آهي ڪوئي اَهڙو
جو کڻي هيءُ ڪيس هٿ ۾؟

”لهرون لڪ لباس“ 1993 دلگير جي اٽڪل 500 کن مني ڪوتائن جو مجموعو آهي. هن اِنهن کي پتڪڙيون ڪوتائون ڪوٺيو آهي. آهن اُهي للت پد ۽ هائڪو.

نيڻن ۾ نه نگاهه
آءُ اڪيلو پيو هلان
اڻ کٽ اذيت راهه.

لاش رکيل، مرگهٽ
ڪانڌي ۽ ٻيا آدمي
هڪ ٻئي سان يٽ شٽ.

”اڪيلو چنڊُ“ (1998) مهاڳ ۾ دلگير پاڻ لکي ٿو: ”حقيقت ۾ مان شاعريءَ جو نوَن نرالن رنگن ۽ روپن (Forms) تي تجربا ڪندو ئي رهيو آهيان. ڪيترين ڪوتائن جا روپ يعني Forms جي مڪيل روپن کان

آهيان اِنڪري منهنجي سموري ڪوتا ۾ سڪ درسي درشتيءَ جـ
جهلڪون نظر اينديون. اُن سان گڏ مسڪينن سان محبت ۽ عوام سـ
عشق جي جذبي هيٺ منهنجيءَ دل ۾ وقت بہ وقت جي زوردار ز
پيدا ٿيندا رهيا آهن، تن جا ڪجهہ اثر پڻ هن اِنتخاب ۾ آيل آهن..

ٻيو پتو بہ ڪوليندي دلگير لکي ٿو : ”لڙڪ کي مرڪ ۾ مٽائڻ خوا
ذڪر ۽ بيقراريءَ جي بجاءِ سُڪہ ۽ آنند پيدا ڪرڻ سندس ذاتي ڪرتويہ آهي

ها، دلگير پنهنجي شاعراڻي حياتيءَ ۾ پنهنجا پتا هميشهہ صداق
سان کُليل رکيا.

مٿي ذڪريل اِظهار کي دلگير پل پل جو پرلاءُ (1977) جي ’ٻہ لفظ‘
وري ٻئي روپ ۾ دهرائي ٿو : جيئن :

’مونکي زندگي وڏي ٿي‘... ’مان کلي کلي جيئڻ چاهيان ٿو.
’کلي کلي جيئڻ، مون لاءِ راهہ آهي تہ منزل بہ‘... ’مان زندگيءَ
سندس سندر روپ ۾ پسڻ جو مشتاق آهيان.“

اُستاد ٻيوس جو گيت دلگير پوري زندگي جهونگاريندو رهيو :

اَڪہ لڙڪ سان، منهن مرڪ پريو ياد ڪنداسين،
فرحت ڀري دنيا ۾ نہ فرياد ڪنداسين.

اِن ’ٻہ لفظ‘ جو آخري فقرو هن ريت آهي- ’اِئين نہ آهي
منهنجيءَ هرهڪ ڪوتا ۾ آشا ۽ اُجالي جي چمڪ آهي. ڪٿي ڪ
نراشا جي جهلڪ بہ آهي. البت اُها جهلڪ جهيڻي آهي.‘

’جيءُ جيءُ ڙي جيءُ‘ جي ’گذارش‘ ۾ ٻين شاعرن/اديبن جي
دلگير جو بہ وشواس درج آهي: ”شاعر کي پنهنجي اِظهار لاءِ ڏاتار ج
ڏات عطا ٿيل آهي... هر شاعر کي پنهنجو ڏانءُ ۽ روپ هوندو آهي.

’رولو آواز‘ جي هڪ غزل جا ڪجهہ شعر :

بارش آئي ڇم ڇم نچندي
گند گٽر جو اُٿليو ڇپ ڇپ
ڪيڏا ڪيس ٿيا مندر ۾
پڳوان ويني جاچيو ڇپ ڇپ
رونيءَ ٺڪرو ڇور اُڇليو
شوخ ڪتي ڀڇ لوڏيو ڇپ ڇپ!

’’وڻ وڻ ۾ وايون (2005) جيڪو سندس وفات بعد چونڊ غزلن جو مجموو ڇپايو ويو. اُن جي مهاڳ ’’سونهن ۽ سُرهاڻ‘‘ جو شاعر-دلگير ۾ ڊا. ستيش روهڙا پنهنجي جاچنا درج ڪئي آهي : ’’... عجب جي ڳالهه آهي جو دلگير سڏائڻ واري هري ’دلگير‘ جي شاعري دک-درد ۽ وڇوڙي جي شاعريءَ بدران آشا، سُک، اُتساهه، خوشيءَ سان ڀريل شاعري آهي.‘‘

ادب، ادب جون تقاضائون، ادب جا ماڻ پنهنجو ڪم ڪندا. تنقيد پنهنجو ڪم ڪندي. ماڻهن جي زندگي، زندگيءَ جا اَنيڪ، سوچ به ڀاو سنسار شاعري ماڻڻ... پڙهندڙن جي رچي، ذهنيت... پنهنجو ڪم ڪندا... وقت ۽ حالتون پنهنجي حساب سان فرد-شاعر کي بدليندا ويندا آهن. وڻ وڻ ۾ وايون (2005) صفحو-64 تي هڪ غزل آهي :

بازار ۾، رستي تي، سنيما ۾ يا گهر ۾،
آواز ڌماڪن جو ٻڌون ٿا، ته ڏڪون ٿا.
گاڏين ۾، جهازن ۾ يا رستن جي سفر ۾،
ڪنهن وقت به ڪيڏانهن وڃون ٿا ته ڏڪون ٿا.
چپ چاپ اگر ظلم سهون ٿا ته مرون ٿا،
حق لاءِ جي فرياد ڪريون ٿا ته ڏڪون ٿا.
آتنڪ جون انياءَ جون، اتفاق جون ڳالهيون،
اخبار پڙهڻ لاءِ کڻون ٿا ته ڏڪون ٿا.
نوڪي نه ڇڏي ڳُپت ڇرو ڪوئي پنيءَ ۾،
ڪنهن يار سان ياڪر ۾ ملون ٿا ته ڏڪون ٿا.
ڪو خون ٻڏل آدمي رستي تي پيو آ،
جي ڪنهن به مدد لاءِ وڌون ٿا، ته ڏڪون ٿا.
ماحول ۾ بس موت جو مانداڻ ئي آهي،
دنيا ۾ جي دلگير جيئون ٿا ته ڏڪون ٿا.

اچو ته سڀئي ’دلگير‘ سان گهاريل پلن کي وري ياد ڪريون ۽ ٻئي ڏينهن سندس خوبصورت شاعري-سُرهاڻ ڀري انوکي دين جو گڏجي لطف ماڻيون.

E-68/1060, Krishnanagar,
Sahijour Bogha, Ahmedabad-382345.
M. 9426353918

نرالا آهن.'' تجربا ڪرڻ جي سجاڳي، قوت ۽ ضرورت ئي ڪامياب تجربا خلقيندڙ آهي.

’صبح جو سهاڳ‘ (2001) دلگير جو غزل ۽ گيتن جو مجموعو آهي. شاعر جي سچاٽپ ۾ ننڍيون 17 ڪوتائون شامل آهن- اُنهن 2/4 :

خدا مونکان پڇيو هڪ ڏينهن، تنهنجي آرزو ڇاهي،
ڇيم سا دل کپي، جنهن ۾ نه ڪائي آرزو آهي.

ڇرين جو نگر آ، ڇرين سان ڪريون ڇا؟
اسان ڀي ڇرين سان ڇريا تي پئون ڇا؟

وڃان مان ته مون لاءِ سمجهه اِئين،
پکي گيت ڳائي ٻه، اُڏري هليو ويو.

تو وڃان هاڻ مان، مگر ’دلگير‘،
توسان ملندس وري مرڻ کان پوءِ.

دلگير تقريبن 18/20 صنفن ۾ شعر رچيو آهي. غزل، گيت، بيت، وايون، پنجڪڙا، رباعيون، ترائيل، نظم، تيڙو، قطع، للت پد، نظماٽو نثر، نثراٽو نظم، سانيٽ، مسدس، مني ڪوتائون، لنبيون ڪوتائون... وغيره.

جيءُ جيءُ... ۾ مهاڳ ايم. ڪمل جو آهي :

”هري دلگير صاحب، گيتن جو هڪ بڙ آهي، جنهن جي شاخن جي ڦهلاءَ جو دائرو جهجهو ۽ اُن جي ڇانوَ گهاٽي ۽ ٿڌي آهي... بنيادي طور گيتڪار آهي ۽ هن سخن جي صنف کي نهايت سنجيدگي ۽ صداقت سان نباهيو آهي، ان مان ئي هن کي ذهني جذباتي تسڪين ملي ٿي. هن صنف مان ئي سندس فڪر، فن ۽ جمال، مڪمل تاثير ۽ ڪيفيت مان ڀيڪي ٿو.... مونکي سندس غزل مان گيت ليئا پائيندو نظر ايندو آهي، مگر سندس گيت ۾ غضب جي شعري ڪيفيت محسوس ڪندو آهيان.... خاص ڪري جڏهن هيءُ صاحب اڄ جي زندگيءَ، اِنساني گهٽجندڙ معيار، تهذيب ۽ پنهنجي قوم جون نراسايون ۽ اُميدن تي سنجيدگيءَ سان پنهنجي شعري تجربي هيٺ آڻي ٿو. دلگير صاحب آشاوادي شاعر آهي. نراسائي نڪتي کي به آشا جي پوش ۾ پيش ڪري ٿو.''

ڪچي پڪي ڪوتا ڇپجي آئي، جيڪا اُن وقت جي مشهور شاعر اُستاد نواز علي 'نياز' جي نظر ۾ آئي. نياز صاحب دلگير جي وڏي ڀاءُ نارائڻداس جو دوست هئو. هوُ دلگير جي گهر اچي پهتو ۽ چيائينس، ''هري تنهنجي شاعري ته وٽي پر وزن ۾ ڪي ڪچايون آهن جي توکي اُن جي ڄاڻ نه آهي. جي تون چاهين ته اِن فن جي ڄاڻ ڏيئي توکي سيکاري سگهان ٿو.'' ٻالڪ دلگير خوش ٿي ويو. چيائين، ''چاچا انڌو گهري هڪ اک مونکي ته ٻئي ٿيون ملن.'' نواز صاحب کان اِجازت وٺي پنهنجي دوست ۽ ماروٽ پريم چڱاڻي کي وٺي وڃي پهتو. ٻنهي جي شروعاتي شاعريءَ جي تعليم ڪل 3 ڏينهن هلي. اُن کان پوءِ به هوُ نياز صاحب کان پنهنجن شعرن جي نظرثاني ڪرائيندو هئو ۽ صلاح وٺندو هئو. اڳتي هلي نياز صاحب جا ٻئي شاگرد هري دلگير ۽ پريو وفا جي نالي سان مشهور ٿيا. دلگير جي ڪچڙي من تي پنهنجي پسنديده بزرگ شاعر بيوس سائينءَ جي گهري ڇاپ پئجي ويئي. هُن بيوس وانگر شڌ سنڌي ٻوليءَ جو اِستعمال ڪرڻ شروع ڪيو، نوان نظريا ۽ وشيه پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪيائين جيڪي هيل تائين ساقي جام ۽ محبوب جي سونهن تي ئي محدود هئا. دلگير دل سان نياز صاحب ۽ بيوس سائينءَ جي شڪرگذاري مڃيندي لکيو :

''شمار ٿئي ٿو سُٺن شاعرن ۾ اڄ دلگير،
ڪمال آهي سو 'بيوس' 'نياز' ٻارن جو.''

ساهتيه سان پيار هجڻ جي ڪري دلگير پروفيسر ٿيڻ پئي چاهيو جيئن ڪم ڪندي به ساهتيه سان جڙيل هجي. شروعات ۾ ضد ڪرڻ جي باوجود ماتا پتا ۽ ڪندڙيءَ واري مرشد جي ڳالهه کي مانُ ڏيڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ رهي ممبئي يونيورسٽيءَ جي B.Sc. ۽ B.E. ڪري نڪتو. شروع ۾ اِنجنيئري ۾ Workshop جو اِمتحان پاس ڪرڻ لازمي هئو. شاعر دلگير کي هي لوهارڪو ڪم ۽ واڍڪو ڪم نه وڻندو هئو. متڪا هڻڻ ۽ آري هلائڻ هن کي پسند نه هئو اِنڪري لڳاتار ٻه دفعا Workshop اِمتحان ۾ فيل ٿيو. هن جهڙو ذهين ۽ هوشيار شاگرد فيل ٿئي سان ڳالهه کنهن کي به نه وٽي سو هُن B.E. ڇڏي B.Sc. ڪري ورتي. پر قسمت سان Workshop جو امتحان B.E. جي ڪورس مان ٻه سال پوءِ نڪري ويو جنهن ڪري هُن وري B.E. ۾ داخلا ورتي ۽ سنين مارڪن سان پاس ٿيو.

دلگير جو جيون ۽ شخصيت

- سيما گرناڻي

شرميلو، مُرڪ مُنهن تي، سچو، سونهن تي فدا،
’دلگير‘ ساڻ دوستي جوڙي ڏِسي تہ ڪو.

هي سٽون سنڌيءَ جي مشهور مايہناز شاعر هري دلگير جون لکيل آهن، جيڪي هُن جي شخصيت سان خوب ٺهڪي اچن ٿيون. سندس شاعري هُن جي زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿي. هري دلگير هند سنڌ جو ڄاتل سڃاتل شاعر آهي جنهن کي سرحد جي هن پار يا هُن پار ڀرپور پيار ۽ عزت ملي.

دلگير جو جنم لاڙڪاڻي سنڌ ۾ 15 جون 1916 ۾ ديوان گرڏنيمل درياڻيءَ جي گهر ٿيو جيڪو سنڌ ۾ هوشيار، ايماندار ۽ مشهور ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ جي روپ ۾ ڄاتو ويندو هو. نوڪريءَ کان رٽاير ڪرڻ کان پوءِ هون چاندڪا پئنچائت جو مکي ٿي رهيو. هري دلگير پنهنجي ماتا پتا جي سترهين سنتان هئو. وڏي ۾ وڏي ڀاءُ کان سواءِ سندس ٻيا سڀ ڀائر ڀينر ننڍي عمر ۾ ئي راهہ رباني وٺي هلندا ٿيا، شايد اِن ڪري هُن کي شروع ۾ گهر ۾ ڪوڙو ڪري سڏيندا هئا تہ متان ڀڳوان هن کي بہ ڦري نہ وٺي. ظاهر آهي تہ گهر ۾ سيني جو لاڏلو ٻار هئو.

دلگير جي اِسڪولي پڙهائي گهڻو وقت لاڙڪاڻي ۾ ٿي. وچ ۾ ڪالرا ڦهلجڻ جي ڪري ڏيڍ سال روهڙيءَ ۾ پڙهائي ڪيائين. اُن وقت سندس عمر 13-14 سال هئي ۽ اُن وقت ئي هُن کي ڪوتا لکڻ جو شوق ڄاڳيو. هوُ ڪلاڪن جا ڪلاڪ سنڌو نديءَ جي ڪناري لهرن جا لقاءُ ڏسندو هئو ۽ اِئين شروعاتي ڪوتا سنڌو نديءَ تي لکيائين. اُن وقت روهڙيءَ ۾ درسي ڪتاب جي روپ ۾ بيوس جو شيرين شعر پڙهي هي هُن جو شائق ٿي پيو. من ۾ آنڊ مانڊ هيس تہ ڪڏهن لاڙڪاڻي وڃان ۽ بيوس جو ديدار ڪيان. لاڙڪاڻي موٽي اچڻ کان پوءِ هُن جي ملاقات سائين بيوس سان هيڊ ماستر جي روپ ۾ ٿي. اُتي هڪ لوڪل پيپر ۾ سندس شروعاتي

دلگير ڪي ڇيو ته چاهين ته پلي وچ ۾ اسان جو ته مڏي مڙهه سنڌ ئي آهي. ماتا پتا سنڌ ڇڏڻ نه پيا چاهين ۽ هُن ماتا پتا کي ڇڏڻ نه پئي چاهيو ان ڪري هُن ورهاڱي کان پوءِ به پريا يارهن سالن سنڌ ۾ گذاريا. پنهنجي بابا ۽ امان جي ديهانت کان پوءِ سندس من ڪچي بينو. هوئن به هُن محسوس ڪيو ته پاڪستان ۾ سندس ٻارن جي وڪاس ۾ رولو ايندو. اُتي ڇوڪرين جي پڙهائيءَ کي ڪابه اهميت نه ڏني ويندي هئي، نه ئي ڪا ڇوڪرين کي پڙهائڻ جي خاص سهوليت هئي. هوئن به هن حساس دل اِنسان جو روح چٽپٽائيندو هئو جڏهن هُن کي هر دفعي ڀارت ماتا جي جئه جي بدران پاڪستان زندهه آباد چوڻو پوندو هئو. هُن کي لڳو ته وڏن جي وچڻ کانپوءِ ڪيس ’صاحب‘ ڪري سڏڻ وارا نه ڪئين ماڻهو هئا پر پيار سان ’هري‘ ڪري پڪارڻ وارو ڪوبه ورلو بزرگ رهيو ۽ وري لڳاتار حالتن ۾ بدلاءَ جي ڪري هن کي ائين لڳڻ لڳو ته ڄڻ ته هوُ پاڪستان ۾ هندو هجڻ جي ناتي Second Class Citizin آهي. اهڙين حالتن هن کي ڀارت ۾ اچڻ لاءِ آماده ڪيو. جيئن ته اُن وقت هندن کي اُتي پراپرٽي وڪڻڻ جي منع هئي اِنڪري هُن به دفعا زوريءَ پنهنجي بدلي ڪرائي ۽ لاڙڪاڻو ڇڏيو. نتي ۽ حيدرآباد ۾ بدلي ڪرائي هن جهڙي دوستاڻي سڀاءَ جي اِنسان اُتي گهٽ ۾ گهٽ Interaction Social رکيو جيئن ڀارت اچڻ جي ڳالهه هرويرو نه ڦهلجي. هن پنهنجي سالي کي گهرائي ورتو ۽ گهڻو تڻو سامان پئڪ ڪرائي پنهنجن ٽن وڏن ٻارن سان گڏ پاڻيءَ جي جهاز ۾ ڪراچيءَ کان ممبئيءَ ڏياري موڪليائين. پاڻ پنهنجي ننڍي پُٽ ۽ پتنيءَ سان گڏ ٻئي ڏينهن هوائي جهاز ۾ نڪتا ۽ اچي ممبئيءَ ۾ پنهنجن ٻارن ۽ سالي کي Receive ڪيو. اچڻ کان اڳه پنهنجي شاهي حويلي نما گهر کي عورتن جي واڌاري ۽ سکيا سان جڙيل ڪم کي هلائڻ لاءِ هڪ سنستا جي حوالي ڪري جنم يوميءَ کان موڪلائي هليو آيو. جنم يومي ڇڏڻ وقت من ۾ سڏڪندي اُتان جي مٽيءَ کي چمندي پاري من سان هليو آيو. من اينترو ته پريل هين جو ٻنهي پتي پتنيءَ سڄي سفر ۾ هڪ ٻئي سان هڪ لفظ به نه ڳالهايو جو متان ڳالهائڻ سان من ڇلڪي پوي ۽ پاڻ تي ضابطو نه رهي.

ڀارت ۾ ڪجهه وقت پوني ۾ رهڻ کان پوءِ اُن وقت اِنجنيئر جي اعليٰ عهدي جي آچ هوندي به پنهنجي ننڍپڻ جي وڏڙي دوست هوندراج

دلگير جي چوڻ مطابق هُن جي شادي هُن لاءِ ڀاڳ ڀري ثابت ٿي جو هوُ B.E. پاس ڪري سگهيو. ڪراچيءَ ۾ هاسٽل ۾ رهڻ دؤران هُن جي دوستي ساهتيه ۾ شوق رکڻ وارن شخصن سان ٿي. نارائڻ شيام به اُن وقت Arts college جي هاسٽل ۾ رهندو هئو. جتي هنن ٻنهي جي اهڙي دوستي ٿي جيڪا هُنن جوڙ تائين نڀائي. دلگير پنهنجن دوستن لاءِ لکيو :

”مزي ساڻ تو وقت دلگير گذري،

رهون تا ’وفا‘ ’شيام‘ يارن جي ويجهو.“

، پاس ڪري هُن سپروائيزر طور نوڪريءَ جي شروعات ڪئي. سندس ڊيوٽي سنڌوءَ جي ڪناري تي لڳندي هئي. هيءُ وقت دلگير لاءِ ڏاڍو فائدي وارو ۽ پيارو ثابت ٿيو. واندڪائيءَ جي وقت ۾ سنڌوءَ جي ويجهو هئڻ هُن لاءِ ڪوتا لکڻ جو سونهري وجهه ٿي پيو. اُن وقت جي شعرن ۾ قدرت جا نظارا، ٻوٽن جي سونهن ۽ گهر ڪان پري هجڻ جڻ ته هُن جي شعرن جا Topics ٿي پيا. الڳ الڳ مُندن ۾ نديءَ جو نئون نئون روپ ڏسي هو موهت ٿي پوندو هئو. اُتي ڏيري ڏيري ترقي ڪندي هوُ Executive Engineer جي اعليٰ عهدي تي پهتو. واهن جو انچارج هئڻ جي ڪري هُن جو واسطو سنڌو جي وڏن زميندارن سان به پيو. جن مان ڪيترن سان سٺا دوستاڻا تعلق هئا.

25-26 سالن جي ننڍي عمر ۾ ئي هُن جي ٻن ڪتابن ”ڪوڏ“ ۽ ”هريشچندر جيون ڪوتا“ کي سنڌ سرڪار دواران اِنعامن سان نوازيو ويو، جنهن هُن کي هڪ سڦل گيتڪار جي روپ ۾ مشهوري ڏني ۽ ڪيس هڪ پختي شاعر جي روپ ۾ قبوليو ويو. ديش پريمي ته هو هئو ئي، پر پنهنجي پتا جو سرڪاري نوڪريءَ جي ڪري هُن کليو کلايو سرگسن ۾ وڃڻ ۽ نعري بازي ڪرڻ کان ڪنارو ڪيو پر ته به پنهنجي قلم کي روڪي نه سگهيو جنهن جي ڪري ڪجهه ديش ڀڳتيءَ جا گيت به ازخود لکجي ويا. سنڌ جو مشهور گايڪ ڪوري هوندراج دکايل سان به دوستي هيس پر سندس ميٽنگن ۾ شامل ڪونه ٿي سگهندو هو جو اُهي اُن وقت جي انگريز سرڪار جي ورود ۾ هيون.

پارت جي ورهاڱي جي وقت هُن به چاهيو ته هوُ به ٻين جيان پارت هليو اچي سو آفيس ۾ شام جو اِستيعفا ڏيئي آيو ۽ گهر اچي پنهنجي بابا کي اِها ڳالهه ٻڌائين. سندس پتا جو اکيون آليون ٿي ويون ۽ هُنن

بزرگن ۽ بيمارن جي خبرچار ونڻ سندن حوصلو وڌائڻ ۽ ڪيترا دفعا پنهنجي ڍنگ سان چپ چاپ مدد ڪرڻ سندن روزانا پروگرام هئا. هوُ مندرن ۽ ٺڪارڻ ۾ خاص چاهه نه ونندو هئو. هن تي صوفي سنتن جي سنگت جو خوب گهرو رنگ چڙهيل هئو پر ساڳئي وقت هن ڪي هندو ڌرم جي بنيادي اصولن ۽ گيتا جي سکيا تي پورن وشواس هئو. 33 سالن جي محنت ۽ اوکه ڏوکه سان هُن گيتا جو سنڌي ترجمو ڪويتا جي روپ ۾ ''امر گيت'' جي نالي سان ڪيو. هن امر گيت کي ڀڳونتي ناواڻي جي مٺي آواز ۾ ستن ڪئسيٽن جي سيٽ جي روپ ۾ تيار ڪيو ويو جو گهر گهر ۾ شرڌا سان ٻڌجڻ لڳو.

دلگير جو چوڻ آهي ته گيتا ڏکئي وقت ۾ سندس حوصلا افزائي ۽ رهنمائي ڪئي آهي. سندس ٻه من پسند سلوڪ آهن :

(1) اٿم مونجهه، من ٻه نربل نرم آ،
مونکي صاف چئو منهنجو ڇا ڌرم آ،
شرن تنهنجي شش، آءٌ ڪولي ٻڌاءِ،
ڪريان ڇا ۽ گرديو مونکي ٻڌاءِ.

(2) نه هيٺو تي پارٿ متان تون ڏرين،
متان شان بيشان پنهنجو ڪرين،
پرنتپ ڏجڻ جو ڇڏي ڀاو تون،
ڪڙو تي بهادر اُٿي آءُ تون.

ان ڪانسواءِ دلگير جپ صاحب جو ترجمو ٻه ڪيو ۽ اُهو اهڙي سندر طرح، سولي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيل آهي جو پڙهندڙ کي اِئين لڳندو ڇڻ ته هوُ مُول جپ صاحب تو پڙهي.

دلگير صاجب شاعريءَ جي هر صنف تي ڪاميابيءَ سان قلم آزمايو. گڏوگڏ ٿورا نثر جا ڪتاب ٻه لکيا. ٻن ڀاڱن ۾ پنهنجون يادگيريون آتم ڪٿا جي روپ ۾ خوب ايمانداريءَ ۽ بيباڪي سان لکيون. ايڏي بيباقي ۽ ايمانداري لاءِ زبردست آتمڪ ٻل گهرجي جيڪو هن ۾ هئو. سنڌي ٻال ساهتيه ۾ گهٽي ۾ گهٽا گيت دلگير جا لکيل آهن، جن مان ڪيترا اڄا ڻ چپيل آهن. ڪوتا جي روپ ۾ ٻارن لاءِ نئين طرز تي پروليون ٻه لکيون آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ ترائيل Introduce ڪرڻ جو شرف دلگير ي حاصل ٿيو.

دڪايل ۽ گانڌيڌام اڏيندڙ ڀائي پرتاپ جي سڏ تي آديپور ۾ نئڙي
ڪاليج ۾ پرنسيپال جي حيثيت ۾ اچي رهيو. اُن وقت ڪاليج ۾
مهنن جي ڪورس جي اِنجنيئري سکيا ڏني ويندي هئي. دلگير جي
جفاڪشي، ڏڪ ڏوڙ، دورانديشي ۽ وٺندڙ سڀاءُ جي بدؤلت اُهو ڪاليج
ٽن سالن واري ڪورس جي گانڌيڌام پوليٽيڪنڪ ۾ تبديل ٿي ويو
اُن کي سرڪاري گرانٽ به ملڻ لڳي. دلگير هتي اچي ڪيترن سان ئي
سڪ جا ناتا قائم ڪيا جن ۾ ڪي سياسي نيتا به هئا جيڪي هُن تو
تائين نڀايا. ڪاليجن جي واڌاري لاءِ هُن ڪاڪي پريوداس تلوڪاڻي
کي هتي اچي ڪاليج هلائڻ لاءِ آماده ڪيو. ڪاڪو تلوڪاڻي دلگير
جي ڀيڻ جو سهرو نه هئو ئي پر دلگير جي رت ست سان هي ڪاليج
Tolani Foundation Gandhidham Polytechnic جي نالي سان مشهور ٿي
ويو ۽ اڄ به گجرات جي سٺن ڊپلوما ڪاليجن ۾ شمار ٿيندو اهي
پوليٽيڪنڪ جي واڌاري سان گڏوگڏ آرٽس، سائنس ۽ ڪامرس ڪاليج
جو به پايو وڌو ويو. اهي سڀ ڪاليج اڄ گانڌيڌام جو شان آهن. اُن
وقت ڪاليج جي پرنسيپال هئڻ سان گڏ هُن ٻيون به ڪيتريون
جوابداريون نڀايون. مثلا هڪ ئي وقت هوُ -

(1) ڪالجيئيٽ بورڊ جو سيڪريٽري.

(2) Gandhidham Co-op. Bank جو پريزيڊنٽ.

(3) Gandhidham Development Authority جو چيئرمئن.

(4) روٽري ڪلب جو پريزيڊنٽ ۽ ڪجهه وقت لاءِ گانڌيڌام
ميونسپالٽي جو پريزيڊنٽ به ٿي رهيو. سياست جا داو پيچ هن نازڪ
مزاج شخص کي راس نه آيا ته اڌ ٽرم ۾ ئي اِستعفا ڏيئي ڇڏيائين.

ان ڪان سواءِ هوُ ممبئي يونيورسٽي ۽ گجرات يونيورسٽيءَ جي سنڌي
بورڊ جو ميمبر ٿي رهيو گڏوگڏ گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي جو
پريزيڊنٽ به ڇٽو وقت ٿي رهيو. ڪاليج مان رٽاير ڪرڻ ڪان پوءِ ڪجهه
ناگوار حالتن جي ڪري هُن جو رشتو ڪاليجن سان ٽٽي پيو پر اَڄ به
ڪاليج جا پراڻا ڪرمچاري هن جو نالو ڏاڍي پيار ۽ عزت سان وٺندا
آهن. هونئن به هو اڏ ۽ ڇڏ اصول ۾ وشواس ڪندو هئو.

دلگير نيم ٽيم جو خوب پابند هئو. هن جو ڏينهن گهڙيال جي سئيءَ
جيان قاعدي سان هلندو هئو. ڪسرت، پراڻايام، نيم سان پنڌ ڪري

عورتن جي حق ۾ آواز اُٿارڻ وارو دلگير شايد پهريون سنڌي ڪوي
آهي. شروع کان ئي عورت جي لاچاري ۽ ڪمزوري هُن کي قبول نہ
هئي. هُن جو مڃڻ هو تہ هر عورت کي پنهنجن پيرن تي کڙي ٿيڻ جي
همت هئڻ گهرجي ۽ اُن لاءِ هُن جو Self Sufficient هئڻ ضروري آهي.
هن عورت کي چيو تہ منهنجون ڪوتائون تہ تنهنجي جئہ جئڪار ڪن
ٿيون پر تون بہ پنهنجي جئہ جئڪار ڪر نہ.

دلگير کي پڙهڻ لکڻ سان ڏاڍو شونق هئو تنهن ڪري هُن وٽ سنڌي
شبدن ۽ قافين جو ڀرپور ڀنڊار هو جنهن جو اِستعمال هُن فنائتي نموني
پنهنجي ڪوتا ۾ ڪيو آهي. اِن ڪري هو اڪثر ڪوتا جون ڪجهہ
لائينون گنگنائيندو رهندو هئو جن کي ٻُڌي اِئين لڳندو هئو جو بنا ساز
جي ڪوئي گيت ٿو ڳائجي:

”وني پريت سنڌي ريت ڪيئن گيت رچياسين،
ڪٽي پياس ۽ وشواس جي ارداس هلياسين.“

دلگير پنهنجي مهمان نوازيءَ لاءِ مشهور هوندو هئو ۽ اِن جو شرف هوُ
هميشهہ پنهنجي ڌرمپتنيءَ کي ڏيندو هئو. اِها پريوار ۾ مڃيل ڳالهہ
هي تہ هنن ٻنهي پتي پتنيءَ ڪڏهن بہ هڪ ٻئي سان کهرو لفظ بہ نہ
الهايو، جهڳڙو جهيڙو تہ پري رهيو. آخر تائين سندس پتني سندس
پريميڪا ٿي رهي، اهڙو احساس هنن ٻنهي کي گڏ ڏسي ٿيندو هئو.
صبح جي وقت هوُ ٻئي گڏجي گُرواڻي، شاهہ سچل جا گيت ڳائيندا هئا
هو وقت سچ پچ ماڻڻ لائق هوندو هئو.

ايشور ۾ هُن کي اٽل وشواس هئو. سندس چوڻ هئو تہ سرير جي سار
سنڀال لهڻ ضروري آهي ڇو تہ مان چاهيان ٿو تہ مان هلندي چلندي
ي سنسار ڇڏيان. ٿيو بہ اِئين ئي. ديهانت کان بہ ڪلاڪ اڳہ سنڌالاجي
ڀپور ۾ سنڌي ڪورس جي ويليبڊڪٽري فنڪشن ۾ ٻارن ۽ وڏن کي
خاطب ٿي چيائين تہ ماڻهو چون ٿا تہ سنڌي ٻولي مري رهي آهي پر
منهنجو وشواس آهي تہ فينواڪس پکيءَ جيان سنڌي ٻولي خاڪ
ي اُسرندي آڪاش تي رسندي.

اهڙن آشاوادي ويچارن کي پيش ڪرڻ کان پوءِ هُن کي اُتي ئي
ڪليف ٿي ۽ هاسپيٽل ۾ بنا ڪنهن جي مدد سويڪار ڪندي آخري
ڙيءَ تائين پنهنجي سرير جي سنڀال پاڻ لهندي هُن هن جهان مان

2001 جي آيل ڀيانڪ زلزلي جو احوال سنڌس ڪوتا جي روپ
اِنٽرنيٽ تي ڦهلجي ويو ۽ پرديس ۾ وسيل سنڌي پاڻڪن جون اکي
آليون ڪري ڇڏيائين ۽ دانويرن کي دل کولي مدد ڏيڻ لاءِ چئي ته مڃ
ڪري ڇڏيائين.

دلگير زندگيءَ ۾ تڪليفن کان هار نه مڃڻ جو ڄڻ قسم کاڌو هئو.
حال ۾ ڪا نه ڪا آشا جي ڪرڻ ڳولهي ئي ڪڍندو هئو.

”وقت ڏيري تو ڇُري ليڪن ڇُري تو پيارا،
چو تو دلگير تئين رات گذر تي ويندي.“

يا

”ڪاري ڪاري ٻات چئن گهڙين جي واسطي،
نيٺ ته ڇٽندي ڇاٽ پورب مان پرڪاش جي.“

دلگير جي سڪه درسي نظرئي کي ڏسي اِئين نه سمجهڻ کپي ته
کي ڪنهن جي درد جو احساس ئي نه آهي. هُن لکيو :

”جڏهن جڏهن ڪنهن زوراور جو
ٿئي ٿو ڪنهن تي ناحق زور،
تڏهن لڳان ٿو آءٌ.“

پرائي ڏکه کي ڏسي هُن پنهنجون اکيون به آليون ڪري ڇڏيون

”جن جي دل ۾ درد، اُنهن جي دردن تان قربان،
جن وٽ سڀ جا سُور اُنهن جي سُورن تان قربان.“

عام طرح ڪنهن نئين جڳهه تي آشيانو اڏڻ ۾ هوند سيني کي تڪلي
ٿئي پر هُن چيو :

”آهيون برپٽ ۾ نه گلزار نوان تي پوندا،
ڇپت جا ڇهڇتا ڇوڏار نوان تي پوندا.
جتي ويندا سين اُتي يار نوان تي پوندا،
پريت جا پيچ نوان پيار نوان تي پوندا.“

سنڌس زنده دلي ۽ سونهن سان پيار ڏسي اڪثر ماڻهو ڇا چو
هئا، اُهو پاڻ هن طرح لکيائين :

”تيو هيڏو وڏو دلگير صاحب ته به نه سڌريو آ،
اڃا تائين ڪري ٿو پريت جون ۽ پيار جون ڳالهيون.“

دلگير پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ عورت کي خوب پيار ۽ مانُ ڏ

هري دلگير ’موَج ڪئي مهراڻ‘

- موهن گيهاڻي

سداحيات هري ڳُرڏنومل درياڻي لاڙڪاڻي سنڌ ۾ 15 جون 1916 ۾ پيدا ٿيو ۽ 11 اپريل 2004 ۾ هوُ آديپور (هندستان) ۾ هن دنيا مان رمندو رهيو. هُن 88 سال هن دنيا ۾ واس ڪيو ۽ پنهنجي ادبي زندگيءَ ۾ 22 ڪتاب ۽ ٻيوس سان گڏ چار ٻارن جا ڪتاب سنڌي ادب جي خزاني ۾ ڀيري ويو.

سندس ادبي زندگي اٽڪل تيرهن چوڏهن سالن جي نئين ڦٽندڙ جوانيءَ جي عرصي ۾ شروع ٿي. پنهنجي جيوت ڪٿا، ’چولو منهنجو چڪ ۾‘ لکي ٿو، ’ياد اٿم ته ٻه چار ڪوتائون روهڙيءَ ۾ لکيون هيم، هڪ ڪنهن پاڙيسرياڻي ڇوڪريءَ تي، ٻي سنڌو نديءَ تي جا هرروز سامهون وهندو ڏسندو هوس، ٽين ڪوتا ڀڳتسنگهه جي ڦاسيءَ تي... پر خود مونکي پنهنجي ڪوتائن ۾ مزو نه آيو.‘

هُن لاڙڪاڻي ۾ علم عروض جي قاعدن جي ڄاڻ، اُن وقت جي برک شاعر نوازعلي نياز کان ورتي ۽ چوي ٿو ’’ٻيوس سائينءَ کان ڪوتا جي پرک پراپت ڪئي. ٻيوس پڻ لاڙڪاڻي مقيم عام پسند مڃيل شاعر هو، جنهن سنڌي شاعريءَ جي ڪيترن ئي شاعرن جي رهنمائي ڪئي. اِئين سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ انوکو مثال قائم ٿيو ته ڪنهن شاعر جا شاگرد هڪ مجموئي سڃاڻپ پيدا ڪري، پنهنجي اُستاد جي لاءِ عقيدتمندي، ان جي فيلسوفي، آدرش ۽ ادبي شناس جي دائري اندر فخر سان ڳتي هلن. هن سبب ڪري ٻيوس جي شاعريءَ ۽ زندگيءَ بابت مقصدن مُلهن بابت نهايت مختصر ذڪر ڪرڻ ضرور ٿيو پوي.

هندستان جي تاريخ ۾ ويهين صدي ۽ خاص ڪري اُن جا شروعاتي سال پڻ هڪ واددلي خيز دؤر هو. اڳين روايتي قدرن ۽ انگريزي تعليم جد نون قدرن جو ٽڪر سڏيو هو. سڄي هندستان ۾ ڪيتريون ئي سماج ڌارن جون هلچلون هلي رهيون هيونِ، جي ٻين پرانتن ۾ زور وٺي

وداع ورتي. ويندي ويندي پنهنجون هيري جهڙيون بادامي اکي
دان ڪندو ويو، شايد اِن لاءِ تہ وڃڻ کان پوءِ بہ قدرت جا حسين نظار
سنسار جي سونهن ماڻي سگهجي.

دلگير جا 25-30 ڪتاب ڇپيا آهن اڃا بہ ڪجهہ اڻ ڇپيل مس
بچيل آهي. ڪيترا ئي اِنعام اڪرام حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ هُن ح
نهٺائي قائم رهي. هوُ ڪڏهن بہ سرڪاري اِنعام وٺڻ جي ڊوڙ ۾ شامل
ٿيو ۽ نہ ئي ڪٿي اِن لاءِ زوربار آندو. هن لاءِ سڀ کان وڏو اِنعام پانڪ
جو پيار ۽ قدرشناسي هئو. هُن چيو:

”مونکي ڏي اکڙين ۾ آنسون، جن ۾ جڳمڳ جيوت،
اوندهہ منجهہ اُجالو آڻيان ڪري جيوت سان اوت.“

هن گيتا جي سکيا مطابق ڪرم ڪيو پر ڦل جي چنتا نہ ڪيائ
مليو تہ واهہ واهہ نہ مليو تہ بہ نيڪ. سندس جيئڻ جو طريقو تہ سدا
حال ۾ شڪر ڪجي ۽ خوش ٿي گذارجي، ها، اِن لاءِ محنت ۽ ج
ڪرڻ ضروري آهي.

”آياسين بہ ٿي ڏينهن مگر عيش ڪياسين،
تارن تي قدم چنڊ بہ جهوليءَ ۾ وڌاسين،
درياهہ کان نہ صحرا کان نہ ڏونگر کان ڏڪياسين،
منزل ڏي مگر ٻائيندا اڳتي ئي وڌياسين،
دلگير خطائن کان ڪو اِنسان نہ آجو،
ڀُل پڻ ڪري، پاڻ مٿان خوب کلياسين.“

اڄ اسان سڀ هتي دلگير کي ياد ڪندي جمع ٿيا آهيون اِن ڳ
سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ دلگير جي لاءِ سنڌي ساهتيہ پريمين جي دل
محفوظ آهي.

, Maleer Wrar 4-A,
lipur (Kutch)-370205.
ob. : 9428750803

رسائي ٿي- اهڙو خيال رکڻ وارا پڻ اڪثر شاعر ٿي آهن. جنهن ۾ مان پڻ شامل آهيان.

بيوس جي شاگردن سندن خوبين ۽ خامين کي اپنايو ۽ اُن جي ذهني زمين ۽ فني راهن تي سنڌي ادب ۾ شاعري ڪندا رهيا. بيوس جا شاگرد جن جا نالا مشهور ٿيا اُهي هئا، هوندراج دُکايل، رام پنجواڻي، کيئلداس فاني، هري دلگير، پريو وفا.

پر هري دلگير بين سنڌين جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ ورهاڱي بعد پڻ يارهن سال رهيو ۽ 1958 ۾ سنڌ ڇڏي هندستان لڏي آيو. تڏهن سندس عمر 42 سال هئي، اُن لحاظ کان هُن بالڪپڻ ۽ جواني سنڌ ۾ ئي گذاري ۽ اُتان جي ماحول جو اثر هن تي ڪافي ديرپا رهيو ۽ ورهاڱي بعد جي سنڌ ۾ مُروج ادبي لاڙن جو مٿس اثر پڻ اٽتر هو. سنڌ ۾ سندس ٽي ڪتاب ظاهر ٿيا، هرشچندر جيون ڪٿا (1941)، ڪوڏ (1942) ٻنهي ڪتابن کي سنڌ سرڪار طرفان انعام ڏنو ويو ۽ نارائڻ شيام سان گڏ ڪوتائون ماڪ ڦڙا (1953). مذڪور ڪتاب ''موج ڪئي مهراڻ'' 1966 ۾ ڇپيو، جڏهن سندس عمر 50 سال هئي ۽ اهو مواد سندس ڏهن پندرهن سالن جي رچنائن جو مجموعو آهي، پر جيئن مهاڳ ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي 'نئون گيت' 1947، سُک جي نگري 1941 ۽ ڪهاڻي ڪوتا ۾ 1937 ۾ لکيل آهن، اُنهن کي پڻ هن مجموعي ۾ جاءِ ڏني ويئي آهي. هن مجموعي ۾ شاعريءَ جي جدا جدا صنفن کي جاءِ ڏني ويئي آهي جيئن تہ، بيت، وايون، دوها، سورٺا، پنجڪڙا، گيت، غزل، رُباعيون، ترائيل ۽ نظمون. شاعري گهڻوتڻو بياني آهي جا شايد اُن وقت جي روايت موجب آهي.

سندس پهريان بيت سندس زندگيءَ ڏانهن رُخ کي ظاهر ٿا ڪن. هوُ نساني جذبي جي اثر هيٺ غريبن ۽ اڻ هوند وارن سان همدردي ٿو ڪري، ڌرم ۽ ڀڳوان ڏانهن پڻ رخ عقل پرستيءَ وارو آهي. بدليل وقت جو اِظهار هن ريت ٿو ڪري:

'بن ۾ روئي بنسري، موکو نند ڪشور،
گوپيون سڀ گهر ۾ سُتل، هيءَ هي ۽ نند اگهور.''

''شيام! وڃائيندو وتين، بن بن ۾ تون بين،
ٻُک ۾ هت بي حال سڀ، ڪير بہ ايندءِ ڪين.''

چڪيون هيون پر سنڌن اثر سنڌ ۾ اُڻويهين صديءَ جي پڇاڙيَ ۽ وي
صديءَ جي شروعات ۾ نمايان طور ٽڪر جي صورت ۾ نظر آيو. انگري
تعليم بعد سنڌي هندن ۾ هڪ نئون وچولو طبقو پيدا ٿي چڪو هو.
وقت هندستان جي آزاديءَ جي هلچل مهاتما گانڌيءَ جي اچڻ بعد
رُخ اپنائي رهي هئي. سنڌ بمبئي Prosiducy جو حصو هئي، تنهنڪ
صدين تائين هندو سنڌي ٿورائيءَ واري حالت مان، گهٽائيءَ وا
حالت ۾ هئا ۽ سنڌن زندگي، رايا ۽ رويا پڻ خود اعتماديءَ ڪارڻ بدل
رهيا هئا. سائنس ۽ ايشور ۾ وشواس جو متين ذهني سطح تي ڇانيل
۽ اِنسانيت پرستي، قوم پرستيءَ جهڙا مُلهه پنهنجي مضبوط جاءِ نا
رهيا هئا. هنن سڀني ڳالهين ۾ مڊل ڪلاس وچين وات-وشواس-
سان گڏيل-آزادي اَهنسا سان، غريبن لاءِ همدردي، اِنسان پرستيءَ ذري
۽ نه ڪ اِنقلاب ذريعي- اِها ئي وچ واري وات مثالي وچولي درجي
جيان بيوس پڻ پنهنجي سوچ جي زمين طور اپنائي هئي سن
شاگردن پڻ زندگي پر اهو رخ اپنايو ۽ ايشور ۾ وشواس سان گڏ
درسي نظريو اپنايو.

جيتري قدر سنڌي شاعريءَ جو سوال آهي، اُن وقت تائين سن
شاعريءَ ۾ ٻه مکيه ڌارائون پئي مليون. هڪ سنڌي شاعريءَ جي ڏي
پرمپرا جي اثر هيٺ صوفي شاعريءَ ۾ ڪافي پنهنجي موج ۾ ب
هلي ۽ ٻئي طرف فارسي شاعرن جي طرز تي، اُن ئي زمين تي سن
شاعري هلڻ لڳي جتي ٻولي، تشبيهون، استعارا ۽ اندازي بيان
شاخائون هوندي به اوپرو لڳندو هو. هندستان ۾ انگريزي تعليم
پکڙجڻ سان اُتي 'رومانوادي' شاعريءَ جي ڌارا، جنهن جو مول متو
هو ته عام قدرتي نظارا، عوامي ٻوليءَ ۾ اظهار ڪرڻ. اُن جو
هندستاني ٻولين جي شاعريءَ تي پڻ ٿيو ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ هن
جو علمبردار بڻيو ڪشنچند بيوس. اسين سنڌي انگريزي پڙهيل وچ
طبقي کي پنهنجي اِظهار لاءِ هڪ نئون واهڻ مليو جيڪو تاريخي
ثابت ٿيو. البت بيوس جو اهو خيال ''پر وزن ۽ قافيه کي ڪڏهن
ضرورت کان وڌيڪ اهميت نه ڏيڻ کپي.'' (ڇولو منهنجي ڇڪ ۾-
29). اڄ ڏينهن تائين ووادي رهيو آهي. ڇاڪاڻ جو ڪابه رچنا پنهن
ليکي هڪ مڪمل عمل آهي ۽ ڪٿي به ڪا خاص سچي رچنا کي د

دنيا جي خالق ۾ پورو وشواس آهي ۽ هن جي من ۾ ننڍي هوندي ۾ کو صوفي مت جو ٻج پوکيل آهي- اُهو جذبو پڻ سندس شاعريءَ ۾ ڀرپور ظاهر آهي. هتي هن جا پنجڪڙا دهرائڻ لائق آهن :

خبر بيخبريءَ ۾ پيئي،
ڏٺم تہ ڪجھہ ڀي ناهيان آءٌ،
ڏٺم تہ سڀ ڪجھہ آهيان آءٌ،
سرت بي سُرتيءَ ۾ پيئي،
خبر بي خبريءَ ۾ پيئي.

۽

ڪڏهن تون آنهہ، ڪڏهن تون نانهہ،
جڏهن مان آهيان، تون ناهين،
جڏهن مان ناهيان، تون آهين،
خيالي روپ رڳو تون آنهہ،
ڪڏهن تون آنهہ، ڪڏهن تون نانهہ.

سندس هيءُ پنجڪڙو، ٽئگور جي ڪوتا جي سڳند تو ڏئي :

وري هڪ وار، وري سائين!
اڃا هڪ ڀيو ڀي گيت ٻُڌاءِ،
اڃا هڪ ڀيو بہ جام چڙهاءِ،
جڳت ۾ آخر دم تائين،
وري هڪ وار وري سائين!

سونهن جو احساس ۽ پيار جو جذبو اِنسان لاءِ اعليٰ نعمتون آهن. اُهي مشاهدا اِنسان کي ڪنهن مٿاهين منزل تي رسائين ٿا جتي هوُ هن دنيا جي زمان ۽ مڪان جي بندشن مان آزاد ٿي الوڪڪ گيان ۽ گهري شانتي کي انڀو ڪري ٿو. الوڪڪ ماڻڻ سان گڏ پاڻ سان گڏ ڪنهن الوڪڪ شڪتي کي پڻ محسوس ڪري ٿو. پاڻ کي ڪنهن عظيم اوچائيءَ تي محسوس ڪري ٿو. ٻن جنسن جي هڪ ٻئي طرف ڇڪ سياويڪ آهي ۽ اِنساني سونهن جو احساس ئي دل کي سپنا اُڻڻ لاءِ آماده ڪندي رهندي آهي. اُهو جذبو ڪيئن ۽ ڪڏهن چشمي جيان ڦٽي نروار ٿئي اُن جو نہ ڪو وقت ٿئي نہ جاءِ. اهو عمل ازخود ٿيو وڃي ۽ وڃي بي خودي جي عالم ۾ رسائي. دلين جا پيچ لڳن ۽ جسم لاءِ تڙڦ اهي جذبا گهٽو ڪري

آخر ۾ چوي ٿو:

”ڪيئن پچايان پوُر، ڪنهن پياري جي پيار جا،
موکي ۽ مجبور، من آ ماني ۽ واسطي.“

وري هوُ ڀڳوان سرجهڻار کي غريبن پاران پرارٿنا ٿو ڪري:

”بکيا آهيون بابلا، دانهن ٻڌن در در،
ناٿ! نوءِ نظر، پالين ٿو تون پرتوي!“

اِها ئي غريبن سان همدري سندس گيتن ۾ پڻ ظاهر ٿئي ٿي،
گيت مان مٿس ترقي پسند ادبي ڌارا ۾ اثر نمايان ٿو ڏسجي.

”مسڪين جي خاڪ مُٺيءَ مان، سو سورج چمڪايون،
نو يگ، نوجيون، نو آشا، جوت نئين ڦهلايون،
گيت نئون ڳايون...
شبد شبد کي چڻنگ بڻائي، پيشڻ باهه لڳايون،
ڏنوان جي من مستيءَ کي ڪن ۾ خاڪ بڻايون.
گيت نئون ڳايون....

سندس گيت سودگار سنسار جڻ ته اڄ جي بازاروادي جي عڪاسي
ڪري جڻ هت هرڪا چيز وڪائو آهي. حقيقت ۾ شاعر کي جڻ مسـ
ڏسڻ جي اک ملبل آهي جو پنهنجي شاعريءَ ۾ ايندڙ وقت جي اڳڪـ
ڪري سگهي ٿو. هري دلگير جي اِها سوجهي ڪن گهٽ شاعرن
نصيب ٿيندي آهي.

ذهن وڪامي، فڪر وڪامي، عام وڪامن گيت،
علم عقل ۽ ذات مٿان آ ذات سندي اڄ جيت،

ڪوڏين بدلي صدقي وڪڻي، وڻجارو هن وينجهار.... سوداگر سنـ
اڄ جڏن گُرو، سوامي ۽ بابا عام جي اڻڄاڻائي ۽ غيرسلامتيءَ
احساس کي ڪي لفظي ٽوٽڪن جون ڦڪيون پيا ڦڪائين ۽ ڪروڙ
آشرم نهرائي عيش عشرت جي زندگي ماڻي رهيا آهن، اُنهن جي ا
هري دلگير هن ريت ڪئي آهي،

ڌرم به وڪڻن، دين به وڪڻن، وڪڻن تا ايمان،
ٻن پئسن تي وينا وڪڻن، خود خالق ڀڳوان،
هاءِ خدا خاموش پسي ٿو، ويهي هي وهنوار... سوداگر سنسا
اِئين نه آهي ته هري دلگير کو اِنقلابي يا ناستڪ آهي. هُن جو

اچي ٿو ۽ هوءَ موڪش حاصل ٿي ڪري.

هتي نوجوان نينگر جي سونهن جو ذڪر ۽ ٻُڍاپي ۾ سندس قياس جوڳي حالت جو ذڪر تمام دلڪش نموني ڪيو ويو آهي جنهن جو ڪو حصو مان اوهان سان ونڊڻ ٿو چاهيان.

''هئي جاڳ، سپنو يا اسرار هو؟
نيارو اهو ڪهڙو سنسار هو؟
سرشٽي هئي سرڳ جو دوار هو؟
پريان ڪهڙي ڪومل ڪُماري هئي،
عجيب سونهن واري ڪا ناري هئي،
هئي سرڳ جي جڻ ته پياري پري،
ڪمانگر جي ڪاغذ تي ڪاريگري،
يا ڪوتا ڪويءَ جي ڪماليت پري،
هئي ڪوچ ڪنهنجيءَ ۾ شايد اُها،
هلي ٿي نهاريندي سا جابجا.''

۽ سندس ٻُڍاپي جي حالت جو بيان :

''بدن ويو وري، تير ٿي پيو ڪمان،
ٻٽيا موت جا مُنهن مان پڌرا نشان،
حياتيءَ جي هوندي ٿي مُردي سمان،
ڪٿي مرگهه نئني، ڪٿي گُل بدن؟
هئي مؤت جي گود ۾ پيرسن.''

من ۾ هڪ شڪ جاڳي ٿو- ڪٿي نارائڻ شيام جي ''روپ مايا'' جهڙي عاليشان رچنا جو ٻج هيءَ ڪوتا ته نه هوندي. جيڪڏهن اِئين آهي ته اِهو هڪ ٻيو هري دلگير جي شاعريءَ جو سنڌي شاعريءَ تي احسان مڃڻ کپي.

C/o., Dr. Manohar Agani
D-2/16 Charimili Bhopal-420003.
M. 9713139222

شاعريءَ جي تاڃي-پيٽي ۾ رهيا آهن. ڪن شاعرن اِنساني حُسن ج
ڪُلي عام ساراهه ڪئي ته ڪن وري، اِنساني جسم تي روحانيت
ريشمي رنگين- آرپار نظر ايندڙ پردو چاڙهيو ۽ ڪيترن وري هن پرد
۾ وشواس جي ڏور پڪڙي- اِئين شاعريءَ ۾ هڪ ڌارا شروع تي جن
کي هندي ادب ۾ 'ڇاياواد' چيو ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اُهو رواي
روحاني رنگ طرح سڃاتو ويو. اُن وقت جي ويچارڌارا موجب هري دلگ
جي شاعريءَ ۾ پڻ اهي اولڙا جابجا نظر اچن ٿا.
عاشق ۽ معشوق ملي هڪ ٿي وڃن اِها خواهش هر پريميءَ جي رهند
آهي. هڪ وائيءَ ۾ چوي ٿو:

''مان ته سڌيان ٿو روز، سڄ تون آءُ،
مگر تون آنهه ڪٿي؟
نياپا تنهنجا پهچائي ٿو ڏکڻ جو واءُ،
مگر تون آنهه ڪٿي؟''

هڪ رُباعيءَ ۾ قدرت جو سهارو وٺي پريتم کي چوي ٿو:

''اندلٺ ۾ ڏٺم توکي، تون رنگين آهين،
گُل گُل ۾ ڏٺم، شاهه تون شوقين آهين،
دل ساڻ ڏٺم توکي هزارين ڀيرا،
هڪ ڀيرو به اک تي تون چڙهيو ڪين آئين.''

ورڊ سورٿا چيو آهي ته، ڪنهن جذبي کي اڪيلائيءَ ۾ وري ي
ڪرڻ شاعري آهي. هري دلگير هڪ ترائيل هن طرح ٿو شروع ڪري

''ساڻ تون آنهه، جڏهن آءٌ اڪيلو آهيان،
خوب دلڪش ٿو لڳي عيش اڪيلائيءَ جو.''

اِستري نظم ۾ هوُ لکي ٿو:

''مرد جي لاءِ موڃ، موتين ڪاڻ تون ٻڄي پئينءَ.''

سنڌس هن مجموعي جي آخرين پيشڪش، جيڪا هُن 1937 ۾ لکي
'ڪهاڻي-ڪوتا' ڏنل آهي.هي ڪهاڻي سنياسي اُپ گُپت هڪ جوا
اِستريءَ جي سونهن ۽ ڪشش بابت آهي. مينڪا جيان نوجوان سهڻ
اِستري اُپ- گُپت کي هرڪائي سندس سنگ جي ڪانکي آهي. اُپ گُپ
ڪيس وڃن ٿو ڏئي ته ڪنهن ڏينهن هوُ وٽس ضرور ايندو ۽ اِئين سندس
اِنتظار ۾ هوءَ نوجوان سُهڻي ڇوڪري ٻُڍاپي کي رسي، آخر اُپ گُپ

جيڪي سٽون درج آهن- ”دلگير نوجوان وهي کان مونکي ويهارو سال وڏو ڏسڻ ۾ ايندو آهي- سندس ڪوتا جهڙي پڪيري آهي تهڙي رسيلي، جيئن پڪو ميوو جتان چڪ اُتان رسيل.“ تڏهوڪي زماني ۾ اُستاد شاعر بيوس جي ڏنل تاثر بعد اڄوڪي يگ جي شاعر ۽ نقاد واسديو موهيءَ جي هڪ تجرباتي تبصري ليک ۾ دلگير صاحب جي شاعريءَ جي حوالي ۾ ڏنل تاثر (ڳالهه شاعريءَ جي 2000) تي غور ڪنداسين ته دلگير صاحب جي اِن طويل عرصي دؤران ڪيل شاعريءَ پنيان سندس قلمي گروت، ۽ اِن گروت جي پرڪريا کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي. ”اڌ صديءَ جيترو وقت پهاڙ جيترو لڳي، فطرت آهي، لڳي ٿو هڪ يُگ آهي، ايڏو وقت ڪنهن شخص جو تخليقي عمل سان رشتو رهيو هُجي سو فطرتي هوندي به تورو عجيب خوشيديهه لڳي ٿو. ها، اِهو رُبطي رشتو آهي هري دلگير جو سنڌي شاعريءَ سان.“

دلگير صاحب جي شاعريءَ جي حوالي ۾ منهنجي ايباسي مذاڪري جو دائرو سندس تنقيدي سطح تي چرچا ۾ آيل مقبول ڪوتائن/شاعريءَ جي مجموعي ”پل پل جو پرلاءُ“ تائين محدود آهي. اِنهن تاثرات جي روشنيءَ ۾ جڏهن اسان اِن مذڪري مجموعي جي شامل شاعريءَ (اُن وقت سندس چوڻ موجب گذريل ڏهن-ٻارهن سالن ۾ جيڪو لکيو اَٿم هن مجموعي ۾ شامل ڪيو اٿم) جو فن توڙي فڪر جي نقط نگاهه کان تجزيو ڪنداسي ته هن طويل عرصي دؤران شاعر جي گاٽ، فن (Teachning) گهاڙيٽي ۽ ٻوليءَ سان ڪيل پريوگن جي روشنيءَ ۾ هڪ اهڙي شاعر جي تصوير اُڀري ٿي جنهن سنڌي شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي نه فقط قلم آزمائي ڪئي آهي بلڪ سنڌي شاعريءَ کي اُن سان شاهوڪار بڻجڻ جو احساس به ڏيو آهي. پنهنجي فلسفي ۽ ڏانوَ ۾ روايتي ۽ سک درسي هوندي به هي صاحب زندگي جي تلخين ۽ حقيقتن سان پوريءَ طرح سان مقابل آهي. سندس شروعاتي سٽن مان ئي اِها ڳالهه ظاهر آهي- ”مونکي زندگي وٽي تي، زندگيءَ جو وقت سيني کي گذارڻو آهي کلندي يا رُئندي. اُهو اسان تي ڇڏيل آهي.“

هن مجموعي ۾ شامل شاعريءَ جي حوالي ۾ جيڪا خاص ڳالهه اُڀري بيني آهي اُها آهي دلگير صاحب جي فني صلاحيت ۽ قوت- شاعر

ڀل ڀل جو ڀرلاءُ -
هڪ تجرباتي نظر قدرشناسي

- موهن همٿاڻ

في الحال مان اِن کي پنهنجي خوشنصيبي ئي سمجهندس جو
مونکي سنڌيءَ جي هڪ اهڙي شاعر جي شاعريءَ تي ڳالهائڻ لاءِ چيو و
آهي جنهن لڳ ڀڳ اڌ صديءَ تائين پنهنجي شاعر قلم جو جوهر
جلوي سن سنڌي شاعريءَ کي نہ فقط مالامال ڪيو بلڪ سنڌي شهاڻ
شخصيت ۽ شاعرانہ صلاحيت سنڌي شاعريءَ کي هڪ آبرودار سُڃاڻ
بہ هري درياڻي دلگير جي نالي سان ڏني. اهڙي شخصيت تي ڳالهائ
لاءِ جنهن شخص کي چيو ويو آهي اُن جو وِتُ ناهي تہ هوُ اهڙي اعليٰ
آبرودار شاعر شخصيت جي شاعريءَ جي باري ۾ پنهنجي بيحد محد
ڄاڻ ۽ مطالعي جي جيهڙي روشنيءَ ۾ ڪجهہ متاثر ڪندڙ ڳالهائي سگهي
اُها بہ فني ۽ موزون شاعر - دلگير ۽ نارائڻ شيام جهڙن شاعرن جي شاعري
تي ڳالهائڻ لاءِ تہ ڪنهن ماستر جي وت ۽ وس جي ڳالهہ آهي. خ
نارايڻ شيام نيازمنديءَ سان چيو آهي-

آهي شعر اياز جو آ وجود پونم رات،
۽ ڪوتا دلگير جي رنگہ رتي پريات.

مطالعو ڪندي اِئين ڏسڻ ۾ آيو تہ هري دلگير جي تازگيءَ ڀر
شخصيت ۽ شاعريءَ ڪشنچند بيوس کان وٺي ويندي ارجن حاسد
واسديو موهي ۽ ڀڳوان نردوش جي پيڙهي وارن شاعرن کي بہ لکڻ
متاثر ڪيو ۽ سندس شاعريءَ جا اڀياسي ڪتاب جوڙيا. سندس اُستا
شاعر بيوس جو هري دلگير جي پهرئين ڪوتائن جي مجموع
”هريشچندر جيون ڪوتا“ جي مهاڳ (جون 1941) ۾ سندس شاعري
(تڏهوڪي وقت ۾ تيندڙ شاعريءَ جي مدنظر) تبصرو ڪندي تاثر ط

اِظهار سان اچن ٿا. جڏهن ماڻيل ۽ پوڳيل زندگيءَ ۽ اُن جي احساس جي اِظهار جي شدت، ٽڪاڻ ۽ اپيل اُن رچنا کي اڏول ڪري بيهاريندي آهي- اُن رچنا کي صدين تائين زنده رکندي آهي- اُن جو پرلاءُ هر دؤر ۾ پيو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. جنهن کي اسان ڪلاسيڪ چوندا آهيون.

اِن حوالي ۾ هن مجموعي جي جيڪڏهن ڳالهه ڪيون ته ڪويءَ جي فلسفي ٿاٽ، اُن جي دؤر جو سماج، اِنسان، حالتون سندس مختلف قسمن/صنفن جي شاعريءَ ۾ اِظهار ته بخوبي پائي سگهيا آهن. مؤسيقي انداز ۾ خاص ڪري وائي، نظم ۽ غزل ۾ سندس فن جو ڪمال اسين ڏسي سگهون ٿا. پر ڪلاسيڪ رچنا جي طلب اڃا وڏيڪ آهي شايد تمام وڏيڪ. شاعر ڪنهن به صنف ۾ شاعري ڪري- اُن ۾ هڪ چيز هوندي آهي مجموعي اثر (Total effect). اِهو ٽوٽل اِفيڪٽ ڇڏڻ ۾ هيءُ مجموعو ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهي، سو ته مجموعي ۾ شامل شاعريءَ مان ظاهر آهي. وري به اسان ڪجهه مثالن ذريعي اِهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين. دلگير صاحب جي شاعريءَ کي ماڻيندي. هونءَ ته دلگير صاحب ڏهن صنفن ۾ شاعري ڪري پنهنجي فني ماليت ۽ قوت جو مظاهرو ڪيو آهي پر سندس ٿاٽ ۽ خيال جو گهڻو اِظهار وائي، گيت، غزل ۽ نظم ۾ ٿيو آهي ۽ اِنهن ۾ ئي سندس لِرڪل شاعريءَ واري پيڪيولرٽي (خاصيت) خوبصورتيءَ سان سامهون آئي آهي. آپسي رنجشون، ڏُڪيش، ڏُويش، ناراضگيون دور ڪري پاڻ ۾ رلي ملي نهي هلڻ جا سرل سنديش هن وائيءَ جي لفظن ۾ مؤسيقي ۽ رواني آڻي ڇڏي آهي- نيازمنديءَ جي ڀاو سان -

آءُ، رُٺل، تون آءُ/ ڀاءُ، وري ٿي ڀاءُ...
اڄُ ته ڪريون پرچاءُ.
وڃيو ڪجهه نه وير مان/ سِڪ جو ونجي ساءُ،
تنهنجي ڪنڌن پوڪه مان/ توکي پڻ ايذاءُ....
ڏوهه مٺان منهنجو هُجي/ مان ئي نِنديڙو، تون وڏو،
مونکي ڪر ڀاءُ... ڪر ڪو نيئن نياءُ/ اڄُ ته ڪريون پرچاءُ.

هتي ڌيان ڏيڻ واري ڳالهه آهي لفظن جي چونڊ جنهن سان مؤسيقي پيدا ٿئي- ڪٿي ڪٿي ته ائفرٽ (Effert) نظر اچي ٿو- پر گهڻو ڪري

سنڌي شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي ۽ ڪٿي ڪٿي تجربيڪ
(Experimetal) ٿيندي ڪاميابيءَ سان فنائتي اظهار جو مثال پي
ڪيو آهي ۽ پنهنجي اِظهار کي فنائتو بڻائڻ لاءِ اٽڪل ڏهن قسمن ج
فارمن (Forms) کي اِستعمال ۾ آندو آهي. هن سؤ صفحن جي شاعر
۾ وائي، نظم، ٽيڙو (هائيڪو)، گيت، قطع، رُباعي، للت-پد، بيس
نظم، غزل ۽ نظماڻي نثر جو سنڌي پاٺڪ کي رس ملي ٿو (آنند ملي
۽ سنڌي شاعريءَ کي جس ملي ٿو.

ٻولي اِظهار جو وسيلو آهي. هري دلگير سنڌي ٻوليءَ جي ذخيري
ڊڪشنريءَ جو نالو آهي. ٻولي ۽ اِظهار جا نوان تجربا به هن مجموع
جي پنهنجي خصوصيت آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اپياسيءَ کي اَهڙ
شاعري پڙهندي/ماڻيندي پنهنجي سنڌي هجڻ تي فخر جو احساس
ٿئي ته هوُ ڪهڙي نه شاهوڪار زمين/ماءُ جي ڪُکم مان پئدا ٿيو آهي

۽ هري دلگير جي شاعريءَ جي جيڪا سيني کان اهم خوبي آهي
آهي سندس چيل لفظن ۾ موجود موسقي ۽ نغمني (Lyrical) موسقي
جي خوبي هر ڪنهن شاعر وٽ نه هوندي آهي ۽ اِها موسقي
(سنگيتاتمڪتا) پنهنجي زمين ۽ ٻوليءَ سان جڙيو رهڻ سان ئي شاعري
۾ اچي ٿي. ٽيڪنيڪ جي جاچ ۽ مطالعو ته هن شخص کي ڪونهي ج
جو اُن حلقي ۾ داخل ٿيڻ جي ڪا اهڙي اِنسپائيرشن فورس يا ماحو
ڪونه مليو اِئين ڪٿي چئجي- گهڻو ڪجهه شاعر ۽ شاعر جي دؤر ج
خارجي ۽ داخلي ماحول ته نه مُنحصر ڪري ٿو. ٻيوس سائين جي سنگ
۾، اُن دؤر ۾ ڪيترا شاعر اهڙا شاعر ٿي اُڀريا جن اڄ صديءَ تائي
سنڌي شاعريءَ جا گهڙا پريا. روايتي، موزون، فني شاعري اُنهن
فارس (گهاڙيتن) ۾ لکي.

دلگير صاحب جي هن ئي مجموعي جي حوالي ۾ آخري خاص ڳال
آهي ته ٿاٺ- گهڻوتڻو ته دلگير صاحب پنهنجي ۽ پنهنجي آس-پاس
جي زندگيءَ تائين محدود آهي، اِئين ساماجڪ سروڪار يا لاڳاپي جو
ڳالهيون به آيون آهن پر ڪاوياتمڪ سنويدنا جي جيڪر ڳالهه ڪيون
ڏنل-ٻُڏل ڳالهين ۽ وقت (Poetric Sensibility) سان گڏ گذرندڙ زندگي
اُن سان لاڳاپيل گهٽنائون- حادثا- ڪوتا/شاعريءَ ۾ هڪ ساڌارڻ يا سطح

وارا ڪارا جڏهن ڪنڌيريئه تي/رات جي سونهن مات تي ويئي،
سيند تنهنجيءَ ۾ ليڪ آهي سنئين/دور هر مُشڪلات تي ويئي.
تنهنجي آهت ٻُڌم صُبح سمي/بيني بيني ئي رات تي وئي،
ڪجهه زبان ساڻ، ڪجهه اکين ساڻ چيئه/بات ۾ خوب بات تي ويئي.

زماني جي نيگٽيوٽيءَ (Nagatvity) ۾ پازٽيوٽي (Postevity) ڳولهڻ ۾ هڪ شاعر جي هيءَ خوبي آهي.

وڻي تي اجا زندگي/ڪجهه نه ڪجهه/زماني ۾ آ دلڪشي ڪجهه نه ڪجهه،
سراسر برو تہ ڪو ڏيٺو نہ آهہ/منجهس بات هوندي ڪجهہ ڪجهہ.

هاڻي غزل بابت گهڻو ڪجهہ ڳالهائڻ يا تشريح ڪرڻ جي نہ منهنجي منشا آهي نہ اِستئني- فن ۽ فارس تي ڳالهائڻ وارا گهڻيئي وينا آهن. ها ايترو ضرور چوندس تہ جيستائين غزل ۾ ڏات جي فنائتي اِظهار جو تعلق آهي تہ منهنجي سمجهہ ۾ اچي ٿو- غزل زندگيءَ جي داخلي- خارجي تجربن توڙي پوڳنائن، ڪيفيتن جو موسيقيءَ پريو دلڪش اِظهار آهي. موسقيت جي غير حاضريءَ ۾ غزل اڪثر نظماڻو نثر يا نثري نظم لڳندو آهي. خاص طور جيئن ڏنو پيو وڃي، اَڄڪلهہ خير وشيہ جي چونڊ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿي. غزل لاءِ ٻن شين جي گهڻي ضرورت آهي. جيترو مطالو ۽ مشاهودو آهي. شاعري معصوميت (Lyrical Innerence) ۽ تخليقي سادگي (Reahne Simpleity) اِهي ٻئي خاصيتون هري دلگير صاحب جي ساده شار شخصيت جو حصو آهن. (هتي جيڪڏهن مان تارايڻ شيام جي شاعر شخصيت کي بہ ياد ڪيان تہ بيجاءِ نہ ٿيندو.)

هڪ آبزرويشن :

ڪٿي ڪٿي جذبات وچان شاعر ڪيڏي مهل اُپديشڪ بڻجي پوي ٿو جيس احساس تہ ٿيندو هوندو پر غزل ۾ 'ڏات' جي بي‌عرضي لاءِ اِها ضرورتي نقصان ديهہ آهي- ٿورو ڏسون :

زندگيءَ جو سفر آ/ڪوئي رُئندو رهيو ڪوئي کلندو رهيو،
موت طوفان آ، زندگي آ ڏيئو/تيز طوفان ۾ ديپ جلندو رهيو.

گيت ۽ بيت وغيره ۾ اِهي هلڪيون ڦلڪيون ڳالهيون سنبيون بہ هونديون آهن پر غزل ۾ خيال جي وسعت ۽ ڦهلاءُ غزل جي آب-تاب ۽ ٻاتيءَ لاءِ لازمي ٿي پوي ٿو- خنر اَهڙا گهڻا ئي مثال آهن. مون اِها

خيال سان گڏ سياويڪ طرح لفظن پنهنجي جاءِ ورتي آهي. اِئين هڪ
سنگيتميہ رچنا بڻجي ويئي آهي- اِن تعلق سان اسان جيڪر لِرڪل
شاعري/لفظن جو مفهوم سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون تہ سنو ٿيندو.

حقيقت ۾ جذبو/جذبات هي لِرڪل شاعريءَ جو بنياد آهي يا وري
ماحول-خارجي ۽ داخلي سچوئيشنس جي اثر ڪري بنا ڪنهن ڪوشش
جي بي‌خوديءَ مان ئي مُنهن مان نڪتل لفظ ڪهڙي وقت شاعري بڻجي
تا وڃن خبر ئي ڪانہ پوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن دل تي ٿيندڙ اِهو بنـ
لفظن وارو بنيادي اثر، جذبي سان گڏ ڪنهن نئين خيال ڪي بہ پيدا
ڪري شاعريءَ ۾ داخل ٿئي ٿو. لفظن جي جُڙت ۽ جملن جي ترتيب
مان جيڪو جذبو بنا ڪنهن خاص ڪوشش جي پيدا ٿيل لڳندو اُهو لِرڪل
/مؤسيقيءَ پريو جذبو آهي. عام ماڻهو بہ بي‌ساختہ گُنگنائڻ لڳندو آهي
راه ويندي لا لا... لا لا... لا لا لا... چانڊني رات ۽ اڪيلائي.... خاص
ڪري جڏهن رومانٽڪ موڊ هوندي آهي (ڪيتريون ڏنون تہ بات رومن
۾ ئي تيار ٿي ويندي آهن)) في الحال معصوم نئين عشق جي چڻنگ
دل ۾ ڪيئن ڪرنٽ پيدا ڪندي آهي اُن جو خوبصورت اِظهار هري
دلگير جي وائيءَ ۾ ڪيو آهي...

نوٽ : هتي دلگير صاحب جي ٻولي، ڀاشا جو تخليقي اِستعار نوان
اِظهار بہ ڏسندا هلون.

ڳالهہ ڪريان ڪنهن سان سَڪي/آهي خوشي اَجهل....
ڦن مونکي مرڪي ڏنو...
اندر ۾ اڏمو اُٿيو/مون مور لهرڻ لڳو،
هير هلي سيتل.../ڦن مونکي مرڪي ڏنو...
لڄ ۾ ٿي ويس لال مان/ڌرتي جڻ ڦرڪي ڏنم،
اُڀ ۾ پڻ هلچل/وقت نچيو ناچوءَ جيان،
يلا پل هو پيتل/ڦن مونکي مرڪي ڏنو...

مؤسيقيت ۽ روانيءَ واري خوبي هري دلگير جي غزل، قطع ۽ گيت
۾ بہ خوبصورتيءَ سان آئي آهي خاص ڪري عشق، پيار ۽ نارمـ
زندگيءَ جي واقفيت/حالتن جي اِظهار سان- وري بہ ڪجهہ ڏسون.
غزل-

ھُن جو ھيءُ (عاشقاڻو اِظھار) احساس ڪيترن ماڻھن لاءِ اِنسپائيرنگ (Inspirning) آھي.

(3) پوپٽ وانگر پيار ڪريان ٿو/سونھن ڏسان ٿو، رس بہ چکان ٿو، ليڪن انڪي ڪوند بيھان ٿو/انڪڻ عيب ٻُڌاپي جو آھي.

(4) ھوءَ صبح سوير اُٿندي آ، ڪٿ رنگ جھڪيرو ٿيو آھي-
ڪٿ گُھنج پڪيرو ٿيو آھي-ڪِٿ نِڪتو وارُ سفيد نئون-
آئينو چوندو صاف نئون، ھوءَ وار سفيد ڪندي ڪارو-
آئينو چاڙھي ٻچھ سارو...

اَھڙا معمولي ۽ نارمل زندگيءَ جا خيال بہ فنائتي اِظھار سان تصوير بڻجي ڪيئن ڳالھائين ٿا- اِھا تڪنيڪ ھري دلگير جھڙي شاعر کان سکڻ جي ضرورت آھي.

دلگير صاحب وٽ نئين ڪوتا لاءِ نئون خيال بہ آھي جنھن کي ھوُ نظماڻي نثر جي صنف ۾ اِظھار ڏيندي چوي ٿو- ”ھيءَ نئين ڪوتا ناھي جنھن ۾ سوچ جون سوڙھيون ۽ وڙ وڪڙ واريون گھٽيون ھونديون آھن. ھِنن رچنائن ۾ اُمنگ ۽ اُڇل جو شاھي رستو آھي- بنا رديف ۽ قافين جي سينگار جي ڇند ۽ ماترائن جي مجتا کان بي مڪت آھن.“

يعني ھوُ صاحب اِھو تہ قبولي ٿو تہ نئين ڪوتا خيال جي، فنائتي اِظھار جو شاھي ۽ سڌو رستو آھي- مانو-من جي داخلي ڪيفيت جو خوبصورت اِظھار اِنھن سٽن ۾ ڏسي ۽ ماڻي سگھجي ٿو.

(1) مان ھڪ چڱو ماڻھو آھيان/اَھڙو ڪوبہ ڪم ڪونہ ڪيو اٿم جو شرمسار ٿيڻو پوي... /پر جيڪڏھن منھنجي من ۾ ڪو ٽائيپ رائيٽر رکيل ھُجي/جو ذھن جي ڪاغذ تي/پاڻھي پاڻ ٽائيپ ڪندو وڃي/ مُنھنجون اڻپوريون خواھشون/مُنھنجو ھر ويچار جو ھلندي، اُٿندي- ويھندي منھنجي اندر ۾ پئدا ٿئي ٿو/۽ ڪوئي اُھو ٽائيپ ٿيل مئٽر ڪنھن اخبار ۾ شايع ڪرائي/تہ مان جيڪر شرم ۾ ٻُڏي مران/۽ پڪ ئي ڪ آپگھات ڪري ڇڏيان.

ٻولي-ڀاشا-اِظھار :

اِن ۾ ڪو شڪ ڪونھي تہ ڪنھن شاعر جي ٻولي، ھُن جي پنھنجي جي ٻوليءَ جو ذخيرو، اِن جي اِستعمال جو طريقو-انداز، نوٽن، جملن، ستعارن-محاورن جي گھڙت ۽ سڀ کان وڏي ڳالھ زمين سان جڙيل

ڳالهه خاص ڪري نئين پيڙهيءَ جي غزلگو شاعرن ۾ شاعريءَ کي ڏ
بہ ڪئي آهي... (فيس بوڪ ۽ ٻين سائيٽن تي تمام گهٽي شاعري پ
تئي تي.) هاڻي لفظن ۾ مؤسيقي پريا دلگير صاحب ڪيئن سندر
تو رچي-ڏسو :

(1) اي شيام پنهنجي بنسري مونکي ٻڌاءِ تون،
وري وري چپن سان پنهنجي پيو لڳاءِ تون،
اِنهيءَ ۾ ڦوڪ ڦوڪ تون اننت مؤج مان،
جيئن وٺيئي تيئن پيو مونکي وڄاءِ تون.

(2) ڳائيندو رهہ ياءُ/اچا تہ رات گهٽي پيئي آ/
سُن جو آهي سِناءُ،
تنهنجي پد پد منجهہ ٻُڌان تو/پل پل جو پرلاءُ/
سورج، چنڊ، ڪتيون ۽ تارا/اونده جو بہ تو لڳاءُ/
ڳائيندو رهہ ياءُ.

نظمن ۽ ٽيڙو صنف ۾ دلگير صاحب جي ٽات جي وئرائٽي ملي
اِنهن ۾ ٽات ۽ اِظهار ٻئي اُپري بيٺا آهن ۽ ڪي خيال طنز سان ا
سپاويڪ طرح اچي ويا آهن- جن جو اِظهار عام طرح سان ٻيا شاعر ا
سولائيءَ سان نہ ڪري سگهندا آهن. محفل، چهرو، منهنجي
گذاري ويو، پوڙهو، گهٽتائي، ترڪٽو رستو، عورت جو ساٿي آ
پياسو ۽ ٻيا ڪيترا نظم آهن جن ۾ شاعر پنهنجي ۽ پنهنجي آس
جي تصوير چٽي ٻُڌايو آهي. هوُ سماج ۾ ٿيندڙ ننڍي ۾ ننڍي، خ
ڳالهہ ۽ بدلاءُ سان بخوبي واقف آهي- ڪڏهن ڪڏهن لفظ اُهو ڪ
ڪري سگهندا آهن - جيتير شانت اکين جي خاموشي-

(1) هي اونده جا ساٿي چهرا/هِڪ جنم اڳہ ماڻهو هوندا/
اِنسان بہ اَڄ ڪالهہ اِئين/شڪ گهبراهٽ جي اُفواہ ۾/
هڪ چهري وانگر اُڏندو آ...

(2) هوُ گذاري ويو/چٽو ٿي ٿيو،
ڪجهہ مٽي سور گهٽ ٿي پيو،
مونکي اُسرڻ هوُ ڏيندو نہ هو...
آهي ڪائيءَ تي ليٽيو پيو،
(نيڪ هرڪو مرڻ بعد) چٽو ٿيو.

۾ نيني وڏو تيڻ وارن جي وهنوار ۾ اَسان کي سنڌي ئي نظر ايندي- ٻالهائڻ-ٻولهائڻ-اُٿڻ-وهڻ ۽ سوچڻ ۾) ۽ صرف سنڌيءَ ۾ ئو سوچي- ته ظاهري طور تي پنهنجي ٻولي، روايت، سنسڪرتي اُن جي لکڻيءَ ۾ به ايندي. ها هُن جو تخليقي اِستعمال هُن جي اِنفراديت آهي. مثال طور اسان دلگير صاحب جو ڪوبه بند کڻون- اُهو بنا ڪنهن خاص ڪوشش جي سُهڻو ٿي ٿو ڀڃي. ڪجهه تصويرن جن کي تيزُو چوي ٿو :

- سِج ۽ جهڙ جي جاءِ/سارنگ ۾ سُلڳي پيئي/هلڪي هلڪي آگ.
- هيءَ تڙڪو، هيءَ بوند/اُپ ۾ مشڪي اِنڊلٺ/تون هجين ها هوند.
- صاف چانڊني رات-هلڪي هير تلاءَ ۾/روپيلي بارات.

هيءَ تصويرون بنا ڪنهن ايفرٽ جي سوچ سان گڏ نهنديون ويون آهن- نون اِظهارن سان تز سنڌي ۽ اُن جي پريوگ سِکڻ لاءِ اڄ جي شاعر ۽ ايپاسيءَ لاءِ دلگير جهڙي شاعر جو ايپاس لازمي آهي. جي سنڌي شاعر بڻجڻو آهي ته؟

باقي پنهنجي ڪُل تاثرات (Total effect) ۾ هيءُ مجموعو شاعر جي فني صلاحيت ۽ اِظهار جي قوت کي اُجاگر ڪري ٿو- شاعر جو زور فني تجربن ذريعي گهڻ صنفي اِظهار تي رهيو آهي- جنهن ڪري ٽات ڪٿي ڪٿي ويڪ رهجي ويو آهي. شاعر کي پنهنجي چوائس (Choice)، آزادي آهي.

آمين ٿيندو آهي ۽ ڪي قدر سياويڪ به. هونءَ به پرفيڪٽ پڪچر ٺاهڻ اسان جي هٿ ۾ به ڪونهي. اُها الائي ڪٿي نهندي پيئي آهي. ڪٿي هر ڪنهن کي نظر به نه اچي ۽ سمجهه ۾ به- وقتي سمنڊ به اُجايل محسوس ڪندو آهي- پاڻ کي شاعر دلگير چيو آهي :

> اَزل جي اُڃ اندر ۾ آهي/سمندر ۾ پاڻي آهي-
> ته پي-سِپ پياسي آهي..
> مونکي به هڪڙي بوند کپي... آهي ڪٿي سا بوند،
> هي جاڻان يا مان هوند...!

ظاهر آهي هري دلگير جي شاعريءَ ۾ پنهنجي وقت جو حُسن ۽ آواز آهي ئي- جنهن جو پرلاءُ اڄ به آديپور جي گهٽين ۾ ٻڌي سگهجي ٿو. محسوس ڪري سگهجي ٿو.

93, 2nd Floor, Sandesh Vihar,
Pitampura, Delhi-110034.
M.981871388

ٻوليءَ ۾ اِظهار اُن شاعر جي نجي سُڃاڻپ نہ بڻجي ئي ٿي بلڪ
ڀاشا جي خاصيت بہ بڻجي وڃي ٿي ۽ ڪوي/شاعر پنهنجي انداز-ب
۽ اِظهار جي اِسٽائيل لاءِ سُڃاتو وڃي ٿو ۽ هري دلگير سنڌيءَ جي اَه
ڪيترن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو جيڪي ٻوليءَ تي اڌڪار سان اِستع
۽ اُن جي وسعت لاءِ اڄ بہ نمايان ٿي بيٺا آهن.

هري دلگير جو گيت هجي، نظم، غزل يا وائي اُن جي وڏي خ
سُپڪ سليس ٻولي، مؤسيقيءَ ۽ روانيءَ واري- گيت جي مؤسقيه
روانيءَ واري خوبيءَ کي هري دلگير غزل ۾ ڪم آڻي هڪ نئون تج
بہ ڪيو، اُن تجربي ۾ سندس ٻوليءَ جو اِستعمال اِئين ڇئجي تخلي
اِستعمال نئين پيڙهيءَ جي شاعرن لاءِ مثل-راه جو ڪم ڪري ٿو- ٻو
جي سلاست غزل جي هينئين بندن ۾ ڏسڻ وٽان آهي :

- رات هھڙي جي هلي ويئي هٿن مان،
ويئي تہ ايندي واپس نہ وري، رات وڃڻ واري آ.
- وقت کي روڪ، مٿس چار وجهي گيتن جو،
آ سندس چال چري، رات وڃڻ واري آ.

نوان اِصطلاح ۽ اِظهار دلگير صاحب جي فني قوتن ۽ ٻوليءَ
تخليقي اِستعمال ۾ مهارت جو درس ڪرائين ٿا. اَهڙا مثال مجموع
پريا پيا آهن.

’پره جي هير‘، ’ستارن جا ڪنول‘، ’ماڪ جا ڳوڙها‘، ’نظر نير پر
هيءَ چار مثال تہ هڪ ئي غزل جا آهن- اِن مان اندازو لڳي سگهي ٿ
دلگير صاحب جي ٻوليءَ جي تخليقي اِستعمال واري صلاحيت ۽ سا
ٻوليءَ ۾ خيال جي اِظهار واري قوت تنهن زماني ۾، سنڌي شاعريءَ
ميدان ۾ ڪيتري هلچل پيدا ڪئي هوندي.

مونکي لڳي ٿو ڪنهن شاعر جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي سلاست
جي تخليقي اِستعمال ۽ اُن سان پريوگہ واري خوبي شاعر جي پنهن
شخصيت تي گهڻو مدار ٿي رکي. هري دلگير صاحب سان بہ اِها
لاڳو ٿئي ٿي. پنهنجي زمين ۽ سنسڪرتيءَ سان پختي نموني ج
هئڻ جي ڪري، هيءُ صاحب سنڌيءَ ۾ ئي اُٿي-وهي ٿو، سنڌي
جاڳي ٿو، هلي ٿو- کائي ٿو، پائي ۽ مُسڪرائي بہ سنڌيءَ ۾ ئي
(اسان جيڪڏهن غور ڪنداسين تہ اڄ بہ پراڻي پيڙهيءَ يا سنڌي م

میخانو نہ شیشو نہ صراحي نہ پيالو
نشو ھو اِلاھي کو، سدا مست رھياسين.

غزل ۾ مئہ ۽ ميخاني جي ڳالھ ڪرڻ ھڪ روايت آھي. ھتي شاعر ڪنھن ٻئي نشي جي ڳالھ ڪري ٿو. اھو زنده دليءَ جي نشو آھي، يا روحانيت جو نشو آھي چوڻ مشڪل آھي. شاعر جو آتم وشواس ۽ هميشہ خوش رھڻ جي قوت قابل تعريف آھي.

جھتيان ٿو غَيب مان ڪجھ لفظ، جي ٿا شاعري بڻجن
نہ مان ڪنھن بحث مان ڄاڻان، نہ ڪر اثرار جون ڳالھيون
ٿيو ھيڏو وڏو دلگيرصاحب، پر نہ سڌريو آ،
اجا تائين ڪري ٿو سونھن جون ۽ پيار جون ڳالھيون.

دلگير ان ورلن شاعرن مان آھي جن غزل ۾ شاعريءَ پرڪريا بابت ڪجھ چيو ھجي. شاعري ھڪ عجوبو يا رھسيہ آھي. شاعر وٽ گھربل لفظ ڪٿان اُچن ٿا چئي نہ ٿو سگھجي. دلگير شاعريءَ کي قيمتي ذخيرو مڃي ٿو. کيس شاعر ھجڻ تي فخر آھي.

پيلي ساڙھيءَ سان لنگھي ڪيت مان آھين شايد
عڪس ھر سنگ تي، پيلاڻ پکڙجي ويئي
ماڪ بوندن کي ڏسي صبوح جو سوچيم دلگير
ڪنھن جي اکڙين جي آ آلاڻ پکڙجي ويئي.

ھي شعر قدرت کي خوبصورت انداز ۾ شاعري ۾ پيان ڪن ٿا. ماڪ ڏسي ڪنھن جي اک جي آلاڻ ياد اَچڻ، اھو ڏيکاري ٿو تہ دلگير عنيءَ ۾ غزل گو شاعر آھي. رولو آواز ۾ جڏھن ھو چوي ٿو تہ مان غزل شاعر نہ آھيان، اھا سچائي نہ پر ھن جي نماڻائي آھي.

سنڌ ماتا، نہ ڪَڇ بہ ماسي آ،
ھاڻ ماسي بہ ماءُ آھي چڻ.

دلگير کان سنڌ وسري ڪونہ آھي. ھو ان حقيقت کان بہ موھ نہ موڙي تہ ھاڻي سنڌين کي ھند ۾ رھي ھنان جي حالات کي قبول ڻو پوندو. ھو سنڌ کي ماتا ۽ ڪڇ کي ماسي چئي پنھنجي ڳالھ ن تائين شاعرانا آواز ۾ اسان تائين پھچائي ٿو.

رولوُ آواز - هڪ جائزو

- ونود آسود

رولو آواز دلگير صاحب جو ان کري هڪ خاص ڪتاب م
سگهجي ٿو تہ هن ۾ صرف غزل ئي شامل آهن.

1981 ۾ شايع ٿيل هن مجموعي ۾ 75 غزل آهن 1945
1980 جي دوران لکيل غزل هن ۾ شامل آهن. ڪنهن بہ شاعريءَ
سمجهڻ واسطي شاعر جي شخصيت، هن جي فني فطرت ۽ ان وقت
ادبي روايت کي نظر هيٺ رکڻ ضروري آهي. دلگير جي شاعريءَ ب
کي نقطا بنا ڪنهن واد وواد سيني عالمن قبول ڪيا آهن. د
آشاوادي شاعر آهي. دلگير جي شاعريءَ ۾ قدرت جو چٽ بخوبي مو
آهي. دلگير وٽ ڪڏهن ختم نہ ٿيندڙ درد لُڙڪ ۽ آهُنِ جو انبار نا
هيءُ دلگير کي ٻين غزل گوُ شاعرن کان الڳ ڪري بيهاري ٿي.

دلگير پريو 'وفا' ۽ نارايڻ شيام همعصر شاعر آهن.

دلگير جي غزل روايتي سنڌي غزل سان بخوبي نڀايو آه
هنن جي غزل ۾ هرويرو جديديت يا بعد - جديديت ڳولهڻ جي ڪو
نہ ڪرڻ گهرجي. جتي دلگير جو غزل بينو آهي، انهيءَ جي پنهن
هڪ سونهن ۽ جماليت آهي - اچو تہ دلگير جي رولو آواز ڪتاب
کي مثال ڏسون ۽ سندن شاعريءَ کي ماڻيون.

طوفان بہ ڪٽ ڪٽ ۽ ڪٿي هير بڻياسي
ڇولين جيان ڇلياسين، ڪٿي ڪکرن جان وسياسين
دريا کان نہ صحرا کان نہ ڏونگر کان ڏرياسين
منزل ڏي مگر ڳائيندا اڳتي ئي وڌياسين.

دلگير زندگيءَ جي فيلسوفيءَ کي سڃاڻو آهي بدلجندڙ ح
سان هو پاڻ کي بدلي منهن مقابلو ڪري ٿو.

It is better to do comething evil
than to do nothing at all.

کنهن عقل جي ڏوڏي سان ڏڏي ويئي سچي دل
ڪِن ۾ ئي هنڪي روح جو ملبو نظر آيو.

زندگيءَ ۾ عقل سان سڀ ڪجهه حاصل نه ٿو ڪري سگهجي. گهڻن ئي موقعن تي عقل جواب ڏئي بيهندو آهي. دلگير هڪ معياري شاعر. هن وٽ جذبات، احساس ۽ انساني ملهه لاءِ قدر آهي.

گاريون ڏيان ٿو پاڻ کي، نالائقن کي پڻ،
جن جي اڳيان گسايو اٿم سر جهڪي جهڪي

دلگير خوددار طبيعت جو مالڪ آهي. زندگيءَ جي ڪن مجبورين جڏهن هن کي ڪن آڏو جهڪڻ لاءِ مجبور ڪيو ته اِها ڳالهه هن جي خوددار شخصيت کي قطعي پسند نه آئي. هو پاڻ کي پڻ گاريون ڏيڻ کان باز نه ٿو اَچي. اڄ جي مشڪل دَور ۾ پنهنجي خودداري بچائي رکڻ هڪ وڏو حَوصلو آهي.

سچ سسئيءَ کي ڪونه ستايو
ياد پنهل جي سينڻ سايو

هيءُ شعر culturral referencial Value جي لحاظ کان اهم آهي. دلگير نه رڳو شاه صاحب جي سوُرمي سسئي جي ياد ڏياري ٿو، پر ساڳئي ئي وقت سسئي جي عشق جي طاقت پڻ بيان ڪري ٿو. سج جي تپت پڻ سسئيءَ کي ٿنل جبل جهاڳڻ کان روڪي نه ٿي سگهي.

ڪو نه ٿو لاءِ اٿم موهه، ائين پِي ناهي،
موهه جو آ تڪو ڇوهه، ائين پِي ناهي.

1. وينو آهيان پلائي، نه اهو آهه صحيح،
بڻجي سسئي ٿو رلان روهه، ائين پِي ناهي.
2. توڏي آيس، نه ٿو منهن ڪونه ڏنو، ناهه ائين،
تو ڏنو دل کي ڪو پاپوهه، ائين پِي ناهي.
3. پاڻ کي پاڻ ڪديم ڪُن منجهان، ڪئن چوندس،
تاري ويو تنهنجو رڳو توهه، ائين پِي ناهي.

کيڏا کيس ٿيا مندر ۾
ڀڳوان ويٺي ويٺي جاچيو چپ چپ
من جي ميرا ناچ نچي ٿي
'سانت' تنبورو ڇيڙيو چپ چپ
توڏي آيو هو ڳالهين لءِ
توکي ڏسندي موٽيو چپ چپ.

دلگير سماج ۾ وڌندڙ پاپ ۽ گناهن کان بيخبر ڪونہ آه
چاٽي ٿو تہ اڄ جو ماڻهو ڪيترو مجبور ۽ لاچار آهي. هو بي انصاف
خلاف ڪُجھ بہ ڪري نہ ٿو سگهي. بيوسيءَ جي عالم کي ڇا چئجي
مندر جو ڀڳوان بہ چپ چپ وينو آهي. اڄ انسان پنهنجو پاڻ کي
محسوس ڪري ٿو. ڪو بہ ڪنهن سان حال اوري نہ ٿو سگهي.
پنهنجي بيوسيءَ جي پڃري ۾ ڦٿڪي رهيو آهي. اُپُ نظر اَچي
اُپ کي ڇهڻ ممڪن ڪونہ آهي. هيءُ هڪ سماجي طنز
جمهوريت ۾ انسان آزاد آهي. هن کي گهڻيئي حق آهن، تنهن ه
بہ هڪ عام ماڻهوءَ جي زندگي صحيح معنيٰ ۾ خوش حال نہ ٿي
آهي.

نهٽي آهي نئين سڙڪ، ڇيائون،
سرسبز وڻن کي ٿي وڍيائون!

دلگير وٽ Ecoconscioiusness آهي. اڄ سڄي دنيا وا
کي بچائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. دلگير ان خطري کان
کان اڄ کان 50 سال اڳ اِشارو ڪيو هو. ان مان شاعر جي دوردرشتا
آهي.

اي دوست، تنهنجي ساز تي وڄي نہ ڪٽ چڙهي
سُريلو، بي سريلو ئي وڄاءِ ڪجھہ نہ ڪجھہ.

دلگير انهن منجهان نہ آهي جيڪي قسمت تي ڀاڙي وي
رهن. هن وٽ لڳاتار اڳتي وڌڻ جي همت ۽ طاقت آهي. هو پنه
دوست کي سريلو يا بيسرو ساز وڄائڻ لاءِ همٿائي ٿو. هي هو اسا
T.S.Eliot جي ياد ڏياري ٿو.
جنهن چيو هو

ويو ان کي باقي ڪجهه بہ سمجهڻ لاءِ باقي نتو بچي. انگريزيءَ جي عظيم ناٽڪ نويس William Shakespear بہ ساڳي ڳالھہ چئي آهي.

'Life is a meaningless tale narrated by an idiot'

تنهنجو آزار ڪو آزار پلا ڪئن ٿيندو،
جان جي جان سان تڪرار پلا ڪئن ٿيندو؟
پيار، ديدار، سنگهڻ ڀي ۽ ڇهڻ ڀي جنهن ۾،
صرف سو خواب ئي سنسار پلا ڪئن ٿيندو؟

شاعر کي زندگيءَ سان بيتهاشا محبت آهي. هو زندگيءَ جي هر احساس کي ماڻي آنند پراپت ڪرڻ چاهي ٿو. هو هڪ وڏي سچ ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي. زندگيءَ جو هر احساس انوکو، ناياب، خوبصورت ۽ خوشي بخشيندڙ آهي. جن زندگيءَ کي خواب ٻڌايو آهي تن زندگيءَ جي توفيق جي اهميت ئي ڪونہ سمجهي آهي.

تنقيدي پئمانن جي نظرئي سان ڏسجي تہ متي ڄاڻايل شعر جماليت جي حوالي هڪڙو عمدو مثال آهي.

ياد رکڻ جهڙا ڪجهہ نقطا

* دلگير جهڙجهي انداز ۾ معياري غزل لکيا آهن، تنهن ڪري غزل گوُ شاعرن ۾ هن جي جڳهہ هميشہ قائم دائم رهندي.
* سندس غزل روايتي هوندي بہ زندگيءَ سان وابستہ آهن.
* سندس ٻولي سولي سادي ۽ عام ڀانڪ کي سمجهہ ۾ اَچڻ جهڙي آهي.
* سندس غزل موسيقي ۾ ڪمپوز ڪري ڳائي سگهجن ٿا. ڪن گلوڪارن اهو ڪم پڻ ڪيو آهي.

پيار محبت کان وٺي زندگيءَ جي فلسفي تائين هر موضوع کي سندن غزل کي جاءِ ملي آهي.

* دلگير آشاوادي شاعر هئڻ ڪري ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ درد جو ذڪر ورلي ٿيل نظر اَچي ٿو.
* دلگير جا گهٽيئي شعر جماليت جي احساس سان ڀرپور آهن.
* دلگير جا ڪي غزل نغما ڀاسن ٿا.

4. صرف مون تي ئي ميار آهه، اِهو آهه غلط،
مون ڪيو آهه نه ڪو ڏوهه، ائين پي ناهي.

5. ڪا به ڪوشش مون ڪئي ڪانه، ائين ڪونه آهي،
صرف قسمت جو ٿيو ڏوهه، ائين پي ناهي.

6. چاهيان دلگير اڪيلائي رڳي، ناهه ائين،
گُهرجي يارن جو ٿو انبوهه، ائين پي ناهي.

پلي اها هڪ شخصي راءِ هجي، پر هيءُ غزل منهنجي نظر
سڄي مجموعي ۾ سيني ڪان وڌيڪ معياري ليکي سگهجي ٿو. شاعر و
اُها نظر آهي جنهن هو ڪنهن به ڳالهه جا جدا جدا پهلو اوتريءَ ئ
شدت سان محسوس ڪري سمجهي سگهي ٿو.

ڪونه مُئو سقراط مري پي
زهر هميشه قاتل ناهي.

دلگير صاحب سقراط جي حوالي سان هڪ انوکي ڳالهه چون ت
سقراط علم جي علامت آهي. علم ڪڏهن مري نٿو. ڪو به زهر ان ڪ
خارج ڪري نه ٿو سگهي.

نه آ نيڪ هردم ڳجهو شير جيان
ڪڏهن تون به چارو چرين چو نه ٿو؟

زندگي جيئڻ جو ڏانءُ تمام سؤلائيءَ سان شاعر اسانکي سيکاري
وڃي ٿو حالتن سان انسان کي پنهنجو رخ ۽ نظريو بدلڻ کپي. هر ڳالهه
شير بڻجي حاصل نه ڪري سگهبي. ڏاڍائيءَ کي ڇڏي نهٺائيءَ ک
اختيار ڪرڻ ۾ ئي عقلمندي آهي.

پاڻ ڪيڏو پتوڙيو اٿم،
صرف پاڻي ولوڙيو اٿم.
خاص رستو نه جوڙيو اٿم،
پر تڏهن به نوڙيو اَٿم.

هنن سٽن ۾ شاعر زندگي يا ائين چئجي ته روحانيت جي مر
ڪي ڇهيو آهي. زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهه هجڻ ڪان پوءِ به زندگي بي
معنيٰ ۽ بنا مقصد چيز پاسي ٿي. جيڪو شخص هن سچائيءَ کي سمجهي

’جهنگلي گُل‘ هڪ جائزو

- ڪمل نهالاڻي

هري درياڻي ’دلگير‘ جي لکيل ڪل 26 ڪتابن ۾ لڳ ڀڳ 14 ڪتاب شاعريءَ جا آهن جن مان ’جهنگلي گُل‘ هڪ آهي.

هر مجموعي ۾ ننڍيون-وڏيون ملائي 71 ڪوتائون... بلڪ رچنائون آهن. دلگير صاحب تمام گهرائيءَ سان سوچي سمجهي ۽ پوري ايمانداريءَ سان هن مجموعي جو عنوان ’جهنگلي گُل‘ رکيو آهي ورنه دلگير صاحب شعر-و-شاعريءَ جي دنيا ۾ بحر وزن جي، نه رڳو پختائي، پر پُنيرائي ڪندڙ طور ئي ڄاتو سڃاتو ويندو آهي... بعضي اُن ڪي اِئين به چوندو ٻڌو ويو آهي ته بنا وزن، بنا ڇند ۽ معنائن جي ڪوتا به ڪا ڪوتا آهي؟ پر ’جهنگلي گُل‘ پڙهڻ مان لڳي ٿو ته، دلگير صاحب جي من ۾ به ڪڏهن ڪڏهن ڪي بس اِئين ئي ڪي خيال ايندا پئي رهيا آهن. ڪڏهن ڪنهن ڪي همسفر بڻايو آهي، ته اُن تي چند سٽون لکجي ويون آهن، ڪڏهن من جي ڊوڙ جو اظهار ڪيو آهي ته وري ڪٿي جيون مرتيو جو مرمُ سمجهايو آهي. اِنساني رشتن، جذبن ڪان وٺي پسن پکين ۽ قادر جي قدرت جي حسين نظارن تائين انيڪ وشين تي کلي دل سان جيڪي لفظ جهٽجي سگهيا سي هُنن خوبصورتيءَ سان قلمبند ڪيا آهن ۽ وري تمام نهٺائيءَ سان قبول پڻ ڪيو اٿائون ته ”هي جهنگلي گُل منهنجي من جي جهنگل ۾ الائي ڪيئن پنهنجو پاڻ پيدا ٿي ويا آهن. مالهي بڻجي مون ڪين ماتا جي ممتا سان پاليو-ناتيو ڪونهي. ڪنهن به پاڻيءَ ۽ پاڻ بنا قدرتي هوا ۽ سورج جي روشنيءَ ۾ هي گُل منهنجي من جي ڌرتيءَ کي چيري، پنهنجو پاڻ ٻاهر نڪري آيا آهن.“

دلگير صاحب جي حياتيءَ ۾ 37 سالن تائين مان ريڊيو تي هُنن جون الائي ڪيتريون ڪوتائون رڪارڊ ڪيون هونديون... پر مان يقيني طور سان چئي سگهان ٿو ته هنن ڪوتائن مان دلگير صاحب هڪ به ڪوتا

(تڪنيڪ جي لحاظ کان نہ پر موضوع جي لحاظ کان)

* ڪن غزلن کي عنوان دلگير هڪ نئون تجربو ڪيو آهي.
* دلگير حقيقت پسند شاعر آهي.
* دلگير لاءِ زندگي فلسفي کان وڏي آهي. فلسفي جي اوند
سوڙهين گهٽين ۾ زندگيءَ جو ساهہ مُنجهي پوي، اهڙي ڪ
تہ ڇا پر خيال بہ ذهن ۾ نٿو آڻي.
* بعد جديديت جي شاعرن کي دلگير کان سولي ٻولي، زندگي
پرڪشش احساس، محبت جي شدت، انساني مُلهہ ۽ آشاواد
معياري نقطا سکڻ کپن.

D, Hemu Kalani squore
ripatko Nagpur-440014
: 9503143439

وس.“ طنز جو فن به شاعريءَ جو هڪ اهم حصو هوندو آهي ۽ دلگير صاحب ان فن ۾ به لاجواب ڏسڻ ۾ اچن. توهان ڏسندا ته اهڙيون رچنائن جي مرڪز ۾ هنن پاڻ کي رکيو آهي يعني سوترڌار خود کي ئي بڻايو آهي. مثال : ”اڌورا علم“ لکن ٿا، ”منهنجو علم، مون جي ڪنين وانگر آهي! هرهڪ ڪنيءَ تي چٽيل آهن رنگ برنگي اکيون پر روشني هڪ ۾ به ڪانهي. منهنجي چاڻ هڪ ڇڄ وانگر آهي، جنهن ۾ دهل، شهنايون، ڇيڄاري، ڇاڄي ۽ ماڄي آهن، پر گهوٽ آهي ئي ڪونه! منهنجي سر تي بزرگن جي پڳ رکيل آهي، اُن جي مرتبي کان منهنجو مٿو لڳي تو مان وارو، پر اُن ۾ سوچ شڪتي آهي ئي ڪانه. ماڻهن ليکي اُڏامي سگهان ٿو آڪاس ۾، مون وٽ هيليڪاپٽر آهن ۽ مان پائلٽ به آهيان پر پيٽرول جي بوند به ناهي.“

”جهنگلي گُل“ بابت دلگير صاحب اڳيان لکن ٿا، ”هيءَ نئين ڪوتا ناهي، جنهن ۾ سوچ جو سوڙهيون ۽ وڙوڪڙ گهٽيون هونديون آهن. هنن رچنائن ۾ اُمنگ ۽ اُڇل جو سڌو شاهي رستو آهي.“

اِئين چئي، گويا دلير صاحب هن مموعي ۾ خالص نثر جي پرپياشا ۾ ايندڙ ڪيتريون ئي رچنائون سمائڻ جي، پاڻکن کان کلي اجازت يا ڇوٽ وٺي ڇڏي آهي. مثال طور، ”اِنسان ۽ خدا جي ملاقات“ عنوان سان، پورن پنجن صفحن جي طويل رچنا آهي جنهن ۾ دلگير صاحب، اِنسان ۽ خدا جي وچ ۾ ٿيندڙ منهن مقابل کي نهايت ئي خوبصورتيءَ سان شبدن ۾ بهاريو آهي. هڪ ننڍڙو فقرو پڙهڻ چاهيندس، ”اِنسان جڏهن ڇاتي تاڻي خدا کان پڇيو، ڇا تون ئي منهنجو خالق آهين، تو ئي مونکي هن واحيات ۽ ويرٿ سنسار ۾ جتي ماڻهو مرُن کان به بدتر آهن ۽ وهن ۽ ٻهن ٿا مشين وانگر. مشين، جنهن کي پنهنجي ڪا الڳ هستي يا سڃاڻپ نه آهي. جتي ماڻهوءَ جو ماڻهپو ختم ٿي ويو آهي، جتي بک ۽ بيڪاريءَ جا ڀوت گهمي رهيا آهن، گليءَ گليءَ ۾ جتي بم گولن جي پوَ ۾ ماڻهو هيسجي ويو آهي.“

تڏهن خدا چويس ٿو، ”اي اِنسان تون اجائي بڙ بڙ ڪري رهيو آهين. مون ته نهايت ئي سندر سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي جنهن ۾ نيلو آڪاش آهي، جنهن ۾ سج، چنڊ ۽ تارا چمڪي رهيا آهن. نديون-

رڪارڊ ڪونہ ڪرائي... شايد شايد اِنڪري ئي، تہ هي ’جهنگلي
ڪوتا جي باري ۾ سندن قائم ڪيل راءِ سان اِئين ڪٺي ڇئجي تہ س
ئي بٽايل پرپياشا ۾ نهڪن نتا. هونئن بہ هن مجموعي کي دلگير صا
عنوان ڏنو آهي ’جهنگلي گُل‘. ڪٿي تہ ڪاويہ سنگره يا ڪوتائن
مجموعو ڪري ڪونہ ڄاڻايو آهي. مُهاڳہ ۾ بيشڪ قافين ۽ وزن وغير
ذڪر اچي ٿو. اِهو ڪيئن ٿو ٿئي مان ڪوت ڪرڻ چاهيندس،
ڪيم قافين جي قلمبندي ۽ نہ وري رديفن جي رنگينين سان
سينگارڻ سنوارڻ جي ڪوشش ڪيم. وزن، ڇند ۽ ماتارائن جي
ڪان بہ هيءُ مڪت آهن. هنن رچنائن ۾ نہ آهي ڪا مرگنئني، نہ
چندر بدني. نہ ساقي نہ مئخانا، نہ عاشقن جا آلاپ، نہ شرابين جا شور
نہ ساز نہ سُر، نہ لئہ نہ تال. ڪجهہ بہ نہ آهي هنن ۾، صرف من
مستي ئي آهي.''

پر پوءِ بہ ان من مستيءَ مان پيدا ٿيل جهنگلي گُلن کي جي ڪ
جي صنف نہ تہ ’’نظماڻو نثر‘‘ ۾ تہ رکي ئي سگهجن ٿا ۽ اُن لاءِ مو
بہ لامحدود آهن، جيئن مون اڳيئي چيو آهي تہ دلگير صاحب زند
۾ هر پهلوءَ کي، هر وشيہ کي چڱيءَ طرح پرکي تمام سهڻي نموني ش
۾ پروئي پاٺڪن اڳيان پيش ڪيو آهي. هر گُل ۾، يلي جهنگلي آه
پر سوچ جي گهرائي اوترڻ ئي آهي. پهرين ئي ڪوتا وٺون... ’’
وس اي ذات جا بادل!'' هن ۾ ’ذات‘ جو موضوع تہ آهي ئي...
شاعريءَ جو جيڪو انداز ٿيندو آهي، جيڪا اصلي خوبي هوندي آه
لفظي معنيٰ هڪڙي هوندي آهي پر اشارو ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ ڏانهن هو
آهي، اُهو جيڪو فن آهي سو ظاهر ٿي ٿو بيهي.

لکن ٿا، ’’وس وس اي ذات جا بادل وس، ڪيترا ڏينهن ڇڻ لُ
لوءَ ۾ سڙي رهيو هوس، اڄ اڳين-پوئين ڪسر ڪڍي، وڏڦڙو وساءِ
ٿي دفعا تون آئين، پر صرف منهن ڏيکاري موٽي وئين، ڪا هلڪ
بوند بہ ڪانہ هنيئہ، پر اڄ وسڻو ئي پوندءُ، ۽ خوب وسڻو اٿيئي اَ
’’هن بنجر ٻَنَ جي سيني ۾ ڪيترا رنگين گُل ٻوسانجي رهيا آ
منتظر آهن ٻاهر نڪرڻ لاءِ، هوا کين پنهنجين ٻانهن ۾ لوڏڻ لاءِ تڙ
ٿي، آتي آهي گيت ڳائڻ لاءِ، ان ڪري اي ذات جا بادل اڄ خ

بوندس نه. به ڪلاڪ ته ضرور لڳندا... صاحب هينئر آيو آهي... پر
آفيسر سان بزي آهي... وري هينئر ٽيليفون تي بزي آهي، هينئر
ڪجھ ڊڪٽيٽ ڪرائي رهيو آهي... ارنٽ ليٽر... ڪانفيڊينشنل.
هاٽي ته پنج وڄي ويا... سياڻي ملڻ جي ڪوشش ڪجو. ۽ مان حيرت
ر، هڪ ئي ڏينهن ۾، هيءُ صاحب ڪيئن تو ڪري سگهي ايڏو ڪم!!''
تعليم جي کيتر ۾ پرشٽاچار جو ناسُور زور پڪڙيندو پيو تو وڃي!
هڙي ئي هڪ ايماندار پروفيسر ڪيئن تو چپ ويهي سگهي. پروفيسر
عنوان سان به تصويرون پيش ڪيون ويون آهن. پهرين تصوير پيش
ڪرڻ سان توهان کي اُن ناسُور جي گهرائيءَ جو انداز اچي ويندو.
پروفيسر شاگرد ڏانهن، ''پاس ٿيڻ تو چاهين؟ چنتا نه ڪر، مان جو
وينو آهيان! تنهنجي مدد ضرور ڪندس. منهنجي ٽيوشن ڪلاس ۾ اچ!
ضرور پاس ٿيندين! فقط پنج کان ڇهه شام!، اڳيئي بزي آهين ٻئي
پروفيسر سان؟ پر مون وٽ به اڳيئي ڪيتريون بيچز آهن وديارٿين
جون! ڇٺو پلي نه آءُ، ته به سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو. امتحان ته
منهنجي هٿ جو کيل آهي! ٽيوشن في ته پرٿي ئي پوندءِ. سڄي ٽرم
ءِ ست سؤ رپيا! ٺيڪ؟ قبول؟ ڪا به چنتا نه ڪر، پڪ پاس ٿيندي، مان
جو وينو آهيان.''
ڌرمي دڪان هلائيندڙ پاکنڊي پوڄارين جا پول کولڻ ۾ به دلگير
صاحب ڪا ڪسر ڪانه ڇڏي آهي. ''پوڄاري'' ڪوتا اُن جو عمدا مثال
آهي. زور زور سان گهنڊ وڄائي، اوڙي پاڙي جو سُکه ڦٽائي، لائوڊ اِسپيڪر
تي بي سُرا ڀڄن ڳائي، طبلي تي زور زور سان ٿاڪ لڳائي، پوڄاري ٿون
ڏيندي ڀڳوان کي ٻوڙو بڻائي!! ٻوڙو بڻجڻ کان هوُ پسند ڪندو، مندر
ان ڀڄي وڃڻ. ٻيلي ڏاهو ٿيءُ، اِئين نه ڀڄاءِ ڀڳوان کي!
ناري شڪتي کي تسليم ڪندي دلگير صاحب اِسترين جي حق ۾ به
ت به وقت گهڻو ڪجهه پئي لکيو آهي. هن مجموعي جي ڳالھ ڪيون
''اِستري'' ۽ ''ناجائز ٻار'' قابل-اي-ذڪر آهن. 'اِستري' ڪوتا ٿن
نڪن جي آهي، جنهن ۾ دلگير صاحب عورت جي هر روپ ۽ پهلوءَ کي
اگر ڪندي اُن تي ٿيندڙ اتياچارن جو فڪر نهايت ئي فهميدي
اندز ۾ ڪيو آهي. وقت جي محدودگيءَ کي ڏسندي فقط چار سٽون

نالا ۽ جهرڻا جهر-جهر ڪري وهي رهيا آهن، بادل ۽ برساتيون آهـ
ٺهڪندڙ بجليون ۽ من موهيندڙ انڊلٺيون آهن، خوشبوئدا رنگ برنـ
گُل ڦل ۽ رس سان ڇلڪندڙ مٺا ميوا آهن، مون هڪ برڪت ڀري ڌر
پيدا ڪئي آهي، جنهن ۾ ڪٽو وجهه ته ڪاسو تي وڪري. ننڍڙو
وجهه ته شاهي ٻج تي پوي ٿو. هيڏيءَ سونهن ۽ برڪت هوندي به تـ
شڪايت ٿو ڪرين؟!

دونهين ۽ گئس سان پاڪ فضا کي تو ئي ته ناپاڪ ڪيو آهي. پـ
گنگا ۽ ٻين ندين جي نرمل نير ۾ ڪارخانن جو ڪچرو اُڇلائي امرت
زهر تو بڻايو آهي. بم گولا به خود تو ئي ناهيا آهن. بُک، بيڪاري
تو ئي پيدا ڪئي آهي. لڙاين، جهڳڙن ۽ دنگن فسادن جي جڙ تون
آهين...'' اَهڙي نموني 'اِنسان ۽ خدا جي ملاقات' کان سواءِ، هڪ
ٽن صفحن واريون ٻيون طويل رچنائون نثر جي فهرست ۾ رکي سگهـ
ٽيون سي آهن ''ٻيلو''، ''منهنجو سرير''، ''اِستري'' ۽ ''شايد صـ
تي رهيو آهي'' مٿاڇري نظر وجهڻ سان ئي اِهو چٽيءَ طرح معلوم
ٿئي ته، دلگير صرف آشاوادي يا سپنن ۾ سئر ڪندڙ ڪوي ناهي. بـ
موجوده وقت ۾ روزمره جي مسئلن ڏانهن به هوُ پوريءَ طرح سـ
سجاڳ آهي. مضمونن جي گوناگوني ڏسندي اچرج ٿو لڳي ته دلـ
صاحب جي سوچ جو دائرو وسيع آهي. جتي ''مور جو ناچ''، ''امر پنڇي
۽ ''خوش فهمي'' جهڙيون قدرت ۽ اُن جي خلقيل ڪائنات سان واسـ
رکن ٿيون ته اُتي هوُ سماج ۾ گهر ڪري ويل ڀرشٽاچار، گندي راڄنيـ
۽ سياستدانن جي بيهودن ڪرتوتن جو ورڻن ڪندي، ''قومي ليڊر
''قومي تقرير''، ''هڪ ڊڪٽيٽر ڏانهن''، ''سچيواليه ۾ هڪ صاحبـ
جهڙيون لاثاني رچنائون به ڏنيون آهن.

''مور جو ناچ'' مان به سٽون... چوي ٿو، ''مور پنهنجا رنگين ڪـ
کولي نچي رهيو آهي مستيءَ ۾، ڪاش مان به مست بڻجي نچي سگهـ
۽ ڦُلائي ڇڏيان پاڻ.''

هيڏانهن ''سچيواليه جو صاحب'' ڇا ٿو چوي، ''صاحب بيحد بـ
آهي، توهان هُن سان ڪونه ملي سگهندا. ڇا اپوائنٽمينٽ اٿو؟ سو
سر، پر ڪيس آنريبل منسٽر سڏايو آهي. صاحب به ڇا ڪري؟ وڃٿو

سدا حيات شري هري دلگير جي شاعريءَ جي ڪتاب ''اَڪيلو چنڊُ'' جي پرک

- مُرلي اين. گوونداڻي

فن کي پرکڻ، پرکي تڪ تور ڪرڻ ڪنهن لاءِ بہ سولو ڪم ناهي ۽ خاص ڪري اَهڙي آبرودار شخص ۽ ناميازي شاعر جي ڪتاب بابت جيڪو شخص شهر جو نگرپتي تي رهيو هجي، تعليمي ڪينتر ۾ هر سنستا سان جُڙيل رهيو هجي، ڪاليج جو پرنسيپال، شهر ۾ جنهن جي نالي تي روڊ جو نامڪرڻ ٿيل هجي گڏوگڏ جنهن تي گهڻيئي مقالا پڙهيل هجن، جنهن جي شاعريءَ تي M.phil ۽ P.Hd. ٿيل هجي، مرڪزي ساهتيہ اَڪادمي، گجرات ساهتيہ اَڪادمي ۽ گهڻن ئي سنستائن پاران جيڪو اِنعام اڪرامن سان نوازيل هجي، سٺن ڍاڪن ۾ جنهن هزارين ڪويتائون هر صنف تي رچيون هجن، ساهتيہ ۾ خاص جڳهہ والاريندي شاعريءَ جي جڳت ۾ چنڊ مثل چمڪندڙ اَهڙي اوُچ ڪوٽيءَ جي شاعر جي ساهتيہ رچنا يا ڪتاب جي باري ۾ پنهنجا ويچار لکڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ سوچڻو ٿو پوي.

مونکي ساهتيہ اَڪادميءَ پاران ''شري هري درياڻي دلگير'' جي اعريءَ جي ڪتاب ''اڪيلو چنڊُ'' جي باري ۾ پرک ڪرڻي آهي. هي ڪتاب 'بيست سنڌي سڀا' بمبئيءَ وارن 1998 ۾ ڇپايو هو. ڪتاب جي هاڳ ۾ دلگير صاحب لکي ٿو تہ، ''هن ڪتاب ۾ مون ڪجهہ چونڊ نظم ڏنا آهن، گيتن، غزلن، وايُن، رباعين وغيره کي هن مجموعي کان هر ئي رکيو آهي. ڪجهہ بيت ۽ هڪ سٽا بہ ڏنا اَٿم.'' پر ڪتاب هڻ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ ٻيون صنفون پڻ شامل ٿيل آهن. 76 نظمن، هڪ سٽا ۽ 25 بيتن ڪانسواءِ 6 غزلون، 2 ترائيل، 5 پنجڪڙا، 2 قطعا

پڙهڻ چاهيندس. ”تون ماءُ، ڀيڻ، ڌيءُ ۽ محبوبا آهين پرش
ھُن توسان ڪيڏا نہ ڪيا آهن اتياچار! ڪوئي رام نشپاپ سيتا
تو تياڳ، ڪوئي ڪرشن رنگہ ريليون تو ڪري اڻ ڳڻ روپوت
ڪوئي ٻُڌ يشوڌرا کي ڇڏي وڃي تو بنواس، ڪوئي ڌرمراج
ڇڏي دروپديءَ کي جوئا جي داوَ ۾، ڪوئي رشي گوتم بڻائي
اهليا کي پٿر جو بوتو!

دلگير صاحب جي ’جهنگلي گُل‘ مجموعي بابت مونکي
ڪجهہ چوڻو آهي... پر هن محدود وقت ۾ ممڪن ناهي... پر
ڳالهہ اِها آهي تہ هن جو ديوناگري ورزن جيڪو سيما گُرناڻي
آهي سو مان سمجهان تو تہ جلد ئي ميسر ٿيندو ۽ مان چاهي
توهان پاڻ پڙهي... سمجهي 71 رچنائن جو مزو ماڻيو! مهرباني

nstitute of Sindhilogy
A, Nr, Santoshi Mata Temple,
70205.

پيار منجهان پاڪر پائي توتيلا پيو ٻول ٻڌائي.''

(3) **آرتيون :** ڪتاب ۾ ٻه آرتيون پڻ شامل ٿيل آهن. هڪ 'شورارتري' تي ۽ ٻي 'گنگا ماتا' تي. گنگا لاءِ لکيو اٿن ته ''شِوَ جي جٽائن مان تون نڪري هردوار مان ٿيندي ڪاشيءَ پهچين ٿي، مان تنهنجي درشن لاءِ ڪاشيءَ ۾ آيو آهيان، تون پاپن جي مُڪتي داتا آهين، تو ۾ ٽٻي ڏيڻ سان تن من نرمل ٿيندو آهي پر تنهنجو گندو پاڻي ڏسي ۽ گهاٽن تان ترندڙ لاش ڏسي مان تنهنجي ٻانهن ۾ ڪيئن اَچان، ڪيئن پاڻ کي شُڌ ڪيان.'' اِتي ڏسي سگهجي ٿو ته سندن سوچ ڪيتري نه سنجيده ۽ چنتاشيل آهي. گنگا کي پوڄڻ لاءِ حمايتي آهن پر ماڻهن کي چتائن ٿا ته گنگا کي گندو نه ڪيو وڃنا اڳتي هلي هوءَ ايتري ته ناپاڪ ٿي ويندي جو ڪوبه هُن کي پوڄڻ ۾ هٻڪندو.

(4) **قدرت :** دلگير صاحب ڪائنات ۽ قدرت جو ڪوي هو. سندن ڪويتائن ۾ قدرت جو درشن ليئا پائيندو هو. قدرت تي جن به شاعري رچي آهي. دلگير اُنهن ۾ سرمور هو. خدا جي رچيل هر شيءِ تي هن پنهنجي قلم هلائي آهي. هن ڪتاب ۾ پڻ پنج رچنائون قدرت سان واسطو رکن ٿيون. ''اَديسر ۾ چنڊُ''، ''اِندلٺ''، ''باغ''، ''نوڙهو وڻُ'' ۽ ''اَڪيلو چنڊُ''. چنڊ لاءِ لکيو اَٿائون :

گيت پيو ڇڻ ڳائي چنڊُ، لهرن ۾ لهرائي چنڊُ،
چانڊوڪيءَ جو هي جادوگر، جل تي راند رچائي چنڊُ.

''اڪيلو چنڊُ'' نظم ۾ پنهنجي تُلنا چنڊ سان ڪئي اَٿائون. پوڙهي پوڙهي وڻ جي وري ٻُڍاپي سان ڀيٽ ڪندي لکن ٿا آخر ۾ وڻ ۽ ماڻهو اڪيلو ٿي آهي.

(5) **عاشقاڻي شاعري :** دلگير صاحب هڪ شاعريءَ ۾ لکيو آهي

تيو هيڏو وڏو دلگير، پر ڪين سُڌريو آ،
اَڃا تائين ڪري ٿو، سُونهن ۽ پيار جون ڳالهيون.

اِن مان سمجهي سگهجي ٿو ته هُنن جو مزاج عاشقاڻو رهيو آهي. هن جو اثر سندن شاعريءَ مان بخوبي جهلڪي پيو ٿو. ''اَڪيلو چنڊُ'' ڪتاب ۾ پڻ ڏهاڪو کن نظمون پيار محبت تي لکيل آهن. هڪڙي

۽ هڪ رُباعي پڻ شامل ٿيل آهن. ڪويتائن ۾ مؤضوعن جي پرمار
زندگيءَ سان واسطو رکندڙ لڳ ڀڳ سڀني وشين تي ڪويتائون
آهن. جيئن ته سنڌي ۽ سنڌيت، ٻاراڻا ٻول، آرتيون، قدرت، پيار م
تي، اُڏام، پنهنجي پاڻ بابت جيون جي فلسفي تي ۽ اِن ڪانسواءِ
ئي جدا جدا وشين تي، وشين ڪي سلسلي وار ڪٽڻ ڪان پهرين
ڄاڻائڻ ضروري آهي ته دلگير صاحب جو نظريو، ويچار ۽ سوچ
آشاوادي رهي آهي. هنن جي ڪلپنا شڪتيءَ جو ڪو ڪاتو ئي ڪ
۽ فن جي لحاظ ڪان هوُ هر وشيه تي سنجيده رهيو آهي. موضوع
تفصيل :

(1) سنڌي ۽ سنڌيت : اِها اڻٽيٽي ڳالهه آهي ته سنڌ ڪان
سنڌي سنڌ ڪي ياد نه ڪن! ورهاڱي جي سٺر ورهين ڪانپوءِ به اُنه
وچ هرروز سنڌ جو ذڪر ٿيندو رهندو آهي. صرف ايترو نه پر م
ڄاول سينيئر سنڌي به پنهنجي اَبن جي مُلڪ سنڌ لاءِ حب رڪ
دلگير جي ڪويتائن ۾ سنڌ جي جهلڪ صاف نظر اچي ٿي. هن ''ا
چنڊُ'' ڪتاب ۾ گهڻيئي مثال ملن ٿا. پنهنجي ڪويتا سوال ۽ جو
سندن جواب ڏسو :

ڪنهن پڇيو سرڳ تو ڏٺو آهي؟
مون چيو سنڌ ئي ته سرڳ آهي.
ڪنهن پڇيو اَمرت ڪٿئي؟
مون چيو آڻي ڏي آب سنڌوءَ جو.
ڪنهن پڇيو تنهنجي دِل جي چاهت؟
مون چيو مرڻ بعد هانيون سنڌوءَ ۾ لوڙهجو.

(2) ٻاراڻي شاعري : دلگير صاحب جا پنج ٻاراڻا شاعر
ڪتاب نڪتل آهن، هن ڪتاب ۾ پڻ تي ڪويتائون ٻارن تي ڏنل
ٻارن بابت چوڻ چاهين ٿا ته ٻارن جو سوچ ۽ سياءُ سدا نردوش
هوندو آهي. هوُ ٻارن ڪي هدايت به ڏين ٿا ۽ اُنهن جا منڙا ٻول
لالايت به رهن ٿا. لڪن ٿا :

''ٻارڙا ٻاهر نه وڃ، ڪجهه چيو منهنجو به مڃ،
جيئن ٿين تو تون پري، دل پئي ڏڪ ڏڪ ڪري،

يو هو تہ سڀ ڪجھ مليو آهي جيڪو طلبيو سو پاتو. جيڪو لکيو آهي
ن ڪان وڌ لکڻ چاهيان ٿو، پر پنهنجي لکڻيءَ تي مُڪمل سنتوش ڪين
ٿم.

(8) **دلگير هڪ فلاسافر :** اِنسان کي وڏي ۾ وڏي نعمت مليل آهي
يون ۽ جيون جي فلاسافيءَ لاءِ اوُچ خيال. دلگير صاحب اوُچ خيالن ۽
وچ سمجهہ جو ڌڻي هو. هن پنهنجي شاعريءَ وسيلي عام کي جيون
رشن جو گيان ڏنو. هن سيني نظمن ۾ عام ماڻهن جي وويڪ ۽ من جو
رشن ڪرايو آهي، ڪجھ مثالن مان پاڻهي سمجهي سگهبو تہ سندن
اعريءَ ۾ زندگيءَ جو ڪيترو نہ مرم سمايل آهي.

(1) جيون جو جَسُ آهي اِنهيءَ ۾، جيءُ جيءُ ڙي جيءُ،
جيون هڪ ماڻڻ جو پل آ، هيءُ هيءُ ڙي هيءُ.

(2) جل ۾ فوٽو ڦاٽي پيو جو ٽيبو هو سو ٽي ويو،
اَنت منجهان بي اَنت بڻيو، هڪڙو ويو ۽ بيو اُپريو.

(3) ساري دنيا فاني فاني، مونکي بہ هلڻو آهي جاني.

(4) ڪرم ڪندي ئي مرڻو آ، اُن ڪان اُڳہ ڪجھ ڪرڻو آ.

(5) لهر اُڇي ٿي لهر وڃي ٿي، جنهن جو اَنت نہ پار،
جيون ۽ مرتيوءَ جون چوليون، موُن مان ئي سنسار.

''هڪ سوال'' نظم ۾ لکن ٿا : سڀ ڪجھ ناسوَنت آهي پاڻيءَ جي
بُڊي مثل، گُل ڪومائجي وڃن پر باغ ۾ سُگند رهي ٿي، ماڻهن جُهري
ت تين ٿا پر اُنهن جي ساک قائم آهي. جيون جي مقصد ۽ سپاوَ جو
ر ڪندي چون ٿا تہ اُهو ئي سچو جيڪو بين لاءِ جيئي ۽ حالتن سان
بلو ڪري.

(9) **مختلف وشيہ :** اِنهن ڪانسواءِ بين گهڻن ئي وشين تي رچنائون
ڪتاب ۾ ڏنل آهن. ''بابا جي فوٽي'' ڪويتا ۾ وڏن کي مانُ ڏيندي
ن ٿا تہ وساريو نہ ڇو جو وڏن جي آسيس توهان سان ساڻ آهي.
گهري ڏيءُ'' ۾ ڇوڪرين کي جيئڻ جو ڏانءُ ڏسن ٿا. ''ڪوئي تہ
ي راهہ'' ۾ چون ٿا مونکي سڀ ڪجھ مليو آهي پر منزل تي پهچڻ
پوءِ مُنجهي پيو آهيان تہ اڳيان ڪيڏانهن وڃان. نراس ٿيل ماڻهن
ن ٿا تہ اُهي ماڻهو توکي هار پائيندا جيڪي توکي اڄ ٺُڪرائن ٿا.

نظم ۾ چون ٿا،

منهنجي بيرس جيون منجهه، تون جڻ رس جي ڏار،
جيئن رڻ پٽ ۾ وهندڙ کوهه، جيئن اوندهه ۾ ديپ.

بي نظم ۾ محبوبا جي ساراهه ڪدي لکيو اَٿائون :

تنهنجو مُرڪڻ مُند بهار، گُل ڦُل ٽڙي پون چوڌار،
خوشبوءِ جي جڻ ڪُلي بزار، مُرڪ مِني تون مُرڪ سدا.

اڳيان هلي هڪ رچنا ۾ ورهه ۽ وڇوڙي جي ڳالهه ڪن ٿا :

ساڻ آهين، گڏ آهين، جان جي جان جگر هڏ آهين،
پر پوءِ به خوف اتم متان نه وڇڙي وڃين ڪڏهين.

(6) **اُڏام** : شاعريءَ جي اُڏام اَلائي ڪٿان جو ڪٿي پهچي
ٿي ڪو ڪاٿو ئي ڪانهي اُنهن لاءِ ته سولو آ آڪاش پار ڪرڻ، ب
سان راند ڪرڻ ۽ چنڊ کي ٻانهن ۾ پري گُهمڻ.

دلگير صاحب جي اُڏام پڻ ڪجهه اِن ريت ئي آهي. لکن ٿا :

ڪنهن ڪڪر تي چڙهي مون سئر ڪيو،
ڪوي ڇبر جو پتلو اُپ جي ڦاٿل شال.

(7) **پنهنجي بابت** : پاڻ بابت دلگير صاحب گهڻو ڪجهه
آهي. هن ڪتاب جي ويهارو کن نظمُن ۾ سندن عڪس ۽ شخ
جهلڪي ٿي. مثال طور :

(1) ڳُڻ اَوڳُڻ جو پُتلو آهيان، جهڙو آهيان تهڙو آهيان.
(2) مان هڪڙو ڇتو ڪتو آهيان، ڇيڙ نه مونکي ڇڙي پوندس.
(3) ڪو ته ڊپ آهي، ڇو ڊجان تو پاڻ کان.
(4) ننڊ، ڪاڻڻ، پيئڻ، جيئن مون لاءِ آهي، ايڪانت به تيئن
لاءِ.

(5) آءٌ جسم جي مورت آهيان، ليڪن من جي مورت ناهيان.

''پڃري جو طوطو'' نظم ۾ چون ٿا : مان پڃري جو طوطو ناه
آءٌ هڪ آزاد پکيئڙو، ظلم زبردستيءَ جي آڏو، مونکي ڪونه جهڪ
سگهندؤ. ''غلطي'' ڪوينا ۾ لکن ٿا : غلطي سڀ ڪان، مون ڪان به ٿي
آ، پر هر غلطي مونکي شڪتي ڏيندي آ. ''فيصلو'' نظم ۾ چون
منهنجو فيصلو سدا اَٽل هوندو آهي. هنن پنهنجي اِنٽرويو ۾ هڪ

آهي، ڇون تا :

تارن جي شاهي محفل ۾ چنڊُ اڪيلو آهي- تيئن،
منهنجي ٻوليءَ وارو ڪوئي ساٿي سنگ نہ آهي.

اِن ڪان وڏيڪ ناهوڪو سُرو هن ڪتاب جو ''اڪيلو چنڊُ'' ڪان سواءِ ٻيو ڪوئي ٿي نٿو سگهي.

S.A.X. 34,
Adipur -370205.
Mob. : 9898409415

اِنڪري همت نہ هار. وري ڪڪرن تي چڙهي سٺر ڪندي
درشن بہ ڪن ٿا. ”نئين ناري“ نظم ۾ ناريءَ جي ويدنا درشا
ظلم سهڻ کان پوءِ ناري سوچي ٿي جيڪر مونکي مليل هٿيارن
ڪيويون، چاقو، ٻُهارا، برتنن سان ظلم ڪندڙن تي وارُ ڪري
”پارتيہ ناري“ ۾ ناريءَ جو رُدرُ روپ ڏيکاريو اَٿن تہ ناري چوي
مان هن گهر جي راڻي آهيان سڀ سُڌري هلو نہ تہ سمجهو ٿا
ٿي آيس تہ آفت مچائي ڇڏيندس. ڌرم جي نقطچيني ڪن
سِٽا شاعريءَ ۾ لکن ٿا :

(1) مندر مسجد، طربتون پوُريل آهي اَللهہ.

(2) ڌرم ڌرم جي وچ ۾ نفرت جي ديوار.

شاعريءَ جي باري ۾ لکن ٿا :

(1) ڪتان اَچي ٿي شاعري شاعر ڪي ڪَلَ ناهي.

(2) هر پاڳل جو من سوچي ٿو شاعر جيان.

(10) شاعري ۽ ٻوليءَ بابت : دلگير صاحب ڪي ترائيل ص
ايجاد ڪندڙ مڃيو ويندو آهي. هن ”اڪيلو چنڊُ“ ڪتاب ۾
ترائيل شامل ٿيل آهن. جيڪي بہ رچنائون ڪتاب ۾ شامل آ
شاعريءَ جي اُصولن، علم عروض ۽ ماترائن جي حساب سان جڙ
هنن جي شاعري اِندلٺ جيان ستن رنگن واري آهي، عظيم شاعر
شيام“ دلگير جي باري ۾ چيو آهي تہ، ”دلگير جي ڪويتا
پريات آهي.“ ڪتاب جي ڀاشا سرل، سڌي ۽ سادگي ڀريل آهي
بہ رچنا ۾ اُردو، عربي لفظ نظر ۾ نٿا اَچن، پر هند ۾ پنجاه سال
ڪندي سندن ڪويتائن ۾ جهہ هندي لفظ جڙيل آهن پر ماتر
جوڙ سبب پڙهڻ يا ڳائڻ ۾ اٽڪن ڪانہ ٿا. هندي لفظ جيئن تہ سِ
پتي-پتني، اَروپ، پُستڪ، سريتا، مڇلي، درشٽي، سورج، وَستر
سنڌيا وغيره وغيره. نظمن ۾ نواڻ اَٿن ۽ نديءَ جيان رواني
ڪري سگهجي ٿي. چئي سگهجي ٿو تہ هن آشاوادي ڪويءَ ب
حسين اظهار ڪيو آهي جنهن ڪري گهٽيئي رچنائون اڄ بہ
ڇُهي ٿيون وڃن.“

هنن پنهنجي ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي ڀيٽ اِڪيلي چنڊ سا

جي باني سائين بيوس جي صحبت پلئہ پئي. جنهن کيس شاهہ لطيف، ٽئگور، اُپنشدن کي پڙهڻ جي پريرڻا ڏني. سندس شاعري جا موضوع زندگي، سپنا، دل، غم، مند، زلفون، گُل، وڻ، پوپٽ، پکيئڙا، پرياتي پهر وغيره کي کڻي کري شاعري جي رچنا ڪئي آهي ۽ اُنهنجي ارد-گرد ماحول کي جهڻي، ماڻي غزل يا گيت لکيا آهن. ان مجموعي ۾ غزل وڌيڪ آهن. غزل جي بن سٽن ۾ سڄو ڻاڻ سمائجي وڃي ٿو. شاعر پاڻ کي ان ۾ ڪمفرٽيبل محسوس ڪري ٿو. ٻي بہ هڪ اڌ شاعري جي صنف شامل ڪئي آهي يا اِئين کڻي چئجي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ٻيا اِسم شامل آهن. مقالي نگار ۽ پاڻ جي حيثيت ۾ شاعري جي مجموعي کي پڙهندي ڪن چوندَ اِسمن کي کڻي ڪري پنهنجي ڳالهہ چوڻ چاهينديس. ان ۾ سماجي مسئلن ، وڇوڙو، پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ٿيڻ جو درد يا اِنساني فطرت ۽ ذهنيت کي بہ سليس نموني چٽيو آهي.

سڀ کان اهم ڳالهہ جا نظر اچي ٿي سا آهي ڌرتيءَ کان ڌار ٿيڻ جو دردُ، شاهہ لطيف، شاهہ جو رسالو، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۾ سنڌين جي گهٽ دلچسپي، ورثي کي وسارڻ، کاڌ خوراڪ، ريتيون رسمون وغيره اها ڪا هري دلگير جي من اِستٿتي نہ رهي آهي، بلڪ اُن دؤر جي هند ۾ آيل همصفر شاعرن جي بہ رهي. جن جي شاعري ۾ اهو ڏسڻ وٺان ملندو.

سندس ٻولي سليس، عربي فارسي جي اثر کان آجي نج سنڌي عام روج ۾ اِستعمال ٿيندڙ لفظ ٻول چال واري آهي. دلگير جي شاعري جي ندلني رنگن مان ڪي شعر چوندي اوهان سان ونڊي رهي آهيان جنهن ان شاعر جي تخليقي سوچ ۽ شاعريءَ جي سُرهاڻ ۽ مڌرتا کي ماڻي گهنداسين. سندس شاعريءَ جي اُفق تي اُڏام جو احساسُ ۽ لطف ماڻي گهجي ٿو.

ڪي سپنا مون پوکيا پرهہ جي پهر ۾
ڪيئن نقش نکريا پرهہ جي پهر ۾
جڏهن نيڻ ٻوٽيا - پرهہ جي پهر ۾
نوان رنگ نسريا پرهہ جي پهر ۾.

سڄو منظر اکين آڏو اچي وڃي ٿو، جيئن نہ ورهاڱي کان پوءِ 1958ع

جيءُ جيءُ ڙي جيءُ

- وينا شرنـ

جيون جو جسُ آ انهيءَ ۾، جيءُ جيءُ ڙي جيءُ.

اڄ اَسان اهڙي شاعر جي سؤ سالا جشن ۾ شريڪ ٿي رهيا آهـ
جنهن جي جيون جو نظريو هيسيل ۽ هيٺو ٿي نہ رهڻ، بلڪ اڳتي و
انهي فلسوفي جي مدي نظر پنهنجي شاعري جي مجموعي جو عنو
جيءُ جيءُ ڙي جيءُ رکيو. چاهي تخلص پل هن دلگير رکيو پر نظ
آشاوادي رهيو. جيون ماڻڻ، وقت جو صحيح اِستعمال ڪرڻ ۽ پنهن
اندر جي تخليقڪار کي نہ صرف زندهہ رکڻ پر اڳي کان اڳرو ٿي ز
ي ماڻڻ، هن مجموعي ۾ غزل، پنجڪڙا، سانيٽ، ترائيل، وائي، نظ
طويل ڪويتائون وغيره شامل آهن. ان ڪتاب جي ارپنا ۾ لکيو آهـ

پُراڻي وڻ مان اُپريل نون گلڙن لاءِ.

هيءُ ڪتاب ٽن پيڙهين جي ناءُ ڪيو آهي، جن کي ڏار ٽاريو
نوان پن ڪري مخاطب ڪيو آهي، پاڻ کي پُراڻو وڻ قرار ڏئي ٿو

اُن پُراڻي وڻ جي آزمودن، مشاهدن ۽ مطالعي جو نچوڙ شاعريءَ
هيءُ مجموعو آهي جنهن ۾ مني صديءَ تي آڌارت جدا جدا دؤرن
مشتمل شاعري شامل ڪئي آهي. ان ۾ جواني جي دؤر جون بہ رچنا
شامل آهن. زندگيءَ جي ايترين بهارن کي لتاڙيندي، پاڻ کي اڳي
اڳرو پائي ٿو. هوُ فرمائي ٿو- مان شاعر آهيان هڪ آشاوادي ش
آهيان، ستر سالن کان شاعري ڪندو ٿو اچان، هاڻي چوراسي جو چ
پورو ڪري پنجاسيءَ کي پار ڪيو اٿم، ياداشت ۾ ايم. ڪمل طر
لکيل مهاڳہ بيان ڪيو ويو آهي.

ايم. ڪمل لکي ٿو- هري دلگير گيتن ۾ هڪُ بڙُ آهي، جنهن
شاخن جي ڦهلاءُ جو دائرو جهججهو ۽ اُن جي ڇانوَ گهاٽي ۽ ٺڏي آهـ
دلگير اُستاد نواز علي جعفري نياز کان فن جي سکيا ورتي ۽ نئين ڪو

هاڻي سنڌو درشن جي لاءِ گنگا تان ارداس.

شاعر کي سنڌي ٻولي ادب جي هٿان پلاند ڪسڻ تي من ۾ چنتا، جنهن ٻوليءَ ۾ ماءُ ڏني ڪيس پينگهي ۾ لولي تنهن ٻوليءَ کي هيٺي حال ۾ ڏسندي، هوُ فرمائي ٿو :

ٻوليءَ کي ڪسڪندو ڏسي سنڌي گهرن مان،
جنت ۾ اڄ پتائي آ غمگين ٿي پيو.

مٿين ڪجهہ غزل ۾ شاعر محسوس ڪري ٿو ٻولي جي واڌاريءَ ٻچاءُ لاءِ سرڪار طرفان ادارا نہ جوڙيا ويا آهن، پر اسين خود پري ٿيندا پيا وڃون، سنڌي اِسڪولن جو بند ٿيڻ، اسڪرپٽن تي چٿو ٻول. گهرن ۾ سنڌي ڳالهائڻ بدران انگريزي جو اِستعمال ڪرڻ، علائقائي ڀاشائن جو اثر آشاوادي شاعر دلگير جي من ۾ پيڙا پيدا ڪري ٿو-

ڪونہ سنڌيءَ کي سرڪار ماري ڇڏيو،
گهر ۾ ٻارن جي وهنوار ماري ڇڏيو.

ڪتاب خريد نہ ڪري پڙهڻ وارو ڪلچر ادب پڙهڻ ۾ دلچسپي نہ هئڻ، ليکڪ طرفان ڪتاب ڇپائي مفت ۾ ورهائڻ تي ملال ۽ درد صاف نظر ايندو. ان جو اظهار شاعر ترائيل ۾ ڪندي فرمائي ٿو-

خوب لکين ٿو خوب ڇپائين
مون ۾ اهڙي طاقت نہ آهي
مفت ورهائين مفت پڙهئين
پستڪ جي ڪا قيمت ناهي.
(ترائيل)

هري دلگير جي شاعري جي هن مجموعي جيءُ جيءُ ڙي جيءُ-۾ شاعر نارائڻ شيام جي ترائيل جي هن ٽاٽ :

سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي ڪو سگهندو سنڌين کان،
سنڌ سنڌين ۾ وسي سنڌ هتي سنڌ هُتي-شيام.

شيام جي جتي سنڌي اُتي سنڌ واري خيال کان متاثر ٿي، دلگير ترائيل نہ پر اُن ٽاٽ کي غزل ذريعي اِظهاريو آهي :

سنڌ جي لاءِ پاڻ کي نہ سڪاءِ،
جتي آهي اُتي ئي سنڌ بڻاءِ. (دلگير)

۾ سنڌ کي الوداع ڪري هند ۾ آيو سندس من پرچي آيو،
ديس دلبر کي ڇڏي هاڻ هي پرديس پنهنجو،
کهڙي دلبي تي لڳي، دل کي مان ڏاري وينس.
اُن غزل جي ٻئين بند ۾ چوي ٿو :
ديس جي ڏوڙ رکيم سر تي، جڏهن ڌار ٿيس،
دل کي ڪيڏو بہ دٻيم، لڙڪ بہ هاري وينس.
هن ۾ ڌرتيءَ کان ڌار ٿيڻ جو درد ۽ بيبسي، مجبورن حال
سمجهوتو ڪرڻ جو درد نظر ايندو، شاعر آزاد سنڌو ديش جي من
رکي ٿو.
آزاد سنڌو ديش جي سٽت ايندي خبر، پنيت اُتي کو ٻرڻ لاءِ
نہ صرف پنهنجي وطن جي وڻن کي ياد ڪري ٿو پر اُن س
اُتي جي کاڌ خوراڪ کي شدت سان محسوس ڪيو.
لاڙڪاڻي ۾ امڙ کان ناشتو
ٿوم ڏوڏي ۽ ڏهي جي سوکڙي.
ڪڇ جي ڌرتي تي رهندي ور-ور ڪري ڪيس سنڌ جي سر
شاهہ جي ياد ستائي ٿي.
بي‌بها دولت رسالو شاهہ جو،
زندگيءَ لاءِ سنڌ جي سوکڙي.
ڪڇ ۾ ور-ور ڪري الڳ-الڳ موقعن تي لطيف سائين ۽ ش
رسالو شاهہ جي وائي جي آواز ۾ پڙاڏو ڪنن ۾ گونجڻ لڳي ٿو
ڪڇ ۾ شاهہ جي ٻڌم وائي،
سنڌ مون ڏانهن جڻ سُري آئي.
حالات ۽ حادثن جي هٿ وس ٿي پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ٿ
درد-گذاريل وقت جون اُتي گهاريل گهڙيون شاهہ جي وائيءَ ج
تي جڏهن پرلاءُ پوي ٿو تہ من بيچين ٿي وڃيس ٿو. حقيقتن کان
هوندي بہ سنڌ ۽ سنڌو ديش جي خبر ٻُڌڻ جي آس ۽ اُميدون سند
اندر ڪر موڙين ٿيون پنهنجي دل بهلائڻ لاءِ پيو واٽون واج
پرارٿنائون ڪري.
سنڌوءَ جي ڪنني تي من ۾ گنگا لاءِ هئي پياس،

آهي ان طرح جو اِظهار پڻ ۾ جڏهن 2001ع زلزلو آيو تڏهن سنڌس من اندر اُٿل پٿل رهي اونچيون عمارتون تاس جي پتن جيان ڍهي پٽ پيون ڪئي اِنساني زندگيون تباهه برباد ٿي ويون. ايشور ڪٿي آهي؟ جي آهي ته ابهمن جي راڙي تي دل نه ڏڏي، اُهو سوال ڪڙو ڪري ٿو.

ابهمن جون وڃي آڪاس تي آهون پهتيون،
ڪونه ڀڳوان ٻڌو، جو روح مان راڙو نڪتو.

دلگير جي ان مجموعي ۾ موضوع گهٽي قدر روايتي نظر ايندا. ڪي شعر فني لحاظ کان ايترو متاثر نه ٿا ڪن، ڪي ڪمزوريون به نظر اينديون، پر تڪنيڪ جي لحاظ کان هوُ ماهر شاعر نظر ايندو. هر ماڻ ماپي تي ڪڙو ثابت ٿئي پاڻڪ جي لحاظ کان يا وري مقالي نگار جي حيثيت ۾ ڪي ڪي شعر دل کي ايترو نه ڇهن :

ڏنوسين اوهان کي ڏنوسين ڏنوسين،
پڪيءَ دوستيءَ کي مڃيوسين مڃيوسين.

يا وري

ڪنهن جي ٻانهن مروڙي ڏسجي،
ڪنهن جي سر کي ڦوڙي ڏسجي.

ياداشت ۾ ايم. ڪمل جو مهاڳ ڪري بيان ڪيو ويو آهي پر اهو ان ڪتاب جو مهاڳ نه بلڪ ڪنهن ٻئي هنڌ ڇپيل تاثر کي مهاڳ جو نالو ڏنو ويو آهي، اگر ايم. ڪمل جهڙو پارکو ان جو مهاڳ لکي ها ته ان مان نه صرف رهنمائي ملي سگهي ها سنڌس غزل جي ڀاشا سرل آهي، هوُ قدرت جو شاعر آهي ٻولي ٻول چال واري خود دلگير فرمائي ٿو :

ٻولي سادي-عام مروج واري وزن ۾ چند اَهڙا ڪتب آڻيندو آهيان جيئن دل جو اِظهار آساني سان ٿئي.

دلگير ڪيترن شاعرن کان متاثر ٿي اُن ٿات کي ڪٿي شاعري قلمبند ڪئي آهي. نارائڻ شيام ، پريو وفا، وفا جو هيءُ شعر جيڪو هن منهنجي ولائت جي سفرنامي وايون وڻجان جون جي مهاڳ ۾ لکيو آهي :

ويني ويني هو ولائت ۾ وطن ياد آيو،
دور ديوار گهر جو چمن ياد آيو. (وفا)

ساڳي ئي ٿات تي دلگير هن طرح اِظهاريو آهي :

اِئين تہ الڳ الڳ صنفن تي لکيو آهي پر هتي هوُ اُن ۾ پ
وڏيڪ ڪمفرٽيبل محسوس ڪري ٿو. جيءُ جيءُ ڙي جيءُ-ان ۾
ترائيل، وائي ڪانسواءِ سانيٽ ذريعي پنهنجي جذبن جو اِظها
آهي، بيماريءَ جي حالت ۾ سندس شريڪي حيات طرفان پرگه
تي، بيمار جسم ۾ نئين جان پوي ٿي :

منهنجي لاءِ عرش تان تارا بہ چني آڻين ٿي،
ڇا ڏنو مون ۾ اٿئي تون ئي رڳو چاڙين ٿي.

هن مجموعي ۾ طويل ڪوينتا سان گڏ جنهن صنف طرف ڌيان ڇ
ٿو سو اَسم آهي مرثيو پنهنجي پيءُ جي وڇوڙي تي، ان طرح
ذريعي اِظهار سندس همعصر هندو شاعرن طرفان ڪنهن عزيز جي و
تي پڙهڻ وٽان نہ مليو آهي. سنڌ ۾ اُتي جي شاعرن جي اثر هيٺ
آهي. ساڳيءَ طرح اُن تي دوهو بہ لکيو آهي، دلگير جي هن
مجموعي تي نظر وجهنداسين تہ شاهہ جي سُر ساموندي ڪان متا
رچنا لڳي آهي. سندس هڪ هيءُ شعر اِئين لڳي ٿو ڪنهن فلمي
جي ٽاٽ تان کنيل آهي، هن وقت مونکي ٻول ياد نہ ٿا پون پ
سنڌي گيت جو مون ريڊيو تي وڄايو آهي اُن جي ياد ڏياري ٿو-
فرمائي ٿو :

ڪو ٻهانو ڪري ئي ايندي ڪر،
ڪا گهڙي مون سان بہ ڪاٽيندي ڪر.

ٻئي طرح ريڊيو تي وڄيل هن گيت طرف ڌيان ڇڪائيندس
حال اورين جي اچين تون ڪڏهن ڪنهن ٻهاني اچ تہ سهين..
ان مجموعي ۾ جيڪا شاعري آهي ماضي کي ياد ڪندي ب
همقدم ٿي اڳتي وڌڻ، هر حال ۾ خوش رهڻ جو نظريو نظر ايندو،
ياڳي آشاوادي نظريو ڏسڻ وٽان ملندو. اِنساني فطرت تي نانگہ ع
واري ڪوينتا-نانگہ تہ اڪثر ڪارا نانگہ، پر اِنسان سنهري نانگہ،
اڳتي سوال ٿو ڪري تون تہ ڄمڻ وقت اِنسان هئين پر پوءِ اَهڙو ز
نانگہ ڪيئن ٿئين؟

يا وري دهشتگردي جيڪو اڄ جو ٻرندڙ مسئلو آهي ان طرف
سڄاڳہ آهي يا وري ايشور جي آستا تي ايشور آهي يا نہ، آهي تہ ڪ

ڳاه ڪُليا ڳسِ ڳسِ
دل جي ڳالهہ

- رام درياڻي

’ڳاه ڪُليا ڳسِ ڳسِ‘ شاهہ صاحب جي سِٽ آهي دلگير شاهہ جو نيدائي آهي - ان ڪري پنهنجي ڪتاب جو نالو بہ پنهنجي پياري سنت فقير ۽ شاعر جي بيت تي رکيائين.

دلگير جا بہ گروُ آهن. پهريون ڪشنچند بيوسَ جنهن کي اڄ بہ جديد سنڌي شاعر جو پايو وجهندڙ مڃيو آهي. بيوس سنڌي شاعريءَ کي فارسي شعر جي چنبي مان ڪڍي اڄ جي وشين تي شاعري ڪئي. دلگير جي شعر ۾ بہ اها ڳالهہ صاف ڏسڻ ۾ ايندي تہ هن جا شعر هر صنف تي ڪيل آهن.

ٻيو اُستاد هئو نواز علي ’نياز‘ هن صاحب دلگير کي علم عروض شاعريءَ جو فن سيکاريو. دلگير علم عروض گهڻن ٻين شاعرن کي سيکاريو. اڄ ڪالهہ علم عروض جو گيان گهٽ ڏسڻ ۾ اَچي ٿو. ان ڪري آزاد نظم جو واهپو وڌي ويو آهي.

شاعريءَ جو مدار ٻن ڳالهين تي هوندو آهي. پهريون آهي شعر جي جذبات ۽ ٻيو هوندو آهي لفظن جو استعمال.

دلگير جي جذبات تي گهڻن ئي شخصيتن جو اثر آهي. شاهہ لطيف، گرديو ٽئگور، خليل جبران، اميريڪا جو شاعر Walt Whitman جن مان ڪجهہ نالا آهن، خاص ڪري شاه صاحب جي تجنيس حرفي (Alliteration) نمايان آهي.

اهي سڀ شيون جن جو ذڪر ڪيو ويو آهي ’ڳاهہ ڪليا ڳسِ ڳسِ‘ ۾ ڏسڻ ۾ ايندا. ڳاهہ ڪليا ڳسِ ڳسِ هڪ پنهنجي طرح جو بي مثل ۽ يگانو

ڪو اڪين مان آب تو هاري وري وري،
پرديس مان وطن کي تو ساري وري وري. (دلگير)

دلگير ڪاليداس، انگريزي شاعر جان ڪيٽس ۽ ٻين ڪيترن
ڪان متاثر ٿي اُن ئي خيال کي ڪٽي پنهنجي نموني پيش ڪيو
وڏن شاعرن جي اثر ڪان متاثر ٿي ان طرح جي خيال کي پنهنجي
ڍنگ ۾ پيش ڪيو آهي اُن کي شاعر جي ڪمزوري نہ بلڪ جهتي
سگهہ چئي سگهجي ٿو. ڪن ٻرندڙ مسئلن ۽ موضوعن تي بہ اِظهار
آهي جهڙوڪ دهشتگردي، باميان ۾ ٻڌوان ٻُڌ جي مورتيءَ کي
طرفان مسمار ڪرڻ.

دلگير جي ٻولي عربي فارسي ڪان آجي نج سنڌي عام مروج
لفظن جو سهڻو اِستعمال، رواني ۽ شاعري جي ماڻ ماپن تي ڪري
سنڌيت سنڌي تهذيب تمند جي عڪاسي ڪندڙ آهي. دلگير کي
شاعر چئي سگهجي ٿو. سندس سؤ سالن تي منعقد ٿيل سيمينار ۾ پنه
سوچ ۽ وت آهر هيءَ پيتا آهي، موڪلاڻي ناهي.

, Inderpuri, New Delhi-11001/2.
: 09810728440 - 09868377321

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

هيءُ شعر (ترائيل) ڪافي پراڻو آهي جنهن زماني ۾ موبائيل فون ڪونه هوندو هو. مَمِي ناگپور ۾ هئي، پپا آديپور ۾. فون تي ٽرنڪ ڪال بوڪ ڪرڻو پوندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪال لاءِ ترسڻو پوندو هو. جڏهن پپا ناگپور آيا ان وقت چيائون ته 'نانڪي مان ته توکي فون تي به ڏسندو هيس' هڪ دفعو وري اهو ترائيل پڙهي ڏسو ته -

هڪ ٻيو ترائيل هن طرح آهي

هڪ دفعو ئي جي موُن ڏانهن پيرو پرين،
مان گذاريان سڄي عمر گولي ٻڻي،
جي نماڻي تي پنهنجي نوازش ڪرين،
هڪ دفعو ئي جي موُن ڏانهن پيرو پرين.

پير، جي منهنجي چانئٺ تي هيڪر ڌرين،
وار پترائي سيجا بڻايان ڪٽي،
هڪ دفعو ئي جي موُن ڏانهن پيرو پرين،
مان گذاريان سڄي عمر گولي بڻي.

(مول خيال :- شاهہ لطيف)

فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن

هن ۾ خود دلگير لکيو آهي ته مول خيال شاه لطيف جو آهي. پپا روز صبوح جو اٺ ڪلاڪ کن شاه جا بيت ڳائيندا هئا، شاه جي رسالي تي ڳال وني. پپا کي لڳ ڀڳ سڄو شاه جو رسالو ياد هوندو هو - انهن سان ڏ ممي نه ڳائيندي هئي. اهي Recordings اجا تائين اسان وٽ آهن. ي ترائيل شايد شاه صاحب جي هينين بيت کان متعصر ٿيل آهي. اتار نه تون، پيا مڙئي مٺا

مينهن منداڻئا وسڻا، سدا وسين تون
جي گهر اَچين مون، تي ميريائي مان لهان.

هري دلگير کي جي Poet of Nature چئجي ته وڌاءُ ڪونه ندو. انگريزي شاعر Wrodsworth کي بہ Poet of Nature سڏيو ويو

ڪتاب آهي جيڪو هڪ سنڌي شاعري جي نئين صنف تي
جنهن کي دلگير ’ترائيل‘ چيو آهي - ترائيل ڇا آهي - اهو
تہ دلگير جي پنهنجي اکرن ۾ هي ٻُڌجي - ڪتاب جي مهاڳ
کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

ترائيل اَٺن سِٽُن جي ننڍي ڪوتا آهي، جنهن ۾ پهر
جو دهراءُ ٽي دفعا ۽ ٻي مصرح جو دهراءُ ٻہ دفعا ٿيندو آ
حساب ۾ نہ آڻجي تہ باقي پنج سِٽون ئي ترائيل ۾ بچنديون
۾ دهراءُ اَهڙي ڪاريگري ۽ ڪشلتا سان هئڻ گهرجي جو پا
مان لطف حاصل ٿيڻ گهرجي ۽ سندس دل ۾ اُهو احساس
گهرجي تہ اهو دهراءُ بلڪل ضروي ۽ اڻ ٽر آهي. ترائيل
بگڙيل يا بدليل روپ آهي. ترائيل، اصل ۾ اٽليءَ جي ڪوتا آ
انگريزيءَ، اُردوءَ ۽ سنڌيءَ ۾ اَپنائي وئي. ٻين ڪن ٻولين ۾
کي ضرور اَپنايو هوندو.

هن ڪوتا جي هڪ ٻي خاصيت آهي هرهڪ ترائيل
ان جو وزن لڪيل آهي.

دلگير منهنجو پيءُ آهي. ان ڪري مان دلگير جا شع
طرح سان پڙهندو آهيان. ڪوشش اُها هوندي آهي تہ شعر ۾
ذاتي زندگيءَ جو ڪو حوالو ملي ٿو؟ مونکي گهڻائي دفعا ا
آهي تہ گهڻا شعر دلگير پنهنجي زندگيءَ جي آزمودن تي
آهن. هڪ ترائيل آهي.

فون تي مان اوچتو آواز تُنهنجو ٿو ٻُڌا
تُنهنجي چهري کي نہ ڏسندي پي سگهان ٿو جڇ ڏس
روپ تُنهنجو، رنگ تُنهنجو دل ۾ ٿو ڦرندو ڏِسا
فون تي مان اوچتو آواز تُنهنجو ٿو ٻُڌا

تُنهنجي خوشبو ٿو سِنگهان، ماڻيان ٿو تُنهنجي مُرڪ ما
منهنجي پرسان آنهہ تون، توڙي گذارين دوُر ٿي
فون تي مان اوچتو آواز تُنهنجو ٿو ٻُڌا
تُنهنجي چهري کي نہ ڏسندي پي سگهان ٿو جڇ ڏس

بند بِجلي تہ بند ٿِي وِي پِي،
اَڄ تہ اَخبار پِي نہ آئي آهہ،
ڊوُب ايڪانت اَڄ ملي ويندي،
بند بِجلي تہ بند ٿِي وِي پِي.

ڪا ڪويتا نئين لکي وٺبي،
ڪيڏي قدرت ڪئي پِلائي آهہ،
بند بِجلي تہ بند ٿِي وِي پِي،
اَڄ تہ اَخبار پِي نہ آئي آهہ.

جڏهن بجلي بند ٿيندي هئي تہ چوندا هئا تہ اَڇو ’ڪاري جي راڻي‘ راند ڻا ڪيون ۽ ان راند ۾ ڪافي نَڱي بہ ٿيندي هئي؛ جيڪا گهڻو ڪري پپا ڪندا هئا ۽ جام ٺهڪڙو بہ ٿيندو هو.

پپا ۽ ممي اڪثر مون وٽ ناگپور ۾ اَچي رهندا هئا. جڏهن واپس ويندا هئا تہ هاوڙا (Howrah Express) ۾ اَحمدآباد ويندا هئا. اها ريل اڪثر دير سان هلندي هئي. مان پپا ۽ ممي کي وٺي ناگپور اسٽيشن تي ستين بجي پهچي ويس - ريل جو ڇٽڻ جو وقت ساڍا ست بجا هو، ريل وئي ليٽ ٿيندي، آخرڪار رات جو 11 بجي ڇٽي. 4 ڪلاڪن کان مٿي اسٽيشن تي وهڻو پيو. ان پريشانيءَ جي حالت ۾ دلگير شاعر جاڳي رهيو هو ۽ هي ترائيل پڪ پڪ ان وقت جو لکيل آهي.

موُنکي هر هر ٿا چون، ٽرين اَچڻ واري آ،
پر اجا ٽرين جو ٿاڻو نہ نڪاڻو آهي،
وقت گذري نہ ٿو، ڇا ڪيس ڪا بيماري آ،
موُنکي هر هر ٿا چون، ٽرين اَچڻ واري آ.
وقت جي پيرَ ۾ زنجير بَڌل ڀاري آ،
ڏاند جان وينو ڦران، وقت بہ گهاڻو آهي،
موُنکي هر هر ٿا چون، ٽرين اَچڻ واري آ،
پر اجا ٽرين جو ٿاڻو نہ نڪاڻو آهي.

دلگير هڪ روحاني (Spiritual) طبيعت جو مالڪ آهي پر هُن ب رينين رسمن (Rituals) ۾ گهڻو وشواس ڪونہ هو. ڀڳوان ۾ وڏو

آهي. Wrodsworth جي مشهور شعر Daffodils جي هڪ Stanza
تو.

Wandering lonely as a cloud
That floats high over vales and hills
Wheh all once I saw a crowd
A host of golden daffodils

Fluttering and dancing in the breeze

شاعر پاڻ کي هڪ ڪڪر تو سمجهي ۽ هيٺ زمين
قدرت جو ڪرشمو ڏسي تو ان جو بيان ڪري تو.
دلگير جو هي ترائيل ڏِسو جنهن ۾ شاعر چنڊ سان ڳالهيو
رهيو آهي.

چو اَڙي چنڊ، هلين تو تيڏانهن،
آ ۽ جيڏانهن وڃان تون به هلين،
پير منهنجو تو کَڇي پيو جيڏانهن،
چو اَڙي چنڊ، هلين تو تيڏانهن.
آ ۽ هوڏانهن وڃان يا هيڏانهن،
چُپ ئي چُپ مون سان تون ڳڏجي تو گُهمين،
چو اَڙي چنڊ، هلين تو تيڏانهن،
آ ۽ جيڏانهن وڃان تون به هلين.

فاعلاتن فعلاتن فعلن (فعلات)

’ڳاهه کُليا ڳِس ڳِس‘ ۾ قدرت سان ڳالهين وارا ڪافي ترائي
دلگير کي هڪ سُک درسي شاعر تسليم ڪيو ويو آهي
ڏُک ۾ به سُک ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪيترا دفعا ا
واتان پڌو ته ‘This will also passaway‘ هيءُ به گذري ويندو
ترائيل ۾ به اَهڙي ڳالهه چيل آهي. لائيت بند تي وئي آهي. ع
مايوس تي ويندو آهي، پر دلگير جي تخيل جي پهچ ڏسو ته
پهچي.

پوپٽ وانگر پيار ڪريان ٿو
سونهن ڏسان ٿو
رس بہ چکيان ٿو.
ان خيال تي هتي بہ ڪجهہ ترائيل ملن ٿا.
عمر وڌي تي مان نہ وڌان ٿو،
دل جو جوڀن قائم آهي،
لکڻ پڙهڻ ۾ لِيڻُ رهان ٿو،
عمر وڌي تي مان نہ وڌان ٿو.

پونئرو ٻڻجي لطف وٺان ٿو،
دل جو گلشن قائم آهي،
عمر وڌي تي مان نہ وڌان ٿو،
دل جو جوڀن قائم آهي.

ڳاه ڪُليا گس گسِ' ۾ ڪل 83 ترائيل آهن انهن ۾ آخرين ترائيل هيٺ
ـل آهي. اوهان پاڻ ئي اندازو لڳايو تہ هي ترائيل آخر ۾ ڇو ڏنل
ـي.

هاڻ مان ننڊ ڪرڻ چاهيان ٿو،
روز جان سارَ لهج او سائين،
دل ڪي پيتا ۾ ڌرڻ چاهيان ٿو،
هاڻ مان ننڊ ڪرڻ چاهيان ٿو.
سائين مان تُنهنجي شرڻ چاهيان ٿو،
شال هي لفظ پُڄن تو تائين،
هاڻ مان ننڊ ڪرڻ چاهيان ٿو،
روز جان سارَ لهج او سائين.

1-Naresh Apartments, Clarke Town, Nagpur-440004
M. : 919822229669

وشواس هو پر مندرن ۾ گهٽ ويندا هئا. گيتا ۽ جپ صاحب سن
ترجمو ڪيائون. شاه صاحب جو پاٺُ روز ڪندا هئا. مونکي بہ چو
تہ دل ۾ درشن ٿيڻ کپي، باقي ٻاهر ڇا رکيو آهي. شاعر جي
هنن ٻن ترائيلن مان صاف ڏسڻ ۾ ايندي.

اِنسانن ئي ڍڱون خلقيو،
مُورت ناهي هٿ جوڙيائون،
بوتو ناهي تنهنکي پوڄيو،
اِنسانن ئي ڍڱون خلقيو.
بوتو سرووياپڪ ٿي پيو،
شِوَ وشنوءَ جا نانءَ ڏنائون،
انسانن ئي ڍڱون خلقيو،
مُورت ناهي هٿ جوڙيائون.

آدمي هلي وَيو، پو(ءِ) سُڱن ۽ ساٿ ڇو،
دانُ پنُج حيات ۾، جو ٿيو سو نيڪ ٿيو،
هاڻ ڏيک ويک لءِ آهہ ناٿ ٻاٿ ڇو،
آدمي هلي وَيو، پو(ءِ) سُڱن ۽ ساٿ ڇو.
هُتِ گروُ جو ساڻ آ، هتِ گروُءَ جو پاٺ ڇو،
پاڻ جو هٿن سان خود ڪري ويو سو نيڪ ٿيو،
آدمي هليو ويو، پو(ءِ) سُڱن ۽ ساٿ ڇو،
دانُ پنُج حيات ۾، جو ٿيو سو نيڪ ٿيو.

هڪ مزي جي ڳالهہ وندڻ چاهيان ٿو. پپا کي ڪوئي ٻڍو
هو تہ ڪاوڙجندا هئا. روز هڪ ڪلاڪ يوگا ڪندا هئا ۽ 4، 5، ڪ
پنڌ ڪندا هئا ۽ پاڻ کي تندرست رکندا هئا. ٻڍاپي تي هنن
شعر لکيا.

پوڙهو؟
پوڙهو هوندين تون ئي پاڻ
آنءُ تہ آهيان سدا جوان
مان هن جيون ڦلواڙيءَ ۾

دلگير جي شاعريءَ ۾ قدرت جو چٽ

- سريتا شرما

کوڏ-ماڪ ڦڙا-موڄ ڪئي مهراڻ-جهنگلي گُل-لهرن لڪ لباس-
اَڪيلو چنڊ-صبح جو سهاڳ-وڻ وڻ ۾ وايون-گاهه ڪليا گس گس.

شاعر دلگير جي شعري مجموعن جا هي عنوان پڙهي اَندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن جي دل جي تار قدرت سان ڪيتري قدر جڙيل هئي.

قدرت جي سونهن ته هن وشال جڳت ۾ جتي ڪٿي پکڙي پيئي آهي. نديون ۽ پهاڙ-سنگيتميه جهرڻا، بادل ۽ برسات، گل ڦل، وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا، ريگستان، پکي ۽ پرندا سڀ سرشٽيءَ جا دل لڀائيندڙ انگ آهن. جيڪي پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا سان ڪوين شاعرن جي دلين ۾ اُمنگ پئدا ڪري ڪين شعر لکڻ لاءِ آماده ڪن ٿا. سنڌ جي ساهتڪار تنوير عباسيءَ جي چوڻ موجب ''هڪ عظيم شاعر ۽ فنڪار ڪائنات کي عام ماڻهوءَ کان ٻيءَ طرح محسوس ڪري ٿو. هوُ ڪائنات جي ٻوڙهي مشاهدي مان پنهنجي تيز حواسن سان اَهڙا ته تجربا ٿو حاصل ڪري جو اُنهن کي عام ماڻهو هوندي به پهچي نه سگهي، پر شاعر جي بيان جي طاقت ۽ اُنهن تجربن جي ٻيهر تخليق ڪرڻ جي قوت ئي آهي جيڪا عام پڙهندڙ يا ٻُڌندڙ کي شاعر جي اِها عام ماڻهوءَ لاءِ اَڻ ڏٺل ۽ اَڻ ٻُڌل، اَڻ ڇُهيل ۽ اَڻ محسوس ڪيل دنيا تي ڏيکاري ۽ محسوس ڪرائي ۽ هوُ شاعر سان گڏوگڏ اُن دنيا کي محسوس ڪندو ۽ اُن جو مزو ماڻيندو ٿو هلي.''

شاعر دلگير به نه صرف پاڻ قدرت جو آنند ورتو آهي پر پنهنجي شعرن ذريعي ٻين کي به آنند وٺايو آهي. چوي ٿو :

هر گهڙي پيارو پيارو روپ،
گلن، لهرن ۽ تارن ۾،
وڄن ۾ ڪڪرن ڪارن ۾،
زندگي پيارو پيارو روپ،

TRIBUTE TO PAPA AND MUMMY
rom BELA NAGRANI - Granddaughter of
Hari Dilgir & Nanki Daryani

پيارا پپا

اَڄُ جو ڏينهن آهي خاص، چئني پاسي توهان جو ئِي احساسُ
خوشيوُن آهن گهڻيون، پر ٿورو آهي غم جو بہ واسُ.
گهڻو وقت گذري ويو،
پر ائين ٿو لڳي، آهي ڪلهہ جي ڳالهہ.
ننڍا ننڍا ٻار هئاسين، توهان جي گهر اَڱڻ ۾ وڏا ٿياسين،
گيت پروليون راند مسخريون، سڄو ڏينهن کلڻ جا ٽهڪ ڏنا
ٻگ ممي ڻاهيا، ٿمي پڪوان،
روز شربتُ، مِٺي لولي، ڀُڳل مَٽن ۽ موهن ٿالُ.
ڪاري جي راڻي ياد اَچي وئي،
چيٽنگ اَسان جي، سدائين پڪڙجي وئي.
شام جي آرتي، اَجا بہ ياد آ،
جِنهن جا ٻول 'داتا دين ديال'.
سڄو ٻچپن اَکينُ اڳيان گذري ويو،
پر ائين ٿو لڳي بس ڪلهہ جي آ ڳالهہ،
اَڄُ جو ڏينهن آهي خاص، چئني پاسي توهان جو احساسُ.
اَڄُ ننڍا ننڍا ٻار اَسانجا،
ھُنن کي بہ، احساسُ توهان جو،
ڪتاب، آکاڻيون گيت پروليون،
آهي پڙهي، توهان کي سُڃاڻو.
چئني پاسي اَجا توهان جو احساسُ،
خوشيوُن آهن گهڻيون، پر ٿورو آهي غم جو بہ واسُ.

apa ...
ough I am for away ......
s if you are just aas pass. (Bela)

پاڻ چتيءَ سان تو ڏکيان،
واءُ مگر ٻلوان.

متي ڏنل هرهڪ تيڙو (هائڪو) ۾ ڪونه ڪو سهڻو شبد چتر اکين
ڳيان اُڀري بيهي ٿو. پوءِ اُها تصوير جهڪيل وڻ جي آهي يا ڪنڊن
ي ڪريل شبنم جي يا تيز واءَ جي مخالفت رخ ۾ چتيءَ سان ويندڙ
سافر جي آهي، جو ميڻهن سان مقابلو پڻ ڪري رهيو آهي.

دلگير جي رچنائن ۾ رات-ڏينهن، صبح-شام جا اَنيڪ رنگ نظر
يندا- هن جي زندگي جڻ ڪائنات سان لاڳاپيل آهي.

صبح جو ڪوئل ڪوڪ تي ڪري، مونکي جاڳائي،
جهڳٽن مان بلبل ڳائي، جيءُ منهنجو بهلائي،
هير ڪري تي ڪن منهنجي ۾ ٻاراٽي ٻولي،
مان قدرت جي راڻي.

ڏينهن جو قدرت من تي بهلائيس نہ رات جو وري چنڊ تو اِشارا ڪريس.

آڪاش مان اي چنڊ، اِشارا نہ ڏي اِئين،
ٻڻجي چڪور چاهہ مان، نڪري پوان مان.

بهار جي مند نہ جڻ شاعر لاءِ قدرت جو ڏنل نذرانو آهي. بسنت مند
جڻ تي ڪوئل جو پنچم سر ۾ آلاپيندڙ منڙو آواز سيني ڪي موهي ٿو.
جتي رواجي ماڻهو ڪجهہ پلن لاءِ اُن مان خوشي ءِ آنند حاصل ٿو
ڪري، اُن جو حساس دل ڪويءَ جي جذبات جي نمائندگي ڪرڻ ۾،
ندس آنڊ-مانڊ ڪي آواز ڏيڻ ۾ سندس اَحساس ڪي لفظي جامو پهرائڻ
قدرت پريرڻا جو سرچشمو ٻڻجي ٿو. دلگير بہ بهار جي مند لاءِ چوي
:

جهوم ۾ آ صبا، مؤسم بهاري جهوم ۾،
ڦول خود آ جهوم ۾ ءِ تاري تاري جهوم ۾،
مان بہ تنهنجي ناچ گهر ۾ جهومندو نچندو رهان.

دلگير قدرت جي سونهن جو ڪوي جنهن ڪي بهار جي مند موهي ٿي
ڪيس سرءُ جي سونهن بہ گهٽ نٿي لڳائي پن جڻ جي مند لاءِ لکي ٿو:

پيلن پنن ۾ سونهن سرءَ جي عجيب آ،
چم چم سان تن جو ناچ، سندن راڳڻِي حسين.

هر گهڙيءَ پيارو پيارو روپ.

قدرت جي اِظهار جا سڀ نمونو دلگير اَپنايا آهن. برسات جي مُند ج
لطف وٺندي، بوندن جو آواز ٻُڌي دلگير کي لڳي ٿو تہ ڪا اَپسرا بادل
مان سوين ساز وڄائي، پنهنجي جادوءَ سان ڪلين کي گل بڻائي، فرش
تي سبز غاليچا پئي وڇائي، رڻ پٽن، ريگستانن ۾ بہ نئون ساهہ اَچي ٿ
پوي. وڻن جون ٽاريون جڻ ڇيڇ پيئون هڻن. پن پن مشڪي پيو. پکي
منيون لاتيون پيا لنون. آسمان ۾ اِندلٺ پنهنجا رنگ پيئي پکيڙي
اِهي نظارا ڏسي دلگير چوي ٿو :

(1) ڪنهن اِندلٺ تي سئر ڪري دل ليائجي،
رنگن جي ڏوپ ڇانوَ جي دؤلت لٽائجي.

(2) رم جهم ميگهہ ملهار،
جڻ بن ۾ ڪنهن سندريءَ،
ڇيڙي آهي ستار.

برسات ۾ وڄ جا وراڪا ڏسي کيس لڳي ٿو :

پڪ بادلن ۾ ناچ نچي تي ڪا نازنين،
آيا ڪٿان ڪنوڻ ۾ هي جهلڪا شباب جا.

سانوڻي برسات پاڻ سان نعمتون تہ کڻي تي اَچي پر اِن جا وڏڦڙ
وسڪارا ڪيترن لاءِ دکہ جو باعث پڻ بڻجن ٿا.

ڊنڊون ڊورا ڦوڪيا ڦاٽا، جڳہ جلمئہ تيو سارو ري،
گهرڙا خوب ڪرن ٿا، ڦهہ ڦهہ ۽ ڦهڪارو ري.

جهڙيءَ طرح هڪ چترڪار پنهنجي برش سان تصويرن ۾ رنگ پريند
آهي تهڙيءَ طرح دلگير پنهنجي قلم سان قدرت جي الڳہ الڳہ روپن
جون تصويرون اُڪيريون آهن.

(1) ٻڙ جو ٻڍڙو وڻ/جهڪي پيو آ هڪ طرف،
ڪري بندگي جڻ.

(2) گل هڪڙو پيي ناهي،
پر هرهڪ ڪنڊي مٿان،
اَٽڪيل شبنم آهي.

(3) مينهن تکو طوفان،

وپ بدلجي سندر سهانو مننار روپ بڻجي تو وڃي. اُن دلڪش روپ جو
نن دلگير هن ريت ڪيو آهي :

سنڌڙي سنواريندي اَچي،
جڳ جڳ جيئاريندي اَچي،
رڳ رڳ کي ٺاريندي اَچي،
جيون اُپاريندي اَچي.

هن ڪويتا ۾ دلگير لفظن، لئه ۽ تال جي اَهڙي ڪاريگري بيان
ڪئي آهي جو پڙهندڙ پاڻ کي مؤجن جي مهراڻ ۾ ترندو محسوس ٿو
ڪري. ندي ۽ ساگر دلگير جا جڄ دوست آهن. ٿپ ٿپ تي هوُ هنن مان
يون جيئڻ جو ڏانوَ ۽ من جي مؤج ماڻي ٿو.

منهنجي من ۾ ڇلڪي پيو آ مستيءَ جو مهراڻ،
ڪاش سيني کي مؤج وٺارايان، اَندر ڳهلي ساڻ.

ساگر تہ وسيع ۽ وشال آهي. اڻ ڳڻ ڇوليون پيون ڇلڪن. پر پياسي
ي پياس بجهائڻ ۾ قاصر آهن. اُن کي بہ دلگير ذڪر هيٺ آندو
ي.

جيڏي هستي هوند آ، تيڏي آ اَڻ هوند،
کارو سارو سمنڊ آ، ڪانہ ملي هڪ بوند.

وڻ، ٽڻ، ٻوٽا، چراگاهہ قدرت کي اَديت سندرتا ٿا بخشين. دلگير
بہ اِنهن سان پيار آهي ۽ هڪ وڻ هجڻ جي خواهش ٿو ظاهر ڪري:

ڪاش هجان ها رستي تي هڪ درخت ڇايادار،
سيتل ڇايا، مٺڙا ميوا، سيني لاءِ هزار.

اَڄ ماڻهوءَ جو مسئلو اِهو آهي جو هوُ قدرت کان پري ٿيندو ٿو وڃي.
دڙ آدمشماريءَ ڪري وڻ، جهنگل، جبل، ٻنيون ناس ڪري شهرن ۽
رخانن ۾ تبديل ٿيندا ٿا وڃن. اِنسان خودغرض بڻجي ويو آهي.
نجي سهوليتن لاءِ ساوا سبز وڻ ڪٽيندو ٿو وڃي. جڏهن ڪو وڻ
جندو ٿو ڏسي تہ دلگير جي دل مان دانهن ٿي نڪري.

نهٽي آهي نئين سڙڪ ڇپائون،
سبز وڻ کي ٿي وڍيائون.

دلگير لاءِ تہ دنيا جي هر شيءِ ڪويتا آهي. تڏهن تہ چوي ٿو-

هتي ڪوي جي من جي ڪيفيت معنيٰ تي رکي. من جي مايوس
آهي تہ قدرت جو ڪوبہ نظارو روح نٿو ريجهائي.

پن پن ناچ نچي پيو، گل ڦل ڏي سُرهاڻ،
رس نہ ڏين سي روح کي، من ۾ جي مانداڻ.

قدرت ڪوين کي اَديت پريرڻا ڏيئي، اُنهن جي اَندرئين شاعر کي
سجاڳ ۽ سجاڻ رکي، کين لکڻ لاءِ اُتساهت ڪيو آهي. قدرت جو مطلب
پوري ڪائنات، پر گهڻو ڪري وڻ-ٽڻ، جانور، پکي، نديون، سمنڊ
آسمان جا نظارا، اِنهن کان ئي پريرڻا حاصل ڪري ڪوي سرجن ڪري
ٿو. دلگير اَصل کان قدرت جو ڪوي آهي، پرڪرتي هن جي پريمڪا
ماتا ۽ پوڄا يوگيہ گرو بہ آهي. هوُ قدرت وٽان قيمتي نصيحتون، آدرش
۽ اَصول بہ حاصل ڪري ٿو.

(1) جفاڪش نديءَ جهڙي جريت کپي،
ڪکر مثل شاهاڻي شوڪت کپي،
عجب ڦول جي نيڪ خصلت کپي،
پکيئڙي جي آزاد عادت کپي.

(2) چنڊ ستارن جي مٿان، اَچن روز پيغام،
اَچڻي هن سنسار ۾، اوندهہ ناهہ قيام.

قدرت جي سونهن ۾ ندين کي گهڻي اَهميت آهي. اُنهن جي ڪلڪ
۽ چنچل، مسلسل اڳيان وڌندو رهڻ شاعر جي احساس کي جاڳائي شع
لکڻ جو اُمنگہ تي پيدا ڪري. شاعر دلگير جي سنڌو نديءَ جي الڳ
الڳہ روپن تي لکيل ڪويتا ڪافي مشهور ۽ مقبول آهي. هن ڏکهيءَ رچ
۾ دلگير سنڌوءَ جو ڦهريون اُهو روپ ڏيکاريو آهي، جڏهن اُها پربتن
تان زوم سان وهندي ٿي اَچي.

رعل وانگر رڙ ڪندي،
هئن برق وانگر ڪڙڪندي.

اُن ڪانپوءِ،

وحشت پکيڙيندي اَچي،
ٽڪرن کي ٽوڙيندي اَچي.

۽ سنڌو جڏهن ميدانن ۾ تي اَچي پهچي ٿي تڏهن هن جو اهو پيار

جي پرواز خواهہ اَنيوي آزمودن سان قدرت جا راز کولي، زندگيءَ جي کڙٻڙ ۾ اوکين راهن کي سنواري عام راهگيرن جي رهنمائي کري ٿو ۽ اونداهين واٽن کي روشن کرڻ لاءِ پنهنجي وسان کين گهٽائي ٿو.''

دلگير جون رچنائون آس ۽ اُميد سان ڀريل منڙا منڙا سپنا اُڏيندڙ آهن. مشهور شاعر نارائڻ شيام، اَياز ۽ دلگير جي ڀيٽ کندي لکيو آهي :

آهي شعر اَياز جو چٽ چانڊوکي رات،
۽ کويتا دلگير جي رنگہ رتي پرڀات.

اِن ۾ کوبہ وڌاءُ کونهي تہ دلگير قدرت جو کوي آهي. اِهو اِنکري جو هن جي هر شعري مجموعي ۾ قدرت سان وابستہ شعر ضرور ملندا. کويتا جي هرهڪ فارم ۾ هن قدرت جا چٽ چٽيا آهن. شايد هاڻي بہ شعر لکندو هجي. پاڻ ئي ٿو چوي :

اگر پڇن کي ميت،
چئجو هوُ پرلوڪ ۾،
لکندو آهي گيت.

Flat No. 551, Atlanta Hiranandani Estate,
Patli Pada,Ghodboudal Road, Thane (W)-400607.
M.9967550497

ماڻهو پربت وڻ،
جيت جانور ۽ پکي،
آهه ڪويتا چڻ.

قدرت ۽ شعرن جو اَتوٽ رشتو آهي. ڪائنات دلڪش ۽ اَندر ۾ جذبا
جاڳائيندڙ آهي. دلگير قدرت جو پڪو شائق آهي. هوُ دل کولي پرڪرتي ۽
سان پيار ڪري ٿو. اُن جي گود ۾ ليٽي من کي موُج ۽ تن کي تراوت
ڏئي ٿو. پر قدرت جو هڪ ٻيو به ڦهري روپ آهي، جيڪو اِنسان جي
زندگيءَ ۾ اُٿل پٿل مچائي، بربادي‌ءَ جي گهيري ۾ آڻي ڇڏي ٿو
سوڪ، ٻوڏون، زلزلا، باهيون قدرت جا دل دهلائيندڙ روپ آهن. سچو
ڪلاڪار مڙني روپن کي ذڪر هيٺ آڻي ٿو ۽ پنهنجي سوڪيم جاچن
جي ڄاڻ ڏئي ٿو. مهان ڪوين جي رچنائن ۾ قدرت جا اِهي ٻئي روپ
نظر ايندا. دلگير به قدرت جو صرف سهڻو روپ اَسان اڳيان ڪين رکيو
آهي پر اُن جي ڀيانڪ روپ کي به پيش ڪيو آهي. 26 جنوري 2001 ۾
جيڪو زلزلو آيو، تنهن سڄي هندستان کي ڌوڏي ڇڏيو. خاص ڪري
ڪڇ ۽ گجرات ۾ ته جنسي وٿل ٿي ويو هو. سوين گهر ڊهي پٽ ٿي ويا
هزارن ۾ ماڻهو اُنهن جي هيٺان دٻجي ويا. اِسڪولن ۾ 26 جنوريءَ جو
جشن ملهائڻ لاءِ ويل ٻارڙا ٻڙن ۽ سرن جي هيٺان دٻجي هميشه لا
خاموش ٿي ويا. اِنَ ڪليجو ڪنبائيندڙ منظر جو ذڪر پنهنجي ڪوين
۾ هن ريت ڪيو آهي.

ڌرتيءَ جي ڌوڏن مٿان پاتالي گجگوڙ،
جڻ ته هئي آڪاش ۾ پاتالي ڊڪ ڊوڙ،
شو جو تاندو ناچ هو، جنهن جو اَنت نه توڙ،
پٽ پٽ مان اُڏرڻ لڳا، پٿر لڪ ڪروڙ،
هاڻي ڪريو ڄاڪوڙ، ملبن مان ماڻهو ڪڍو.

دلگير لاءِ قدرت هڪ قيمتي ڪتاب مثل آهي، جنهن مان نت نوا
سبق پيو پرائي ۽ اُنهن پرايل آزمودن جو نچوڙ آهن سندس ڪويتائون
قدرت جي هرهڪ روپ کي دلگير جاچيو پرکيو آهي ۽ پوءِ پنهنجي
سهڻي سلوڻي ۽ سادگيءَ ڀري ٻوليءَ ۾ اُنهن کي لفظن ۾ پريو آهي. 'موُ
ڪئي مهراڻ' ڪتاب جي مهاڳ ۾ دلگير لکي ٿو. ''شاعر پنهنجي تخيل

۽ پنهنجين رچنائن ۾ سونهن جي ڀرپور اوٽ ڪئي. يوروپ جي ساهت ۾
وري جماليات، افلاطون، اَرسطو، پِلُوتِينس وغيره ڪيترن ئي مُفڪرن ڪان
اج تائين ڪيئي وادن جي گهيري ۾ رهي، جڏهن تہ جماليات ڪنهن ”واد“
ڪي بہ نٽي مجي، جماليات ڪنهن مخصوص خيال جِي پيدائش ڪانهي.
ڪنهن بہ ويچارڌارا سان ٻڌجڻ سان، رچنا تخليق بجاءِ پرچار بڻجي ٿي
وي. خيال جي سطح تي، رچنا جو خود مُختيار هئڻ رچنا جي جياپي لاءِ
ضروري گُهرج آهي . خودمُختيار خيال جي نُهرائپ رچنا کي ديرپا بڻائي
ي. جماليات وقت جي ڪنهن گهيري کي بہ نٽي قبولي. وقت سان سونهن
ا ماپا بدلجي سگهن ٿا. اڄ، جا چيز سندر لڳي ٿي، ضروري ناهي تہ
ياڻي اُها پنهنجي ڪشش قائم رکي سگهي. سونهن جو احساس ڏسندڙ
ي اک ۾، محسوس ڪندڙ جي دل ۾ هوندو آهي. درحقيقت، جماليات جي
ياس کان، جماليات جي چيتنا وڌيڪ اهم آهي. چيتنا ئي، جماليات کي
جاڻي ٿي. جئن تہ هر ڪنهن شخص جي چيتنا پنهنجي پنهنجي آهي،
ڪري، سونهن جو احساس بہ هرڪنهن جو علحدو آهي. اِنساني احساس
م ڏڙڪندڙ زنده هستي (entity) آهي، اُنکي ڪنهن پدارٿ سان پيٽي
سگهجي. اُن مان صرف آنند پرائي سگهجي ٿو، صرف آنند، اُن مان ٻي
تقاضا رکڻ اُنتي ٻاهريون اڻ چاهيل دٻاءُ ٿيندو، جيڪو قبولي نٽو
هجي. هڪ سِتي وصف کي مججي تہ اِئين چوڻو پوندو تہ ساهت ۾ آنند
ڙکو بہ جُزو، سندر آهي، جماليات سان وابستہ آهي.

دِلگير صاحب جي شاعريءَ ۾ جماليات جي ڪيترن پهلن جي
ڪ ملي ٿي. منهنجي سامهون هُن جا جيڪي ڪتاب آهن اُنهن مان بہ
ڪِن مان، ڪي جُزوي مثال ماڻيندي وقت پورو ٿي وڃي، سيمينارن
ت جون محدودگيون جتي ڪٿي ربڪائون ڌوري ڇڏينديون آهن.

دِلگير جي ڪوتا ۾ جماليات

واسديو موهـ

هري دِلگير اسانجي وقت - ويهين صديءَ جو - پايي جو شاعر مڃيـ ويو آهي. هُنکي مُڪمل شاعر چئجي تہ غلط نہ ٿيندو. هُن شاعريءَ جي ڪيترن ئي گهاڙيٽن (forms) ۾ قلم آزمائي ڪئي ۽ ڪيترن ئي گهاڙيٽن کي پنهنجين تخليقي رچنائن سان سِبر ڪيو. مان جيڪر هُنجي رچنا سنسار کي سموريت ۾ ڏسان، پر ڊِزن کن شاعريءَ جي ڪتابن ۾ صرف ليئو پائڻ ئي ڪلاڪن جا ڪلاڪ وٺي ڇڏيندو، جيڪو عمل هتي مُمڪ ڪونهي. بهرحال، مونکي ڏنل وشيہ بہ مون لاءِ دلچسپ آهي جو منهنج عقيدو آهي تہ جماليات، شاعريءَ جو روح آهي، باقي، جسم تي ويس وڳا جام ملندا آهن.

جماليات کي ڪيترين ئي وصفن سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، ماضيءَ ۾ توڙي حال ۾، پر جماليات کي ڪا حدبندي منظور ڪانهي. ڪا بہ حدبندي، جماليات جِي بُنيادي خَصلت سا اَٽنهڪندڙ آهي. ڀارتي چِنتن ۾ سونهن کي پرم برهم جي اَلوڪِ (divine) شڪتيءَ سان جوڙيو ويو، اِئين مڃيو ويو تہ ايشور ئي اَنن سونهن جو سروپ آهي، ماديت کان بلڪل دور. ڀارتي ڪاويہ شاستر ۾ سونهن کي "رس شاستر" جي گهيري ۾ رکيو ويو ۽ اُنکي بہ اَننت شڪتي سان جوڙيو ويو. رس وادي مڃتائن مطابق، النڪارن بنا ڪاويہ جي سندر مُمڪن ئي ڪانهي. نتيجو اهو نڪتو جو ماديت کان دوري ۽ اَننت برهـ جي سوڪيم سروپ لاءِ شرڌا، آستا هئڻ سبب، شروعاتي ڀارتي ساهت سونهن جو چِٽُ مُڪت روپ سان نہ آيو. پر ڪاليداس اِن پرمپرا کي توڙ

ڏرتيءَ منجهان اُڪيڙي ڇڏجانءِ
۽ مان چُپ چُپ ڏسندو رهندس
گهاوَ مڙيئي سهندو رهندس

وات مان اُف پي نہ ڪندس،
۽ تون مونکي آگ ڏَئي
سرديءَ ۾ هٿ گرم ڪجانءِ.

(ص 50)

سِيسراتَ نڪري ٿا وڃن، قدرت جي خود ڪي قربان ڪندي، سدا
ڏيندڙ رُوپَ ڪي ڏسي.

پيار جو هر پاوَ جماليات سان جُڙيل پاسندو آهي. اِن پاوَ
شاعريءَ جا پنا پرپل ملندا. دِلگير صاحب تہ رُومانوي طبيعت جو مالڪ
هتي مان هڪَ غزل مان ڪي شعر ڏيان ٿو.

وار ڪارا جڏهن ڪنديريئہ ٿي،
رات جِي سونهن مات ٿي ويئي.

شعر بلڪل روايتي آهي، تشبيهہ ڪارا وار - رات بلڪل چپاڙيل،
ن بہ نواڻ ڪان دور، لڳندو تہ غزل ۾ ڪو پرتُو شعر آهي، پر اُن ڪانپوءِ بہ
ڪمال ٿا ڪري وڃن:

سينڌ تنهنجيءَ ۾ ليڪ آهي سنئين،
دوُر هر مشڪلات ٿي ويئي.

تنهنجي آهٽ ٻڌم صبوح سمي
بيٺي بيٺي ئي رات ٿي ويئي

شروعات دِلگير صاحب جي ساهتيہ اڪادمي انعام يافتہ ڪتاب ”پل پل
پرلاءُ“ (1977) سان ڪريان. اُن ۾ هڪ نظم آهي ”عورت جو ساٿي آئين
اُن نظم ۾ صرف هڪ لفظ ”ديرينو“ سڄي خيال کي هڪ نئون موڙ ڏي
اسانکي مُرڪ ڏيئي ٿو وڃي. اسين ڄاڻون ٿا تہ آئينو ڦاٽوڙو ڏهل ٿي
آهي، سڀ ڪجھ صاف صاف ڇٽي ڏيندو آهي، پر هِن نظم ۾ آئينو ڪ
نٿو ڪُڇي، عورت جا سفيد وار، چهري جا گُهنجَ سڀ دل ۾ ٿو رکي:

هوءَ گُهنجُ لڪائيندي آهي
هوءَ وارُ سفيد ڪندِي ڪارو
آئينو ڄاڻي ڳُجھ سارو
ڪنهن سان نہ ڪڏهن ڪجھ ڪَهندو آ
سڀ دل جو دل ۾ رکندو آ
عورت جو ساٿي آئينو
آئينو بلڪل ديرينو

(ص

هن نظم جي رواني، لئہ بہ جماليات جي اثر کي سوايو ڪري ٿي.
صرف مُرڪ جماليات جي ضامن ڪانهي. ڪڏهن پيڙادائڪ ح
بہ دِل کي ڇُهي ويندِي آهي، ۽ اِنسان لاءِ قدرت جي قرباني جماليات جو
ڦيري وٺندي آهي. اُن ئي ڪتاب ۾ هڪ نظم آهي ”گُلن جو ٻوٽو“. اُن ۾
چوي ٿو توهان ڪجھ ڪِڇرو، ڪجھ پاڻي ڏيو مان توهانجِي جهول
سان ڀِري ڇڏيندس، توهانکي سُرهاڻ سان واسي ڇڏيندس، پر جي اِ
ڏنوَ تہ مان ڪنڊا ٿي پوندُس:

اُن حالت ۾:
بيشڪ مونکي توڙي ڇڏجانءِ

(وڻ وڻ ۾ وايون ص ـ 71)

تڏهن وطن ۾ نہ ٻاڻ سمجهون
وجي ٿو وسري وطن ۾ ناهيون

(پل پل جو پرلاءُ ـ ص 86)

ڏڙيءَ لاءِ اچا/سبز سِڪَ جو سلو" (وڻ وڻ ۾ وايون ص ـ 79) بہ سنڌ جي
ڳالهہ ٿو ڪري. اِن ئي حوالي ۾ هڪ ٻي پيڙا جِي ڳالهہ ڪري وٺان
ڏي شاعر" رُباعيءَ ذريعي:

دِلگير ڪويتا چو لکين ٿو سنڌي
پڙهندو بہ پلا تو ڪي ڪهڙو سنڌي
ڳولهڻ سان بہ ڳوليو نہ لڀي ٿو پانڪ
سنڌين ۾ بہ اڄ ڪالهہ آڪو ڪو سنڌي

(اڪيلو چنڊ ـ ص 36)

ن ۾ بہ اڄ ڪو ڪو سنڌي، اسانجي وِجود ڪي ڏونڌاري ٿي چڏي هيءَ

جڏهن اڳ چيل آهي، رس وادين سونهن لاءِ اَلنڪارن ڪي اهم
ويو آهي. پر اڄ جو ساهتڪار هروپرو النڪارن تي ئي نٽو پاڙي؛ هُو
جو سِرجناتمڪ اُپيوگ ڪري اُن ۾ طِلسم آڻي ڇڏي ٿو. حالانڪ،
ن ڪان پوريءَ طرح در ڪنار ٿي وڃڻ تہ ساهتڪار لاءِ مُمڪن
پر اُنهن جي استعمال ۾ سگهارا رچناڪار نواڻ ضرور آڻين ٿا ۽
رچنا ۾ جماليات پيري ٿي. بہ شعر ياد ڪري سگهجن ٿا اِتي:

(پل پل جو پرلاءُ- ص- 82.1

ساڳيءَ طرح هڪ ٻئي غزل ۾ روايتي، پر جماليات سان ڀرپور، رُومان
شعرن جي وچ ۾ اسانجي نسن ۾ سمايل تصوف جو اِشارو شعر
خوبصورتي وڌائي ٿو ڇڏي:

محبت جي ڪيتي سَڪڻ ڪٿان ڏبي؟
اکين ۾ رهي ٿي نَمي ڪجھ نہ ڪجھ

اڃا وصل لءِ واجھ ويٺو وجهان،
اڃا آھ دل ۾ دُئي ڪجھ نہ ڪجھ

زماني جِي گردش ۾ تنهنجو خيال،
انڌاري ۾ آ روشني ڪجھ نہ ڪجھ

(پل پل جو پرلاءُ- ص

مٿي ڪوٽ ڪيل شعرن ۾ اسين ڏسي سگھون ٿا تہ حقيقت ۽ ڪلپنا
موزون توازن جماليات کي جنم ڏئي ٿو، اِتي رچناڪار جِي فنڪا
صلاحيت ظاهر ٿئي ٿي، خاص ڪري ٻوليءَ جي گھڙتِ اُن ۾ اهم رول
ڪري ٿي.

هر قوم پنهنجِي تهذيب سان، پنهنجي زمين سان جُڙيل هجي
اسين اڄ تائين سنڌ سيني ۾ سانڍي هلي رهيا آهيون. اِن حوالي
رُومانوي شعرن جي وچ ۾، رچناڪار پاڻ کي پنهنجين پاڙن ڏانهن
ٿو وڃي، اُتي سارُوڻي جماليات کي جنم ڏئي ٿي:

سنڌوءَ جِي سِڪ تڙڦايو
ڏسندي اڄُ گنگا جا گھاٽَ

گانين جو وٺي ڏڻ اُتي گوپال ٿو چاري
جمنا جي ڪناري.

(ڪوڏ. ص 2)

اِئين بہ چئي سگھجي ٿو تہ جماليات تڏهن ئي چِلڪاٽُ ڏيکاري
جڏهن تخليق جا سڀ عناصر پوريءَ طرح رِل مِل آهن ۽ اُنهن ۾ آندل ڪا
واڻ رچنا جو سهج حصو آهي. ڪٿي بہ ڪا بي ميل گھڙت يا جِدّت جي
ن ۾ تُنبيل ڪا چيز، ڏوتيءَ تي توپلو پائڻ لڳندي. رچناڪار جِي اک ۾،
ل توڙي دل ۾ ڪو سختگير چوڪيدار حاضر هئڻ ضروري آهي، جو
ضروري عناصرن کي در ٻاهران ئي ڏِڪي ڇڏي.
هر رنگ ڪنهن نہ ڪنهن سونهن جِي عَلامت هوندو آهي. اُهو رنگ ،
علامَت شايد اسين ظاهري طور نہ سمجهون، اِئين بہ لڳي سگهي ٿو تہ
ر سِڌو سِڌو سونهن جي ڳالهہ ڪونہ ٿو ڪري، بلڪ غِلاظت جِي ڳالهہ
ڪري. اِهو بہ جماليات جو هڪ رنگ آهي، جئن هي شعر:

بارش آئي ڇم ڇم نچندي
گند گٽر جو اُٿيو ڇُپ ڇُپ

(رولو آواز ص- 26)

بارش جي صاف جِهرمِر. گٽر جي ڪراهتي گندگي، ڇم ڇم ۽ ڇُپ ڇُپ
ياد ٻُڌندڙ / پڙهندڙ کي انوکو احساس ڏين ٿا. دلگير صاحب جو هي
ڇُپ" رديف وارو سڄو غزل خوبصورتيءَ جا الڳ ترورا ڏئي ٿو. اِتي
نکي هڪ ڪوتا ياد ٿي اچي جنهنجو عنوان ئي "ڪِيچڙ ۽ ڪِچرو"

تون پلي ڇَو، /تہ منهنجي سرير اندر/
انبار پريل آهن ڪِيچڙ ۽ ڪِچري جا

سرس سوَن سنگيتن کان،
هوندي پنهنجي چُپ چُپاتِ.

پوءِ ڏسج گوريءَ جو رُوپُ،
ڏِکجِي ايندي پنهنجي ڏاتِ.
(پل پل جو پرلاءَ- ص 92

اسان اڪثر ڏٺو آهي تہ ڪنهن بہ اهم رچنا ۾ موضوع جي نباهَ لاءِ چوندڙ
موادُ ۽ اُنجي فنائتي پيشڪش جو موافق ميلُ، جماليات جو احساس
ڪرائڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو. اِهو ميلُ تخليقي رچنا جي رچاوَ ۾ جتي ڪٿ
نظر ايندو، ۽ اُن سان تصوير ڪشي بہ شامل ٿي وڃي تہ جماليات جو رُتبو
سرس ٿي پوندو آهي:

دِکهو کَجيءَ جو وڻُ،
پڪڙي بيٺو چنڊ کي
تارين ۾ آ چڻُ.

اُپ ۾ اِستر چنڊُ،
لُڏي ڪُڏي پيو ڊنڊ ۾،
هي ڪهڙو آ مَنڊُ؟

(لَهرُن لَڪَ لِباسَ- ص

۽ هِن رچنا ۾ تہ لئہ بہ ڪمال ڪري ٿي وٺي:
جمنا تِي چُلي ڇُوهہ مان، ڇولين مٿان ڇوليون
ڏئي ٿِي مِٺيون لوليون!

شاعر هري درياڻي دلگير جي شاعريءَ ۾ سنگيت

- سبي. تي. گيانچنداڻي

سنگيت معنيٰ ڳائڻ-وڄائڻ ۽ نرتيہ جو سنگم. سرشٽيءَ جا ساز جڏهن
اندر جي اُڌمن روپي ڌُهلن سان گڏ وڄڻ شروع ڪندا آهن، تڏهن ذهن
جا جذبا لفظن جي رنگين ڪپڙن سان پاڻ سينگاري زبان جي زمين تي
ي ساختگيءَ سان نچندا ٽپندا هڪ مڌر لئہ تال واري آواز ۾ نڪرندا
آهن، تن لفظن ڪي رچنا جو سنگيت چئي سگهجي ٿو. اسان جي عالمن
نوسار:-

ماحول يا خارجي حالتن کان متاثر ٿي يا داخلي ڪيفيتن جي ترجماني
ڪندي رچنا جي روپ ۾ ڪي لفظ يا جملا خود بخود بنا ڪنهن خاص
ڪوشش بي ساخت شاعر جي منهن مان نڪرن تہ اُنهن ۾ هڪڙي لئہ
هوندي آ جا ڪن رس پيدا ڪندي آ. هڪ سُر تال سان اِهي لفظ نڪري
ن رس پيدا ڪندا آهن اهڙيءَ رچنا کي اسين سنگيت ميہ يا موسيقيءَ
اري پالريڪل رچنا ڪوٺيندا آهيون. هن ۾ بي ساختگي روانيءَ سان
ڏ آنند ڏيندڙ لفظن جو مناس بہ هوندو آهي تہ جذبي ۽ خيال جي
هرائي ۽ نواڻ پڻ هوندي آهي جا روح کي راحت ڏيندي آهي.

هن پيپر جو مقصد آهي دادا هري دلگير جي شاعريءَ ۾ سنگيت.
ن سنگيت کي ماڻڻ لاءِ سندس وسيلي ڪتب آندل انيڪ گهاڙيٽن (فارم)
روپي سازن جي رچنائن روپي تارن کي ڇيڙي ئي سُريلو لفظي لطف
ٺي سگهنداسين اِن لاءِ ضروري آهي تہ سازن ۾ سنگيت ڀريندڙ شخص
اُن جي شخصيت تي نظر وجهون.

دادا هري دلگير تمام گهڻين خوبين ۽ ڪجهہ خامين سان ڀريل هڪ
ر اِنسان مثل هو. هڪ سادو سچو ماڻهو مُرڪ ۽ فصيح زبان وارو
ميلو شخص هو جنهن ۾ دوستي، مهمانوازي ۽ حليمت خوب ڀريل
ي. سندس مقناطيسي ڪشش دلين کي ڪينچي پاڻ سان ڳنڍي

....

ڪڇري مان ٿي ٺهندو آهي ياڻ

۽ اُن ياڻ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي / رُشت پُشت اناج

۽ اُن مان ٿي نڪري ايندا آهن / اچا پِيلا ۽ ڳاڙها گُل!

(جهنگلي گُل- ص 8

اسان ڪا سگهاري رچنا پڙهڻ کانپوءِ پنهنجي سوچ ۾ ڪا

اميري ضرور محسوس ڪريون ٿا، پلي اُها اميري ڪهڙي قسم جي آه

اسين نہ ٻڌائي سگهون، اِها وري ٻي جماليات آهي، جنهنجي بہ وص

مُمڪن ڪانهي. جماليات جو واسطو، آهي تہ من سان ئي ۽ من هر ڪنهن

پنهنجو هوندو آهي. شخصي طور، دِلگير صاحب جي ڪوتا ۾ جماليات ج

وشيہ تي ڳالهائيندي مان پاڻکي ڪِي قدر اَپديٽ ٿيل محسوس ڪ

رهيو آهيان، ڪُنڊن ۾ لِڪل، لَڪيل نُڪتن سان روبرو ٿيڻ بہ هڪ جماليا

اَحساس آهي.

.01.2017

(ساهتيہ اڪادميءَ ۽ سنڌالاجيءَ طرفان29 - 28 جنوري 2017 تي آديپور ۾ ٿيل

هري دِلگير جنم صدي سيمينار ۾ پيش ڪيل)

(بشڪريہ ساهتيہ اَڪادمي، نئين دهلي)

A-355, Nayan Nagar, Sahijpur Bogha, Ahmedabad-382345.
M. : 9427049946-9979478167

(2) آيو ساڄن چاڻ سگهي ري آيو ساڄن چاڻ،
تازا پُشپ پتي مان آٽيان، ٻاريان چندن ڌوپ،
سواڳت سرس ڪنديس مان سک سان ايندو منگل روپ،
ايندو منگل روپ، ساڄن سونهن سروپ،
پوڄا ٿالهي آڻ سگهي هٿ آيو ساڄن چاڻ.

گيت نه صرف رنگين ۽ دلچسپ آهن پر تڪ تور ۽ ماترائن جي ٻنڌڻ
ي خيال کان پڪا پختا به آهن. سولا ۽ مٺا لفظ ۽ قافيا زبان تان ردم ۾
ڪندا من ۾ سنگيت پيدا ڪن ٿا.

سندس ڪيترن گيتن ۾ آشا جي جذبي سان ڇتي ڇوهه ۽ ٻوليءَ جي
وخيءَ سبب دهشت به نظر اچي ٿي ته پيار جو جذبو به. جنهن سبب
يتن ۾ سنگيتميه رواني پڻ پيدا ٿئي ٿي. ''وڏڦڙو وسڪارو'' پڙهڻ يا
ڻ سان اُن ڪي خو پاڻ محسوس ڪندا ته برابر وڏن ڦڙن سان مينهن
ي رهيو آهي.

ڪاري ڪاري رات اچي وئي، چوڌار آ انڌارو ڙي،
رستي جا وڻ ڀوُت لڳن ٿا، ڀينڪر آهه نظارو ڙي،
پن پن مان سوسات هوا جو، نانگن ڦوڪارو ڙي،
ڌائڻ بادل ڌيل ڌڪائن، هرهڪ آ هچارو ڙي،
ڌڙڪ ڌڙڪ دل منهنجي ڌڙڪي، من ماندو ويچارو ڙي،
هاڻي هوندو اڌ رستي تي منهنجو پريتم پيارو ڙي،
ڪنهن وڻ هيٺان بيٺو هوندو، محب منو موچارو ڙي،
پر مان ڇت جي هيٺان ويهي، پيئي ڪريان گذارو ڙي،
ڀِت به لڏي ٿي ڇت به ٿَمي ٿي، فرش مٿان ڦارو ڙي،
بجلي ڪڙڪي دلڙي ڌڙڪي، نيڻ نيڻ نبارو ڙي،
هاءِ هجي ها منهنجي پر ۾، اڄ ته ڀنار ڀلارو ڙي،
''مينهن مُٺا'' ڪر بند گهڙي ڪن، ڇپڪ ڇپڪ ڇپڪارو ڙي.

ڻن ۾ ''مينهن مُٺا'' اڪثر سنڌي زالن وسيلي ڳالهايل نج سنڌي
آهي جنهن ۾ پٽ نه پر حجت ڀريل هوندي آهي. سنڌوءَ ۽ سنڌوُ
ءَ جي شانت سنگيت ۽ ڌيمي رفتار جو احساس ''ساگر ڌي هل تون
اري'' ۾ ماڻي سگهون ٿا. پيارن قافين، عمدن خيالن سان گڏ اِسترين

ڇڏيندي هئي. هيءُ سنو نيارو ۽ پختو شاعر پڻ هو. سندس رچنائن ۾ سلاست ۽ رواني سان گڏ سُريلن لفظن جي جُڙت، رسيلين مصرائن ۽ جملن جو جوڙ هو. قافيا رديف پڻ فنائتا هئا. بحر وزن توڙي ڇند وديا موجب شعر جي فني قوتن ۾ پڻ ڪماليت پريل هئي. شاعر سان گڏ هيءُ ڪشل اِنجنيئر ۽ سنچالڪ پڻ هو. سندس ساهتيه جي ساگر جي جن سِپُن جا ڪجهه موتي ڪڍي اُن جي تجلي مان نڪرندڙ سنگيتميه آنند ماڻڻو آهي تن سپن جا نالا ٻڌائڻ لازمي آهن. سي آهن : (1) ڪوڏ (ڪويتا سنگرهه) (2) ماڪ ڦڙا نارائڻ شيام سان گڏ (نظمن، غزلن، چوڏسيو وغيره) (3) مؤج ڪئي مهراڻ (ڪويتا سنگرهه، بيت، دوها، سورٺا، وايون، گيت، غزل، رُباعيون) (5) پل پل جو پرلاءُ (ڪويتا سنگره سيپئي صنفون) (5) رولو آواز (غزل سنگرهه) (6) جهنگلي گُل (نثري نظم) (7) لهرن لڪ لباس (للت پد ۽ هائڪو) (8) صبح جو سهاڳ (غزل ۽ گيت) (9) جيءُ جيءَ ري جيءُ (غزل، ترائيل، وايون ۽ ٻيون صنفون) (10) گاهه کُليا گس گس (ترائيل) (11) وڻ وڻ ۾ وايون (غزل). تازو ڇپايل ٻارن جا چونڊ گيت ”منڙا گيت“.

هرهڪ ٻوليءَ وانگر سنڌي ٻوليءَ کي به پنهنجو الڳ سڀاءُ آهي. جو ٻوليءَ جي بنياد سان واسطو رکندڙ آهي سنڌي شاعريءَ جا بنيادي گهاڙيتا يا فارمس آهن بيت، دوها يا ڏوهيڙا، سورٺا، وائي، ڪافي، گيت، نظم. اِهي فارم اسان جي زندگي ۽ زمين سان جڙيل آهن جن جي دادا دلگير پنهنجي شاعريءَ ۾ نه رڳو حفاظت ڪئي پر اُنهن ۾ اوسر پڻ ڪئي آ. اِن کان سواءِ ٻئي چڱا ٻاهريان گهاڙيتا پڻ پنهنجي شاعريءَ سان سُرن ۾ سجايا اٿس. اچو ته پهرين ديسي گهاڙيتن جي رچنائن جو سنگيت ماڻيون.

گيت نظم جو جنم داتا ڪوي شري ڪشنچند بيوس آهي پر اُنهن کي پالي پوسي بلنديءَ تي پهچائڻ وارن ۾ هڪ دادا دلگير پڻ شامل آهي. ڪوڏ ۾ ظاهر ٿيل سندس بُنيادي ٻن گيتن جو مزو ماڻيون.

(1) هير ڏکڻ جي من مون جيان منڙي بين وڄائي،
پشپ لتائن کي گوپين جيان منهر ناچ نچائي،
ڪوئل ڳائي، دل لهرائي، جهولي ٿي هر تار،
سُکه جي نگر هيءُ سنسار.

(2) منهنجي چاڻ هڪ ڇڄ وانگر آهي، جنهن ۾ ڏُهل، شرنايون، ڇيڄاري، ڇاڇي، ماڇي آهن پر گهوٽ ڪونهي.
لفظن جي سلاست ۽ وهڪرو توهان کي نظمن مان گيتن ڏانهن وهائي ويندو ۽ خبر به نه پوندي ته نظم آهي يا گيت.
بيت دوها سورٺا :- دوها سورٺا هندي ڪويتا جي صنف آهي شاهه صاحب ٻنهي جي ڪجهه جزن کي ملائي بيت کي جنم ڏنو. جنهن کي سنڌي قديم شاعرن اُوج تي رسائڻ لاءِ خوب قلم هلايو. پر علم عروض جي پردي ڪجهه صدين تائين ڪيس ڍڪڻ جي ڪوشش ڪئي. وري تائين بيوس اِهو پردو هٽائي بيت کي سنڌي جڳت ۾ ظاهر ڪيو. دادا لگير جا ڪجهه بيت موسيقي ماڻڻ لاءِ :

(1) پنبڙيون پاڻيءَ ۾ پِنَل، اکڙين اندر آڳه،
تارا تارن کي تڪن، ساري رات سُڄاڳه.
- جڳه اندر جڳه کان پري، وَسِ اٿيئي ويراڳه،
روز ڇپن تي راڳه، ڳائي ڪنهن لاءِ ڳائڻا.
(2) لنوَ لنوَ اندر لوچ آ، لوچ لوچ ۾ لاٽ،
باهر ڪاري باٽِ، جوت جري تي جيءَ ۾.
دوهو: بن ۾ روئي بنسري، موڳو نند ڪشور،
گوپيون سڀ گهر ۾ ستل، هئه هئه نند گهور.
سورٺو: عاجز هوءَ الاهه، رستي تي رلندو ڏٺم،
پينوءَ کي نه پناهه، ڪو به ڏئي تو ڏيهه ۾.

دادا للت پدن ۾ به موجود حالتن سياست، غنڊاگيري، دهشت گيري جهڙن موضوعن ۾ طنزن جي تيرن سان گڏ موسيقيءَ جي پڻ سات ڪئي آهي.

(1) ڪانون جي آهي سَيا هيءَ، ڪونه رهيو هت مور،
ڪانون جو ئي راڄ هلي ٿو، ڪان ڪان جو شور.
(2) مندر کي ڀڳوان نه ناهيو مسجد کي نه الله،
ڪن مورکه ماڻهن کي ماڻهو ڪن ٿا ڪيئن گمراهه.
(3) گيت نه، ميت نه، امرت ڪونه نُڙيل رابيل،
آنءُ لڇي، ڪيئن مُند مذُر جو، سواگت ٿيندو هيل.

جي ڪومل هردي جا نازڪ ڀاو هن گيت ۾ پريل آهن جي ماحول ۾
موسيقي ڀرن ٿا.
رات سانت جا ساز وڄائي، منهنجي دل کي ٿي لهرائي،
اوندهہ جي پڙدن ۾ ويڙهي، مونکي چنڊ تون پار لڳائي،
نچندي ٽپندي، لُڏندي ڪُڏندي، تنهنجون ڇوليون، ڏيندم لوليون،
لهر لهر مان گيت اُڀاري، ساگر ڏي هل تون هاڪاري.
سندس خار جي نظمون چترن جيان چٽيون آهن. ماحول جي
منظرڪشيءَ جو هوبهو عڪس اکين آڏو رکن ٿيون ۽ اُن جي سونهن ۽
سنگيت سان جهومائن ٿيون. داخلي نظمون شاعر جي جذبن ۽ خيال جا
چٽر چٽي شاعر جي اندر جي اُڌمن ۽ دل جي ڌڙڪن جي ردم ٻڌائن
ٿيون.
ماڻيو موج ڪئي مهراڻ جي هڪ نظم :
هن هُن سان ڇا منهنجو مطلب منهنجي دُنيا نياري،
بادل ٻڌجي جهومان جُهمڪان، ديس ديس ۾ وسندو،
جِت ڪِٿ موتي مُفت ورهايان هيڃ منهنجا نت هسندو،
منهنجو موتي، نرمل جوتي، جڳُہ جرڪي چوڏاري،
هِنَ هُنَ سان ڇا منهنجو مطلب، منهنجي دُنيا نياري.
پل پل جو پرلاءُ جي هڪ بي سنگيت ميہ آزاد نظم پيش آهي:
سمي جو سطح ترڪٽو،
هلي هلي ڪري پوان، ڪري ڪري اُٿڻ لڳا
اُٿي اُٿي هلڻ لڳا، هلي هلي وري ڪران
اِئين ئي بس هلان پيو.
صبح جو سهاڳہ جي هڪ نظم جون آخرين مصرائون ماڻيو :
سنڌيت وڻ هت جڻ تہ سڪل آ، جل چٽڪارو هٽندو رهہ تون،
سنڌي تنهنجو عزمُ اٽل آ، اڳتي اڳتي وڌندو رهہ تون.
جهنگلي گُل نثري نظمن ۾ آشاواد سان گڏ حقيقت نگاريءَ جو نغمو
پڻ شامل آهي. ڪلپنا جي هڪ نازڪ جهلڪ حقيقت جو بگل وڄائي ٿي
وڃي. ”منهنجو علم مور جي کنين وانگر آهي هرهڪ کنڀ تي چٽيل
آهن رنگہ برنگيون اکيون پر روشني هڪ ۾ بہ ڪانهي.“

جهڙو بڻائي ڇڏيو. ڊاڪٽر روهڙا صاحب جي هن بابت ڇيل لفظن موجب، ’هن لاءِ شاعري من جي مرليءَ مان نڪتل ڌُن آهي جيڪا ماحول ۾ من جي حالت سان جڙي پنهنجو پاڻ گونجڻ تي لڳي. علحدن احساس وارا غزلن جا ڪجھ بند هت ڏنل آهن. اُنهن ۾ موجود موسيقي ماڻڻ لاءِ سوچ ڪئي مهراڻ جي غزل جا بند :

عجب جوت، سندي اوت، هلي هوت ڏناسين،
اکين هار، هنئين نار جا ديدار پسياسين،
اکيان يار، هڙئي بار ۾ آزار رکياسين،
هي سنسار تکو تار ٽپي پار پياسين.

رولو آواز جي غزل ۾ شاعر جو سونهن تي سجدو لريڪل لفظن وسيلي ڪيو آهي.

هن پيچري تان آ لنگهي ڪا نہ گُل پري،
جت ڪت ڇانئجي ويا پنا گُلاب جا،
پک بادلن ۾ نچي ٿي ڪا ناچڻي.

قافئي رديف سان تجنيس حرفي لفظن کي ترڪائي رِدم ڏئي ٿي.

(1) زندگي صرف پيالن پيڻ ۾ آهي،
ويهي يارن وٽڻ ڏيڻ ۾ آهي.
(2) سارو جيون آهي لقاءُ جڻ،
بي بقا کي آهي بقاءُ جڻ.
(3) اوهان غم ڏيو غم سهڻ اسان جو ڪم،
سو سيني ۾ سانڍي رکڻ اسان جو ڪم.

اِتلي جي ساهتيہ جي سنگيتميہ سونهن ٽريلو صنف دادا ڇهين ڏهاڪي ٽرائيل جي نالي سان سنڌي ساهتيہ ۾ آڻي وڌو ورُ ڪيو. سنڌي ڇهين لفظن جي پوشاڪ ۾ دادا جي ڏانوَ جي ڪاريگريءَ سان سندس ڇهن ۾ اِضافو ڪري جڳت جي دل کي نہ صرف وندرايو آ پر ڪلپنا جڳت جو سئر ڪرائي حقيقت جي دُنيا بہ ڏيکاري آهي. ڳاهہ ڪُليا گس جا ڪجھ ٽرائيل پيش آهن.

(1) عمر وڏي نہ بہ من البيلو، منهنجا من تون ڪڏهن سُڌرندين،
جت ڪت محبوبن جو ميلو، عمر وڏي نہ بہ من البيلو.

وائيون : شاهه سائين جي ايجاد ڪيل نج سنڌي صنف آهي جا راتيون راتيون سندس مريد سندس درگاهه تي وائيندا رهندا هئا. ٻهه ڳُٽي ٻولي، لفظن جي جادو واري ۽ سموهن ڪندڙ رواني ازخود موسيقيءَ جي روپ ۾ بدلجي روح کي راحت بخشيندڙيون هيون ڪي صديون وقت جي ڍڪ هيٺ اچي ويون هيون تن کي پنجين ڏهاڪي ۾ ڍڪ مان ڪڍي چڱن ئي شاعرن ملي ظاهر ڪيو تن ۾ دادا دلگير پڻ هئا. هاڻ وايون درگاهه سان گڏ سياڳرهن جي ٻه سونهن آهن. اُنهن جو آنند ڪنهن ٻه محفل ۾ ماڻي سگهون ٿا. ''صبح جو سُهاڳ'' مان دادا جي وائي پيش آهي :

(1) پل پل پوپٽ مثل اُڏائي، گهڙي گهڙي آ جام هٿن مان،
ساعت ساعت سونهن پري آ، دَمُ دَمُ دل لاءِ دام. دل ويئي.
مُکڙو مُکڙو چنڊ جو ٽُڪرو، گلڙيءَ گلڙيءَ گلفام.
(2) مان چاهيان ٿو چارڻ ٻڌجي وينو چوريان چنگُ،
او سائين وينو چوريان چنگُ،
تن ۾ تنهنجي تار هلايان، من اندر مردنگُ.
سواس سواس سُرندي جيان سوريان، اکنڊ ڏن جو رنگُ.

جيءُ جيءُ ڙي جيءُ مان هڪ وائيءَ جو ٽڪر پيش آهي :
کهڙي پيٽ ڌريان مان توتي، کهڙي پيٽ ڌريان،
پُشپُ نه پوڙي جو چوسيل آ، سو ڪيئن پيٽ ڌريان،
جوُٺ مڇين جي گنگا جل آ، سو ڪيئن پيٽ ڌريان.

مصرائن ۾ ساڳئي حرف يا اُچار وارن لفظن سبب هڪ ردم پيدا ٿي ٿئي. تجنيس حرفي (اَنپُراس) جي هيءَ حالت ۽ وائين جا قافيا رديف لفظن مان موسيقيءَ جون ترنگون ڪڍن ٿا، جي ڪن رس وسيلي من رسُ پڻ پهچائن ٿا.

غزل اُردو ۽ پارسي وسيلي سنڌيءَ کي مليل سوغات. جنهن کي سنڌي صنف ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ دادا دلگير جيءَ جان سان جاکوڙ ڪئي. آخر شعرن جي راڦيءَ جا 300 کن سنڌي روپ ڏيکاري غزل نويس شاعر جو رُتبو پاتو. سندس لفظن جي سلاست وزن جي پختگيءَ قافين رديفن جي اِستعمال، سادگيءَ ۽ روانيءَ پريل غزلن کي هڪ لئه ڏيئي دلگير گيتن

جيءُ جيءُ ري جيءُ جي هڪ پنجڪڙي جي حرفن جي فطرتي لئہ
ٽيو:

پراڻو پيرو ٿيو آ هاڻ،
اِجهو ئي ٽٽڻ تي آهہ،
پڪيئڙا بند ڇُٽڻ تي آهہ،
مگر توکي دکہ پيري جي ڪاڻ،
پراڻو پيرو ٿيو آ هاڻ.

صبح جي سهاڳہ ۾ ڏنل رباعيءَ جي رواني ۽ رفتار جو ردم :

ويندس مان هليو اي مني، فرياد نہ ڪج،
ويندڙ جي پنيان پاڻ کي برباد نہ ڪج،
وڃڻو تہ اڄي پوءِ آهي سيني کي،
تي منهنجو قسم مونکي گهڻو ياد نہ ڪج.

هائڪو يا ٽستي ۾ خيال جو جادو ۽ جلوو هڪ تصوير مثل سامهون
ي ٿو:

اُڀ ۾ اِستر چنڊُ،
لُڏي کُڏي پيو ڍنڍ ۾،
آهي ڪهڙو منڍُ،
اگر پڇن کي ميت،
ڇئجو هوُ پرلوڪ ۾،
لکندو آهي گيت.

سندس لکيل بال گيت آهن الائي فار آل (سيني لاءِ) آهن. ننڍا تہ
ن جي سُر سان سُر ملائيندا آهن پر وڏن جو واتُ بہ اُنهن تي پنهنجو
هلڻ شروع ٿي ويندو آهي.

(1) ڪار اچي تي ڀم ڀم ڀم، ڊُهل وڄي ٿو ڊم ڊم ڊم،
ڇير وڄي تي ڇم ڇم ڇم، ناچ ٿئي ٿو ٺم ٺم ٺم،
ننڍڙي راجا لئہ سرگم.

(2) روز اِسڪول پنڌ ڪري، رڳو پڙهڻ ۾ ڌيان ڌري،
من ٿو گويا مري مري، توکي ڏسندي ٺري ٺري،
راند روند لاءِ ٿيا تيار، مس مس آئين آرتوار.

تون نہ ڏسين تو وقت نہ ويلو، ڪيسين پيو گهرندين،
عمر وڏي تہ بہ من البيلو، منهنجا من تون ڪڏهن سُڌرندين.
(16 ماترائن جو هندي ڇيد)

(2) سُپنا سُپنا پيارا سُپنا، هِنَ لئہ هُن لئہ، سڀ لئہ آهن،
سونهري، سونهارا سُپنا، سُپنا سُپنا، پيارا سُپنا،
ساپيا لائق سارا سُپنا، هيءُ ڪي جهڙا تهڙا ناهن،
سُپنا سُپنا پيارا سُپنا، هِنَ لئہ هُن لئہ سڀ لئہ آهن.
(وزن فعلن فعلن فعلن فعلن)

ڪُنوار ڪي گهوٽ هنئر ساڻُ نِيَڻ آيو آ،
ڪنوار مرڪي بہ پيئي ساهہ ۾ سُڏڪي بہ پيئي،
چوڪري آيو وٺڻ، پيار ڏيڻ آيو آ،
ڪنوار ڪي گهوٽ هنئر ساڻُ نِيَڻ آيو آ.
ڪُجهہ پيارڻ جي لئہ خود بہ پيئڻ آيو آ،
پاڻُ ارپي تي وني، هِيانءَ ۾ هچڪي بہ پئي.
ڪنوار ڪي گهوٽ هِنئر ساڻُ نِيَڻ آيو آ،
ڪنوار مرڪي بہ پيئي، ساهہ ۾ سُڏڪي بہ پيئي.
(ڏُکيو وزن فاعلاتن، فعلاتن فعلاتن فعلن

چوندا آهن ڏات کي بلنديءَ تائين پهچائڻ لاءِ ڏانون جون ڇڄيون ڏاڪڻيون چڙهڻيون پونديون آهن. دادا اُهي سڀ چڙهي پار پيو. هر ڪوبہ گهاڙيتو ڪونہ ڇڏيو. سيني ڪي قلم جي ساز سان سنگيتميہ دلڪش بڻايائين.

مسمط، پنجڪڙا، رُباعيون، قطعا، هائڪو، تنها، ٻال گيتن تي ب پنهنجو قلم آزمايائين. مسمط ۾ وڏي وشيہ جو ننڍن ننڍن بندن ۾ بيان ڪرڻو پوندو آهي. هرهڪ بند هم وزن ۽ هم قافئي وارو هئڻ سبب لفظن مان سنگيت نڪرندو آهي. پيش آهي هڪ مثال :

منهنجي دل جا دوست، سچ چئہ تون فرشتو آهين ڇا؟
آهِنِ جي اِنسان، هيءَ جادوگري ڪهڙي اَٿي،
درد منهنجي کي تون ڪن ۾ درد پنهنجو تو ڪرين،
منهنجي دل پنهنجي ڪرين تو دلبري ڪهڙي اَٿي.

وشش ڪن تہ دادا دلگير جي سنگيتميہ گيتن، غزل، وائين ۽ ٻين
اويہ رچنائن توڙي ٻال گيتن جا آلبم تيار ڪرائي سنڌي ساهت
گيت ۽ سنسڪرتيءَ ۾ اِضافو ڪري سگهن ٿيون.

آخر ۾ صرف ايترو چوڻو آهي تہ، قدرت جي ڪير ساگر کي منظرڪشي
يلي پنهنجي علحدن ڪيفيتن جي سٽياڻ سان ڇمائي ڏهي، ڏُڏُ ٻڻائي،
جي مانڌاڻيءَ ۾ ولوڙي جذبن ۽ خيالن روپي مکڻ کي لفظن ۽ جملن
جوڙ وسيلي ڪڍي رچنائن روپي سونين ۽ اونهين يا گِهرَنِ ڪٽورن
وجهي پيش ڪيو آهي ساهتيہ جي ٻال گوپالن اڳيان هڪ ممتامئي
ودا ماتا جي روپ ۾.

”دادا هڪ نئون باب جوڙيو آهي ساهتيہ جي اِتهاس ۾، شيخ اَياز ۽
ڻ شيام وانگر.“ ”ٻڻائي آهي هڪ ٻي ترمورتي اَياز، شيام ۽ دلگير
.“

S.E.X. No. 71,
Adipur (Kuchchh) 370205.
Mob. : 9898444534

بيوس جي اُياريل ذوق ۽ نياز جي صحبت ۽ رنگين طبيعت سان گ
حليمت دادا دلگير جي شاعري توڙي زندگيءَ ۾ نہ صرف رنگين رومانس
ڀريو پر سڪ جو سلو پڻ پوکيو جنهن اڳتي هلي کيس هر دل عزيز بڻاي

دادا دلگير جي شعرن عمر جي سيني طبقن جي دلين ۾ جڳهہ والاري
ٻالڪن جي دلين ۾ هوُ ٻال گيتن وسيلي وسيو تہ بزرگن جي دلين
گيتا ۽ جپ صاحب وسيلي روحاني رس ڀري. جوان دلين ۾ رنگين خي
وسيلي گهڙيو. عورت ذات جي هر روپ کي آدر سمان، آزادي، حق
پيار لاءِ چيل شعرن وسيلي پريم ۽ سمان پاتائين.

دادا جي سنگيتميہ رچنائن کي چڱن ئي لوڪل ڪلاڪارن پنهنج
سُر ۽ سنگيت سان سجائي ڪن رَسُ ۽ من رَسُ سنگيت پريمين کي پيار
آهي. سو شري ڪشن کيولراماڻي، شري دُشينت آهوجا، شر
منگناڻي، شريمتي سپنا رائسنگهاڻي، شريمتي ڪؤشل ڇايا، شري روش
گوپلاڻي ۽ شري مکيش تلوڪاڻي ۽ ٻين ڪيترن لوڪل ڪلاڪارن
گيت گائڪن سندس رچنائن کي سُر ۽ سنگيت ڏنو آهي. شريمتي سپ
رائسنگهاڻيءَ وسيلي ڳايل دادا جي رچنا ڪل ڪل ڪندي، ڇل ڇل ڪند
سڌو گيت تہ ديش وديش ۾ ساراهہ پاتي ۽ انيلا سُندر ۽ ٻين نرت
ڪلاڪارن پنهنجن سنڌي ٻئلي ڊانسن ۾ دادا جون سنگيتميہ رچنائ
ڳارائي اُن تي نرتيہ ڪيو آهي پر اِهو ڪم تمام گهٽ انداز ۾ ٿ
آهي. هالانڪ سندس هڪ هڪ رچنا ۾ سنگيت سمايل آهي. لفظ بي رو
ٽوڪ پنهنجو پاڻ بيساختا زبان تان ترڪن ٿا. اِنهن ۾ عمدا خيال، رنگ
زبان ۽ دل لڀائيندڙ ٻول ڀريل آهن. تڏهن ٻي ڪجهہ لوڪل ڪلاڪا
سندس ڪجهہ رچنائن کي پنهنجو سنگيتميہ آواز ڏنو. اُهي بہ صر
اسٽيج تي ڳاتيون ويون آهن. مشڪل سان ڪي رچنائون سنڌي بي
ڊانس ۾ کنيون ويئون آهن. مگر پروفيشنل ڪلاڪارن جي سُر سنگي
ڏيئي اُنهن جا آلبم ناهي سماج کي ارپت ڪري سگهن ها. رچنائن ج
سون مان سُر سنگيت جي گهرائيءَ وسيلي گيت غزل جا وڻندڙ آل
روپي زيور ڏيئي سنڌي سماج جي سونهن وڌائن ها.

اڃا بہ ويل ويئي ڪونهي. سنڌي سماج چاهي تہ هاڻ بہ اِهو ڪ
ڪرائي سگهي ٿي. دير پيا درست ٿيا. سڀ سنڌي سنستائون ملي ڪ

ٿو ڪري هر اِنسان جي دماغ ۾ اُٿن ٿا ۽ اُنهن جو جواب اِنسان پنهنجي
تا جي آڌار تي ۽ ڪڏهن دماغ جي آڌار تي ڏئي ٿو. جنهن جي
نان وشواس، انڌ وشواس، ڊپ جي ڀاونا، وڏيڪ سوچڻ جي اسمرٿي،
انڪ چنتن وغيره اچي وڃن ٿا. اَهڙي نموني هر اِنسان جو نجي
ن هوندو آهي. جيڪو اُن جي جيون سان ڳنڍيل آهي.

ساهتيہ پنهنجي مخملي مياڻ ۾ ويچار جي تيز ڪٽار لڪائي رکي
جيڪو اگيان جي پردي کي چيري ٿو. اَهڙي نموني ساهتيہ، فلاسافيءَ
پورائي ڪري ٿو. ساهتيہ نہ صرف چوڻ پر پنهنجو ٻڌائڻ سيڪاري
يارت ساهتيہ جو پهريون روپ ويدڪ منترن مان ملي ٿو. ويدڪ
ين پنهنجي واڻي، ويدن ۾ لکي، ويدڪ يگہ ۾ فلاسافي ۽ ساهتيہ جو
گڏ وڪاس ٿيو.

ساهتيہ درشن جي پورڻتا آهي. دارشنڪ پنهنجي ٻُڌيءَ جي پيچ-
ڪري جن سچن (Truths) کي نشچت ڪرڻ ۾ هٽڪي ٿو، اُنهن کي
يڪار پنهنجين ڀاوناڻن دواران آسانيءَ سان سڌ ڪندو هلي ٿو.
تما جي ليلا روپي سمندر جو ڪنارو آهي جيون. جيون جو هرهڪ
ہ اُن لڪل تتوَ جو اِظهار آهي. اِنڪري عظيم شاعر جو شعر لازوال
جي کوج مثل ئي آهي. اَمر ڪوي امر ستيہ جي تلاش ڪندو رهي
وال آهي تہ امر ستيہ ڇا آهي؟ امر ستيہ اُهو ئي آهي تہ جزو
جي ڪُل يعنيٰ سڀني کان وڇڙيو آهي، جنهن ڪري اِهو جزو ڪُل
ملڻ لاءِ آتو آهي. جزو يعنيٰ اِنسان پرماتما جو ئي حصو آهي. اُهو
تما کان علحدو ڪونهي. اُهو ساڳيو ئي پرماتما آهي. شاه پنهنجن
۾ سسئيءَ کان چوي ٿو :

”پنهون ٿياس پاڻ سسئيءَ تان سُور هئا.“

سئيءَ جي ملڻ سان ئي پنهون جو درشن ٿئي ٿو.) يعني پنهون ۽
ٻئي هڪ ٻئي کان جدا ڪونهن. .
مل پڻ چوي ٿي :

”راڻو ئي راڻو - ري راڻي ٻيو ناهہ ڪو.“

ني ڪامنا ۽ جستجو دلگير ”پل پل جو پرلاءُ“ ۾ هن طرح ڪئي
”شل اِئين ٿئي“

دلگير جي ڪوتا ۾ درشن (آشاواد سان

ڊاڪٽر آشا رنگواڻي

پهرين ڏسنداسين تہ درشن جي معنيٰ ڇا آهي؟ درشن جو اُديش ڇ
آهي؟ ساهتيہ ۽ درشن جو پاڻ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟

درشن لفظ جي معنيٰ آهي :

يعنيٰ شانت چت اوستا ۾ پرگيا (Wisdom) سان جيڪو نظر اچي ٿ
(يا جيڪو پسجي ۽ ڏسجي ٿو) اُن کي درشن چئجي ٿو. اُهو درش
اِنسان جي جيون جو فيلسوف يعنيٰ فلاسافي بڻجي پوي ٿو. اُن شان
چت اوستا ۾ جيون سان سنبنڌت ڪيترائي گهرا ويچار پيدا ٿين ٿ
جهڙوڪ : هن جڳت جو سچو سروپ ڇا آهي؟ اُن جي پيدائش ڪٿ
ٿي؟ هن سرشٽي جو مقصد ڇا آهي؟ هيءَ چيتن آهي يا اچيتن؟ ه
سنسار ۾ اسان جا ڪهڙا فرض آهن؟ زندگي سٺي نموني گذارڻ لاءِ ڪه
ساڌن مارگ آهي؟ اهڙن سوالن جا جواب ڏيڻ درشن جو اُديش آهي
اهڙن سوالن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ درشن جو اُديش آهي.

دنيا جي ٻين تهذيبن جو جائزو وٺندي خبر پوي ٿي تہ يونان
فلاسافي ٻن لفظن جي ميلاپ مان نهيو آهي. فلاس معنيٰ ’پريم‘
’محبت‘ ۽ سوفيا معنيٰ ’تعليم. ’سچ‘، ’جيون‘. جنهن موجب فلاساف
جي معني ٿيندي عام لاءِ محبت يا وديا لاءِ پريم، سچ لاءِ پريم، جي
لاءِ پريم، اِن لفظ جو واهپو پهرين گريس ملڪ ۾ ٿيو.

ساهتيہ ۾ درشن جو لاڳاپو :

هر يگہ ۾ درشن ۽ ساهتيہ، رٿ جي ٻن ڦيٿن وانگر گڏ هلن ٿا. س
جو سچو آئينو ساهتيہ آهي ۽ اُن ساهتيہ ۾ اسان کي فلاسافيءَ جو در
ٿئي ٿو. اِتهاس اچڻ واري يگہ جي ڪلپنا ڪري سوچيندو رهي ٿو ۽
جي اڳيان ڪيترا ئي سوال اُٿن ٿا. جڳت ڇا آهي؟ اِنسان ڇا آهي؟
جو ناهيندڙ ڪير آهي؟ موت کان پوءِ اِنسان جو ڇا ٿو ٿئي؟ اِهي س

بي فڪر ٿي ڪاٽڻ ۽ پيئڻ سکه اي دل،
مرندين تون اوس - توڙي کلين يا روئين،
هي چار گهڙيون مست ٿيڻ سکه اي دل.''

(پل پل جو پرلاءُ-ص-70)

رنگين جشن بهار آهي جتي مان آهيان،
گيت گل، خوب خمار آهه جتي مان آهيان.

(موج ڪئي مهراڻ-ص-70)

لهرن لکه لباس ۾ دلگير لکي ٿو :

مان آشاواد جو جهنڊو کڻي گهمندڙ شاعر آهيان. آشا منهنجو اُصول،
ش ۽ سُپنو آهي. اِهو سونهري سپنو مونکي، اُپنشدن، شاه، ٽئگور،
س، خليل جبران، والٽ، وٽمن ۽ ٻين ڪيترن مهاڪوين کان مليو
. منهنجي مڙني پتڪڙين ڪوتائن جي پشپ مالها ۾ گلن جا رنگه
آهن. پر اُهي سڀ آشا جي ڌاڳي ۾ پوتل آهن. مهراڻ ۾ لهرن جا
باس آهن، پر پاڻي سيني ۾ ساڳيو آهي.

ي للت پدن (ٻن سٽن ۾ الڳه الڳه خيال) مان ڪجهه مثال پيش
جهن مان دلگير جو آشاوادي نظريو چٽيءَ طرح اُڀري بيهي ٿو.

(1) منهنجي ڪوتا سيتل سَرُ آ، چُپُ چُپ ٿڀي لڳاءِ،
تن به سيتل من به سيتل، پڙ پڙ آگه ٻُجهاءِ.
(ص-11-10)

(2) مونکي ڏي اکين ۾ آنسو، جن ۾ جڳه مڳه جوت،
اونده منجهه اُجالو اُٿيا، ڪري جوت جي اوت.
(ص-11-10)

(3) ماڻهن ليکي سيني کي ٿو، ڏاهي ناهي ڪال،
پر ڪن ڪن ماڻهن کان ٿيندو روشن آهي ڪال.
(ص-12)

(4) مورکه موت نه ڪر تون ٻڙ ٻڙ توکي طاقت ناهي،
جڳه ۽ جيون قائم رهندا اٽل فيصلو آهي.
(ص-12)

ير جو سکه درسي نظريو ڪبس امرتا جي آسمان جو سير ڪرائيندو

”روز روز شل اِئين تئي،
تنهنجي سنمکه آءٌ بيهان،
خوب خوشيءَ مان اِئين چوان،
تون منهنجو ۽ تنهنجو مان.“
ررز روز شل اِئين تئي،
جڏهن پاڻ سان پاڻ هجان،
دور اُفق ۾ جڏن تکيان،
توکي ايندو آءٌ پسان،
جهومي جهومي اِئين چوان،
تون منهنجو ۽ تنهنجو مان.
۽ کو ڏينهن اَهڙو به تئي،
پيد نه تون ”مان“ منجهه پسان،
نام روپ سڀ پلمي ويا،
مان تيان تون ۽ تون تي مان.“

انش ۽ سڄي يا جزي ۽ کل جو پاڻ ۾ اِهو رشتو انادي، ابدي، چر
امر آهي. هن ڳالهه کي وڌيک واضع کرڻ لاءِ دلگير جي کوتا سنگره
مان انيک مثال ڏيئي سگهجن ٿا، پر جيئن منهنجو وشيہ آهي ”دلگ
جي کوتا ۾ آشاوادي درشن“. مٿي چئي آيا آهيون ته هر اِنسان
نجي درشن هوندو آهي. جيکو سندس جيون سان ڳنڍيل هوندو آهي
ڏسنداسين ته دلگير جو آشاوادي نظريو امرتا جي کسوٽيءَ تي پنهنج
شخصي ساڌنا کي کيتري قدر ساموهڪ بڻايو آهي.

هري دلگير هڪ آشاوادي ۽ سکه درسي شاعر آهي، اگرچ هن
تخلص ”دلگير“ آهي، مگر اُن جي برعکس هو خوشمزاج ۽ زنده
اِنسان آهي. هن پنهنجي ”دلگير“ تخلص سان گهڻائي دفعا اَسهم
ڏيکاري، زندگيءَ ۾ سندس نظريو سدائين اِهو پئي رهيو آهي، جهڙ
هڪ اُردو شاعر جو فرمودو آهي:

”آب تو آرام سي گذر تي هئہ - عاقبت کي خبر خدا جاني.“

خود دلگير به اِها ساکه پنهنجي هينين رباعيءَ ۾ پيري آهي:

”فرحت سان جهان ۾ جيئڻ سکه اي دل،

واري زماني کان هلندو اچي ٿو.

”پل پل جو پرلاءُ“ ڪتاب ۾ دلگير لکي ٿو آشاوادي ورٿو بيوس مونکي اٽڪل 45 سال اڳ ۾ ڏنو هو جڏهن اڃا مان اِسڪول ۾ پڙهندو هوس. مون اُن ورٿي کي سيني سان سانڍيو آهي ۽ سانڍيندو ايندس.

مثال :

ڪوي ڪنڌيءَ کان وينو ماڻين موڄن سندو لقاءُ،
پر موڄن جي موڄ سچيءَ لاءِ ڏوڪي اندر آءُ.
منهنجو من پولار فقط پر تنهن ۾ روپ اَپار،
من ساگر جي موڄن مان ئي اُپريو آ سنسار.
منهنجي ڪوتا سڪ جو سُرُ آ، چُپُ چُپ ٽبي لڳاءِ،
ڏوءُ گمان جي ڪپ ساري، من جي مئل متائي دل لباس،
منهنجي ڪوتا شانت سُرُ آ، ڏس نہ ڪري اِشنان،
جڳہ جيون، اِستان، ڪال جو، پلجي ويندي پان.

دلگير جي ڪوتا ۾ اُهو جادو آهي جو زمان ۽ مڪان جا پولا پرم نهنجو پاڻ ختم ٿي وڃن ٿا. سندس ڪوتا ۾ گلن جا سوين رنگ آهن. ن ۾ هڪڙي آس بہ آهي. سندس آسروند هجڻ جو احساس اسان کي ندس پوري شاعريءَ ۾ ڳوهيل سوهيل ملندو.

هن عظيم شاعر آڏو جيون کي هڪ نئين جوت بخشڻ، هن ڪلجڳہ ي اوشواسي اِنسان کي هڪ نئون وشواس عطا ڪرڻ ۽ دکہ، سنسار کي کہ-سنسار ۾ بدلائڻ جي ڪوشش آهي. دلگير جيون روپي سون جي نهي کاڻ ۾ گهڙي، اُتي جي هرهڪ سرپا سنيہ مٿان اسنيہ ۽ ڪوڙ پي ويڙهيل متي، گارو، ڇُن ۽ پٿر لاهي اُن کي صفا ڪري ماڻهن يان رکندو وڃي ٿو. پوءِ پلي اُهو سنڌوءَ جو ڪنارو هجي يا ڪڇ جو پٽ. چوي ٿو :

”آهيون برپٽن ۾ تہ گلزار نوان ٿي پوندا،
چيٽ جا ڇهڇٽا ڇوڏار نوان ٿي پوندا،
جتي ويندا سين اُتي يار نوان ٿي پوندا،
پريت جا پيچ نوان پيار نوان ٿي پوندا،
وقت جي حور رنل آهي تہ پرچي پوندي،

رهي ٿو. مٿي سندس جيون جي فلاسفيءَ کي واضح ڪندي اِها ڳال
چٽي ٿي بيهي ٿي تہ ڪيس آتما جي امرتا ۾ پورڻ وشواس آهي. قدر
جو اٹل فيصلو آهي تہ هڪ مري ٿو بيو جمي ٿو. هڪ سرشتيءَ جو حص
قدرتي قهر سبب ناس ٿئي ٿو تہ ڪو بيو ننڍڙو ملڪ يا جهان نهيو پوي
آهڙيءَ طرح جڳہ ۾ جيون قائم رهندا. اِن حقيقت کان ڪوبہ منهن موڙ
نٿو سگهي.

پونئرو (ماڪ ڦڙا-80)

پونئرو دلگير جي هڪ علامتي ڪوتا آهي (Symbolic) جنهن ۾ ڪ
ڪوي پونئرو آهي. پنهنجي سپرش جي جادوءَ سان هوُ مکڙين کي
ٻڻائي ٿو ڇڏي. پونئرو گُلن جو رس تہ پيئي ٿو پر گلاب وٽ بيٺل پهريد
ڪنڊن کان پنهنجو دامن بچائيندو رهي ٿو ءَ اِهو ئي آهي دلگير ج
فلاسافيءَ جو تت.

جڳہ ۾ منهنجو سڪہ سوبيا جي گُلشن سان ئي مطلب،
ڪنڊن کان پاڻ بچايان، ڦولن سان ئي مطلب،
سڪہ سندرتا، آنند آشا،
منهنجو جيون سارو، مان پونئرو ڪارو...
منهنجي سپرش ۾ آ جادو مکڙي ڦول بڻايان،
ڦولن جي رس رنگينيءَ جي، هاڪ وڃي ڦهلايان،
منهنجي جيون کان هر گلشن،
هاڪارو سونهارو، مان پونئرو ڪارو...

دلگير جيئڻ جو لطف ڇا مان ٿو حاصل ڪري اِن لاءِ چوي ٿو :

زندگي صرف پيئارڻ ۽ پيئڻ ۾ آهي،
ويهي يارن سان ونڻ ۽ ڏيڻ ۾ آهي.
تو جڳهہ مونکي ڏني ۽ مون سري توکي ڏني،
نهڪي ڦهڪي جي هلون، لطف جيئڻ ۾ آهي.
پيار ۾ جي موت گهرڻ پيار ناهي دلگير،
سو مزو ناهي ونڻ ۾ جو ڏيڻ ۾ آهي.

سندس مٿيان شعر آشاواد تي ٻڌل ۽ عالمگير برادريءَ جي پنيرا
۾ چيل آهن. ''تون بہ رهہ مان بہ رهان'' وارو اُصول اسان جي و

ڌرتيءَ کي گلزار ڪري ڇڏ،
خوشبوءِ سان سنسار ڀري ڇڏ!

(صبوح جو سهاڳ-ص-36)

اِئين دلگير شاه جو شيدائي سسئيءَ واري پر پاري تو ۽ لطيف سائينءَ جي پيروي ڪري ٿو.

ڪنڌا جي پيرن توڙي لڪ لڳن،
آڱر آڱوٺي نه مِڙي، ڇپو پيرن ڇنن،
ويندي ڏانهن پرين، جُتي جات نه پائيان.

دلگير جي زندگيءَ ۾ صرف روشني ئي روشني آهي اِئين ڪونهي، ير انڌاري ۾ به نور جا ترورا آڻ، سندس سياءُ جو حصو بڻجي ويو آهي. هن قيمتي نظريئي جو تعلق شخصي ڌن دؤلت يا آسودگيءَ سان ٿر ڪو آهي. چوي ٿو :

”مثل مئه پي تو ڇڏيان درد پرائو دلگير،
نه شڪايت نه پڪار آهي جتي مان آهيان.“

(مؤج ڪئي مهراڻ)

هڪ بهادر اِنسان جو اِهو ئي نظريو ٿي سگهي ٿو جو شاعر دلگير درد ي مئه مثل پي تو ڇڏي ۽ اُهو به پرائو درد ۽ نه پنهنجو. دڪه ڪان پوءِ يڪو سکه ملي تو اُن جو مزو ئي ڪجهه اؤر آهي، اِن ڪري دلگير غم ي خوشي آڻيندڙ پيغمبر سمجهي ٿو. چوي ٿو :

آنسن اجهل ۾ پاڻ کي پوڙي ڏسي ته ڪو،
موتين لاءِ سمنڊ ولوڙي ڏسي نه ڪو.

(مؤج ڪئي مهراڻ)

متين ڳالهين مان ڏسنداسين ته دلگير جي ڪاويه جي امرتا جي سوٽي اِها ئي آهي ته پنهنجي شخصي ساڌنا کي، ”دلگير“ ساموهڪ ئي سگهيو آهي ۽ پنهنجن دارشنڪ ويچارن کي جنتا جي هردي ۾ ائي سگهيو آهي. سپنا ساڪار ٿي سگهن ٿا ۽ ٿيندا آهن. آديپور ڌيڏام ۾ رهندڙن ڏنو ته سچ پچ دلگير ڪڇ جي رڻ پٽ ۾ خوب فلون مچايون. سندس يار دوست به اڪيچار هئا. هوُ جتي وڃي فلن جو مور بڻجي پوي. سندس مؤجودگيءَ سان مشاعرا توڙي ٻيا

ناز آنداز سان اقرار نوان تي پوندا،
ذري ذري مان نوُر جا نوان چشما ڦٽندا،
چشم روشن آ تہ اِسرار نوان تي پوندا.''

(موج ڪئي مهراڻ-ص-70)

سچ پچ شاعر جي آسرونديءَ جي اِنتها آهي. دلگير جي شاعريءَ ۾
موجود يقين جي اصل ۾ هر سنڌيءَ کي ضرورت آهي. زندگيءَ جو قافلو
هميشهہ روان دوان رهي ٿو، اُهو ڪٿي بہ ڪڏهن بہ بيهڻ وارو ناهي.

''وڻ وڻ ۾ وايون'' ۾ شاعر جي زندهہ دلي ڏسو. چوي ٿو :

''هر اُڄايل کي پيياري دل ڪولي دلگير،
تہ يي پرپور پسان پنهنجو ٿو پئمانو مان،
عام سمجهي ٿو تہ پيان ٿو ۽ بڪ بڪ ٿو ڪريان،
گرچ ٻائيندو چپن ۾ ٿو رهان گانو مان.''

(وڻ وڻ ۾ وايون-ص-26)

دلگير وٽ آس بہ آهي، اُميد بہ آهي ۽ سونو سپنن جو سنسار بہ آهي
۽ سپنا ساڪار تي سگهن ٿا ۽ ٿيندا آهن. اَهڙو سندس وشواس آهي
ڪومايل دلين کي ڏڍ ڏيندي شاعر چوي ٿو :

''سپنو جڳہ آڌار اٿيئي - سپنو امرت ڌار اٿيئي،
سپنو سرڳہ دئار اٿيئي - سپنو سکہ جو سار اٿيئي،
ٿي دلگير دنيا ڪان ڌار - سونو سپنن جو سنسار.''

غالب هڪ هنڌ لکيو آهي :

''مارا زماني ني اسد اللهہ خان تمهين،
وه وَلِ ولي کهان، وه جوان کڌر گئي.''

غالب جي مٿئين گفتي جي برعکس دادا دلگير خوشنصيب رهيو
جو سندس ڪِلڪَ ۾ تازگي ۽ صحت ۾ شگفتگي قدم بوسي ڪنديون
رهيون. اِن ڪان وڌيڪ سهڻي ٻالهہ کهڙي چئبي.

دلگير ۾ ڪندن کي پيرن هينان لتاڙي هلڻ جي همت هئي ۽ رستو
روڪيندڙ پربتن کي چيري ڦاري هلڻ جي همت هئي. مثال :

ڪندا جي رستي ۾ ايندا، پيرن هينان لتاڙي هل،
پربت جي روڪين ٿا راهي، تن کي چيري ڦاڙي هل،

ڪيءَ ڙي جيءَ'' جي صفحہ 83 تي دلگير موت لاءِ چوي ٿو :

زندگيءَ سان موھہ ناهي، موت سان تڪرار ناهي،
لوڪ ناهہ لوڪ ۽ پرلوڪ ٻي پرلوڪ ناهي.

ٻي بہ آ زندگي مرڻ کان پوءِ ڪا نئين ماٽبي مرڻ کانپوءِ،
منش آهين منش ئي رهندي، پر نانءُ ٻيو، شڪل ٻي مرڻ کانپوءِ،
تون امرتا منجهان ٿئين پئدا، ڪونہ سگهندي مري مرڻ کانپوءِ،
جي نہ مڪتي مليئہ حياتيءَ ۾، ڪانہ سگهندءِ ملي، مرڻ کانپوءِ،
تو وڃان هاڻ مان، مگر دلگير توسان ملندس وري مرڻ کانپوءِ.

آتم ڪٿا ۾ دلگير جو اِظهاريل هي فلسفو ڏيان ڇڪائيندڙ آهي.
مونکي مڪتي نہ گهرجي، مان بوند ٻڻجي ساگر ۾ سمائجي ساگر نٿو
ڻ چاهيان.'' سندس چوڻ موجب : ''مرڻ کان پوءِ فائدو ئي فائدو
ي. هي ٻڍو شري نئون ٻار ٿي ڄمندو ۽ جوان ٿي ڪي وڏيڪ سٺا ۽
ا ڪارناما ڪري سگهندو.''

دلگير جيون ۽ موت جي وچ ۾ ڦٽڪندڙ فلاسافيءَ مان پنهنجي لاءِ
ند ڪرڻ ۾ ڪابہ غفلت نٿو ڪري. اسرطوءَ جو قوُل آهي شاعري فلسفي
ن وڏيڪ فڪر انگيز ۽ تواريخ کان وڏيڪ سبق آموز ٿئي ٿي. شاعري
ر جي اِسرار ۽ روح جي نقاشي ڪري ٿي. دلگير پنهنجي فڪر جو
ڪر ڪندي، فلسفہ جيان يعنيٰ جيون درشن جو تفصيل ٻڌائيندي ڪنهن
وڪڙ گهٽين ۾ نہ ٿو رُلائي. دلگير ور-ور ڪري چيو آهي تہ مان هڪ
اوادي شاعر آهيان، زندگيءَ ڪي سندر روپ ۾ پسڻ جو مشتاق آهيان،
ڪري سندس شاعريءَ ۾ سڪہ درسي درشٽي ڪوڻ جون جهلڪون نظر
ديون. دلگير جا مکيہ وشيہ ''خودشناسي'' ۽ ''پيار'' آهن. دلگير حال
، حقيقتن، ماضيءَ جي رسمن ۽ روايتن، بدلجندڙ اخلاقي ملهن جي
فيت رکندي ۽ وابستگي رکندي جيئڻ جو پيغام ڏئي ٿو ۽ مستقبل
آس کي پرڦلت رکي ٿو. اَهڙي شخص کي اسان شاعر، مفڪر،
سوف چئون تہ غلط نہ ٿيندو.

دلگير جو سڪہ درسي نظريو جيون جي آخري گهڙيءَ تائين قائم
و. 11 اپريل 2004 ٻارن کي سنڌيءَ ۾ پاس ٿيڻ جا سرٽيفڪيٽ
ڏي آشا سان پُر دلگير هينيان الفاظ چيا : ''مونکي وشواش آهي تہ

جشن جلسا نوجيون جي جوت سان جلويدار ٿيندا هئا.

منهنجي ٿيسز ”هري دلگير جي شعر ۾ درشن ڪتاب جو مهاڳ پروفيسر هيرو شيوڪاڻي لکيو آهي. شيوڪاڻي سر منهنجا اُستاد ٿي رهيا آهن ته R.K.T. College ڪليج ۾ پڻ ٿي رهيا آهن. مهاڳ لکائڻ جي سلسلي ۾ منهنجي جڏهن سر سان ملاقات ٿي ته شيوڪاڻي سر دادا دلگير جون گهڻيئي ڳالهيون ٻوليون ڪندي مونکي ٻڌايو ته : ”هڪ زمانو هو جو اِئين چوڻ ۾ ڪوبه وڌائڻ نه ٿيندو ته

"Dilgir was a King of Adipur Gandhidham"

صحيح معنيٰ ۾ دادا ڪنهن King کان گهٽ نه هئا. جن به سندس مهمانوازي ماڻي هوندي ي به چار قدم ساڻس گڏ هليا هوندا اُنهن اِن ڳالهه کي بخوبيءَ محسوس ڪيو هوندو. ”جيءُ جيءُ زي جيءُ“ ڪوتا سنگره ۾ شري ايم. ڪمل لکي ٿو : ”هري دلگير صاحب گيتن جو ٻڙ آهي، جنهن جي شاخن جي ڦهلاءُ جو دائرو جهجهو ءِ اُن جي ڇانو گهاٽي آهي.“

دلگير صاحب آشاوادي شاعر آهي، نراسائي نقطي کي به آشا جي پوش ۾ پيش ڪري ٿو. هن رايي کي هٽي ڏيڻ خاطر، صرف هن جو هڪ شعر پيش ڪندس، جو منهنجي ناقص فهم موجب، صرف هن جي انفرادي سوچ جي آئينداري ڪري ٿو، پر سڄي قوم جو فڪري رويو پڻ نمودار ڪري ٿو. مثال پيش آهي :

”سنڌوءَ جي ڪنني تي من ۾ گنگا لاءِ هئي پياس،
هاڻي سنڌو درشن لاءِ، گنگا تان ارداس.“

”جيءُ جيءُ زي جيءُ“ ۾ ئي دلگير لکي ٿو. آشاوادي نظريو زندگيءَ جي تلخ حقيتن کان ڀاڄ (فراريت) يا ڪمزوريءَ جو ڪرتب نه آهي، پر مشڪلاتن کي سر ڪندي منهن ڏيڻ جي ڪلا آهي. آشاوادي نظريو سوروِيرن جي سامرٿي آهي. منهنجي شاعري انڪل مُني صديءَ جي جدا جدا دؤرن تي پکڙيل آهي پر مان شاعري ڪندي اجا ٿڪو ناهيان. مزي ءِ مستيءَ ۾ خوب لکان وينو ءِ آنند جي ساگر ۾ وينو ٽبيون هڻان. 85 ورهين جي ڄمار ۾ به دلگير پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪيو آهي. جنهن ڪري سندس قلم نئين سر جوان ٿي پيو آهي. ”جيءُ

دلگيرءِ ’شيام‘ جو ’ماڪ ڦڙا‘

بقلم: ڪيمن يو. مولاڻي

هري دلگير جو جنم جڳ مشهور هيرٽيج سائيٽ موئن جو دڙو جي پرسان وسيل شهر لاڙڪاڻي ۾ 15 جون 1916 ع تي هڪ سٺي خاندان ۾ ٿيو. سندس پتا ديوان گرڌنومل بختراءِ درياڻي فرسٽ ڪلاس ريزيڊينٽ مئجسٽريٽ هو، جيڪو رٽاير ٿيڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي جي سنڌي انڊڪا پنچايت جو مکي به ٿيو. سندس وڏا ۽ هو پاڻ ڪنڊڙيءَ واري روحل فقير جا عقيدتمند هئا.

هري دلگير انجنيئرنگ جي پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ سول انجنيئر جي سرڪاري ڪري ڪئي. ورهاڱي بعد به هو سرڪاري نوڪري ڪندي سنڌ ۾ رهيو پيو هو. پر پوءِ سنہ 195 ع ۾ سنڌ ڏرتيءَ کان سدا لاءِ موڪلائي 1959 ع کان ڀارت جي آديپور شهر ۾ اچي رهيو. ڪئين وڏا عهدا ماڻيائين. ان کان سواءِ سنڌي ادب جي کيتر ۾ به کيس ڪئين سرڪاري ۽ غير ڪاري انعام ۽ سنمان مليا. 1977 ع ۾ سندس شاعريءَ جو مجموعو ”پل پل جو پرلاءُ“ ڇپيو، ن تي به مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ کيس انعام سان نوازيو.

هري دلگير نثر توڙي نظم جا ڪل ملائي 26 ڪتاب سنڌي ادب کي ڏنا، جن ۾ چار ٻال رتائن جا مجموعا به شامل آهن. سندس شاعريءَ جا شروعاتي ٻه مجموعا سنڌ ۾ ڇپيا. پهريون شچندر جيون ڪوتا“ 1941 ع ۾ ڇپيو، جنهن تي سنڌ سرڪار کيس انعام عطا ڪيو. ان کان ستت ئي 1942 ع ۾ سندس ٻيو مجموعو ”ڪوڏ“ نالي سان ڇپيو. ان تي به سنڌ سرڪار کيس م عطا ڪيو هيءَ ”ماڪ ڦڙا“ سندس شاعريءَ جو ٽيون مجموعو آهي، جو 1953 ع ۾ جناب سپاٽيءَ آشا ساهت منڊل، اجمير پاران ڇپائي پڌرو ڪيو. ان مجموعي ۾ ٻه ڀاڱا آهن. پهرئين ي ۾ هري دلگير جي شاعري ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ نارايڻ شيام جي شاعري شامل ڪيل آهي. هتي مون صرف هري دلگير جي شاعريءَ جي اوڪ ڏوڪ ڪرڻي آهي، جيڪا 94 صفحن ۾ ڦهليل آهي.

سنڌي ٻولي نہ مرندي، انگريزي ساهتيہ ۾ هڪ پکيءَ جو ذڪر آهي ڪنفا پکي (Phoenix) (فِنِڪس) اِهو پکي سڄ ڏانهن اُڏامڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سڄ جي تابش سهي نہ سگهندو آهي. آخر جلي خاڪ تي ويندو آهي. پر هن جي خصوصيت ڪهڙي آهي جو اُن خاڪ مان جنم وٺندو آهي. ساڳيءَ طرح اسان جي ٻولي آهي. اسين سنڌي اُن ڪنفا پکيءَ وانگر چاهي متيءَ ۾ ڇو نہ ملي وڃون. پر اُن متيءَ مان وري جنم وٺنداسين. سنڌي ٻولي هميشھ زندھ رهندي. چوي ٿو :

”اولهہ ۾ ٻڏي سڄ وري، اوڀر مان ٿو اُڀري،
ارمان مرڻ تي بہ اسان ڪين ڪنداسين.“

B.K A/073, Room No. 9,
Nr. Sunita Apartments,
Ulhasnagar-421001.
M. 9921068074

"گيت ڳائڻ مون گهريو، پر ٻه ڪو ڳائي نه سگهيس، /هاءِ، جيون ۾ مڌر ميت ملائي نه
گهيس. / ساز دل شانت ۾، هر تار سندس آهه ڍلي، /ڪيڏي ڪوشش سان ٻه هڪ تار وڄائي نه
گهيس. /مان ستل هوس، مٺي بين وڄائي تو سڏيو/ نين ليڪن نه کليا، ڪيپ گنوائي نه
گهيس." غزل جي بندش لاجواب آهي. درحقيقت بندش ئي غزل کي غزل بڻائيندي آهي.

وقت جي هر وهنوار، ان جي هر چڱائي لڳائيءَ تي شاعر جي تکي نظر هوندي آهي. تڏهن ته
وقت جا چٽ چٽي اسان کي ڏيکاريندو آهي. دلگير ٻه پنهنجي وقت جا ڪئين چٽ چٽيا آهن. هڪ
نظم ۾ هڪ عورت پنهنجي پتيءَ کي استري ذات جو درد ائين تي بيان ڪري ٻڌائي ٿي ڄڻ اهو سڄي
استري ذات جو درد هجي. ان نظم مان استريءَ جي مرد خلاف بغاوت جي بوءِ پڻ اچي ٿي. چوي ٿي:

"مرد آهين، تون بيشڪ مزو موج ڪر، / ڌرم مردن کي آزادگي آ ڏني، / ڇيڳرا هو گهمن،
عيش عشرت وٺن، / پل ته بازار بد ۾ هو ناسون هڻن، / پل سون عورتن ساڻ رستو رکن، ڪين آهي
خلاف،/ آهه سڀ ڪجهه معاف، / مرد جو هو ٿيا _ ڪين سڀ ڪجهه روا، / شاستر جيڪي آهن سي
انهن لکيا، / تنهن ڪري ڌرم تي پيو سندن آ غلام، / ڌرم مردن جي لئه شوق ئي شوق آهه، استرين
لئه مگر ڌرم زنجير آهه/ تيز شمشير آهه / ...... " (صفح_49 ۽ 50)

دلگير جي شاعري سترنگي آهي. نظمن ۾ زندگيءَ جي اندلٺ جا سڀ رنگ سمايل آهن. وقت
جي ڪميءَ سبب اهي سڀ ته هتي پيش نٿا ڪري سگهجن. بهرحال "نامعلوم لفظ _ "سري واري
هڪ آزاد نظم جون چند سٽون پيش ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان، جنهن جي هڪ هڪ لفظ
مان سنڌي ٻوليءَ جي خوشبوءِ ٿي اچي. نظم پڙهندي ائين ٿو لڳي ڄڻ شاعر قدرت سان هم آغوش
ٿيو آهي. هن نظم ۾ جماليات ته ڏسو:

"گيت مون "گرديو" (ٽئگور) جو/ رات ريڊيو تي ٻڌو /لفظ نامعلوم ها، /غير ٻوليءَ کان
هئا، /لفظ لهرن کان اجهل، / هير کان هلڪا سڏير، /تپ هيا ميناج ۾، /خاص خوشبو ۾ پنل، / دل
جهومڻ لڳا، / خوب جهومائڻ لڳا. / منهنجي دل جهومڻ لڳي، / جهومڻ لڳا ڪل ڪائنات:/
۽ دل جي سامهون، /مون ڏٺو / ديوتائون عرش مان ڄڻ ڦول برسائڻ لڳا. / منهن ڪڏي ٻوٽي
جان ڪجڙي ڪلي، / ڦول تي جهومڻ لڳي؛/ امرتي برسات جا وسڪارا ٿيا آنند جي آڪاس

هري دلگير شاعريءَ جا شروعاتي سبق نواز علي جعفري ’نياز‘ کان حاصل ڪيا. جيڪو سندس ٿي اسڪول ۾ ماستر هو. نياز صاحب ان وقت مشاعرن جو اهم شاعر ليکيو ويندو هو. ان کان پوءِ دلگير سائين ڪشنچند ’بيوس‘ جي لاڙڪاڻي واري شاعريءَ جي اسڪول جو شاگرد بڻيو. بيوس ۽ سندس شاگردن جو زندگيءَ طرف آشاوادي نظريو هوندو هو جو دلگير ۾ پڻ موجود آهي

”ڪول اکيون ڏس لاٽ.... مسافر! / ناهه انڌاري واٽ..... مسافر!“ (صفحه_34)

يا صفحه_ 6 تي

”داغ جي انسانيت تي، خون پنهنجي ساڻ ڌوءُ، چو اڙي ’دلگير‘ ٿي بي جان تون ويٺو ڏسين.“

دلگير جنهن وقت شاعريءَ جي پڙ ۾ پير پاتو ان وقت نظم، آزاد نظم ۽ گيت جهڙين صنفن تي ڪي قدر وڌيڪ زور هوندو هو. ان جو هڪ سبب شايد اهو به هو ته ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ گرديو رويندر ناٿ ٽئگور کي سندس بنگالي گيتن جي انگريزي ترجمي ’گيتانجليءَ‘ تي نوبل انعام مليو هو ۽ ان وقت سنڌ ۾ بنگالي ساهتيه خاص ڪري ناول سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيندا رهندا هئا. گيتانجليءَ جا به سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجما ٿيا. اهي به گهڻو ڪري آزاد نظم ۾ ٿيا. شايد ان ڪري ’ماڪ ڦڙا‘ ۾ دلگير جي گهڻي شاعري انهن ٽن فارمن ۾ آهي. البت ڪي قطع ۽ غزل به شامل ڪيل آهن. سندس شاعريءَ جا موضوع گهڻو ڪري انسان پرستي، غريبن ۽ پٺتي پيلن سان همدردي، قدرتي نظارا، بدلجندڙ سماج، ديس ڀڳتي، سنڌ جي ساروڻي ۽ سنڌ سان محبت وغيره خاص آهن. ائين به چئي سگهجي ٿو ته سندس شاعريءَ ۾ ويهين صديءَ جي پهرئين اڌ واري وقت جا اولڙا آهن.

دلگير جي سنڌي ٻولي سبڪ سلوڻي ۽ مائيدار آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ نج سنڌيءَ جو استعمال ڪيو آهي. عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين جا لفظ گهٽ ڪتب آندا آهن. البت هندي لفظ آهن

”مان سپنن جو رهواسي، /مان ٿي سپنا ناهيان ٿو، /مان سندرتا جو پياسي، /پنهنجي پياس ت... لاهيان ٿو، /مان گيتن جو ڳائيندڙ، /منڙا ساز وڄائيندڙ، /ڌرتي عرش اڏايان آنءُ، /شاعر منهنجو آهي نانءُ“ هري دلگير جي شاعريءَ جي رواني ۽ رديف قافين جي پختائي ازخود من ۾ آنند جي وهڪري ۾ وهائي ٿي وڃي. اهي خوبيون هن مجموعي ۾ جابجا پکڙيون پيون آهن. مثال طور صفحه 68 ... درج هڪ مسلسل غزل جا ڪجهه بند پيش آهن. غزل جو عنوان آهي ”ائين چو؟“.

"او منهنجا داتار/ سڻ منهنجا ڪرتار/ 1 ـ منهنجي ديش جي مٽي منڙي، ٽي جل ۾
ج،/ وايوءَ ۾ ميناج مدامي، هر ٿل ۾ ميناج،/ ميٺ هجي ميناج ڪان پيارو/ مصري ۽ ماکيءَ
نيارو/ ڏي يناج اپار.... او منهنجا داتار،/او منهنجا ڪرتار." (صفحه ـ 7)

'ماڪ ڦڙا' جو مطلع ڪندي مون ڏٺو ته هري دلگير فارسي بحروزن سان گڏ پارتي چندن جو
تعمال ڪيو آهي ۽ ٻنهي تي سندس پڪڙ مضبوط آهي. سندس مٿيان ٻئي گيت چند شاستر
ذل آهن. چند ۾ رچيل گيت وڌيڪ نکري پوندا آهن. انهن ۾ ازخود رواني اچي ويندي آهي،
ا گيت جي پهرين ضرورت هوندي آهي.

هري دلگير جو شاعريءَ جو پهريون مجموعو 'هرشچندر جيون ڪوتا' 1941ع ۾ ڇپيو. ان
سندس عمر 25سال هئي ۽ 12 سالن بعد جڏهن هن جي عمر 37 سال هئي، تڏهن مذڪور
عو ڇپيو. مطلب ته هن ڪتاب ۾ اها شاعري شامل آهي جا هن پنهنجي عمر جي 26 کان 37
جي عرصي ۾ ڪئي، ان عرصي ۾ هو گهڻو عرصو خود شاگرد رهيو ۽ ان دؤر ۾ شاعريءَ ۾
ي خيال مروج هئا، اهي ئي سندس شاعريءَ جا موضوع بڻيا. باقي سندس شاعريءَ ۾ خيال
ندي، احساس جي گهرائي ۽ جذبي جي شدت موجود آهي. هن لفظي ۽ معنوي صنعتن جو
ستعمال ڪيو آهي. جنهن شاعر جا شروعاتي ٻه مجموعا ئي انعام حاصل ڪيل هجن اهڙي جو
ون مجموعو ڪيئن گهٽ ٿي سگهندو؟ سچ پڇو ته مون 'ماڪ ڦڙا' ڪي ماڻيو ۽ خوب ماڻيو
هان به ڪتان هٿ ڪري پڙهو ۽ شاعريءَ جي هندوري ۾ لڏي آنند ماڻيو.

134/14, Award,
New Bairagrah
Bhopal-462030
M. : 9827343735

مان/ زندگيءَ جي اندلٺ/ تاب سان چمڪڻ لڳي؛/ مشڪندي، نچندي سا ڄڻ ڳائي پئي:-/ "ما
امر آهيان امر/ مان امر آهيان امر" ......(صفح 77 ۽ 78) مٿين سٽن ۾ شاعر جي تخيل جي بلندي
ماڻڻ وٽان آهي. هن نظم ۾ شاعر دل کولي اشارن، علامتن ۽ استعارن جو استعمال ڪيو آهي.

دلگير تي گرديو ٽئگور جي شاعريءَ جو به اثر لڳي ٿو هيٺيون سٽون ان ڳالهه جون شاهد آهن

"پاپ جو مندر ڊاهه_ پوڄاري، / پاپ جو مندر ڊاهه !/ 1_ مسڪينن جي نازڪ هڏڙين تي
جنهن جو بنياد،/ جنهن ڪان ناحق لک لٽجي ويا، پونگيون ٿيون برباد،/ جنهن جي سر سر خون بڌل
آهه،/ چپو چپو پاپ پنل آهه،/ ڪئن سو مندر آهه؟ _ پوڄاري ...." (صفح_45)

ان زماني جي سيني سنڌي شاعرن سنڌ ۽ سنڌوءَ جي مهما ضرور ڳائي آهي. دلگير به سنڌ
جي آبپاشي کاتي ۾ انجنيئر جي عهدي تي هو. ان ڪري سنڌ جي لائيف لائين سنڌو نديءَ سان
ملاقات ڪرڻ سندس روزمره جي ڪرت هئي. ڪيس سنڌو نديءَ سان ازلي پريم هو. شايد ان ڪري
"سنڌو_ستار" سري واري نظم ۾ سنڌوءَ جي مهما ڪجهه هن طرح بيان ٿو ڪري:

"وجندي ٻڌان ٿو سنڌ ۾ سنڌو! سنڌءِ ستار،/ ڇا تان ڳان تنهنجو ٿو آنند ڏي اپار،/ آلاپ
تنهنجا وايو جي لهرن مٿان تري،/ ڇيڙن اچي ٿا سنڌ جي هردي جي تار تار." (صفح_9)

گيت شاعريءَ جي سڀ کان آڳاٽي صنف آهي. اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ وائي، ڪافي ۽
ڪلام گيت جي صورت ۾ اڳئي هئا، پر سائين ڪشنچند 'بيوس' پهريون شاعر هو جنهن گيت جي
صنف کي سنڌي شاعريءَ سان ڳنڍيو. جيئن مٿي چيو ويو آهي ته هري دلگير بيوس اسڪول جو
شاگرد هو. ان ڪري هن پاڻ به ڪئين گيت لکيا. سندس ڪي گيت 'ماڪ ڦڙا' ۾ به درج آهن اچو
هڪ گيت ڏسون. جنهن مان دلگير جو آشاوادي نظريي جي پروڙ پوي ٿي.

"مٺر مٺر تون ڳاءِ...او دل !/ مٺر مٺر تون ڳاءِ/ 1_سپنن جي سوني نگريءَ ۾ آشا_وينا ڄ
/ وايو ساگر جي لهرن ۾ آنند گيت پکيڙ،/ لهر لهر کي پنهنجي سر سان، پيارو ناچ نچاءِ/ مٺر مٺر
تون ڳاءِ/ 2_تنهنجي گيت ۾ جيون آهي ڳاءِ سدا 'دلگير'/ گيت ڪري ٿي گيت تون ڳائج، ڏي د
دل کي ڌير/ تنهنجو گيت نه تولڻ آهي، پر آهي جڳ لاءِ/ مٺر مٺر تون ڳاءِ،/ او دل!" (صفح_70

"ڀارت جو گيت" ۾ پنهنجي ڀارت ديش لاءِ پروردگار کان دعا گهرندي چوي ٿو :

منهنجي فطرت شاعراڻي آهي. شعر منهنجي رڳ رڳ ۾ سمايو پيو
ي. مان سوچيندو بہ شاعريءَ ۾ آهيان. پر ڪڏهن ڪڏهن نثر لکڻو
پوندو اٿم. ڪڏهن ڪنهن سيمينار لاءِ پيپر، ڪنهن مخزن لاءِ ليک،
هن شاعريءَ جي ڪتاب جي سمالوچنا يا ڪنهن ڪتاب جو مهاڳ...
ڪي ڪجهہ گذريل ٽورن سالن ۾ لکيو اٿم اُن مان ڪجهہ مواد چونڊي
ابي صورت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.“ جنهن ڪي هوُ ڪچڪول
ڻي ٿو. ان ڪتاب ۾ 260 صفحن ۾ 24 ادبي ليک شامل آهن جيڪي
ص ادبي ليک نہ پر شاندار مقالا آهن. گهري اڀياس، سوجهہ ٻوجهہ
زيبدار ڀاشا ۾ لکيل، ڪوجنا جا سمورا عناصر سمائي پيش ڪيل
.

198 کان 2004 جي درميان لکيل ۽ ڇپيل، سيمينارن ۾ آڪاشواڻيءَ
يار ڪيل رچنا، سنڌو جوت، سپون، جهوليلال، ڪونج وغيره ۾ ڇپيل.
کان وڌ ڏهاڪو مقالا رچنا ۾ ڇپجي اُن جي معيار کي وڌائيندڙ
. لڳ ڀڳ سمورا مقالا شاعري ۽ شاعرن سان واسطيدار. ڀهريون شاه
لڪريم بلڙيءَ وارو تي جنهن کي سنڌي شاعريءَ جو ڏاڏو مڃي ٿو
شاه لطيف سان واسطيدار ۽ هڪ ٽئگور جي ڪويتا بابت. باقي
ن جا ڪور پيج تي فوٽو ڏنا اٿس. ٻيوس، نواز علي نياز، فتحچند
ٽي، منگهارام ملڪاڻي، عزيز، ضيا، اندر پوجواڻي ۽ سڳن آهوجا.
ب جي پنئين ڪور تي شيام، اياز، ايم. ڪمل، ايشور آنچل، موتي
ش، ريتا شهاڻي، واسديو موهي ۽ ڪيمن مُولاڻي. آخرين مقالو
ل آندولن جا گيت ڪتاب جي مهاڳ لاءِ لکيل مقالو آهي.
رئين مقالي جي شروعات شاه لطيف بابت خود جي مڃتا سان
ب ڪيس سنڌي شاعريءَ جو سرتاج ۽ اُن جو ابو مڃي ٿو. باوجود
قادن جي تاريخي اهميت جي شاه ڪريم کي سنڌي شاعريءَ جو
ڪري ليکي ٿو. لطيف چوڏس چندرما نہ ڪريم وهائو تارو. اڄ
جا فقط 93 بيت موجود آهن. توڙي هن لکيا وڌيڪ هوندا. دلگير
دن ڪلام ۾ گينا ۽ اُپنشدن جا پڙاڏا ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا. لطيف ۽
جي ٻولي ۽ ويچارن ۾ بہ هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي. ڪي سٽون
ه ڪريم لکيون سي هوبهو لطيف لکيون. ٻنهي جون ڪينتريون

هري دلگير جا مقالا

- ڊا. ڪملا گوڪلاڻي

هري دلگير جو جنم 15 جون تي 1916 لاڙڪاڻي سنڌي ۾ عام
خاندان جي شري گرڊنومل درياڻيءَ جي گهر ٿيو. جيئن ته منهنجي
جنم جي تاريخ 16 جون آهي. هڪ ٻئي کي واڌايون ڏيڻ جو سلسل
ورهين تائين جاري رهيو. مون وٽ اڃا به ڪي پوسٽ ڪارڊ اوس هوند
جن ۾ جنم ڏينهن جي واڌاين تي ردعمل روپ ۾ شاعريءَ ۾ جوا
ڏيندو هو ته جنم ڏينهن ڇو؟ ڇا لاءِ؟ حياتيءَ ۾ عمر جو هڪ سال
هٽائين گهٽيو.

اسين سڀ اديب پنهنجا نوان ڇپيل ڪتاب سوکڙيءَ طور اٽڪل00
ڪن اديبن کي موڪليون ٿا. آهرين تي ڳڻ جيترا به مشڪل سان جوا
ڏين پر دلگير جي خوبي هئي ته خط ذريعي نه رڳو ڪتاب جي پهچ
لکندو. پر باقاعدي سمالوچنا ڪندي خوبيون ڳڻائيندي حوصلا افزائ
پڻ ڪندو. ڪميءَ ڏانهن به بيحد فنيستائيءَ سان ڌيان ڇڪائيند
مون ڪتاب ۾ ڪي خط ڇپايا به آهن. هن اُپٽار جو مقصد اهو آهي
بنيادي طرح ڪوي هوندي به دلگير هر طرح جا ڪتاب پڙهندو هو، را
ڏيندو هو. ان رائزنيءَ مان سندس نثر نويس جو عمدو ۽ اپياسي رو
اُپري بيهي ٿو.

منهنجي مقالن لاءِ دلگير لکيو هو، ''تون پُونرُ آهين جو گُلن مان ر
وٺي پانڪ کي رس مگن بڻائي ٿو پر ڪامياب نقاد کي رچنا جي اوڻا
ڏانهن سڄاڳ اکه رکي چٽو ڪرڻ جڳائي.''

مذڪور مجموعي جا مقالا ان عيب کان آجا آهن دلگير رچنا
ڪمزور پهلوءَ ڏانهن به ڌيان ڇڪائي ٿو دلگير خود ڪتاب جو عنو
'ادبي ليکه' رکيو آهي. اڪادميءَ جي رڪارڊ ۾ مقالا رکيل آهن جڏ
ته خود دلگير ڪتاب جي مهاڳه ۾ لکي ٿو.

لي جيون ۾ اُتارڻ جي زوردار سفارش ڪئي آهي. دلگير عالمي
ياست ۽ حالتن جي ڄاڻ رکندڙ هڪ سجاڳ، ذميوار شهري هو. ليکہ ۾
آگسٽ 1990 تي اِنڊيا ٽُڊي ۾ ڇپيل ليکہ جي هڪ عجيب رنگارنگي
لپنا جو ذڪر ڪري ٿو جنهن ۾ ڀارت، بنگلاديش، پاڪستان ۽ ٻيا
ڀاس جا ننڍا ديش ملي گڏيل منڊل ناهين جي ممڪن بڻائڻ لاءِ
ورتيءَ جي ويچارن کي عملي جامو پهرائڻ گهري ٿو. مقالي جي آخر
لکي ٿو :

''سامي‌ءَ جي سلوڪن جي اٿاهہ ساگر ۾ اَهڙا سلڪو بوند برابر آهن،
سچل جو ڪلام هڪ تيز طوفان آهي. اُن ۾ گوڙ ۽ گجگوڙ ۽ ڇنيون
بيون آهن. شاهہ جو ڪلام گهرو ۽ گنڀير آهي، شور گهٽ آهي پر عميق
هو آهي ۽ تري ۾ بي‌بها موتي آهن.'' ص-54.

عالمي ڪوي ٽئگور جي شخصيت جا اڻ ڳڻيا پهلوءَ اُجاگر ڪندي،
س ٻن هزارن کان وڌيڪ گيت ۽ هزار کان وڌيڪ نظمن جون خوبيون،
ن لفظن ۾ پسايون آهن. خاص ڪري ٻال چندرما، پريت جا گيت ۽
انجليءَ جي ترجمن جي فنائتي پيشڪش سان ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي.
۽ متي ۽ اڃا بہ متي جو سهڻو سنديش ڏنو آهي.

بيوس لاءِ دلگير کي اٿاهہ شرڌا هئي. متس گرنٿ لکي سگهڻ جي
بہ، ٽئگور مثل بيوس وٽ اُپنشدن جي گونج آهي پر ٽئگور جو
مو ناهي. سڪدرسي، نئين دؤر جو باني، سنڌي ڪوِتا ۾ جماليات
ڄ ڇتيندڙ، جادوءَ ڀري ڀاشا، لفظ لفظ ۾ ڀريل رنگ ۽ چترڪاريءَ جو
مو ڪندڙ پهريون قومي ڪوي. اِستريءَ جا ماءُ، ڀيڻ، ڌيءُ روڳيا
پ اِظهاري ڪيس اِستعمال جي شيءِ يا محض جسماني سونهن ڪري
جي راند لاءِ رانديڪو هجڻ جي قيد کان آجو ڪيو.

م نرپيڪش شاعر وحدت جي وات ويندڙ، گيتڪار جي روپ ۾
ن شاعر، ٻال ڪوِتائن ۾ سمايل جانداري سيني گڻن کي مثالن
اضع ڪري لکيو آهي، بيوس تي ٻين نقادن جو بہ ڀورڻ اَپياس
لکيو اَٿس.

تاد نواز علي نياز کان شاعري سکڻ جي ڀهرئين ڏينهن جو دلچسپ
تم ڪٿائي بيحد اثرائتي انداز ۾ چٽ چٽيو اٿس. گڏوگڏ نياز

سٽون عام چوٽيون تي پيون. ٻنهي جو ڪلام لاڙي لهجي ۾ لکيل آهي
البت ڪريم جا بيت ٻن ٻن سٽن وارا نه لطيف جا ٽي، پنج يا سٽ
سٽن وارا به آهن. پر دلگير لطيف جي شاعريءَ جو سرچشمو سند
تڙڏاڏي ڪريم جي ڪلام کي ئي مڃي ٿو. هر ڳالهه کي هڪ ماهر مق
نويس مثل مثال ڏيئي ثابت ڪيو اٿس.

شاه جو رسالو نيم سان پڙهڻ ڪري جڻ ياد ٿي ويو هوس. اِنڪر
تضاد جا بيت هجن يا ساموندي سُر جي آڌار تي الڙ اُمنگن جو اظ
عنوان وارو مقالو هجي. سُر آسا ذريعي اننت جي تلاش ۾ البيل
اکين جي واڪاڻ جي يا شاه سچل سامي جي ييٽ هجي، دلگير تو
مثل شاعريءَ جي عميق ۾ ٽٻيون هڻي معنيٰ جا موتي آڻي ڏنا آه
لطيف جي شاعريءَ جا ڏهاڪو مثال پيش ڪندي لکي ٿو.

”مطلب نه شاه صاحب کي جيئن وڻي ٿو تيئن پنهنجي هر
دليل کي صحي ثابت ڪري ٿو. هن جي دليلن جي دنيا انوکي ۽ عجي
آهي. ڪمال جو ڪرشمو آهي. وڏي ۾ وڏا وڪيل به هن جي دليل
مخالف دليلن کي ٻڌي هن جي اڳيان پاٽي ڀرڻ ۾ عار نه ڪندا...

گهڻي ۾ گهڻا تضاد سسئيءَ جي سُرن ۾ نظر اچن ٿا. سسئيءَ جي
۾ ويهي اُن جي من جي ڦرڻن کي جهٽي ٿو. تضاد سان الٽ باسين ج
ڪجهه مثال :

1. پي پيالو اڄ جو اڄ سين اڄ اٿيار.
2. رڻان تان راند رلان تان ڪامي هنيون.

وڻجاريءَ جا سس کي ڏوراپا، هڪ نوُورنيءَ جا نازڪ جذبا، الڙ اُم
ماءُ سان وڻجاري جو حال اورڻ، ڪانگ سان ڳالهيون ڪرڻ، جل
جاتون ڪرڻ، اکا پاڻ جي موهيندڙ تصوير چٽڻ ۾ شاه جيڪو ڪ
ڪيو آهي اُن جو هوبهو ديدار دلگير هن ريڊيو وارتا ذريعي ڪ
آهي.

اجوڪي زماني ۾ شاه سچل ساميءَ جي اهميت مقالي ۾ مذ
ڪترنا، سلمان رشديءَ جو خون ڪرڻ واري کي غازي ليکڻ جي پڙرا
پاڪستان، بنگلاديش، افغانستان کي اِسلامڪ ملڪ بڻائڻ جي منص
جي مخالف ماحول ۾ دلگير ٿنهي ڪوين جا فضا ۾ گونجندڙ آواز ج

وجهندي لکي ٿو:

”لڳاتار مسڪراهٽن جي زوردار آمد ۽ پکيڙ، هوا جيان سڳن جي ڇهري تي، پنهنجا اَهڙا تہ زوردار اثر ڇڏيا هئا جو جڏهن هوُ گنڀير بہ هوندو هو تڏهن بہ اِئين لڳندو هو تہ مرڪي پيو، اِئين لڳندو هو ڄڻ بلب مان روشني نڪري رهي آهي.“

شاعر دلگير جي مقالن جي ڀاشا بہ شاعراڻي نموني النڪارن سان سجايل آهي. ڪتاب مان اَهڙا جهجها مثال ڏيئي سگهجن ٿا. ضيا مثل سڳن بہ حياتيءَ جا محض 45 بسنت ئي ماڻيا. سڳن جي شاعريءَ جو مجموعو ’ارمان‘ عنوان سان اُتم 1970 ۾ شايع ڪيو. پياري چيز، ڪنول جاڳي اُٿيا ۽ بي آگ جلن ٿا پروانا سڳن جي ادبي پونجي آهي. 1962ع ۾ شيام جي شاعريءَ جي مجموعي ’روشن ڇانورو‘ جي 40 صفحن جي مهاڳ ۾ دلگير کي مٿس عاشق بڻائي ڇڏيو.

نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز تي ڌار-ڌار مقالا ۽ ٻنهي جي ڀيٽ ڪندي مقالو، دلگير کي قابل نقاد ثابت ڪن ٿا. شيام جي ذات ۽ حيات جي مهاڳ بہ اها ڳالهہ بخوبي ثابت ڪئي هئي. دلگير جهڙو ڪوي ئي ڪوين تي مقالو لکي سگهي ٿو جنهن کي شاعريءَ تي نہ رڳو وزن پر اريڪين، خوبين جي مڪمل ڄاڻ هجي. شيام لاءِ لکي ٿو:

”315 غزلن جو هيءُ شاهي مجموعو هند سنڌ جي بهترين شاهي مجموعن مان هڪ آهي. انڪل 40 مختلف ڇندن ۽ وزنن تي ٻڌل هن. ايڏي گوناگونيت ٻئي ڪنهن ۾ مشڪل ملندي. ٻئين ڀاڱي ۾ ي جدا جدا صنفون مثلن تصويرون (هائيڪو)، دوها، سورٺا، بيت، طعا، وايون، رباعيون، ترائيل، نظمون، پنجڪڙا، تنها سڀ شامل آهن.“

روپ مايا ۾ جماليات جي سهوليت کي واضع ڪيو اٿس. اياز کي ٽن واين ۽ بيتن جو بادشاهہ مڃيو اٿس. اياز بابت تاج جويو ۽ ٻين جا چار بہ ڪوٽ ڪيا اٿس. اياز جو سسئيءَ بابت بيت، جا نديءَ ڪناري نجي پڙي کي ناهي مينديءَ رتڙا پير پاڻيءَ ۾ ٿي وجهي تہ جل ر مڇيون بہ مورڇت ٿيو وڃن. دلگير ملهائتو موتي ٿو مڃي هن کي جماليات جي جوت سان جرڪي رهيو آهي. اياز سنا سنگيت روپڪ ڪيا آهن. ’دودي جو موُت‘ ۾ پاڻ پلٽي ڇڏيو اٿس. البت سنڌس

جي شاعراڻين خوبين کي مثالن سان اظهاريو اٿس. فتحچند واسواڻي
جي رچناڪار جو ظهور پسائيندي سندس شخصيت جي خوبين جو ب
واهه جو چٽ چٽيو اٿس.

منگهارام ملڪاڻيءَ پاران ٽئگور جي بن ترجمن جون خوبيون ڪٿي
ڪٿي اصليءَ کان وڌيڪ اثرائتا چٽ مثالن سان پاٺڪ کي پسايا اٿس

ليکراج عزيز جي فن ۾ پختگيءَ دهشت، اهنڪار ۽ ايرشيالو سياءُ
رام پنجواڻيءَ جي مقبوليت نه سهڻ، چوريءَ جا الزام تعميري تنقيد
عيوض (Constructive) تخريبي (Destructive) تنقيد ڪري گل و خا
جي اوکه ڏوکه سان گڏ سندس شخصيت جي گڻن جي واکاڻ ڪرڻ ۾
دلگير ڪابه ڪنجوسي نه ڪئي آهي. عجب ۾ وجهندڙ اگرا سچ به هن
مقالي ۾ سمايا ويا آهن. پر مونکي هيءُ مقالو سنسڪراتمڪ ليکه جي
وڌيڪ ويجهو لڳو.

پرسرام ضيا جو محض 47 سالن جي عمر ۾ لاڏاڻو (جنم 11 جولا
1911 ۽ ديهانت 28 آڪٽوبر 1958) سان ليکه شروع ڪري گيت جوڙ
جي شروعات، شاعراڻو سفر پرسو، رنجوڙ، ساهي سوتائي، وغيره تخلص
آلاپميا کان اڳه لکيل 'تصوير احساس' جي دستخط تي سنڌي ادبي
بورڊ جو اِنعام عطا ٿيڻ، گيتا جي ترجمي واري گهٽنا جنهن ۾ عزيز ج
نالو به مجبوريءَ ۾ ڳنڍيو ويو. ضيا جي مقبوليت عوام جو ڪوي، فلم
لاءِ لکڻ، 'اباڻا' فلم جا گيت فلم رليز ٿيڻ کان اول ئي گهر-گهر مشهو
ٿيڻ ۽ بي وقتائتي ديهانت جو دلسوز بيان دلگير اَهڙي پُرحساس نمون
ڪيو آهي جو هن مقبول ڪوي، لذيذ اِنسان، نهٺي، نماڻي، فقير ت
درويش دل واري شخص آڏو خود به خود سجدو ڪرڻ تي دل ٿئي ٿي

اندر ٻوچواڻي (1918-1992) جي ڪويتا کي دلگير محض لفظ
جي راند نه پر اندر جو اُيرڪو، اُمنگن جو آبشار ۽ باهه ۽ پاڻيءَ جو انو
ميل مڃي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ برسات جي رمجهم ۽ وچ جا وراڪا
محسوسي ٿو. اندرجي شاعراڻي سفر جي ٽن لفظن ۾ مثالن سان عڪاس
ڪئي آهي. خاص ڪري شاهه، سامي، سچل کي ڏکيا ڏوراپا ڏيڻ، دلگ
کي متاثر ڪري ٿو. 'تنها' شاعراڻي صنف جي ڏين کي ساراهي ٿو.
'سڳن آهوجا شخص ۽ شاعر' ليکه ۾ سڳن جي شخصيت تي روشن

وزنن تي ڦهليل هن مجموعي جي غزلن ۾ رديفن جي گوناگوني ۽ نواڻ
پانڪ جو هڪ دم ڏيان ڇڪائي ٿي. ٻولي صاف ۽ سهڻي آهي ۽ غزل فن
جي لحاظ کان پڪا پختا آهن.'' 'ماڻ تي وجي' مان مثال ۽ وضاحت.
رائين دلگير ڪويءَ جي مراد ۽ معنيٰ سمجهي ماهر ماستر مثل وضاحت
ڪئي آهي. غيررواجي ۽ مهاڪنن رديفن سان خوبيءَ سان نڀايو آهي.
اختصار جو اِستعمال حد کان وڌيڪ ڪيو آهي. ڪٿي ڪٿي مطلب
صاف نہ هجڻ جو مونجهارو ۽ سجهاو بہ ڏنا اٿس. جيتوڻيڪ منهنجي
شخصي ويچار ۾ نقاد ڪويءَ تي شخصي ويچار مڙهي نہ ٿو سگهي پر
دلگير هوشياريءَ سان پنهنجي نموني غزل جي بند جو بهتر روپ بہ
پيش ڪيو آهي.

ڪيمن مولاڻيءَ جي 'اڳڻ مٿي اوپرا' تي رائزني ڪندي دلگير ڪيس
ڪر وزن تي پڪو پختو ۽ شاعريءَ جي داون پيچن کان بخوبي واقف
ڄيو آهي. مذڪور ڪتاب ۾ غزل، بيت، پنجڪڙا، گيت، هائڪو،
طع ۽ وايون آهن پر ڪتاب کي جيتري اَهميت ملڻ کپندي هئي اُها
ملي سگهي آهي. دلگير پوري پني گيت اَپ ۽ ڪنهن کان مهاڳ يا
قفيت نہ لکائڻ بہ اُن جو ڪارڻ مڃي ٿو يعني اهي بہ ضرورتون آهن؟
بارا سنڌي قافيہ، اصطلاحي ٻولي، فنائتي نموني ڇٽي زندگيءَ جا
نيقي عڪس پسائڻ جي خوبيءَ جي بہ مثالن سان واکاڻ ڪري ٿو.
وبيون اُکيري ٿو پر ڪڇاين ڏانهن هلڪو اِشارو ٿو ڪري. هن ڪتاب
ن گهٽ معياري ڪتابن کي ساهتيہ اڪادميءَ وٽان اِنعامن سان نوازڻ
ن افسوس بہ ظاهر ڪري ٿو ۽ صاف لکي ٿو، ''يا پارکو سست آهن يا
ڪ رهي ڪانهي يا تہ.... ۽ اِها... اڄ بہ جاري؟'' مجموعي جو آخرين
الو 'آزادي آندولن ۾ سنڌي شاعرن جو شاندار ڪرتب' تز مثالن سان
ر ڳو معلوماتي پر بيحد ڪارائتو مقالو آهي جنهن جو ٻين ڀاشائن ۾
جمو سنڌي شاعريءَ جو مانُ مٿاهون ٻڌائيندو.

بيشڪ دلگير ڪويءَ جي روپ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، پر هيءَ
موعو ڪيس مقالا نويس جي روپ ۾ بہ مٿاهون درجو عطا ڪري ٿو.
هن بہ ڪويءَ يا ڪتاب تي لکڻ کان اول اُن جو اونهو اڀياس ڪري
ان بابت ٻين جون رچنائون ۽ رايا اڀياس ۾ شامل ڪري ٿو پهرين

پوين ڪتابن ۾ دلگير کي لڳو سندس شاعري بلندين کي ڇهي هيٺ لٿي آهي.

غزلن جي حوالي ۾ ايم. ڪمل جا 750 غزل لکيل آهن. اُنهن جي موضوع، پيشڪش، وزن، قافيا، رديف، نئين غزل جي حوالي ۾ پوري ڇڪاس ۽ ڇنڊڇاڻ ڪئي اٿس. ڪي واجب سوال به اُٿاريا اٿس.

ايشور آنچل جي شاعراڻي سفر جو ذڪر ڪندي سندس ساهت اڪادمي جي پاران اِنعام حاصل ڪيل مجموعي 'تانداڻا' (انڌيري رات ۾) جي اوڪ ٻوڪ ڪئي آهي. ڪٿي ڪٿي خيال جي اڻچٽائي، وزن جون گهٽ وڌايون، ڪچسي ۽ ڏکي ٻولي، مهاڳ لکندڙ پرسواڻيءَ جي لفظن ۾ ڪتاب کي درشن شاستر جو درجو ڏيڻ تي سوال؟ تي لکندي دلگير سندس بيزاريءَ لاءِ شڪايت ڪندي لکي ٿو : ''زندگيءَ کان بيزاري آنچل شاعر جو آنچل سدائي پڪڙي بيٺي آهي.''

موتي (هڪ ساهتيڪار پرڪاش وارو)

ساهت اڪادمي اِنعام حاصل ڪيل جوڙو سنڌي قومي ترانو رچيندڙ اصلوڪا طويل ناٽڪ لکندڙ، ريسرچ ڪري ٿيسز لاءِ لکيل 'سنڌي شعر ۾ اِستريءَ جو چٽ' ۽ شعري مجموعن کان سواءِ سفرنامي جو ذڪر، گَورو پُرسڪار جو ڪتائيءَ پوڻ. پهرئين مجموعي ۾ رومانٽڪ ۽ ترقي پسند شاعر پر ٻئين ۾ خالص سنڌي شاعر جي روپ ۾ اُڀري آيل ڪويءَ جو بيان آهي. جنهن جي غزل جو ڪشادو ڪئنواس، سنا سنڌي قافيا، اصلوڪا سهڻا ويچار، انوکو اندازي بيان ۽ آشاوادي شاعر جي روپ ۾ موتي پنهنجي پوري آب تاب ۽ پرڪاش سان چمڪندڙ نظر اچي ٿو. دلگير کي ريتا شهاڻيءَ جي شاعريءَ تي لکندي دلگير سندس ٻوليءَ کي سنگيتميه، رواني ۽ ڇوهه واري مجيو آهي. باوجود چند وزن جي ڪمزوريءَ جي. هوءَ ڪيس شاعرا سان گڏ فيلسوف به مڃي ٿو جا جنم جنم کان پٽڪندڙ، هڪ جڳياسا ڪٺي ازلي تلاش ۾ آهي. جنهن جي شاعريءَ ۾ نثر ۽ نظم جو انوکو سنگم نظر اچي ٿو.

موهيءَ جي 'برف جو نهيل' تي تبصرو ڪندي دلگير لکي ٿو : ''1 غزلن جو هي عاليشان مجموعو شاعر واسديو موهيءَ کي ڇڪي اڳتي آڻي، اڳرن غزلن نويسن، شاعرن جي قطار ۾ وهاري ٿو. ٻارهن تيرهن

دلگير جي آتم ڪٿا

- چينو لالواڻي

جيون ڪهاڻي فن ۾ جيوني ۽ آتم ڪٿا شامل آهن. ٻنهي ۾ جيون ۽
ص شامل آهن. جيون ۽ ادب جو اڻوٽ سنٻنڌ آهي. ادب ۾ جيون
ڻي، فن بہ شامل آهي. جيون چريتر ۾ ڪنهن بہ شخص، اديب،
ڪار ۽ شخصيت جي جيون واقعن کي ڪٺي اُن جي جيوني قلمبند
ي ويندي آهي. پر آتم ڪٿا اديب، ڪلاڪار، شخص وغيره پاڻ
بند ڪندا آهن. آتم ڪٿا کي جيون جي تنقيد، ”Criticism of life“
و ويو آهي. آتم ڪٿا ۾ ڀوڳيل، ماڻيل، جيئل جيون جي پلن،
ين، سکن-دکن سان گڏوگڏ روحاني سوچ ۽ روزاني جيون جو چٽ
ل هوندو آهي. آتم ڪٿا لکندڙ پنهنجي مڪمل جيون کي ٻيهر
ڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. آتم ڪٿا دوران پاٺڪ/اديب ليکڪ
شخصي زندگيءَ کي ڏسڻ، سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اديب
جيون ڪهڙو آهي؟ عام ماڻهو ۽ سماج کان هوُ ڪيئن علحدو آهي؟
جي زندگيءَ جي ترقي، واڌارو، ڦهلاءَ، ڳراوٽ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟
جي جيون جا ڪهڙا حد نشان، ڳالهيون، نقطا آهن جنهن تي عمل
ي جيون کي سڦلتا ڏانهن موڙي سگهجي ٿو، فخر وني سگهجي ٿو،
ڻا حاصل ڪري سگهجي ٿي وغيره وغيره تلاشڻ جي ڪوشش ڪندو
ي.

تم ڪٿا جون ڪي وصفون هن ريت آهي :

ينسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا ۾ ڄاڻايل آهي تہ ”آتم ڪٿا شخص
گذاريل جيون جو پوتاميل آهي، جيڪو خود ليکڪ دوران لکيو
ٿو.“

ڪسفورڊ ڊڪشنريءَ جي مطابق ”آتم ڪٿا خود لکيل اِتهاس آهي،
دوران لکيل خود جي زندگي آهي.“

خيال ڪري دل ۾ سچي رت رتي تو تہ مقالي ۾ ڪهڙيون اهم ڳالهيون شامل ڪرڻيون آهن. ان بعد هرڪا ڳالهہ ترتيب سان بيهارو تو نتيجن سلسلو قائم رهي تو جيڪا ڳالهہ جتي ۽ جيئن چاڙائڻ گهرجي بلڪل اُن نموني ئي چاڙائي تو. اڳہ يا پوءِ نہ. اِنڪري پانڪ سندس لکڻين جي وهڪري ۾ وهندو تو وڃي. متاثر تو تئي. سڪي تو، گهڻو ڪجهہ پرائي تو سندس تخليقي ڀاشا پريرڻادائي بہ بڻجي تي. داخليت، اونهاڻ سلسلو ۽ اثرائتي پنهنجي خاص خوبيون شخصي طور مونکي P.Hd. ٿيسز لاءِ رهبري بہ ڪيائين، عاليشان ميزباني بہ ماڻيم تہ سنڌ جا ڪتاب بہ ميسر ڪرايائين سو قرضدار تہ آهيان ئي. آخر ۾ سنڌ جي سداحيات شاعر تاجل بيوس جي هينين سٽن ۾ پنهنجي هڪ سٽ جوڙي پنهنجي جڳهہ وٺندس.

دريائڻي دلگير شاعر هند ۽ سنڌ جو
پوڄاري پريت جو الفت جو اَسير
ماڻهن جي ميلاپ ۾ ڪنڊ مصري ڪير
ڪويتا جي ڪائنات ۾ سدا ماهر منير
سدا رهندو سرڳہ ۾ محبتي صغير
مقالا نويس پڻ آهي بي نظير
جنگہ شاهي جهپير آهن شهر اُڪير ۾.

A-4, Nehrunagar,
P.O. H.M.T. Ajmer-305003.
M. 9414220370

دلگير جي آتم ڪٿا جا ٻه جلد ”چولو منهنجو چڪ ۾“ 1997 ۽ ”گند منهنجي گوڏ ۾“ 2003 ۾ شايع ٿيل آهن. دلگير صاحب اِن آتم ڪٿا لکڻ کان ٽن سالن بعد 2006 ۾ هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪيو. هي ٻئي آتم ڪٿائون سنڌ ۾ به شايع ٿيل آهن.

دلگير پيشي طور پل انجنيئر هئا پر هنن جي پهرين چونڊ ادب ۽ اُن ۾ به شاعري هو. شاعريءَ جيان هن جي نثر جو حسن به يگانو ۽ دلپذير آهي. هن جي آتم ڪٿا غيررواجي انداز ۾ قلمبند ڪيل آهي. هن سچائي، صافگوئي ۽ ديانت جو پاند نه ڇڏيو آهي ۽ نه ئي وري ڳوڙهن لفظن، منجهائيندڙ مبهم جملن جي اوٽ وٺي پاڻ کي پول پوليان ۾ وٺي ويو آهي.

”چولو منهنجو چڪ ۾“ ۾ جدا جدا ٻارهن باب آهن. هن آتم ڪهاڻيءَ کي ساروڻيون، يادگيريون چوڻ وڌيڪ مناسب لڳي ٿو جو سندس آتم ڪٿا ۾ جن واقعن، گهٽنائن کي شماريو ويو آهي اُن جو ڪوبه سلسلو نه آهي ۽ نه ئي وري ڪا ترتيب ڏنل آهي. اِسڪولي زندگي، ننڍپڻ جي جيون، گهرو ماحول جي جزاءَ وغيره جو ذڪر متاثرو ڪيل آهي. دلگير 41 سال سنڌ ۾ گذاريا آهن پر پنهنجي جنم ڀومي سنڌ ۾ گهاريل زندگيءَ جا ورق هن پنجن بابن جي 70 صفحن تي ئي پورا ڪري ڇڏيا آهن. بابن جي ورهاست هن ريت ڪيل آهي.

پهريون باب يادگيريون 1930 تائين، اُسرندڙ شاعر، ڪاليجي ڪچهريون، سنڌ پاڪستان ۾ 12 سال ۽ او مستانا هلو هلو ڳانڍيڏام، غرب ۾ ڪات، ادبي رهاڻ، جت ڪٿ مان بدنام، گڻوانن جون ڳالهيون، ڪام ۽ واسنا، هلڻ جي هاڪار.

هن آتم ڪٿا جو سلسلو 13 سالن جي عمر واري عرصي کان شروع ڪيو آهي پنهنجي گهر، اردگرد جي ماحول ڪنڊڙيءَ وارن پيرن جي ڀيلي جو ذڪر شدت سان اُبيري بينو آهي. دلگير جي جنم ڀومي لاڙڪاڻو هي جنتي ادبي ماحول ۾ هن شعرت ۽ گهڙت حاصل ڪئي. ڪشنچند بيوس، پريو وفا ۽ اُستاد نواز علي نياز جي هن کي صحبت حاصل ٿي. دلگير اُنهن سان ماڻيل ترحي مشاعرن، ڪچهرين، تفريرن چاهي ملاقاتن جو چٽو ۽ سهڻو ذڪر ڪيو آهي.

ڊاڪٽر سيموئيل جانسن جو چوڻ آهي تہ، ”جيوني هڪ شخص جو جيون چريتر خود دواران ئي سيني ڪان سني نموني لکي سگهجي ٿو.“

اَمرتا پريتم پنهنجي آتم ڪٿا جي مهاڳہ ۾ ڄاڻايو آهي تہ، ”آتم ڪٿا ليکڪ جي خود ضرورت آهي، حقيقت ڪان حقيقت تائين، اصليت ڪان اصليت تائين پهچڻ جي پرڪريا آهي.“

مختصر ۾ چئجي تہ آتم ڪٿا اديب جي جيون، زندگيءَ جي ياترا جي حقيقي احوال سان گڏ اُن جي جيون جي اهم واقعن، گهٽنائن جي ذڪر سان گڏ هن جي ذهني سوچ، روحاني ويچارن، جنسياتي وهنوار، ٻاهرين دنيا جو ذڪر ۽ فڪر هوندو آهي.

آتم ڪٿا پنهنجي جند ۽ حياتيءَ کي پرکڻ، پروڙڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو نالو آهي. هڪ سٺي آتم ڪهاڻي ڇڻ تہ تلوار جي ڌار تي هلڻ برابر آهي. سچائي، حقيقت، پسندگي ۽ نهنائي آتم ڪٿا جا اُهي سونهري اصول ۽ وکر آهن جيڪي اُن جي اهميت کي سمجهن ۽ عمل ڪن ٿا. گڏوگڏ اُن ۾ ٻوليءَ جي خوبصورتي، ميناج، ڳالهہ ڪرڻ جو ڍنگہ ۽ انداز بيان بہ خاص اهميت رکن ٿا. اِن ريت گهڻا تتو گڏجي آتم ڪهاڻيءَ کي امرتا بخشين ٿا. آتم ڪٿا پنهنجي دؤر جي عڪاسي ڪندي آهي اُن ۾ ذاتي زندگيءَ جي خارجي ۽ داخلي ڇاڻ سان گڏ سماجي، ثقافتي، سياسي اُٿل پٿل ۽ تبديليءَ جي ڇاڻ بہ ڏئي ٿي. آتم ڪهاڻيءَ ۾ اُن وقت جي ماحول، شخصيت ۽ واقعن جو پڻ ڀرپور عڪس ۽ چٽ چٽيل هوندو آهي.

سنڌيءَ ۾ ورهاڱي ڪان اڳہ ۽ پوءِ چڱي تعداد ۾ آتم ڪٿائون ڇپجي چڪيون آهن. اِهو سمورو مواد، ذخيرو سنڌي ادب، ٻوليءَ توڙي سنڌ-هند جي سياسي ۽ ثقافتي تاريخ جو هڪ اهم ورق ۽ سونهري دستاويز آهي.

آتم ڪٿا جا عناصر آهن: آتم تتو، ڪٿا تتو، ماحول، مقصد ۽ شئلي.

سداحيات هري درياڻي ”دلگير“ جنهن کي سنڌ-هند ۾ هري دلگير (1916-2006) جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويجي ٿو، دلگير صاحب برکہ ڪوي، تعليمدان، آدرش پرنسيپال، سنڌ-هند جي ادبي حلقي جا مايہ ناز، ڀهوگٽي شخصيت رهيا آهن.

ڻن. پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ سؤلي ۽ دل کي ڇهندڙ آهي.
هري دلگير ''ڪام ۽ واسنا'' باب ۾ ڄاڻائي ٿو ته،

آهه برهمچاري تن منهنجو
پر ويڀچاري آ من منهنجو
خواهش، خواهش جي گلڙن سان
ٻهڪي مهڪي گلشن منهنجو
جسم جڏو، پر من مستيءَ ۾
جڻ ته ڦٽي ٿو جوڀن منهنجو
ٻيا ته ڇڏيو، خود کي به نڳيان ٿو
دوکو دنيءَ آ جيون منهنجو.

دلگير صاحب شدت سان قبولي ٿو ته، ''ننڍي هوندي هم عمر
ڪرين جي صحبت وڻندي هئي. پاڙي وارين ڇوڪرين سان راندين
دي خوب مزو ايندو هو. پاڻ ۾ مائٽن کان لڪي، گهوٽ ڪنوار
يون به ڪندا هئاسون هڪ بستري تي ياڪر پائي سمهڻ ۾ ڇا ته مزو
دو هو.''

حوالو ''ڇولو منهنجي چڪ ۾'' هري دلگير-1987، ص-115)
هري دلگير صاحب پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ دل جون سچايون جيون
ناڪاميابيون، شڪستون، مرادون نامرادون بيان ڪيون آهن.
هري دلگير جي آتم ڪٿا ''ڇولو منهنجو چڪ ۾'' 1990 ۾ سنڌي
ڀيه گهر حيدرآباد سنڌ وارن شايع ڪئي هئي. سنڌ ۾ شايع ٿيل
ب جي مهاڳ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته،
ڇولو منهنجو چڪ ۾'' هڪ شاعر ۽ اديب جي آتم ڪٿا آهي. هڪ
ري ۽ تعليمي ماهر جي آتم ڪٿا آهي. هڪ رواجي ماڻهوءَ جي به
ي آهي. هڪ رشوتي اِنجنيئر جي ڪهاڻي آهي. هڪ چور جي
ي آهي. گندي بازار ۾ وڃي پڃي ايندڙ لوڪ جي ڪهاڻي آهي.
ي مادر وطن منڙي سنڌ ڇڏي پڃي ويندڙ ڪانئر جي ڪهاڻي

والو ''گند منهنجي گوڏ ۾'' 2003، ص-9)
هيءَ هري دلگير جي جيون تي آتم ڪهاڻيءَ جا ڪجهه انش

اعليٰ شاعريءَ جي معيار ۽ پرک لاءِ دلگير نواز علي نياز جي اِها ڳالهه
تہ ”وزن ۽ قافيا آهن شعر جو جسم پر نازڪ خيالات آهي روح يا اِئين بہ
چئي سگهجي ٿو تہ علم عروض آهي پيالو ۽ ڪلپنا آهي شراب جو
پيالو. جي پيالو ڪي قدر سادو آهي پر اُن ۾ شراب اوچو آهي تہ پيئندي
خوب مرو ايندو پر جي سهڻي پيالي ۾ ردي مڌ هوندو تہ پيئندي من
ئي نہ ورندو. البت جي پيالو بہ سهڻو ۽ مدرا بہ مؤج پري آهي تہ پوءِ چار
چنڊ لڳي ويندا.“ (ص-29) هينئن سان هنڌائي چڙي هئي.

”چولو منهنجو چڪ ۾“ ۾ هري دلگير پنهنجي نوڪريءَ واري زماني
جون يادگيريون درج ڪيون آهن جنهن ۾ هن سرڪاري نوڪريءَ جا
انداز، ڪاموراشاهيءَ جون انڪلون شنڪلون، سازشون، رشوت خوريءَ
جو ذڪر بہ ڪيو آهي. هريءَ ايمانداريءَ سان قبوليو آهي تہ اِن وهڪري
۾ پاڻ بہ تورو وهندو رهيو هو ۽ اِهو بہ ڄاڻايو اٿس تہ ”مان وڏو چور نہ،
ننڍو چور آهيان.“

آتم ڪٿا ۾ دلگير جي ننڍپڻ جو ذڪر نظر نٿو اچي هو ڪٿي،
ڪڏهن، ڪهڙي اِسڪول ۾ پڙهيو، هن ڇا ڏٺو، محسوس ڪيو اُن جي
ڄاڻ ڏنل نہ آهي پر هن جيڪي ڪجهہ لکيو آهي، هن جي لفظ-لفظ مان
صداقت، سچائي، بي ڊپائي شدت سان اُڀري بيٺل نظر اچي ٿي. ڊڄڻو
دلگير، سوارٿي دلگير، مشهوريءَ جو چاهڪ دلگير وغيره اُن جا
ثبوت آهن. دلگير هڪ اِنسان جي عام زندگي جيئندڙ شخص آهي
جنهن ۾ اِنساني ڪمزوريون آهن. هوُ بنيادي طور جديد دؤر جو سياسي
شخص نہ آهي، هن کي عهدن کان وڌيڪ پنهنجي عزت پياري آهي.

بہ قوُل سداحيات هري دلگير ”منهنجي زندگي هڪ نديءَ وانگر آهي
جنهن ڪڏهن بہ ڪنارن جو قيد نہ پڳو آهي. اُن ۾ ڪڏهن بہ ٻوڏ يا سوڪ
ڪانہ آئي آهي. منجهن ٿوري گهڻي گڙٻڙ آهي پر ڪنن جا ڪڙڪاٽ
ناهن، ”نڪو سنڌو سير جو سپ نہ ملاح، ندي لسن ئي لس وهي رهي
آهي ۽ اِئين ئي ساگر ۾ سمائجي ويندي.“

(حوالو : چولو منهنجو چڪ ۾-هري دلگير 1987، ص-9)

دلگير صاحب جي آتم ڪهاڻي سڌي سنواٽي، سرل سپڪ، منڙي
ٻوليءَ ۾ جوڙيل آهي. ڪٿي بہ ٻولي، شئلي جا وروڪڙ، وراڪا ڪون

بہ ڪم ڪندو آهيان.“

ان ريت زندگيءَ جي 71 سالن جي يادن، حادثن، اِتفاقن ۽ واقعن
جوڙي هڪ لڙيءَ ۾ پرويو ويو آهي. هن ۾ دلگير صاحب جي جيون
يادگار فوٽا بہ درج ڪيل آهن.

گند منهنجي گوڏ ۾ 17 سالن کان پوءِ جو جوڙيل بيو ۽ آخري جلد
ي. هن ۾ 12 باب آهن. سنڌ ۾ شايع ٿيل ڪتاب، پراڻيون يادگيريون،
ند منهنجي گوڏ ۾“ سنڌ کان هند ۾، ڳالهيون ادب جون، منهنجون
ولين، خاڪ جنين ڪت! تڪيا پسون تن جا، مذوبن ۾، پُونڪپ جا
مدن دلھ جون مستيون، ڳجھ ڳجھاندڙ ڳالهڙيون ۽ جيون جو جس.
۾ سنڌ جون جهڪيون، ڏنڌليون ٿيل يادون تن کي بہ دهرايو ويو
. جنهن ۾ ننڍپڻ جي يادن جو چٽو پڙاڏو بہ آهي. ابتدائي تعليم،
ڪول، آزاديءَ جي هلچل، هوندراج دکايل، ڊاڪٽر ڏرمداس لڪاڻيءَ
ذڪر لائق يادگيريون آهن. چونڊ شاعريءَ جون سٽون بہ شامل ڪيل
. هن جلد ۾ پراڻين ساروڻين کي نئين انداز ۾ لکيو آهي. جنهن ۾
سان وابسطہ واقعن، حياتيءَ جو عڪس ڪجھ وڌيڪ ئي آهي. ڊي.
سنڌ ڪاليج وارو زمانو، توڙي نوڪريءَ سان گڏ ڳوٺ جي زندگيءَ
منظر جو سھڻو، حقيقي، دل ڇهندڙ چٽ هائڪو ۾ هن ريت چٽيو
. چوي ٿو :

وريون مڏ ماٽيون
بہ دلا سر جي مٿان
لڏندڙ ڇاتيون.

هڻ سان ئي شاعر جي من ڪيفيت، دل جي تڙپ اُڀري سامهون
بيهي ٿي.

ي جلد مان بہ ملڪن جون سرحدون ذهن مان متجنديون نظر اچن
روزمرّہ جي دستور ۾ شاہ يٽائيءَ جي سٽن ۽ پنهنجي شاعريءَ جو
ن بہ ڪرايو آهي. هر سٽ پاڪ، پوتر ۽ روح کي ڇهندڙ آهي. هن
ٽيءَ مان بزرگي ڏاهپ ۽ سچ جون ڳالهيون اُڀرن ٿيون. اَهڙو حظ
ڪن ڳالھ ڳٽين آتم ڪٿائن ۾ ئي ماڻي سگهجي ٿو.
يءَ جا سهڻا سخن جهڙا لفظ آهن :

آهن.

اِنڪري ئي ڪتاب جو نالو ئي ”چولو منهنجو چڪ ۾“ رکيو آهي

پاڻ شرمسار ٿيڻ، پنهنجين ڪمزورين جو بي باڪيءَ سان اوگهڙ ڪرڻ

سچ لکڻ به هڪ جريت ڀريو ڪم آهي. اِها هڪ اعليٰ ڪردار جي ماڻهپ

جي نشاني آهي.

هري دلگير ورهاڱي بعد ٻارهن سال سنڌ ۾ رهيو جنهن ڪري هن ج

مشاهدا ۽ سنڌ جي سماج بابت رايا هند جي ٻين سنڌين کان مختلف

آهن جن جو ذڪر ڪندي ڪجهه تجربا به لکيا آهن. هن نتي، لاڙڪاڻ

جيڪب آباد، شڪارپور، سکر ۾ جن سان هن نوڪريءَ جي عرصي

رابطا قائم ڪيا، صحبت ماڻي اُنهن جي ويجهڙائپ جو ذڪر ونديندي

اُتان جا مشاهدا، واقعا، ڪامورن ۽ سياسي اڳوانن جو ذڪر به ڪيو آهي

جن ۾ محمد ايوب کهڙو، قاضي فضل الله، رحيم بخش سومرو،

شاهنواز ڀٽو مکيه آهن. هڪ باب حيدربخش جتوئيءَ تي لکيو آهي اُ

جو عنوان ڏنو آهي، ”او مستانا مستي اِها ڪتان آندي ٿي؟“ اِ

جتوئيءَ جي نظم جي ئي هڪ سٽ آهي. جتوئيءَ تي لکيل باب ري

چٽر آهي. هري دلگير لفظن ذريعي چٽر پيش ڪيو آهي جنهن سا

جتوئي صاحب جي شخصيت اُڀري بيني آهي. هري دلگير جو ه

ريکا چٽر جذبات سان ڀرپور آهي.

ڪتاب ۾ ست باب ورهاڱي بعد، ڀارت ۾ لڏي اچڻ کان پوءِ وا

زندگيءَ بابت آهن جن ۾ به دوستن، اديبن سان ڪيل روح رهاڻ، ادب

سرگرمين، روزگار لاءِ جستجو، گهر گرهستي جي ڳالهين وغيره جو چ

آهي. غور طلب آهي ته سوامي ليلاشاهه سان روح پرور گفتگو ۽ ڪ

واسنا واري باب ۾ ڪاليجي زماني جي ڪتين منين يادن کي ڏهرا

ويو آهي. هن آتم ڪٿا ۾ دلگير صاحب پنهنجي زندگيءَ جو فلسفو

ريت ذڪر هيٺ آندو آهي.

”هونءَ به مان گوتم ٻڌ جي وچين واٽ جو وانهڙو آهيان، نه دو

جو چاهڪ آهيان، نه غريب تان ٻلهار رهندو آهيان نه گهٽي دوس

اٿم، نه بنهه اڪيلو آهيان، نه آهيان ساڌو سنت ۽ نه چور نڳت پنهن

ڪتنب سان پيار اٿم پر الڳ به آهيان ڪجهه لکندو پڙهندو آهيان

هري دلگير جو ٻال ساهتيہ

- هوندراج بلواڻي

سنڌي ٻال ساهتيہ ۾ سڀ کان وڌيڪ جيڪي صنفون لکيون وڃن ٿيون،
ن ۾ مکيہ روپ سان ٻال ڪهاڻي ۽ ٻال ڪوتا جو شمار ٿئي ٿو. ٻال ڪوتا
نيءِ ٻارن جي لاءِ لکيل ڪوتا يا گيت، ٻارن جي لاءِ لکيل ڪوتائون
نيءِ اُهي ڪوتائون جيڪي ٻار سولائيءَ سان سمجهي سگهن، ماڻي
هن، اُنهن جو آنند وٺي سگهن. ٻال ڪوتا جا وشيہ ٻار جا هجن، اِهو
وري نہ آهي. ٻيا بہ ٿي سگهن ٿا. پر هر حالت ۾ اُنهن مان ٻارن کي
و اچڻ گهرجي.

ٻال ڪوتا جي باري ۾ شروعات ۾ اينٽري مختصر ڳالھ چوڻ کان پوءِ
شري هري درياڻي دلگير صاحب تي ٿو اچان. ٻال ساهتيہ ۾ دلگير
حب جو نالو ٻال ڪوتا جي رچناڪار جي روپ ۾ اُيريل آهي. هن
حب جا ٻال ڪوتا جا ڪتاب اِئين تہ گهڻا ڪين آهن صرف چار آهن.
ن مان بہ ڪشنچند بيوس جي ڪوتائن سان گڏ ڇپيل 'مؤجي گيت'
لگير صاحب جون فقط چار ڪوتائون آهن- ڪاٺ جو گهوڙو، پينگھ
نهنجي مزيدار، بہ ڀائر ۽ قُڙت ڇوڪر. ٻال ڪوتائن کان سواءِ ٻيءَ
ن صنف تي بہ هن ڪڏهن ٻارن لاءِ قلم هلايو هجي، تنهن جي خبر
ہ اٿم. سنڌ ۾ ڇپيل 'مؤجي گيت' جا هت هند ۾ بہ سندر ساهتيہ،
بر ۽ بيوس واڻي مندر، آديپور طرفان ڪي ڇاپا نڪتا، جي هٿون
ڪپي ويا. ان بعد هري دلگير جا هند ۾ ٽي ڪتاب ڇپيا. (1)
ار گيت (1982) (2) گيت گلابي (1987) ۽ پرولييون (ڪوتا ۾-
). انهن ٽن ڪتابن کان سواءِ سنڌ مان دادا شيوڪ ڀوڄراج طرفان
ندڙ مشهور ٻال رسالي 'گلستان' ۾ بہ هن جا ڪي ٻال گيت ان وقت
هئا. دادا پاڻ انهيءَ رسالي جي ڪوتا وڀاڳہ جو سمپادڪ بہ ٿي
هو. 'گُل ڦُل' رسالي ۾ بہ هن جا ڪي ٻال گيت ڇپيا. ڪن گيتن تي

”پاڻ کي هلڪو ڪري ريلوي اسٽيشن تي وينو آهيان، ٽڪيٽ
ورتل آهي، ڪال جي گاڏي ايندي ته اُن ۾ خوشيءَ سان چڙهي پوندس
ڪلندي-ڪلندي، هلندي هلندي سيني ڪان موڪلائي وڃبو.“ ۽ اسان
سيني ڪان 2006 ۾ هنن موڪلاڻي ڪندي وداعي ڪئي. انت ويلي به
هنن جي منهن تي مُرڪ هئي.

يلي ٻوليءَ جي چاشنيءَ سان ڀريل، وري وري پڙهڻ، سمجهڻ ۽
زندگيءَ ۾ اُتساهه حاصل ڪرڻ جا اُهڃاڻ آتم ڪٿا جي ٻنهي جلدن ۾
سمايل آهن. آتم ڪٿا ڪوڙ، مان ۽ اڀمان کان ڪوهين پري آهي. آتم
ڪٿا تتون سان ڀرپور آهي، آتم تتو ۾ شخصيت ۽ ذات جو ڪامياب
اظهار، ماحول، وقت ۽ حالت سان ڀرپور آهي. ڪٿا تتوَ ۾ آتم ڪٿا
مرڪب لفظ ۾ آتم ۽ ڪٿا ٻه لفظ آهن. ليکڪ زندگيءَ جو حال ۽ ذڪر
ڪيو ويو آهي. آتم تتوَ حقيقي ۽ سچ تي ٻڌل آهي.

ماحول جي لحاظ کان سماجي، گهريلو، ڪٽنبي ماحول سان گڏ ديش
۽ سنسار جو ماحول اُڀري بيٺو آهي. اجائي ڦهلاوَ کان آجو آهي. ماحول
جو چٽ سرچ لائيٽ جو ڪم ڪري ٿو. آتم ڪٿا لکڻ جو مقصد به ظاهر
آهي. پاڻکن اڳيان آتم ساراهه ظاهر ڪرڻ آتم ڪٿا جي شئلي سپاٽ
بياني آهي، دائرو يادگيريون آهن.

هري درياڻي ”دلگير“ آتم ڪٿا ذريعي خود ۾ ڏسڻ جي هڪ ڪوشش
ڪئي آهي. هن جي شخصيت ۽ ذات جو ڪامياب اِظهار ٿيل آهي.

7, Aditya Bunglows,
was Park, Nr. Noblenagar,
O. Kubernagar, Ahmedabad-382340.
1.9879563312

يشهہ طرح طرح جي ورتين دواران اِهو ٻڌائڻ چاهيندو آهي تہ هوُ بہ
ڇهہ آهي. دلگير صاحب کي ان ڳالهہ جو پتو آهي. اِنڪري هوُ هڪ
ڪان چوارائي ٿو :

اُٺي آءُ دادا، گهمايان مان توکي،
ٻزارين ۾ کيڏي ڳپاگيهہ آهي،
مٿل گوڙ گهمسان ۽ پيهہ آهي،
نہ جي آءُ هوندس تہ پلجي تون پوندين،
اڪيلو ڇو آيس، تون سڏڪن ۾ چوندين،
پڪڙي منهنجي آڱر، بچايان مان توکي،
اُٺي آءُ دادا، گهمايان مان توکي.

رن کي هميشهہ وڏن وڏان سنو ٻار ٿيڻ جون سکيائون ملنديون آهن.
ٻار ٿيڻ لاءِ ڪيس اِنعام طور ڪا شيءِ وٺي ڏيڻ جي لالچ بہ ڏني
ي آهي. ٻارُ اُنهيءَ کان پليءَ پت واقف آهي. انهيءَ ڪري هوُ
جي پيءُ کي بہ هدايت ڪري ٿو :

نہ ٻارن جان وڙهنديس سنو ٻار ٿينديس،
اهو مون کي دادا، جي اِنجام ڏينديس،
تہ تو لاءِ وٺندس مان رنگين لغڙي،
هوا ساڻ وينديِ جا آڪاس اُڏڙي،
لغڙ کيڻي اُڏامي، ٻڌايان مان توکي،
اُٺي آءُ دادا، گهمايان مان توکي.

جن پکين پسن کي ڏسندو آهي تن لاءِ پنهنجي ٻال ٻُڌيءَ انوسار
بہ ڪندو آهي. هوُ چاهيندو آهي جيڪر ڪانءَ ڳالهائي، جهرڪي
ري، پولڙو سوُٽ پائي، اَهڙيءَ طرح هر جانور ۽ پکي هن جي
اڳيان سندس ڪلپنا انوسار ڪندو آهي. ٻار جي انهيءَ ڪلپنا
گير صاحب هن سندر ڪوتا ذريعي پيش ڪيو آهي :

مؤجي ملڪ جي ٻات ٻڌو سڀ- مؤجي ملڪ جي ٻات،
خواب لڌم ڪلهہ رات- ٻڌو سڀ - مؤجي ملڪ جي ٻات.
ڪونہ اوهان مان جائو هو ڪو، جائو هوس نہ آءُ،
تڏهن پولڙن سوُٽ ٿي پاتو،

بالڪن جي باريءَ پاران نرتيه تيار ڪرائي اِسٽيج تي پيش ڪيا ويا
هئا. انهن گيتن مان 18 ’موجي گيت‘ ۽ ’مزيدار گيت‘ ۾ شايع ٿيل
آهن. 23 ڪوتائون ’گيت گلابي‘ ۾ آهن، جن مان ڪي ورهاڱي کان
اڳ جون آهن. دلگير صاحب 1930 کان وني ٻال ڪوتائون لکڻ شروع
ڪيون هيون.

جيمس ريبس نالي هڪ مشهور ٻال ساهتيڪار پنهنجي انيو جي آڌار
تي ٻال ساهتيه جي رچنا، پوءِ چاهي اُها نثر ۾ هجي يا نظم ۾، جي
باري ۾ رايو ڏيندي چيو آهي، ”ٻارن جي ليکڪن لاءِ اِهو ضروري آهي
ته هوُ پنهنجي محسوسات کي ٻارن جي من سان، سندن درشٽيءَ سان
ڏسن. مون سدائين اِهو ضروري سمجهيو آهي ته مان ٻارن جي نظر سان
ڏسان، ٻارن جي من سان ڪلپنا ڪريان ۽ ڪنهن حد تائين ٻارن جي من
سان محسوس ڪريان.“ (ٻال گيت ساهتيه-ص. 24)

سؤلي ٻولي، رس، ڳائي سگهڻ جي سگهه، ٻارن جي ڪلپنائن ۽ ماحول
جو خيال، قافين جي پسندگي، سؤلا لفظ- اَهي سڀ خوبيون ٻال ڪوتا
کي اثردار ۽ ڪامياب بڻائين ٿيون. گجراتيءَ جو مشهور ڪوي دا
چندرڪانت شيٺ چوي ٿو، ”ٻال گيتن ۾ عام طور ٻال من جي پهچ
اُنهن جي سرشٽيءَ جي پيشڪش ضروري آهي.“ (پرتيباين-ص. 15)

دلگير صاحب ٻارن جي لاءِ گيت لکندي مٿين ڳالهين ڏانهن چڱي
حد تائين ڌيان ڏنو آهي جا ڳالهه هن جا لکيل گيت پڙهندي محسوس
ٿئي ٿي. ٻارن جي آسپاس جي دنيا کان هوُ واقف آهي، اِنڪري هن ٻ
جي ماحول سان نهڪندڙ وشيه چونڊيا آهن. ٻار طوطي، ڪانءَ ۽ ٻلي
جي پونگڙي جهڙا پسون-پکي روز ڏسي ٿو. رانديڪن ۽ لڪ چپ را
سان من بهلائي ٿو. آئيني، گهڙيال ۽ ٻاجي جهڙين چيزن تي عج
ڪائي ٿو. ننڍڙي مان وڏي ٿيڻ جي، بهادر بڻجڻ جي، موجي ملڪ ڏس
جي ڪلپنا ڪري ٿو. ٻار جي آس پاس جي انهيءَ ماحول سان نهڪن
اهي گيت ٻال من کي ڇهن ٿا. ٻارن کي اُهي وڻن ٿا.

ڪي ڪوتائون ڏسو.

اسان کي خبر آهي ته ٻار ڪڏهن به پاڻ کي ننڍو سڏائڻ پسند
ڪندو آهي. پيءُ جي آڱر پڪڙي هلڻ هن کي پسند نه هوندو آهي.

ٻاهر آءُ او مون جهڙا،
آئينا ڙي آئينا!

عجب تہ ٻار کي پنهنجو پاڇو ڏسي بہ ڊپ لڳي :

هلان جنهن نموني، اِئين هي هلي ٿو،
چلان چال جهڙي، هي تهڙي چلي ٿو،
ڏئي مونکي ويچارا هر وار پاڇو،
عجب منهنجو پاڇو، مزيدار پاڇو.

دلگير هر وشيہ کي ٻار جي نظر سان ڏسي ٿو. ڪوتا ۾ ٻار جي اُڌمن جو اِظهار ڪرڻ وقت هوُ خود بہ ٻار بڻجي وڃي ٿو. ٻار جي من ۾ اُٿندڙ سوالن کي ٻار بڻجي پيش ڪري ٿو.

دلگير جي ڪوتائن جون ڪي خوبيون

ڪوتائن ۾ گوناگوني-وئراڻي

وشين جي خيال کان دلگير جي ڪوتائن ۾ گوناگوني ملي ٿي- ٻارن جي دنيا جون گهڻيون چيزون هوُ پنهنجين ڪوتائن ۾ آڻي ٿو. هن جي ڪوتائن ۾ طوطارام منڙيون ٻوليون ٻولي ٿو تہ ڪانويلي منڊڪ منڊي ناچ ٿي ڪري. پونگڙو الف-دال-جيم پڙهي ٿو تہ ڪتو پيار منجهان ڪي لوڏي چنبڙي ٿو. اِئين نوريئڙو بہ اچي ٿو تہ مور ۽ ڊيل بہ نظر اچن ٿا. پسن پکين، ٻارن جي گهرو واتاورڻ ۽ ٻار جي معصوميت سان واسطو رکندڙ اِهي گيت گهڻو ڪري 5 کان 8 سالن جي عمر گروپ کي ڌيان ۾ رکي لکيل آهن. دلگير ڪي ششوُ گيت بہ لکيا آهن جيڪي انهيءَ عمر گروپ کان ننڍي عمر وارن لاءِ چئي سگهجن ٿا.

ڪٿا گيت

ٻارن کي آکاڻيون وڻنديون آهن. دلگير صاحب ٻارن جي انهيءَ پسندگيءَ کي ڪوتائن ۾ پوئي ڪي ڪٿا گيت بہ لکيا آهن. اهڙو هڪ گيت:

پائر پيئي، پائر پيئي،
نڪتا گڏجي پائر پيئي،
پاءُ وڏي هڪ لغڙ اُڏايو،
جنهن ڏئي تنهن عرش پڄايو،
لغڙ متي جئن اُڏامندو ويو ٿي،

گهوڙن گڏهن بوٽ تي پاتو.
هُين عجب محلات- ٻڌو سڀ - مؤجي ملڪ جي بات.

اهڙي نموني ڪوتا اڳتي هلي ٿي. اڳتي هلي هاٿيءَ‌مل کي ڏوتي،
خچر کي سلوار، ٻڪريءَ کي پوتي، لومڙ کي پڳڙي، ڪُتي کي ٽوپلو
وغيره پهرائي مڇين کان ناچ، ٻگهن کان راڳ، واگهن کان واهه واهـ
جهڙا ڪم ڪرايا ويا آهن. ٻارن کي انهيءَ ڪلپنا ۾ آنند اچي، سـ
سياويڪ آهي. هِن ڪوتا جو مکيه مقصد به وندر ۽ آنند آهي. اِها هڪ
فئنٽسي آهي.

اسڪول ويندڙ ٻارن لاءِ آرتوار جو ڏينهن سڀ کان سٺو هوندو آهي ڇ
جو اُن ڏينهن موڪل هوندي آهي. تنهن ڪري ٻار آرتوار جو نالو ٻُڌي
نچڻ لڳندا آهن ۽ سيني ڏينهن مان انهيءَ کي وڌيڪ پسند ڪند
آهن. هوُ آرتوار جو اِنتظار ڪندا آهن. اِنتظار ڪندي کين لڳندو آهي
ته ٻيا سڀ ڏينهن ته تڪڙا تڪڙا ايندا آهن پر آرتوار دير سان ايند
آهي ۽ اچي جلد غائب ٿي ويندو آهي. دلگير جي هڪ ڪوتا ۾ ٻار
آرتوار کي ڏوراپو ڏيندي چوي ٿو :

ڏيمي ڏيمي آئين جهڙو
تڪڙو تڪڙو وڃين تهڙو
ٻئي هنڌ توکي ڪم آ ڪهڙو؟
پاڻ ڇڏائين ڇا لاءِ تڪڙو؟
ساهي پٽ، ڪجهه ترس ته يار
مس مس آئين آرتوار!

آئيني جي اندر عڪس پسي ٻار اڪثر عجب کائيندو آهي. ڪيـ
عجب کائيندي ڏسي دلگير صاحب ٻار جي عجب کي هن طرح تو اِظهار

اندر تون ڙي آهين ڪير؟
ٻاهر ڇو نه ڪڍين تو پير؟
تون به بهادر، مان پڻ شير.
لڙون لڙائي،
ڪريون صفائي،

سُمهڻ اُٿڻ جو وقت ٻڌايان،
خود جاڳان، ٻئي کي جاڳايان.
(گهڙيال)

ڪارو ڪارو رنگ آتس،
توسان مون سان سنگ آتس،
ڪڏهن ننڍو آ، ڪڏهن وڏو آ،
بلڪل گونگو، صفا جڏو آ.
(پاڇو)

چوڻ جي ضرورت نہ آهي تہ اهڙيون پروليون ٻارن کي وندرائڻ سان ڏوگڏ سندن سمجهہ کي تيز بہ ڪن ٿيون ۽ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ پيار بہ ڏائن ٿيون.

ل سرشلي-ٻارن جون ڪلپنائون

دلگير جي ڪوتائن ۾ ٻارن جي دنيا سان واسطو رکندڙ گهڻيون ئي ںزون آهن جيڪي ٻارن کي ڪلپنا لوڪ جو سئر ڪرائن ٿيون. هڪ اڌ ال ڏيڻ مَوزوُن ٿيندو، جنهن مان ٻار جي سوچ جو درشن ٿئي ٿو.

مان جي هڪ ناريل هجان ها،
مٿي مٿي وڻ ۾ لٽڪان ها،
هوا لڳڻ تي ڪري پوان ها،
ڪنهن رولوءَ پينوءَ ڇوڪر جي،
پڪ ئي پڪ مان نوڙهہ پچان ها.

- - - - - - - -

آهہ ڪلهي تي ڏنش ۽ ٻاڻ،
آهيان رامچندر مان هاڻ.

- - - - - - -

مان ٻي ڪرشن ڪنهيو ٿيندس،
مان ٻي شيام سڏائيندس.

يءَ ڪلپنا تہ ڪوتا کي اوچائيءَ تي ٿي آڻي :

اُپ مان سونو ڪينهون پڪڙي،
هٿ ۾ خود ڪڏائيندس،

ڇوڪر يي تئن ڪڇندو ويو ٿي!
عجب قسم جي ڏسي لڙائي،
پنيان سِرڻ هڪ اُڏندي آئي...

۽ ڪوتا رستي آڪاٽي اڳيان وڌي ٿي. ڪوتا ۾ وندر آهي ۽ آڪاٽيءَ جهڙي اِنتظاري به آهي. اهڙو ئي هڪ ٻيو ڪٿا گيت آهي، جنهن ۾ هڪ ڇوڪر جي وقتائتي سوُجهه ٻوُجهه ڪيس واگهوءَ ۽ شينهن ڪان بچائي ٿي. انهيءَ ۾ آفت وقت نه گهبرائڻ ۽ ڪو رستو ڳولهي وٺڻ جي سکيا آهي. ڪٿا گيت جون ڪي سٽون :

شينهن مٿس آيو ٽپو ڏئي
پر ڇوڪر چالاڪي ڪئي
هڪدم ليٽي پيو ڌرتيءَ تي
مٿان ڪيائين اوٽ ڇتيءَ کي
شينهن ڇتيءَ جي مٿان ٽپي ويو
وڃي واگهوءَ جي وات ۾ سو پيو
شينهن ڦٽيو ۽ واگهو زخمي
ڀڄڻ لڳو پوءِ ڇوڪر جلدي.

پروليون

ٻارن لاءِ هر ٻوليءَ ۾ پرولين جي اهميت آهي. انهيءَ اهميت جي برعڪس دلگير صاحب هڪ به نه پر سڄو سارو هڪ ڪتاب ڪوتا ۾ لکي تيار ڪيو. ’پروليون‘ عنوان واري ڪتاب ۾ دلگير 135 ڪوتائون پيش ڪيون آهن. انهن مان ڪا ٻن سٽن جي آهي ته ڪا سٽن اٺن سٽن جي به آهي. پروليون به جدا جدا قسم جون آهن ڪي اُن وقت ڳٽيون ويندڙ ماڊرن چيزن تي (ٽيليفون، ٽيپ رڪارڊر)، ڪي ننڍڙن جيون (مڇر، مکه) تي، ڪي ٻاجهين ۽ ميون تي (بصر، پيندي، انب)، ڪي عام چيزن تي (عينڪ، گهڙيال) ڪي قدرت تي (سج، چنڊ، تارا، آڪاش) تي به آهن. دلگير صاحب پاڻ لکيو آهي ته اهي اٺن ڏهن سالن جي عمر وارن ٻارن لاءِ آهن.

هڪ اڌ مثال :

پيرن بن مان هلندو آهيان،
ڪاڌي بن مان جيئندو آهيان،

ڪي مريادائون

دلگير صاحب جي ڪوتائن جي خوبين جو جائزو وٺڻ کان بعد ڪن
ريادائن طرف بہ ڌيان وڃي ٿو. وشين جي خيال کان هن جي ڪوتائن
گهٽي گوناگونيت هوندي بہ، هن قدرت جي انمول چيزن کي پنهنجين
ڪوتائن ۾ گهڻ سمايو آهي. جتي بيوس گلن ڦلن، تارن، پري، رات،
نڊ، سارنگہ وغيره تي گيت لکيا آهن اُتي دلگير، خود پرڪرتي پريمي
وندي بہ اُنهن کي نظرانداز ڪيو آهي، البت پرولين ۾ اَهڙين چيزن
ن گهٽيون چيزون سمائجي وڃن ٿيون، جنهن تي سنتوش ڪري
گهجي ٿو. تنهن ڪانسواءِ اڄ جي سائنس يگہ جو ٻار بہ دلگير جي ڪوتائن
نظر نٿو اچي. اڄ جو ٻار ٽي. وي. ويڊيو، ڪمپيوٽر، موبائيل جي
يا ۾ رهي ٿو، اُهو اِنهن شين جي باري ۾ ڇا ٿو سوچي، ڇا ٿو محسوس
ري، ان جو اِظهار بہ دلگير جي ڪوتائن ۾ نٿو ملي. ممڪن آهي تہ
گير جون انيڪ ننڍڙيل پڪڙيل رچنائون، جي خاص ڪري هن ورهاڱي
ن اڳہ رچيون هيون تن ۾ قدرت جو اِظهار هجي. ازانسواءِ پوءِ لکيل
ندس رچنائن ۾ اڄ جي ٻار جي ماحول جو چٽرڻ بہ هجي. پر اَهڙيون
نائون سندس هيلتائين ڇپيل سنگرهن ۾ ڏسڻ ۾ نٿيون اچن.

بيو تہ هن صاحب جون ڪوتائون گهڻو ڪري 5 کان 8 سالن واري
وپ لاءِ يعني ننڍن ٻارن لاءِ لکيم هئڻ ڪري اُنهن ۾ قيام، بعضي،
وُر، غوراب، نهوڙڻ جهڙا ڏکيا لفظ نہ اچڻ گهربا هئا. اُهي ڏکيا لفظ ٻار
زبان کي ٽڪن ٿا. جيتوڻيڪ اَهڙا لفظ ڪوتائن ۾ ٿورا آهن.

ر ۾

دلگير صاحب ٻال سُلڀ من ڌاريندڙ آهي. هر وشيہ کي هوُ ٻار جي
سان ڏسي ٿو. ڪوتا ۾ ٻار جي اُڌمن جو اِظهار ڪرڻ وقت هوُ خود بہ
ٻڻجي وڃي ٿو. ٻارن لاءِ لکندڙ لاءِ اِها وڏي ۾ وڏي خوبي ڳڻي سگهجي
ٻار جي من ۾ اُٿندڙ سوالن کي ٻار بڻجي پيش ڪري ٿو. وڏي
ہ تہ هن وڏن سان گڏوگڏ ٻارن کي بہ نہ وساريو آهي، جنهن لاءِ هن کي
بہ سلام ڪيو اٿم، وري بہ سلام ڪريان ٿو.

172, Maharathi Society,
Sardarnagar, Ahmedabad-382475.
M. 9998172854

تارن جي مالها آڻي، مان
پيڻ ننڊيءَ کي پائيندس.

سرلتا - وزن - قافيا - ٻولي

دلگير صاحب جون ڪوتائون بحر وزن ۽ قافين رديفن جي اوڻاين کان دور آهن. هو صاحب ڪوتا ۾ هڪ ممتاز درجو رکي ٿو، جنهن کي ڪوتا جي سڏانتن جي پوري پروڙ آهي. ٻال گيتن جي رچنا ۾ به ڪوتا جي انهن سڏانتن جو هن گهڻو خيال رکيو آهي. ٻوليءَ تي قبضو، لفظن جي چونڊ، رواني ۽ وارو وزن- سندس ٻال گيتن کي اُڀارڻ ۾ مددگار بڻيا آهن. ڪيترن هنڌ ته هن جو لفظن جو جادو هڪ الڳ قسم جو آنند ڏئي ٿو. مثال طور :

گهوُ گهوُ گهوُ، سوُ سوُ سوُ...
گهنن گهنن گهرڙ گهڙ- گهنن گهرڙ،
نڪ نڪ نا نا، نڪ نڪ نا نا.

ڪن هنڌ تجنيس حرفي، اِستعارن ۾ تشبيهن جو به سهڻو اِستعمال ڪيو اٿس :

ڪر ڪانويلي ڪان ڪان ڪان،
چنڊ مٽان تو چم چم چمڪي. (حرفي)
شينهن جيان گجڪار ڪريان ٿو،
هيءَ نيلي آڪاش ڏارا،
ڄڻ آهي جمنا جي ڌارا. (تشبيه)
مان ڪنهن ڳام کان گهٽ ناهيان. (اِستعارو)

وندر ۽ سکيا

ٻال ساهتيه ۾ وندر ۽ سکيا به اهڙا عناصر آهن جيڪي اهم سمجهيا ويندا آهن. پر سکيا سڌن لفظن ۾ نه هجي، ڪوتا جو هڪ حصو بڻجي پيش ٿئي ته وڌيڪ سنو هري دلگير جون ڪوتائون گهڻو ڪري انهن ضرورتن جو پورائو ڪن ٿيون. هوُ ڪٿي ڪٿي سڌي سکيا به ڏئي ٿو سوير جاڳ، همٿ، اورچائي اهڙي قسم جون ڪوتائون آهن. گهڻن هنڌ اڻسڌيءَ طرح سکيا ڏيڻ جو به ڪم ڪري ٿو. مثال طور : روزانو نيم سان هلڻ جي ڳالهه (طوطارام)، گدلائيءَ کان در رهڻ ۽ صفائي رکڻ جي ڳالهه (ڪانويلي)، وقت جي جهول جي ڄاڻ (آرتوار)، بهادريءَ جو گڻ (شير بهادر) ۽ پڙهڻ سان دل لڳائڻ جي ڳالهه (پڙهه پونگڙا) وغيره.

هيڏو وڏو ٿيو دلگير صاحب پر نہ سڌريو آهہ
اڃاتائين ڪري پيو سونهن جون ۽ پيار جون ڳالهيون
دادا ڪان ٿهڪ نڪري ويو.چيائون ”پائي، تون ڪافي دلچسپ
ماڻهو آهين.“

ٻئين ڏينهن دادا لکميءَ جي گهر گهڙي آيا. چيائون ”ٻڌ پائي،
اڄ شام جو چانهہ اسانوت اچي پيئجانءِ.“ مون چيو ”دادا، مان چانهہ
نہ پيئندو آهيان.“ دادا چيو” پوءِ بہ اچجانءِ.“ لکميءَ کي تاڪيد
ڪندا ويا، تہ هنڪي ضرور ونئي اچجانءِ.شام جو مان ،لکمي ۽ ورياڻي
وياسين. شري رام ٿولاڻي ۽ رام چندناڻي بہ آيل هئا. پنبان وراندي ۾
ڪاڏي جي ميز تي پرچيل طعام ڏسي منجهي پيس. ڇا کڻان، ڇا نہ
کڻان؟ڪافي لذيذ اسم هئا کائڻ لاءِ. ڇهرا ۽ منا. صرف هڪ ئي چيز نظر
نہ آئي.چانهن. مان ڪاڏي جو شوقين، چشڪائي. شايد ڪجهہ وڌيڪ ئي
کائيندڙ، ميز تي وينس، تہ ويهي کائيندو ئي رهيس. چاڻ پيم تہ
دلگير صاحب سنو ڪوي ئي نہ ، پر سنو مهمان نواز بہ آهي. سڀ کان
وڌي ڳالهہ تہ گهر جا سڀ ڀاتي، ننڍا وڏا، زالون مرد، بينا هئا هڪ پير
ي.ڪنهنجي بہ چهري تي ڪو گهنج ،ڪا شڪايت نہ . پئي ڪليا،
ڙيا ۽ چرچا گهبا ڪيائون .ڪين بہ دادا وٽان اِهي ئي سنسڪار مليا هئا
رثي ۾. ميزباني بہ هڪ ڪلا آهي، اِنڪان چٽيءَ ريت واقف هئا.

دادا دلگير کي مهمان نوازيءَ جو شوق هو. آديپور ۾ ٻاهران ڪو
ديب آيو ، تہ چاهيندي بہ دادا کان ڪنڌ ڪڍائي نہ سگهندو . دادا جي
عوت قبولڻي ئي پوندي هئس. ساڻس گڏ شهر جا ٻيا بہ اديب، سنگتي
تي هوندا هئا. پوءِ ڪاڏي جي مجلس هوندي ، ادبي روح رهاڻ
وندي ، خبرون چارون هونديون ۽ هوندو کل ٺهڪڙو . وقتي سنگيت
حفل بہ مچندي هئي. هڪ طرح جو ادبي ميلاپي ميڙ ئي هوندو هو.

مان ۱۹۹۵ ۾ هميشه لاءِ دهليءَ کي الوداع ڪري لڏو پٽي اچي
يپور پهتس. دادا جي ڪافي ويجهو آيس. مان کين عزت ڏيندو
س ۽ هو پيار .اسانجي وچ ۾ اها عزت ۽ پيار جي اوٽ موت سندن آخر
ين قائم رهي. دادا جو هر شخص سان ورتاءُ اهڙو پنهنجائپ ۽ قرب
و هو، جو اڳلو ائين سمجهندو هو ،تہ مان ئي دادا کي وڌيڪ نزديڪ

هري دلگير - سارو ڻيون

-صاحب ٻجاڻي

دادا هري دلگير سان منهنجي پهرين ملاقات سندن گهر ۾ نومبر ۱۹۹۰ ۾ ٿي. مان تڏهن `A 4` ۾ پلاٽ ڏسي، ملير ٻونڙي جو نقشو ناهڻ لاءِ آديپور ۾ لکمي ڪلاڻيءَ وٽ ٻن ڏينهن لاءِ آيل هوس. دادا چيو" مونکي تنهنجو شايع ڪيل ڪتاب ' شاه جون وايون' وڌيو آهي پر اَسان ڳڏجي پهريون دفعو رهيا آهيون." مون چيو،"دادا مان ته توهانکي ۱۹۵۸ کان سڃاڻان. درسي ڪتابن ۾ پڙهيل اوهانجا بيت 'سونو سپنن جو سنسار 'وغيره مونکي اَڃا به برزبان آهن. دادا چيو "سچ" ءِ مان شروع ٿي ويس:

غم غربت ۾ ڇوٿو گهارين
هر هر وينو هنجون هارين
سندر سپنا ڇو نه ٿو سارين
تن ۾ پنهنجو پاڻ وسارين يا

جيون جو سچ ڪکرن ۾ آهه، اونده اونده نيڻن ۾ آهه
ڦهر ڀريو ڪنڊو ڇپ ماري، وينو گل جي پن پن ۾ آهه
آگ لڳي ويئي ڇوڏاري اڄ---

دادا وچ ۾ روڪي چيو، "درسي ڪتابن کان سواءِ ٻيو به ڪجهه ياد اَٿيئي منهنجو؟ مون چيو

ايوڌيا جي‌نگريءَ ۾ آنند اَٿي
دلين ۾ نه ڳٽنيءَ جي آهي رتي

دادا وري روڪيو. چيائون " منهنجي سنڌ ۾ رچيل ڪوتائن کان سواءِ ٻيو به ڪجهه پڙهيو اٿيئي؟" مون لچائيءَ مان دادا سان نظرون ملائيندي چيو:

کوٽ ڪوٽان ڪندو هوس. هو به موج ۾ جذبي ۾ اَچي پنهنجون
وٽيون ٻڌائيندا هئا : جڏهن ته بيوس متيءَ مان ماڻهو بڻايا. ليکراج
ز سچ پچ اُستاد شاعر هو. سندس سامهون اَسانجيون ٽنگون پيون
ديون هيون. منگهارام ملڪاڻي صحيح معنيٰ ۾ رچ مڙس هو. لعلسنگھ
اڻي وڏو ودوان هو. '' هڪ واقعو ٻڌايائون ''هڪ پروگرام ۾ اَنگريز
ان کي تقرير ڪرڻي هئي. هوُ وقت سر نه پهتو، تيستائين لعلسنگ
اڻي کي ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو. اَجواڻي صاحب ڳالهائڻ لاءِ هردم
. يڪدم شروع ٿي ويو. تيستائين اُهو انگريز ودوان به اَچي وينو .
اڻيءَ بعد جڏهن کيس تقرير لاءِ چيو ويو ته چيائين'' ڇا چوان؟
کجهه ته اجواڻي ڳالهائي چڪو آهي ۽ مون کان گهڻو بهتر.''
چند واسواڻيءَ لاءِ دادا دلگير کي ڪافي شرڌا ۽ عقيدت هئي. هڪ
هن چيومان ''دادا، توهان کي اهو محسوس نٿو ٿئي، ته فتحچند
واڻيءَ بابت کجهه نه لکي ، اوهان هن طرف پنهنجو فرض نه پاليو
؟''

دادا، مون ڏانهن نهاريندا رهيا. نيٺ وراڻيائون'' پائي بجاڻي،
سچ ٿو چوين. مان لکندس ،جيڪڏهن تون مونکي واسطيدار ڪتاب
ڏين.'' ۽ کجهه ڏينهن بعد دادا مونکي فتحچند واسواڻيءَ تي
لکي ڏنو جيڪو رچنا ۾ شايع ٿيو. پوءِ ته دادا منهنجي اِصرار تي
هارام ملڪاڻي، ليکراج عزيز، پرسرام ضيا ۽ سڳن آهوجا تي به ليک
ڏنا، جي سڀ رچنا جي پرچن ۾ شايع ٿيل آهن. هڪ ڏينهن ڳالهه
ٿيندي هئي ۽ ٻئين ڏينهن دادا بيصبريءَ سان منهنجي اَچڻ جي
ار ۾ هوندا هئا. ملندي ئي چوندا هئا '' پائي بجاڻي ، مون لکي
ومانءِ. وٺ.'' دادا کي مون شاه جون ست لوڪ ڪهاڻيون سليس
ا ۾ آڻڻ لاءِ به عرض ڪيو هو. ڳالهه وڻي به هئن، پر اِها رٿ رهجي
وئي. اسڪول جي شاگردن لاءِ گانڌيڏام ڏينهن تي هڪ گيت جي
ت هئي. دادا کي بيوس جي 'الا جهري ۾ شال، غريبن جي جهوپڙي'
فارم ۾ ساڳئي بحر وزن ۾ گيت جوڙڻ لاءِ عرض ڪيم. دادا هڪ
ن ۾ رچي ڏنو: مون سُر ۾ دادا کي ڳائي ٻڌايو:

آهيان ۽ دادا سڀ کان وڌيڪ مونکي ئي پيار تا ڪن. دادا جي هڪ خوبي اها به هئي، جو اڳلي جو قدر ۽ تعريف ڪرڻ ۾ ڪا ڪنجوسي ڪونه ڪندا هئا. اڪثر هر پروگرام کان پوءِ اسٽيج تي چڙهي اچي منهنجي پٺي ٺپريندا هئا. منهنجي آواز، موقعي آهر شاعري ۽ مذاق جي واکاڻ ڪندا هئا. صرف ساراه نه، پر اسٽيج تي تڪڙ ۾ يا اڻڄاڻائي ۾ کيل ڪن چُڪن ڏانهن ڌيان به ڇڪائيندا هئا. مثلا سلوڪ نه پر سُلوُڪ، جوتي نه پر جوُتي .اهڙيءَ ريت دادا جي آزمودي مان مون گهڻو ڪجهه پرايو. مونکي ياد تو اَچي، ڪنهن لفظ جي صحيح اُچار تي هڪ دفعي ڊاڪٽر ستيش روهڙا سان بحث پئي هليو. ستيش چيو" دادا دلگير کان تا پڇون. ڇاڪاڻ ته اَسان اِهو لفظ پڙهيو آهي. دلگير اَسان ۾ سيني کان وڏو آهي. هن اِهو لفظ ضرور ٻڌو هوندو. ''دلگير ڪي ڪو ايمان، ڪو ضد نه هو . ڪليو ڪلايو چوندا هئا. "مان ودوان نه، پر شاعر آهيان.'' دهليءَ ۾ وشو پستڪ ميلي وقت موتيلعل جوتواڻيءَ ڪي مون چيو هو" ايم.ڪمل سنو غزلگوُ شاعر آهي''. جوتواڻيءَ چيو "بڄاڻي، غزلگوُ نه، پر غزلگو چئه غزلگو.'' مون پنهنجي ڄاڻ جو مظاهرو ڪندي ضد مان چيو هو "گفتن معنيٰ چوڻ، اَمُرُ گوُ''. چيائين "تون درست آهين پر، چئبو غزل گو.'' مون پنهنجن پاڪستاني اُردو دوستن کان به پڇيو. سيني چيو غزل گو چئبو. مان چپ ٿي ويس. دهليءَ مان ايندي ئي دادا کان پڇيم .دادا وراڻيو "غزل گوُ صحيح آهي.'' مان خوش ٿي گهر ۾ گهڙيس. اڌ ڪلاڪ بعد ٻاهر نڪتس ته دادا کي بيٺل ڏٺم. چيائون" يائي بڄاڻي، غزل گو درست آهي. مان غلط آهيان. هڪ نئون لفظ سکيس ''ڪا وڏائي نه ، منت ۾ پُل مڃيائون.

ڌرتي ڌڏڻ بعد جڏهن دادا ملير ۾ منهنجي پر واري هريش واسواڻيءَ جي گهر اچي رهيا، تڏهن چيائون "بڄاڻي، روز صبح جو آفيس لاءِ نڪرڻ وقت مونکي آواز ضرور ڏيندو وڃج.'' ائين اڪثر مڪاميلي وقت مونکي ڪو نه ڪو خط، لفافو پوسٽ ڪرڻ لاءِ ڏيندا هئا. دادا هند سنڌ مان آيل خطن، ڪتابن جي پهچ / رايو بروقت ضرور ڏيندا هئا. دادا ۽ منهنجي وچ ۾ شخصي گهٽ پر ادبي رهاڻ ڪافي ٿيندي رهندي هئي. مان جهونن بزرگ اديبن پنيان ڇريو، اُنهن متعلق

ندا هئا.

دادا زندگيءَ ۾ ٻين کي هميشه ڪجهه نه ڪجهه ڏنو ئي، پوءِ
و پيسو پنجر هجي، عزت هجي يا آتت جا منا به ٻول ئي هجن.

دادا جي گهر وينو هوس. بجلي - ميٽر جي ريڊنگ وٺڻ وارو
. سخت گرمي. ڏينهن جا ۱۲ بجا .دادا عزت سان پهرين ڪيس
ريو. پاڻ پاڻي پيري ساڻ بسڪوت به کڻندا آيا. هڪ ٻئين گلاس لاءِ
يائونس. هن همراه کان لهچ وچان ڪجهه اُڪلي نه سگهيو.

دادا اَجمير مان منهنجي معرفت ڪتاب ڇپايو،' گاهه ڪُليا گس
'. ڪتاب اجمير مان ريل ۾ نڪتا .ٻلتي پهتي، پر ڪتاب ڪونه
ا.مڄاڻ ڇو؟ مهنو به مهنا نبري ويا، پر ڪتابن جو اتو پتو نه. پڇا
بسين. نه موڪليندڙ، نه ريلوي وارا ڪو خاطر خواه جواب ڏئي سگهيا.
پنج مهنا گذري ويا ،پر ڪتاب ندارد. پريس وارو پيسا گهري، پر
چوان ڪتاب ملڻ کان اڳ ڪئن بل چڪائبو! دادا کي به سمجهايم.
ھنا نبري ويا، هڪ ڏينهن شام جو دادا چيم ''بجاڻي، ويچاري
ں واري جو ڪهڙو ڏوهه؟ ڪيس محنت جو اُجرو ملڻ
گهرجي.'' منهنجي ڪجهه چوڻ کان اڳ چيائون'' مونکي
نجو حق مارڻ سنو نتو لڳي. سياڻي صبح جوئي مونکان چيڪ وٺي
ليس.'' ٻئي ڏينهن دادا جي حڪم جي ٻجاوري ڪيم ۽ ڪرشمو
بو.شام جو ڪتابن جو کوکو به اَچي پهتو.مونکي وفا جا اِهي لفظ ياد
'نه دلگير نيڪ انسان آهي. ڄاڻي ٻجهي ڪنهنکي نقصان نه
ئيندو ۽ نه غلط ڪم ڪندو.

هڪ ڏينهن دادا وٽان فون آيم. ويس . چيائون' 'پائي بجاڻي،
. آر. جي فائونڊيشن وٽان لک رپيا مليا آهن. مون سنڌيءَ جي
مخزن ڪونج، رچنا، سپون، مرڪ ۽ سنگيتا کي هڪ هڪ هزار
ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي ''۽ مان رچنا لاءِ ۱۰۰۰ جو چيڪ وٺي
پوءِ ڄاڻ پيم نه دادا حساب سان پنهنجن سمورن مٽن مائٽن،
نن،ڏيئرن، ڏوهٽين وغيره ۾ لک روپيا ورهائي ختم ڪري ڇڏيا.
ڏينهن بعد ياد آين ، نه پنهنجي سرڳواسي پاءُ جون به پوٽيون
ويون اٿن. ۽ هن فقيرتن شخص پنهنجي ڪيسي مان ۵-۵ هزار

پڳوان ليلاشاه جي ڪرپا ڳهٽي هتي،
بندر مهان، ديس جو ويو آهه بٽي هتي،
فري ٽريڊ زون، افڪو جي ڪالوني پي هتي،

دادا وچ ۾ ئي روڪي چيو. ''پائي، تنهنجا ٻار اِن ماسترچند
جي سُر ۾ ڳائي ڪونه سگهندا.'' ۽ دادا ڳائڻ شروع ڪيو، ميز تي تال
ڏئي.

پڳوان ليلاشاه جي ڪرپا ڳهٽي هتي،
بندر مهان، ديس جو ويو آهه بٽي هتي

مان چپ رهيس. ٻن ڏينهن بعد فلمي گيت جي سُر ۾ ڳائي داد
کي ٻڌايم:

هت ڳوٺ جي وشالتا، شهرن جون فرحتون،
ٻولي هتان ۽ سنڌ جي، ڇڻ پينرون سڳيون،
آب و هوا مڪان سٺا، ٻيون سهوليتون،
سيني سنڌين کي ڪڇ جون هوائون سڏن پيون،
نئيڙو نگر هي دل جو وشال آهي گانڌيڌام،
سنڌين جي محنتن جو مثال آهي گانڌيڌام
پيارو پيارو گانڌيڌام

دادا خوش ٿي ويا.

دادا نيم ٽيم جا پورا هئا. صبح جو سوير اُٿندا، ضروري حاج
۽ ڪمن ڪارين کان فارغ ٿي، سنيري بوٽ پائي نڪرندا سير تي. ه
۾ هڪ پئڪيٽ ٻه هوندن. ٽڪڙو ٽڪڙو پنڌ ڪندا، راجيندر چونڪ تائ
وڃي پهچندا. رستي تي ڪوشش ڪري ڪنهن سان نه ڳالهائيندا،
ٻيهندا. ها، واپس ورندي سندن رفتار ۾ ڪيقدر ڍلائي ايندي. ڪن
ڪن مترن، بيمارن جي گهر ويندا. ٻه مٺا ٻول ٻوليندا. ڪائنن
احوال پڇندا، بيمارن کي آٿت ڏيندا. پئڪيٽ کولي انهن مان آڻ
دوائون ۽ ميوو ڪين ڏيندا ، سندن دل وٺندا. ها ڪنهن وٽ ٻه، نه ڪ
ڪائيندا ۽ نه پاڻي ئي پيئندا. وري انهن وٽ وڃڻ جو وارو ١٠
ڏينهن بعد ئي ايندو . آرتوار ڏينهن صبح جو پنڌ کان ڇٽي. دادا
۾ ڪٽنبين سان موج مزي ۾ ڏينهن گهاريندا، ٽي.وي. سيريل ٻه

هري تي گهٽ ۾ گهٽ مون کنهن فڪر، اُداسيءَ جي ريکا ڪونه
ي. ها، وقتي گنڀير ٿي ويندا هئا. جيئڻ هڪ ڪلا آهي. جيون رس
ن چوپڻ وانگر پري پري پيئتو ۽ ماڻيو.لکن ٿا:

جيون جو جس آهه اِنهيءَ ۾،جيءُ جيءُ ڙي جيءُ
پريم ڪٽوري جا ٻه ملي ٿي، پيءُ پيءُ ڙي پيءُ.

سندن ويچار موجب جيون ۾ هميشه وچين وات وٺجي. نه گهڻو
جي، نه سخت اُپواس رکجي. نه گهڻو ڳالهائجي نه مؤن ورتي
ي. نه ڪنهنسان گهڻي محبت ڪجي، نه نفرت.نه گهڻو هٺ ڦاڙ
ي نه مها ڪنجوس. نه گهڻي خوشي نه گهڻو غم.
چوندا هئا هڪ ٻڪري ڪلي سان ٻڌي پئي آهي. جيستائين رسي
، اُن گهيري اندر ڪجهه به ڪري، اچي وڃي سگهي ٿي. اِن حد
باهر سندس ڪو وس نه هلندو .ساڳي ڳالهه اَسان سان آهي. ڪنهن
اَندر اسانجو اُدم آهي. اُن بعد سڀ قدرت جي حوالي آهي. پوءِ
ا ڇاجي؟
دادا ڪڏهن به حقيقي جيون ۾ اداڪاري نه ڪئي. يعني هو
باهر هڪ هئا. سندن ويچار ۽ وهنوار ۾ ڪو فرق ڪونه هو. جيڪي
ا يا ڪندا هئا، دل ۾ اهو ئي هوندو هوِن.
دادا جي جيون جو فلسفو هو ٻين لاءِ جيءُ . هڪ ترائيل لکيو
ون :

لطف خود لءِ نه ، ٻين لاءِ جيئڻ ۾ آهي،
چنڊ اونده ۾ رهي، جڳ کي ڏئي ٿو چانڊاڻ،
جو پيارڻ ۾ مزو، سو نه پيئڻ ۾ آهي،
لطف خود لءِ نه، ٻين لاءِ جيئڻ ۾ آهي.
سو مزو ناه وٺڻ ۾، جو ڏيڻ ۾ آهي،
دل ٽٽل ساڻ به گل ڪئن نه ڏئي ٿو سرهاڻ،
لطف خود لءِ نه، ٻين لاءِ جيئڻ ۾ آهي،
چنڊ اونده ۾ رهي، جڳ کي ڏئي ٿو چانڊاڻ.

22, Maler, Ward 4A, Adipur.
Ph. : 02836-262282

کڏي ٻنھي کي موڪلي ڏنا.شايد دادا پاڻ لاءِ ئي ھيءَ غزل لکيو آھي،

گرچ پونجي فقير جي آھي
دل تڏھن ڀي اَمير جي آھي

ڏياريءَ جو ڏينھن.صبح جو ڇھين بجي صفائي پئي ڪيم. فون
جي گھنٽي وڳي. ڊوڙي کنيم، آواز آيو ’ھلو‘. مون چيو ”ھا دادا“.داد
چيو ”پائي ٻڌ، اڄ ڏياري آھي .تون رات جو ماني اسانوٽ کائيندين.
مان منجھي پيس. چاھيم پئي تہ اڄ مان گھر ۾ ئي کان. نتائڻ سانگي
ڪوڙ ٻوليم ’ پر دادا، اڄ رات جو تہ مان پائي پرتابنگر ۾ پاڄائيءَ وٽ
آھيان“ چيائون”تہ پوءِ ڏينھن جو اچجانءِ.“ وري ڪوڙ ٻوليم ” پ
دادا،ڏينھن جو منھنجو ڪو پروسوئي ڪونھي، مان نہ اَچي سگھندس“
دادا چپ رھيا. مون چيو ”دادا، اوھانکي دل ۾ تيو؟ “چيائون،” ھ
پائي، دل ۾ تہ تيو.“ چيم ’دادا مان ڇا ڪريان؟ مجبور آھيان.“ داد
چپ. وري پڇيم ’دادا توھانکي دل ۾ تيو.“ وراڻايائون. ”ھا پائي، د
۾ تہ تيو.“ فون رکي ڇڏيائون. مان سڄو ڏينھن منجھيل، مايوس
پريشان رھيس. ٻئي ڏينھن صبح جو بہ دل تي بار ھو. مون ھن درويش
دل شخص سان ڪوڙ ڳالھايو. اوچتو فون جي گھنٽي وڳي. مان ڊوڙيس
آواز آيو. ”ھلو . پائي ٻڌ، اڄ تہ پاييءَ ، وٽ ڪونہ ويندين نہ. اڄ را
جو ماني اسانوٽ کائيندين.“ منھنجي دل تان بار لھي ويو .چيم ’
دادا ،ضرور کائيندس.‘ فون رکي سوچيم ھن نيڪ پرش ڪئن نہ منھنج
ڏني وائٹي ڪوڙ تي پردو وجھي مونکي پل سڌارڻ جو شانائتو موق
ميسر ڪري ڏنو. دادا نيڪ لکيو آھي:

شرميلو، مرڪ منھن تي، سچو، سونھن تي فدا
دلگير ساڻ دوستي جوڙي ڏسي تہ ڪو.

پريا نوَ ورھيہ مان دادا دلگير جي ڪافي ويجھو رھيس. سن
صحبت ۾ ڏٺم، سندن چھري مان اتساہ ءِ امنگ پيو بکندو ھو. سا
ڳالھائڻ ۾ تکلف ڪا ھتڪ محسوس نہ ٿيندي ھئي. عمر جو س
متجي ويندو ھو . اَندر ھلڪو ٿي ويندو ھو.

ان ٿوري عرصي ۾ ئي دادا جو جيون طرف نظريو مون اڳ
چٽيءَ ريت ظاھر ٿي بيٺو . دادا سڪ درسي، آشاوادي ھئا. س

ن چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ سداحيات سنڌ جي مهاڪوي بيوس صاحب
شاعري اِسڪول مان تيار ٿي نڪتل   شاگرد ''دلگير'' صاحب
جذبات کي پڙڪائڻ ۾ قدرت گهڻو ۽ بهتر پارٽ ادا ڪيو آهي.
اِئين تہ بين سنڌي ڪوين بہ قدرت جا چِٽ چِٽيا آن، پر جيترو
و ۽ اثرائتو شعر شري دلگير قدرت جا چِٽَ چِٽڻ ۾ رچيو اَهڙو ۽
رو شايد ئي ٻئي ڪنهن شاعر رچيو هجي! سداحيات نامڪنئي
ر ڊاڪٽر لکميچند پريم صاحب دادا دلگير جي باري ۾ هڪ
مون ۾ لکيو هو: ''مونکي دلگير جي شعرن جا مجموعا مطالعو
ڏي اِهو يقينن محسوس ٿيو آهي تہ هوُ قدرت جي جلوي جمال
تيچ پيِ، سندس ڪوتا اڀتي وڌي آهي...'' اِنهيءَ مضمون ۾
ب پريم صاحب چوي ٿو: (جڏهن حيات هو) ''شاعريءَ ۾ قدرت
اعر سڏائڻ جو حق دلگير کي وڌيڪ آهي بنسبت ''شيام'' ۽
ز'' جي.'' دادا دلگير جو قدرت سان واسطو رکندڙ شعر سندس
ج ڪئي مهراڻ'' ۽ ''پل پل جو پرلاءُ'' ۾ البت وڌيڪ ملي ٿو،
ڪري تيزو گهاڙيتو هنَ ڏِسَ ۾ گهڻو اِستعمال ڪيو اَٿس.
رحال قدرت سان وابسطہ شعرن کي هينئين نموني ورهائڻ
ٿيندو.

) **آڪاشي عناصر** : دلگير صاحب کي آشاوادي شاعري لکڻ
ريرڻا اُنهن ئي ڏني تي ڏسجي. اُن لاءِ هن جا هيٺيان شعر
اجب ٿو سمجهان.

''جهڪو ئي ڪجهہ تہ مگر آهہ، تاب تارن جو،
سمورو ڏيل ڏکي آهہ، ويو انذارن جو.''
(پيچ-30) رولو آواز

''چنڊ ستارن جي هٽان، اچن روز پيغام،
اچڻي هن سنسار ۾، اوندهہ ناهہ قيام.''
موُج ڪئي مهراڻ

'ڪنهن اندلت تي سير ڪري دل ليائجي،

هري دلگير جي
شاعريءَ ۾ قدرت جو چِٽُ

- ڊاڪٽر روشن گولاڻي

آهي شعر اياز جو اوجل پونم رات،
۽ ڪويتا دلگير جي رنگ رتي پرڀات.

مٿيون شعر، هري درياڻي دلگير جي ويجهي دوست نارائڻ شيام
دلگير جي شاعريءَ کان متاثر ٿي لکيو هو. هن وقت ٻئي سنڌ-هند
جا برک ۽ اعليٰ شاعر جهان ۾ ناهڻ سداحيات آهن. شاعريءَ جي
تواريخ ۾ اِها ڳالهه بلڪل صاف ۽ چٽي ٿي بيني آهي ته هڪ ئي
طبقي جي ڪوين قدرت لاءِ جدا-جدا ويچار پنهنجي ڪويتا دوارا
پيش ڪيا آهن. اِن مان اِهو ظاهر ٿئي ٿو ته اُنهن قدرت ڪي
پنهنجي-پنهنجي نموني پسي، متاثر ٿي پنهنجا نجي خيا
پنهنجي قلم ذريعي پيش ڪيا آهن. هتي مان اُنهن ٻين شاعر
جي نظريي کي پاڻکن، اديبن اڳيان رکان ٿو، جن قدرت جو مختلف
نموني ڇيد ڪيو آهي. اُنهن ۾ ڪي آلوچڪ ٻه اچي وڃن ٿ
انگريزيءَ ۾ هڊس، هنديءَ ۾ ڊاڪٽر سڪديو، ڪرڻ ڪماري گيت
ڊاڪٽر راميشور لعل کانڊيوالا جي ڇيدي ڪرڻ جو طور طريقو س
پڇ ساراهه جوڳو آهي. اِئين ٻه چئي سگهجي ٿو ته تهذيب-سڀيت
سنسڪرتي ۽ جون سڀيئي ڪلائون توڙي ترقي، قدرت مان ئي پرير
پائن ٿيون. قدرت نه صرف سيينڪ ڪلائن ۽ شڪتين کي اِظ
هيٺ آڻن ٿيون پر، شاعرن کي عجيب-وَ-غريب پريرڻا ڏيئي
اُنهن کي سُجاڳ ۽ سُڄاڻ ڪن ٿيون. ٻين لفظن ۾ اِئين ٻه چ
سگهجي ٿو ته ڪوتا جو قدرت سان هڪ اٽوٽ رشتو آهي. ها

”رولو آواز“ ڪتاب ۾ هڪ ڪوتا جو هيٺيون شعر بہ ڪافي اثرائتو
آهي.

”ياد روشن جو سجڻ آئي اچانڪ تنهنجي،
دل جي دالان ۾ چانڊاڻ پکڙجي ويئي.“
(رولو آواز)

هاڻي مندن کان متاثر ٿي لکيل هيٺيان بہ شعر ڏسو تہ ڪيئن نہ
لين کي ليائين ٿيون :

١. پڪ بادلن ۾ ناچ نچي ٿي ڪا نازنين،
آيا ڪٿان هي ڪنوڻ ۾ جهلڪا شباب جا؟

٢. هن پيچري تان آهہ لنگهي ڪا تہ گل پري،
جت ڪٿ ويا وڇائجي پَٽا گلاب جا.

(٢) مندن سان واسطو رکندڙ ڪوتائن ۾ دلگير صاحب الڳہ الڳہ
ندن، وقتن، جهڙوڪ (پريات، منجهند، سنجها، رات) جا ڪيترا
هٽا ۽ سليس چترَ چٽي پاڻ ڪافي موکيو هو. بين ڪيترن ڪوين
سات، بسنت ۽ پريات تي پيلي گهٽا شعر چيا هجن پر اسان هن
ابهار سداحيات شاعر شري دلگير اُنهن وقتن ڪانسواءِ سَرءُ، ٿاڪ
جهند جهڙن وشين تي بہ سهڻيون ڪوتائون رچيون آهن، جيڪي
ڪو فارم (ٽيڙو) ۾ وڌيڪ ملن ٿيون:

سرءُ جي مند: گل هڪڙو بي ناهہ،
پر هرهڪ ڪنڊي مٿان،
اتڪيل شبنم آهِہ.

ڪنڊن تي ماڪ ڦڙن جو اٽڪڻ، نراشا مان نڪري آشا ڏانهن
ڻ جو اِشارو آهي.

نوڙهي وڻ جي گونگي لعنت تي اثرائتي نموني اِظهاريو ويو
ي.

اُپ ڏي نائي نيڻ،
نوڙهو وڻ ٿو ڏئي،

رنگن جي ڏوپ ڇانوَ جي دولت لٽائجي!''
(پيچ-16) رولو واز

''مٿيان شعر آسماني قدرتي نظاري ڏي اِشارو ڪن ٿا. ٻئي هڪ شعر ۾ سورج، چنڊ ۽ ڪيترن گرهن-ڪَتين بابت چوي ٿو ته جيڪر اُهي نه هجن ته جهان ۾ اونده انڌڪار هجي ها:

''ڪَتيوُن تارا سداءِ، جوت پنهنجيءَ سان تون جرڪائين،
تون پنهنجي ڇهري جي چمڪات سان تو چنڊ چمڪائين،
وجهي پاڻيءَ ۾ پنهنجا اولڙا، تنهن کي تو ٻهڪائين،
سرشٽيءَ کي سراپا نوُر جي چادر تو پهرائين،
تجلي پنهنجي جو ذرو، جي مون ۾ ٿئي عيان جيڪر،
ڀري مان پنهنجي جلوي سان، ڇڏيان سارو جهان جيڪر.''
(مؤج ڪئي مهراڻ)

دلگير صاحب جگنوُ (ڪڙڪٻيتا) به پنهنجي جوت جو جلوو پسائين ٿا :

''اڇي هر ڏينهن ڪان پوءِ رات جو انڌارو، پر
انهيءَ ۾ ڪڙڪٻيتا، چنڊ تارا به مليا آهن.''

مٿين شعري مصرائن ۾ دلگير اِهو ثابت ڪرڻ چاهيو آهي ت
اونده ۾ ڪڙڪٻيتا، چنڊ، تارا هوندا ئي آهن. اَهڙيءَ طرح هر د
۾ سمايل هوندو آهي شڪ پر، لڪل نموني. هيٺئين شعر ۾ دلگ
شاعر ڪُڏ تي سمهڻ وقت انوکو لطف ماڻيو تو ڏسجي، اِنڪري ئ
لڪي ويو هڪ پيار ڀريو شعر :

''ساجن هو ساز سان سيج تي، تارن واري رات،
اڪڙين ۾ ڪاٽي ڇڏيم پياري پياري رات.''

هيٺين ڪوتا جي سٽن ۾ ڪويءَ چنڊ کي چندرما مکي محب
ڪري اِظهاريو آهي:

''چوڏهين جي چانڊاڻ، راڻي تنهنجي روپ ۾،
جي، تون مونسان ساڻ، اونده اُجلي ٿي پوي.''

بي هڪ دلگير صاحب جي ڪوتا جون ستون قدرت جو چِٽنِ جي ڪرامت ڏانهن اِشارو ڪن ٿيون، جنهن ۾ بهار مند جو اِظهار سچ پچ ڪمال جو آهي.

رُسڻي ڏڪڻي مند بسنتي، هن تي ناهه بقاءُ،
موٽي ويندي جي، نه ڪندي تون، آدرڀاءُ!

ساڳي بهار جي مند جو ضد ”خزان“ جو بيان به واهه واهه!

”دکن جي گود ۾ سڪه روپ ٻار مشڪي ٿو،
سَر تو جي جهول ۾ جڻ ڪو بهار بهار مشڪي ٿو.“

”سُڪه روپ ٻار جو مشڪڻ معنيٰ بهار ۽ سَروَ جي جهول ۾ جڻ ڪو بار جو مشڪڻ، جهڙا تجنيس النڪار ۽ قافيا-رديف ”ٻار مشڪي تو، بهار مشڪي تو.“ ڏاڍو گهڻو سنو اثر ڇڏين ٿا.

هاڻي اسان جي لاڏلي شاعر دلگير جا اونهاري جي نتهڻ اُس جي (سا به ناگپور جي) اوسر به اثرائتي نموني ڪئي آهي.

ناگپوري لُڪ جسم جلائي، جڻ ڪا پڙ پڙ باهه،
شايد اُڀ ۾ سَوَ ڪن سورج، هڪڙو سورج ناهه.

”پڙ پڙ باهه“ ناگپوري اُس کي ڪونڻ رنگين زبانيءَ موجب النڪار مبالغي جو مثال آهي.

رم جهم برسات تي چڱا شعر دلگير جا موجود آهن، جن مان هڪ جو مثال، بي‌مثال آهي. (صنف : هائڪو)

رم جهم مينگهه ملهار،
جڻ بن ۾ ڪنهن سندريءَ
ڇيڙي آهه سِتار.

مٿئين هائڪو ۾ ”جڻ“ لفظ دواران تجنيس حرفيءَ جو اِستعمال ڪري ڪوتا جي مصرا کي گهڻو اُپاريو ويو آهي جو سهڻو شبد-چتر کچي پيو آهي.

پنهنجي هڪ نئين ڪوتا ۾ هند جي اديبن جو پورو قدر نه ٿيندو ڏسي، دلگير جو دکه به دل دهلائيندڙ آهي:

گونگا گونگا ويڻ.

سياري جي سخت سرديءَ جو ذڪر ٻه ٽيڙو ۾ صنف ۾ :

سيءُ اُتر جو واءُ،
ڪنڙا ڪيڏو نه ڏکن،
اڄ ياڪر ۾ آءُ.

برساتي عناصر تي ٽيڙو :

مينهنُ تکو طوفان،
پاڻ ڇنيءَ سان ٿو ڊڪيان،
واءُ مگر ٻلوان.

مٿين ٻين ٽيڙن ۾ ڪونه ڪو سهڻو چتر چِٽڻ ۾ دلگير جي سڦل ڪوشش پئي رهي آهي. رم جهم رم جهم بوندن تي ٻين شاعرن پلي ڪوتائون رچيون هجن پر، دلگير جي لفظن کي آواز ڏئي، اُنهن کي طاقتور بڻائي رچنا رچڻ جو ڍنگ ئي اوُر آهي :

”رات خوفناڪ آ بادلن جون پلٽڻون،
چيچ چڻ هٽن پيون، آسماني ناٽڻيون،
چيخينديون ۽ ٿهڪنديون، زور سان سهڪنديون،
جُهنڊَ کي اچن پيا، ديُوَ کي نچن پيا.
راهگير راهه ۾ ڪيئن نه هاڻ پٽڪندا،
پيار جي اُسات ۾، ڪيترا نه تڙڦندا.

اَهڙيءَ سخت برسات ۾ رستي تان گذرندڙ راهگيرن جي مشڪلات جو بيان، پوگين جي پريم راهه تي هلندڙن سان ڪرڻ ٻه هڪ اعليٰ ۽ عجيب خيال آهي. ٻي هڪ وڏ-ڦُڙي برسات تي لکيل ڪوتا ٻه داد لهڻو، جن ۾ ڍنڍن، ڊوڙن ۽ غريبن جي گهرڙن بابت همدرديءَ جو احساس ڪرائي ٿي ۽ اُن ۾ تجنيس حرفي النڪار ۽ هم آواز لفظ ٻه ٻه ٽي ٽي گڏجڻ اچڻ، ڪافي اهميت رکي ٿو.

ڍنڍيون ڊوران ڦوڪيا ڦاٽيا، جڳه جلمئه ٽيو سارو ري،
ڪچڙا گهرڙا خوب ڪرن ٿا ڦهه ڦهه ۽ ڦهڪار وري.

پکي ۽ پسون بہ قدرت جو هڪ حصو آهن، جي ڌرتيءَ ۽ اُڀ جي
چِيرِ پنهنجي جيون جا جذبا جاڳائيندا رهن ٿا :
ڀونئڙي جي آتم ڪٿا سندس ئي مُکہ مان ٻڌڻ، ڪيترو نہ وڻندڙ
لڳندو، تنهنجو اندازو خود اديب ۽ ڀانڪ لڳائن تہ بهتر.

مان ڀونئڙو ڪارو ڪارو،
ڳائڻ جهومڻ موَج لڳائڻ، جڳہ ۾ آنءُ اچان ٿو،
سکہ جي سندر قلوازيءَ ۾، موَجي ناچ نچان ٿو،
نِت نِت ڳايان، آنءُ سڻايان،
سُک جو گيت پيارو، مان ڀونئڙو ڪارو ڪارو.

(”ماڪ ڦڙا“ شاعري مجموعي تان)

(٣) پکين تي بہ دلگير صاحب جا هائڪو جلويدار آهن، بہ مثال :

(١) ڀِت تي وينل ڪانءُ،
سرديءَ ۾ ٿڙ ٿڙ ڌڪي،
هاءِ! ڪريان ڇا آنءُ.

(٢) ٽي جهرڪيون هڪ ڪانءُ،
ڪانءُ ڏسي جهرڪيون ڀڄن،
اَن ڀريل هڪ ٿانءُ.

پهرين هائڪو ۾ سياري جي سخت ٿڌ ۾ ڀِت تي وينل ڪانءُ جو
ڪڻ ۽ ٻئي هائڪو ۾ اَن جي ڀريل ٿانوَ تي آيل جهرڪيون، اَنُ
ندي ڪانءُ کي ڏسي ڏڪڻ جو بيان هڪ چتر چٽڻ جي ڪلا
نهن اِشارو ڪري ٿو.
نندين ۽ ننڍي ڳالهيون ٻين کي ڀلي لڳن پر، دلگير کي اُهي
پنهنجي هائڪو ۾ آڻڻ جو اُتساهہ ڏيارين ٿيون.

چپ چپ ڇهنب هڻي،
پَت تان اجاڙ ڪي،
ڪرڙي ويئي ڪٽي.

(٤) نباتاتي عناصرن تي رچيل رچنا جي هي اَنش جو شال گلابي

هند ۾ سنڌي ڪوي اِئين آهي،
جيئن هڪ ميويدار وڻ،
پر ميوي ڪائڻ وارو ڪوبہ ڪونهي،
پياسيءَ جي پهچ ڪان پري آهي،
جيئن هڪ خوشبودار گُل جنهن کي،
پٽڻ، چنڻ ۽ ڇهڻ وارو ڪوبہ ڪونهي.

سنڌي ساهتيڪارن کي ميويدار وڻ ۽ خوشبو جو گُل ڪوٺي، ساراهہ ڪرڻ پر، اُنهن جو قدر نہ ٿيندو ڏسي دکميہ نظريو پيش ڪرڻ بہ دلگير جو خيال اوليہ آهي. هن صاحب جو چوڻ هو تہ سنڌي عوام جي ساهت ڏانهن بي رخي بہ ڌيان طلب آهي، جنهن ذيعي سنڌي ادب جي اونداهي مستقبل ڏانهن اِشارو ڪيل آهي.

سندس هڪ بيءَ ڪوتا ۾ يونئڙن جي ’يوُن يوُن‘ ۽ پکين جي ’چوُن-چوُن‘ بڌي قلم هلايو تہ:

نرم خوشبوءِ ۽ نرم گونج پونئڙي جي،
ڪٿي مُڪڙي ڦٿي تہ ڪانا آهي،
سنگيت پنڇين جو قيد ۾ تو بڌان،
پرهہ ٻاهر ڦٿي تہ ڪانہ آهي.

نئين مڪڙيءَ جي ڦٿڻ سونهن جي قابل ٿيڻ جو اِظهار بہ اعليٰ درجي جو آهي. ”موج ڪئي مهراڻ“ شاعري مجموعي جي هڪ شعر جي ڇئن مصرائن جو مثال.

نئين مڪڙي تہ ڏِسُ، هن ڪونہ مشڪيو اجا تائين،
عمر هن جي تہ لچڪي آ، نہ مُکہ مهڪيو اجا تائين،
جيئن اوير جي لاليءَ مان ڪو صبح جو پهريون ڪِرڻو،
نہ جو پهتو اسان تاين، نہ جو چمڪيو اجا تائين.

سهڻي سِٽ مڪڙي جي ساراهہ جي لائق آهي. قافيو ۽ رديف: نہ مشڪيو اجا تائين، نہ ٻهڪيو اجا تائين،نہ چمڪيو اجا تائين- ڪوتا جي مصرائن ۾ رنگہ پرين ٿا.

ـايل قدرتي عناصرن ۾ ڪري سگهي ٿو، اَهڙو عمدو نقطو هيئنئين
ـر دواران ڪرائي جس جو ياڳي ٿيو آهي.

”اِندلٺ ۾ ڏنم توکي، تون رنگين آهين،
گل گل ۾ ڏنم توکي، تون شوقين آهين،
دل ساڻ ڏنم توکي هزارين يرا،
هڪ پيرو بہ اڪ تي تون، چڙهيو ڪين آهين.“

ـ قدرت ۾ اُن جي الڳہ الڳہ عناصرن کان متاثر ٿي چڱيون چوکيون
ـوتائون لکيون، جن مان سمنڊ تي رچيل وڏيڪ ”موُج ڪئي مهراڻ“
ـرن جي انتخاب ۾ ملن ٿيون. ساگر تي رچيل ڪوتا مان ڪوريل
ـڪر پيش آهن :

منهنجي من ۾ چلڪي پيو آ موجَ جو مهراڻ،
ڪاش! سين ڪي موُج وناياں، اندر گهلي ساڻ.
ساگر جوڻ لوڏائيون چوليون،
ڪيئن ڳالهيون ڪن منڙيون چوليون،
ڪپ جا ڏک ڪائيندڍيون چوليون،
تہ بہ ڳائيندڍيون نچندڍيون چوليون،
وڏنديون هٽنديون رڪنديون چوليون،
ليڪن موُڙ نہ مرنديون چوليون.“
(روُلو آواز)

ـتئين شاعري ستن ۾ سمنڊ ۽ چولين ۽ لوڏائئي سمنڊ جو بيان
ـمثال پيو لڳي. سنڌ مان هند ۾ دلگير صاحب گهڻو پوءِ آيو ۽
ـور (ڪڇ) ۾ ٿانئيڪو ٿيو.
ـنگا نديءَ تي اچڻ بعد کيس سنڌو ندي ياد اچي ويئي. هن
ـون جي آخرين ۾ سنڌو نديءَ تي رچيل ڪوتا جو اَنش :

ـ هردم سنڌو ۽ گنگا جو، آنءُ خير،
ـ گنگا جي ڇاتيءَ تي نچندڙ لهر لهر جي لوڏ،
ـ گنگا ناهي سنڌو آهي ڏِس سنڌوءَ جا ڪوڏ.

ڳلن تي دلگير جي اَديٽ ڪلڪرانيءَ جو هڪ مثال:

دل ٿي چوي تہ ڪيس ڇني پيار اڄ ڪريان،
ڪرندا سياٽي زرد ٿي، پتا ڳُلاب جا!

ڳُلابي ڳُلن کي صرف اِن ڪري ڇني پيار ڪرڻ ٿو چاهي، جو سياٽي (ٻئي ڏينهن) اُن جا ڳُلابي پتا زرد ٿي ڪري پوندا.

شهري ڪرڻ جي اوسر کي اُسرائڻ لاءِ وڻن ٽِڻن کي ڪپڻ جو اعلان، دلگير جي دل ڏکوئي ٿو:

''مان آهيان هڪ شاهي وڻ،
پاڙون ڌرتيءَ ۾ ڏبيل آهن،
پر ٽاڙيون آهن آڪاس سان ملڻ لاءِ اُتاوليون،
منهنجي ڏارَ ڏارَ تي آهن آڏيل،
آرزن جي پکين جا آکيرا.''

(پيج-3 ''جهنگل ڳُل'' تان)

خود وڻن جو ڳالهائڻ ڪوتا جي خوبي آهي.

شاعر دلگير هڪ آشاودي شاعر آهي نہ سڪ درسي ڪوي پڻ، جنهن پنهنجو نالو ''دلگير'' رکائي جڻ هڪ عظيم ڀُل ڪئي آهي پر، هڪ وقت تخلص ''دلگير'' پيو سو، پيو سندس مُوت کان پوءِ بہ هلندو رهندو. هيئن دلگير، جيئڻ جو مزو ڇا ۾ آهي؟ تنهنجو ذڪر بہ خوبصورت آهي:

''جو پيارڻ ۾ مزو، سو نہ پيئڻ ۾ آهي،
لطف خود لءِ نہ، ٻين لاءِ جيئڻ ۾ آهي،
دل نٽڻ سان بہ ڳُل ڪيئن نہ ڏئي سُرهاڻ،
سو مزو ناهي وٺڻ، جو ڏيڻ ۾ آهي.''

مٿين مصرائن ۾ جيئڻ جو ڍنگہ ڳُل کان سکڻ لاءِ عمدو سنديش ڏنو آهي. دلگير صاحب ۽ اِنڪري ئي پاڻ کي شاهي وڻ بڻجڻ جو اِرادو ڏيکاريو آهي، جنهن جو مثال هن ذڪر ۾ ڪيل آهي.

پرماتما جو درشن روبرو نہ تہ سندس شڪتي اُپايل سرشتيءَ جي

سدا حيات دادا هري ”دلگير“

-تيج ’قابل‘

هري معنيٰ وشنو. هريءَ جو مطلب آهي ڪرشن. ڪرشن پنهنجي
سريءَ جي مڌر آواز سان سيني کي موهي ڇڏيو ۽ دادا هري دلگير
نجي قلم جي نوڪ سان هرهڪ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو.
بنسريءَ واري هريءَ جو جنم جمنا نديءَ جي ڪناري متّرا ۾ ٿيو
قلم واري هريءَ جو جنم سنڌو نديءَ جي ڪپ تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو.
يءَ (ڪرشن) جو جنم برساتي مند ۾ ٿيو ته هري (دلگير) پيدا ٿيو 15
ن تي يعني مينهن وسڻ جي شروعات ۾. ھُن هريءَ جي مرتيو ٿيو پير
ير لڳڻ سبب ته هن هريءَ جو موت ٿيو دل ۾ تير لڳڻ سبب. گورڌن
ڙ ڌارڻ ڪرڻ واري هيءَ جو اڪيلائيءَ ۾ پال ۾ پبر جي وڻ هينان
ڻ پکيئڙو پرواز ڪري ويو ته سنڌيت جي شيدائيءَ اڪيلائيءَ ۾
الاجيءَ ۾ پراڻ تياڳيا. هو هري سنسار جو سرجڻهار هو ته هيءُ هري
تيه جو سرجڻهار هو. اهڙي مهان شخصيت تاريخ 11 اپريل 2004
هن ناسونت سنسار جي ياترا پوري ڪري اگم ڏانهن راهي ٿي.
دادا هري دلگير جو جنم منڙي سنڌ پوميءَ تي سنڌو نديءَ جي
ري تي لاڙڪاڻي شهر ۾ 15 جون 1916 تي ديوان گرڌنيمل بختراءِ
ڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هنن جي اِبتدائي تعليم لاڙڪاڻي جي سرڪاري
مري اسڪول ۾ ٿي. ڪاليج تعليم ڪراچيءَ ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج
ي. ڪراچيءَ ۾ ٿي بي.اِي. سول پاس ڪيائون.
دادا تي بيوس جي ”شيرين شعر“ ۽ لاڙڪاڻي جي سرڪاري هاءِ
ول جي ماستر شاعر نواز علي جعفري نواز جو اثر پيو. هنن پنهنجو
ص ”دلگير“ رکيو. جيتوڻيڪ ان تي اڳتي هلي ڪيس ائين محسوس ٿيو
و تخلص برابر نه آهي. ليڪن ان تي مشهوري ملي چڪي هئن.
1930 ۾ سندن ڪويتا هفتيوار اخبار ۾ ڇپي ان ڪانپوءِ نياز هنن
لم عروض جي ڄاڻ ڏني. فن جي ڄاڻ نياز وٽان ۽ سُڪد رسي شاعريءَ
ڻ سائين بيوس وٽان حاصل ڪيائون. انڪري لکيو اٿن،

ءِ سنڌو نديءَ جي پيار کيس هڪ وڏي ڪوتا رچڻ جي پريرڻا ڏني :

ٿهه ٿهه ڪندي ڦهه ڦهه ڪندي،
ڳڙ ڳڙ ڪندي ٻڙ ٻڙ ڪندي،
نِبت ڦرڪندي، نِبت پڙڪندي،
هئن ريل وانگر رڙ ڪندي،
گهوُگهاٽ سان، سوُساٽ سان،
سرڙاٽ سان، ورڙاٽ سان،
ٽڪرن کي ٽوڙيندي اچي.

مددي ڪتاب :

(١) چولو منهنجي چڪ ۾.
(٢) رولوُ آواز.
(٣) نذرانو ٽماهي - احمدآباد.
(٤) سنگيتا پبليڪيشن ٽماهي-ٻڙودا.
(٥) جهنگلي گُل.
(٦) موج ڪئي مهراڻ.
(٧) سنڌي ساهتيہ جا ستارا-منوهر نهالاڻي.

1, Aditya Bunglow, Nobalnagar, P.O, Kubernagar,
Ahmedabad - 382340.
M. : 9328784544

شخصي زندگيءَ ۾ بہ دادا هر دلعزيز هئا. هنن جي صحبت ۾
و آيو سو دوستيءَ جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌجي ويو دادا پاڻ لکيو آهي :

''هر ميلو مُرڪ ڪنهن تي، سچو، سونهن تي فدا،
''دلگير'' ساڻ دوستي جوڙي ڏسي نہ ڪو.''

دادا سان منهنجي پهرين ملاقات 1958 ۾ تي. گانڌيڌام ۾ دادا
اهتيڪارن، تعليمدانن جي گڏجاڻي تي هئي. انهن ڏينهن ۾ ئي
آيا هئا. پوءِ تہ ناتو جُڙي ويو. ملاقاتون ٿينديون رهيون. سيمينار،
، بينڪون، گڏجاڻيون ٿينديون رهيون. ڳنڍ مضبوط ٿيندي ويئي.

دادا پيشي جي لحاظ کان پل انجنيئر هئا. ليڪن هنن جو لاڙو
ڏانهن هو. هو سرسوتيءَ جا پوڄاري هئا، نہ ڪ لڇميءَ جا. هنن
۾ ڪويتا لکڻ شروع ڪئي. ڪل 25 ڪتاب ڇپايائون. ساهتيہ جي
ر هند توڙي سنڌ ۾ ڪين ڪيترائي انعام مليا.

هڪ مانيہ اديب ۽ تعليمدان جي ناتي هو گجرات ۽ مهاراشٽر
ستين جي بورڊ جا ميمبر، مرڪزي اَڪادمي ۽ سي.ايچ.ڊي. جا
ار، گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جا چيئرمن، گانڌيڌام تولاڻي
ڪنڪ جا پرنسيپال، گانڌيڌام ڪاليجئيٽ بورڊ جا سيڪريٽري،
ر.سيءَ جا ڊائريڪٽر ۽ صلاحڪار، گانڌيڌام ميونسپل جا صدر،
ام ڪو آپريٽو بئنڪ لميٽيڊ جا چيئرمن، گانڌيڌام ڊيولپمينٽ
ءَ جا سيڪريٽري ۽ ٻين ڪيترين سنسٿائن جي عهدن تي رهيا.
عهدن ماڻڻ کانپوءِ بہ هو نمرتا ۽ نماڻيءَ جي مورت هئا.

ادا دوستي ڪرڻ جا بہ ڪوڏيا هئا. همدرد هئا. هڏ ڏوکي هئا.
ي سامهون ڪي آدرش هئا، اُصول هئا ۽ هئا سپنا. هو سنڌي ٻولي،
لپي، ادب ۽ سنڌيت جا پڪا شيدائي هئا. اهڙي شخصيت کي
رڻام.

جيسين سج ۾ روشني آ، جيسين چنڊ ۾ چانڊني آ،
يسين بادلن ۾ پاڻي آ، تيسين جڳ ۾ ''دلگير آ.
يئن سنپاڻ ۾ مکڻ آ، جيئن مينديءَ ۾ لالاڻ آ،
يئن ڪمند ۾ مناڻ آ، تيئن سنسار ۾ ''دلگير'' آ.''

TCX-S-101, Gandhidham - 370201. M. : 0942981515

”شُمار ٿئي ٿو سنن، شاعرن ۾ اڄ دلگير،
ڪمال آهي سو بيوس نياز پارن جو“

دلگير جي ڪويتا ”منهنجي امڙ“ 1934 ۾ اسڪول جي مخزن ۾ ڇپي ته واه-واه ٿي ويئي، ان ڪانپوءِ سندن ڪويتا ”سونو سپنن جو سنسار“ سنڌو مخزن ۾ شايع ٿي.

”دلگير“ ڪويتا جي هر صنف تي لکيو. غزل تي دلگير صاحب جو سٺو ضابطو هو. هنن جي غزل ۾ قافيه، رديف ۽ شاعراڻا ويچار آهن :

”هرهڪ ۾ آه حسن ۽ هر چيز ۾ ڪشش،
همدرد ناتو ڪنهن سان به جوڙي ته ڏسي ڪو.“

گيت لکڻ لاءِ دادا کي اُتساه بيوس جي گيت ”سڀ ڪن تنهنجي ساراهه، قدرت وارا“ مان مليو. دلگير جي گيتن جو درشن لکيل ڪتاب ”ڪوڏ“ ۾ ٿئي ٿو.

”آيو ساجن چاڻ سکي ڙي آيو ساجن چاڻ،
تازا پشپ پٽي مانَ آڻيان، باريان چندن ڌوپ،
سواگت سرس ڪنديس مان سک سان ايندو منگل روپ،
پوڇا ڏالهي آڻ سکي! هت آيو ساجن چاڻ.“

نظم به دادا جو دل گُهريو گهاڙيتو آهي. ڪوڏ ۾ ڪيتريون رچنائون نظمون آهن.

”سک سندرتا آنند آشا منهنجو جيون سارو،
مان يونئرو ڪارو ڪارو،
منهنجي جيون ڪان هر گلشن، هاڪارو سونهارو،
مان يونئرو ڪارو ڪارو،

وائي به سنڌيءَ جي نج صنف آهي. دلگير ان تي به قلم هلايو ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.

”ڪير ڪُڇي هت ڪير، اِلاهي اونده ۽ انڌير،
پاڻ نه آنو پاڻُ به ناهيون، ٻيو سيڪو ٿيو سير،
ڪير ڪُڇي هت ڪير.“

دادا پنجڪڙا، رُباعيون، بيت، دوها، سورٺا، للت پد، وغيره ب لکيا. مطلب ته شاعريءَ جي هر صنف ۾ دادا سڦلتا حاصل ڪئي آهي

غزل

- ادل سومرو

کھڙين کھڙين ٺهمتن کي سارجي،
آرسيءَ کي مُنهن کھڙو ڏيکارجي!

هرڪا بازي هارجي آهي وئي،
هاڻُ ٿو هاڻي رُڳو بس هارجي.

وقت پيرن ۾ لتاڙي آ ڇڏيو،
ويندڙن کي ڪيترو بيهارجي.

تُنهنجي باري ۾ چون ٿا راءِ ڏي،
سمنڊ بابت ڇا ڀلا ويچارجي.

خانقاهن ۾ گذاريو آ گھڻو،
ڪجھ ته رندن سان به گڏجي گھارجي.

ٻيو ته ارپڻ لاءِ ڪجھ ناهي بچيو،
ڀاڳ کي ٻوڙي به توکي تارجي.

ڪو به ٻوٽو جي نٿا ٻاري سگھون،
ڪاته وائي ڪو غزل ئي ٻارجي.

سرحد پار جو ادب

غزل

-ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

وسن وارا، او وس وارا، جڏهين جڏهين چاهين جيارين تو،
جڏهين چاهين تہ مارين تو.

ڪڏهن بوڙين ڪُنن ۾ ۽ ڪڏهن نانگهي ۾ تارين تو،
جڏهن چاهين جيارين تو، جڏهن چاهين تہ مارين تو.

ڪڏهن مسڪان تو سُرڪيءَ لئي، ڪڏهن پيالا پيارين تو،
جڏهن چاهين جيارين تو، جڏهن چاهين تہ مارين تو.

ڪڏهن نيڻن سان نارين تو، ڪڏهن بارڻ ڪو بارين تو،
جڏهن چاهين جيارين تو، جڏهن چاهين تہ مارين تو.

خزانا ڏئي خوشين جا تون، ڪڏهن ڳَٽين ۾ ڳارين تو،
جڏهن چاهين جيارين تو، جڏهن چاهين تہ مارين تو.

پري رهندي پرين پيارا، گهٽيون گهڙيون بہ گهارين تو،
جڏهن چاهين جيارين تو، جڏهن چاهين تہ مارين تو.

غزل

- ڊاڪٽر شير مهراڻي

ڻ، 'اڇلي لڪير تي وڇجي هيءَ'
تي فقير تي وڇجي دل ڇوي

ڻ سان پاڻ سپ حساب ڪجن پا
ڻ منڪر نڪير تي وڇجي پا

ٻيون سيئي بندشون ڀڄي ڇڏجن
ُتي وڇجي دل ئي ٥ل جو اسير

جيڪا متيءَ ڏانهن ڪجي ميري تي
انهيءَ اڪ لاءِ تير تي وڇجي

ڀائرن ساڻ دشمنيون کهڙيون
ٻتي وڇجي ڪير تي وڇجي ڪن

غزل

- احسان دانش

ڏاڍي من ۾ آس اڏامڻ چاهيان ٿو
ڌرتيءَ کان آڪاس اڏامڻ چاهيان ٿو

پَرَ منهنجا پَرمار ڪَٽي ورتا آهن
پر مان تُنهنجي پاس اڏامڻ چاهيان ٿو

مان ها رمتو روح قفس مان پڙڪو ڏئي
گل جو ٻڌجي واسُ اڏامڻ چاهيان ٿو

ماريءَ جي من ۾ آ ڪيڏو ميرُ مگر
مون جيئڻ وشواس اڏامڻ چاهيان ٿو

امن عقابن جي چنبي ۾ آ ليڪن
ناهن نيڻ نراس اڏامڻ چاهيان ٿو

غزل

- مشتاق گبول

رات عجب ھُئي حالت دل جي،
رات ته سڄ اُڀرڻ جو ڏر ھو!

ان جو ڇا ٿيو منهنجا دريا!
تنهنجي آڏو جيڪو ٿر ھو.

جيسين تنهنجي ھٿ ھو، تيسين؛
روڪي ساھه رکيو ڪاڳر ھو!

روز اکين ۾ حيراني ڪا،
روز نئون ڪوئي منظر ھو!

رات ھُئاسين پيئل شايد،
رات ! ته ھر در تنهنجو در ھو!

غزل

-نوراحمد جنجهي

توکي ساري جيءُ جهريو
هنجون هاري جي جهريو

-

ڪين آئين رات ساري
راھہ نهاري، جيءُ جهريو

-

ڪيئن سمجهان توکي سائين
وري ويچاري، جيءُ جهريو

-

پيار تنهنجو، دنيا دشمن
ويري ساري جيءُ جهريو

غزل

زيب سنڌي

جيڪو ييي هٿ رهبر آهي
تنهن جي هٿ ۾ خنجر آهي!

شيشي جهڙو هڪڙو ماڻهو
شهر سڄو ئي پٿر آهي!

رات هئي ڏاڍي بيچيني
شاهد تنهن جو بستر آهي

ڪوتائن جون لڳيون قطارون
مون وٽ هڪڙو ڪاڳر آهي!

هڪڙو ڳل هٽي چڏ، خالي
منهنجي ڪوٽ جو ڪالر آهي

غزل

- صفي ڪنول ابڙو

بي اعتبار دنيا بي اعتبار ماڻهو
بيوس کي وڏيڪ ڪن لاچار ماڻهو
جذبا احساس ڪچلين ٿا ائين
چڻ ڪا هجن تکي تلوار ماڻهو
سون جي روپ ۾ ڪچو ڪاءُ
مري ويا جي هيا مٽيا دار ماڻهو
خود غرضيءَ جي ڪاڙهي ۾
ڪيئن جيئن گلن سندا هار ماڻهو
ڪنهن ڪنهن ماڻهو جو اندر ڪارو
مروئن منهاندا ٻين لاءِ آزار ماڻهو
دنيا جي چهري تي اهي ماڻهو داغ
ٻين لاءِ هر پل بڻيل آهن سي خار ماڻهو
ڪيترن رنگن جا نقاب وٺن آهن گهڻا
ڪامياب به دنيا ۾ اهڙا فنڪار ماڻهو
ڪنول تو جهڙن لاءِ چو بڻيل آهن
اهڙا ڪريل انسان چڻ للڪار ماڻهو

غزل

رکيل مورائي

ڳُهن جي ڳل کي چنڊ چميو اڄ رات،
پورڻماسيءَ شرمايو اڄ رات.

وَرَ جي پاڪر مان آجي ٿي جيئڻ !
جسم چندن کي هير چميو اڄ رات.

چانڊوڪيءَ جو لٽي سگهان ٿي موُنُ،
پنل پنن کي ماڪ چميو اڄ رات.

ڇڏيو نہ هرگز پنهنجو هٺ چڪور،
ساڻو ساڻو ٿي اڏريو اڄ رات.

لهر لهر کي سمنڊ چميو ٿي ٻيهُر،
ڇو ٿيون ساحل کي ٻوڙيو اَڄ رات.

ميڻ بڻيءَ ٿي ڪپڙا تون نہ مٺاءِ،
جاڳي پوندو آئينو اَڄ رات.

غزل

- اياز گل

اوهان کي هئي غلط فهمي، جُدا تي سُک ماڻيا پئي
دُکن جي تيز آنڌيءَ بس، وَهيءَ جا قُول ڇاڻيا پئي

جتي ٿُهکن ۾ مَهکن جو، هُيو ميڙو مَنل هردم
اسان جا لُڙڪ ويچارا، اُتي ڪاتي اگهاڻيا پئي؟

اڃا پيي سونهن رلهيءَ جان، اندرَ ۾ توپچي پيئي
اڃا پيي عشق ها ڪيڏا، اکين ۾ خرابَ واڻيا پَئي

سُڳنڌن ۽ صدائن کان هئا ناراض ايڏا جو
اسان جي شهرَ جي ماڻهُن، هوا تي تِيرَ تاڻيا پئي

عجب ئي وقت آيو هو، هئي بازار سينگاريل
ننڍن ننڍڙن مفادن تي، وڏا ماڻهو وِڪاڻيا پئي

اڃا سنڌُ جندُ ئي آجي، ڪرائي ڪينَ پويَن مان
نوان پنجوڙ پئدا ٿيا، نوان صدمان ساماڻيا پئي

”سدائين سنڌ کي پنهنجن، خيالن ۾ ڪٽي هلجو“
پڌائيءَ، پِٽ تان بيهي، اهي نياپا اُماڻيا پئي

هڪڙي سگريٽ جيترو پنڌ ڪجئين مون ساڻ

زندگي، اداسي، انقلاب، محبت، مزاحمت، حسن، عشق... ۽ سريرواسنا اهي سڀ موضوع سيني ئي شاعرن جا من پسند موضوع رهيا آهن، پر حق ڳالهه هيءَ ته جدت سان انهن جو بيان، خدا ڪوڙ نه لڪرائي، ته صرف امداد حسينيءَ وٽ ئي نظر ايندو آهي. اڙي بابا... اياز کان وٺي استاد تائين انهن سيني شاعرن جي وچ ۾ امداد حسيني جي انفراديت به اهائي ته آهي. مثال طور هي پڙهو سندس اهڙو ئي هڪڙو منهنجو پسنديده جديد غزل.

رستي تي هڪ رڪشا آهي
اُن ۾ هوءَ تن تنها آهي
اک ئي نٿي ڀُڏيس ڪنهن ۾
ڏاڍي ڪا بي پرواهه آهي

اسان جو هي رومانوي شاعر امداد، جي ها! امداد حسيني! جواني کان ئي سهڻو جوان رهيو آهي ۽ هاڻي به جوان ئي نظر ايندو آهي. پر ڇا عشق ڪرڻ جو حق صرف جوان جسم کي ئي آهي، ياد ڪريو هو ڇا چيو هو... درازن ڏٺيءَ: "سچو عشق ٻڍا نا ٿيوي"... ته بس امداد اول آخر جواني کان پنهنجي موجوده ڄمار تائين، رومينٽڪ ۽ عاشق شاعر طور ئي پاڻ کي متعارف ڪرائيندو رهيو آهي.

۽ هاڻي... اڄهو الاهي سارئُن... "هُوئَن"... بابت امداد جي هن 'هُوءَ' مجموعي جي ٽائيٽل تي جو نظر پئم، ته اتي به انهن منجهان هن جي هڪڙي "هُوءَ" ئي نظر آيم. ڪير؟ سحر امداد... جنهن جي سامهون سمونڊ مثل (جڻ خود امداد) ۽ باب ڪٽ وارن، پيرن ۾ جوگرز گهير واري رئي سان ۽ جنهن جو رُخ سمونڊ طرف... تڏهن مون يڪدم سڃاڻي ورتو. هيءَ صنف نازڪ اُها ئي ته آهي. جنهن، ڪنهن وقت چيو هو:

جهاڳي ڪنڊ سمنڊ سڀ، اُڪري وينديس آءٌ
سڃڻي هان امداد جي، سحر سندم آ نانءُ

تڏهن لڳم ڪنهن وقت امداد پڪ سان هي دوهو به ان سحر امداد لاءِ ي لکيو هوندو:

امداد حسينيءَ جي رومانوي شاعريءَ جو ذاتي اڀياس

نصير مرزا

امداد حسينيءَ جي پنجين شعري مجموعي جو نالو آهي: "هُوءَ". اصل ۾ اها هُوءَ، هُن جي ٻين مجموعن ۾ به هلندي ڦرندي نظر اچي ٿي، پر هن ساري مجموعي ۾ ته صرف 'هُوءَ' ئي ' هُوءَ' آهي(۽ ڪا هڪڙي نه. پر ڪئي) ڏٺو وڃي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ هر طرح جا شاعر موجود آهن. انقلابي، مزاحمتي، قومي، ترقي پسند، رجعت پسند. پر انهن ۾ نج نبار Love Poet مون کي واحد امداد حسيني ئي نظر ايندو آهي ۽ صرف Love Poet ئي نه، آئون ته چوندو آهيان ته ڪو ماڻهو جيڪڏهن شاعر آهي ته ان کي واقعي شاعر به نظر اچڻ گهرجي. بلڪل ايئن، جيئن محفل محفل امداد حسيني نظر ايندو آهي. هٿ ۾ سگريٽ ۽ هجومن ۾ به اڪيلو اڪيلو. اگرچ سحر امداد به اڪثر هن جي پرسان پرسان ئي هوندي آهي پر پوءِ به نظر امداد ايئن پيو ايندو آهي جڻ ازل کان اڪيلو هجي. ها! امداد کان پوءِ واري ٿهيءَ ۾ ڪجهه قدر حسن درس به مون کي ايئن ئي لڳندو هو آواره آواره ۽ اڪيلو اڪيلو. ۽ ڪو دل ۾ جي نه ڪري ته چوان، سينيئرز ۾ امداد ۽ جونيئرز ۾ حسن کان سواءِ ٻيا اڪثر شاعر منهنجي آڏو ته شهرت جا بکيا ۽ ڪمرشلائيزيشن جو شڪار ئي نظرَ آيا مون کي. جڻ شاعر نه اداڪار هجن يا صداڪار. هونئن اهو به درست ته شاعر، معنيٰ حُسن پرست ۽ عاشق. هاڻي پوءِ اُها هستي اها ئي عظيم هستي ئي چو نه هجي، جنهن چيو هو **"جنهن جي چيچ سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نه ڪو لوڏو"** هيڏانهن هي امداد حسيني، جنهن وٽ وري هر پرڪشش ڇهري لاءِ هر وقت هھڙي آفر ئي آفر. نظر پئي اچي:

جيستائين آئون توکان دور هوس
هر گهڙي ڇڻ خودڪشي ٿيندي رهي

ڇا هي محض، هڪڙو بس رومينٽڪ شعر؟ يا واقعي ان جي پويان ڪائي حقيقت به؟

....

امداد منهنجو فيورٽ ترين شاعر آهي... سو ان ڪري آئون گهڻي زمانن کان هن کين آئيڊيا لائيز به ڪندو اچان، ۽ ان وقت کان، جڏهن کان هو پنهنجي پهرئين، سادات گهر واري ۽ نجيب الطرفين سيد ٻارن سان گڏ ڪوڪر محلہ لڳ، گول بلڊنگ واري گهٽي ۾ رهندو هو. ۽ بقول سينيئرز جي ساڳئي وقت سحر بلوچ صاحبہ سان، ڳجهہ ڳوهہ ۾ پيار به ڪندو رهندو هو بعد ۾ پيار پرڻي بعد هو پوءِ هميشہ هميشہ لاءِ ڄام شوري شفٽ ٿي ويو. تڏهن هي آئون جيڪو ڪوڪر پاڙي، سوسائيٽي ايريا، ڪيفي جارج ۽ آفسيٽ پريس صدر ۽ ڪيفي يونيٽي وغيره ۾ امداد جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ ويندو رهندو هوس، هاڻي حيدرآباد جي رستن تي ڪيس "مس" ڪندو رهيس. هي شاعر امداد... منهنجو هڪ جيڏو ڪو نہ هو... ۽ نہ ئي ڪو ويجهو دوست، پر پوءِ بہ سينيئر شاعر جي حيثيت ۾ هن جي سڪ ۾ آئون ڪافي سُڪ هوس، هاڻي مون امداد جو ڄام شوري تائين بہ پيڇو ڪيو ۽ قيس ۽ طارق عالم سان گڏجي، سائين نثار حسينيءَ جي ساٿ ۾ هن سان ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۽ پوءِ تہ ماهي مهراڻ رسالي جي ايڊيٽر شپ واري دور تائين هن سان باقائده ملڻ لاءِ وٽس ويندو رهيس... جتي امداد مون کي 'هوا جي سامهون' ٿي گهڻو نظر آيو.

ڄام شوري جون هوائون
ٽوڙڙو هوريان گُهلو

پر بي ڇڻي هوا، هن شاعر جو ڇيو مڃيندي ئي ڪٽي هئي؟ جيڪا صفا جهڙي ڪا چنچل ڇيگري ڇوڪري هئي ۽ جيڪا هڪ پاسي شاعر جا وار تہ ٻئي پاسي ڪاڳر اڏائيندي رهندي هئي:

واءُ اڏاري ويئي ڪاڳر
پاڻم لوهہ اڙي اوا اوا

مون وٽ هڪڙي سٽ لکي پئي آهي صدين کان ٿي
تنها آهيان، ملين تہ جيڪر دوھو ٻڌجا مان

برابر، سحر ۽ امداد جو ڪنهن وقت شروع ٿيندڙ رومينس مون اکين سان نہ ڏٺو ۽ رڳو ٻڌو ئي ٻڌو جو مون تہ پوءِ هنن کي زال مڙس جي صورت ۾ ئي ڏٺو. يعني جانان ۽ سانول جي روپ ۾. هونئن زال مڙس جي ناتي باهمي پيار بابت، علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ ايلسا قاضي جي عشق جا قصا بہ مون جام ٻڌا، پر علامہ صاحب تہ فلاسفر هئا، اسان جو امداد شاعر آهي. اردو ادب ۾ فيض صاحب ۽ ايلس فيض جو پيار بہ مثالي ٻڌايو وڃي ٿو. پر شاعر هي فيض احمد فيض هجي يا امداد.... زال سان عشق؟ معنيٰ سڀ نظر جو دوکو..." جو ڪوي تہ ايئن هوندا آهن جيئن شاعر قتيل شفائي لکيو هو "ڪلي ڪلي منڊلا ئي ڀنورا... بات بني اڙ جاءِ!" سو ڪنهن بہ حسن پرست ۽ عاشق شاعر تي اعتبار ئي ڪهڙو؟ خير هي بہ ڇو لڪايان... تہ امداد کي مون محفل، محفل برابر تہ اڪثر اڪيلو اڪيلو بہ ڏٺو پر ٻي نظر ۾ ڏٺو تہ ڪا نہ ڪا بلبل هن جي ڀرسان اڪثر ويٺل ئي ويٺل نظر ايندي هئي، چڱو جي ڪا بلبل نہ، تہ نظرباز امداد جي نظرن جو پيڇو ڪندي ۽ هن ڏانهن ڏسندي مون تہ هي بہ اڪثر جهونگاريو:

"جهان تيري يہ نظر هئہ، ميري جان مجهي خبر هئہ"

.....

"ڪرٽي جهڙو پل". امداد جو ٽيون خوبصورت شعري مجموعو هو. يعني ڀهريون هو 'امداد آهي رول'. ٻيو 'هوا جي سامهون' ۽ ان کان پوءِ چوٿون سنڌي شاعريءَ جو ٻڳتڪو 'هُوءَ'.... پر ٽئين شعري مجموعي "ڪرٽي جهڙو پل" کي پڙهي سحر امداد ڏانهن اربيندي... امداد شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جا هي لفظ ڪتب آندا آهن:

لوڪان نحو صرف، مون مطالعو سپرين
سوئي پڙهيو سو پڙهان، سوئي سو حرف

پر سحر جي هوندي سوندي، امداد پوءِ هيئن بہ ڇو لکيو ۽ ڪنهن جي لاءِ لکيو:

ر سٺي ساروڻن واري ڇهري تي نظرون کپائي رکڻ... ۽ اها عادت به ته هر
اعر جي عام جام عادت . هاڻي اهڙي وِسڪٽاپ جي موٽ ۾ جيڪا
ستريشن شاعر وٺ ڪر ڪٽي تي، امداد ان جو به شڪار ٿيو آهي:

گهٽا به توتي وسي سگهي ٿي، مگر نه آئون مگر نه آئون
ڪنوڻ به توسان کلي سگهي ٿي، مگر نه آئون مگر نه آئون
هوا به توکي ڇُهي سگهي ٿي، مگر نه آئون مگر نه آئون
نظر نظر سان ملي سگهي ٿي، مگر نه آئون مگر نه آئون

لاوه ازين، حسرت منجهان وري هي به لکڻ ته:

توسان گڏ گهمڻ جي ڪارڻ ٿيون گُهلن هوائون
۽ آئون؟
تنهنجي لاءِ لکان ٿو ڪوتائون

احمد فراز جو هڪ شعر آهي: "جسڪو چاها هي اُسي ڊوب کي
ها هرءِ فراز" پر هي فراز ئي چا، ڪو به شاعر يا امداد حسيني ئي چو نه
ي؟ لامحاله هر معشوق کي هئين چوڻ تي مجبور ئي رهندو آهي ته:

تو ڏي ڏسندي ڪنءِ ڏسان، هيڏانهن ۽ هوڏانهن
سورج ڏي سورج مکي، آءُ ايئن تو ڏانهن

پر نت نون ڇهرن جي جهر مر ۾، ڪڏهن ڪڏهن شاعر کي اوچتو ئي
تو پراڻي پريت به ته ياد اچي ويندي آهي.

جيئن ٿي سُئي سگهي کي سيري، تنءَ ٿي مون کي سيري هُوءَ
پريت پُراڻي آهي ليڪن نيئن لڳي هر ڀيري هُوءَ

چا اها سحر امداد آهي (امداد جي پراڻي پريت) ۽ اهو سوچي، آئون
ڪي ٿو پوان ۽ شعري مجموعي: 'هُوءَ' کي اِڳتي پڙهڻ ٿو لڳان...
پوءِ امداد جي هن سٽ تي ته ڊٺ هٽي ٻيهي ٿو رهان ۽ سوچڻ ٿو لڳان،
ا!! هيءَ به وري الائي ڪير؟
ايڏي سهڻي، ايڏي سچي، جهڙي منهنجي رچنا: "هُوءَ"!

۽ پوءِ لوهہ پائيندي پري پري تائين
گهٽيءَ ۾ ڪو بہ نہ هوندو، رڳي هوا هوندي

پر صرف ايترو ئي نہ... هي هوا، اتي بہ، عاشق امداد لاءِ معشوق بڻجي، گهر جو در کڙڪائيندي رهي، جنهن سبب هو چوندو رهيو:

تيزي ڪيڏي نہ هوا، من بن ۾
رڳو تڙڪات هُئا، سڀ تن ۾

پر اتي، واڪ ۾ امداد سان هيءَ بي پلا ڪير؟

هوا هئي، پنڌ هو سگريٽ دکائي ڪو نہ سگهياسين،
مگر جا آڳ هئي دل ۾، اجهائي ڪو نہ سگهياسين

هاڻي ان 'هوا' ۽ سگريٽ کان اڳتي هڪڙي بي بہ واردات تي ۽ تورو ان جو ذڪر بہ تي وجي:

بن کي آهي باهہ وڪوڙيو هوا بہ آهي تيز گهٽي
تاڙو تاڙي پئي تارن ۾، رک بہ ويندي ساڻ ڪٽي

پر واڪ ۾ هيءَ تئين بہ الاءِ ڪير؟ شايد ڪا نئين چنچل شوخ حسينا. جيڪا اسان جي شاعر امداد تي گهڻو ڊامينٽ، ڊامينٽ پئي نظر اچي.

منهنجي سگريٽ پيئڻ جو نہ وڻيِ اسٽائيل
آئون تي وي تي بہ بيمار لڳو هوس، چيئہ
نظم جنهن وقت پڙهيو هوم، دونهين جو بادل
تہ انهيءَ محل صفا ٻار لڳو هوس، چيئہ

هاڻي هيءَ بہ "هوءَ" الائي ڪير؟ جنهن جو رڳو تصور ئي، شاعر لاءِ ڪويتا رچڻ جو سبب ٿو بڻجي پوي... جيڪا ڪنهن محفل ۾ هن ڏٺي ۽ هاڻي ذهن جي ڪنهن خاني ۾ چپ هٽي ويهي رهي اٿس:

غزل جو ڪڏهن شعر- دوهو ڪڏهن
ايئن ٿو لڳي جڏهن مان لکڻ ٿو لڳان...تڏهن
تہ جڻ تنهنجو هٿ منهنجي هٿ تي ڏريل آ

امداد واقعي به شاعر آهي ۽ بي حد خوبصورت شاعر... نظم "ڊائري" ۾
هن پاڻ به اسان کي پنهنجي پرڪشش شاعر هجڻ واري ڳالهه ٻڌائي آهي،
جنهن ۾ "هوءَ" امداد جي شاعريءَ تي موهجي، بقول سندس:

ڪراچيءَ مان سيڙجي
ڄامشوري آئي هئي
منهنجي شاعري ٻڌڻ لاءِ...

پر هاڻ ته امداد سيِ حيدرآباد گول بلڊنگ ۾ ڄام شوري مان سيِ پيڙا
ساڙي اُڪوئي، ڪراچي شفٽ ٿي ويو آهي، جتي محفل محفل هاڻي هن جي
آڏو نت نوان چهرا آهن ۽ هڪ کان هڪ ۽ خوش لباس حسينائون الڳ

رات ملي هئي ڪاچ ۾ ساڙهي واري ڇوڪري

جهوان ساڙهي واريءَ جو ڄا جوين ۽ ڄا جواني.... بقول امداد:

مٺي مٺي اهڙي مٺي، مٺو هجي جئن ڪاچ ۾
تنُ ائين تاٽيل سندس، تند تپي جيئن ساج ۾

امداد جي نظم 'پوڄا' کي پڙهندي ياد پئم، ماڻڪ لکيو هو. امداد
ڪنهن وقت سحر صاحب کي ٽيوشن پڙهائي رات جو مسلم ڪاليج جي
اسٽل واري ڇت تي پهچندو هو ته چوندا هئاسينس، ڇانهه پي امداد! ته هٿ
جهليل گلاب جو گل ڦيرائيندي چوندو هئون، "اسين ڪافي پيئو پيا
هون" پانئيان تو ٽيوشن وقت روم ڏانهن اچڻ کان اڳ، سحر جي آمد کي
سور ۾ آڻي، امداد هي نظم سرجيو هوندو:

هوا ۾ هڳاءُ آهي
۽ مون کي پڪ آهي
ته تون اچي رهي آهين
هٿ ۾ ڪو ڪتاب کڻي
ڪتاب ۾ ڪو گلاب کڻي

۽ هاڻي! اهو به پلا ڪٿي ضروري آهي، ته شاعر جي هر جاءِ تي سرسي
، ڪٿي ڪٿي ته هن سان Scene به ته ٿي ويندو هوندو:

امداد جا ڪي روماني شعر معروضي بہ آهن ۽ محض حسن جي نظارن جو خوبصورت بيان:

هي جا چنچل چڳ آ، سا
ڳاڙهي ڳل تي
پاڻ لٿي آ، يا
تولاٿي آ؟

امداد وٽ ڪي خارجي ڪيفيتون بہ آهن، مثال طور:

ايئن ملياسين پاڻ
ڀاڪر پائي جيئن ملي
ساگر سنڌوءَ ساڻ

۽ هاڻي اهڙا ڏينهن ڪٿي؟ جو ساگر سنڌوءَ سان ڀاڪر پائي ملي، خير... امداد جو نظم... وڇوڙو... پڙهيم تہ ان مان شاعر وٽان وري هڪڙي نئين محبت جو ڏس پتو مليم:

لوڪ ورثي جي ميوزم جو اُهو هال ۽ پاڻ
هال جڻ پاڻ کي ڀاڪر ۾ پري ٿي ورتو

ياد اٿم، چووهين فيبروري 2016ع تي ٻولي ڪانفرنس هئي اسلام آباد ۾ جتي امداد ڪي سحر ڪان سواءِ مون ڏٺو ۽ پنهنجي ساڳي عاشقانہ ڪرت ۾ مصروف! امداد ان موقعي تي ڪنهن اجنبي ڇهري ڪان وڇڙڻ جو هڙو منظر چٽيو آهي.

۽ اهي لڙڪ جي اکڙين جي پريل ساغر مان
هٿ ترڻ ساڻ تشوءَ ساڻ اگهيا پاڻ لڪي
سمجهہ ۾ ڪُجهہ بہ نہ ٿي آيو تہ ڇا هاڻ ڪريان
ڏاڪڻين تي ئي اتي آئون جهلي هانءُ الا ويهي رهيس

هاڻي ڇا عرض ڪريان امداد واقعي بہ اتي ڪنهن اجنبي ۽ بي وفا ڇهري ۾ اينٽرو تہ Involve ٿي ويو هو جو هن ڪراچي واري فلائيٽ مس ڪري ڇڏي هئي، ۽ هئي ڏنهن نئين ٽڪيٽ سان ڪراچي واپس موٽيو هو.

ڪنهن فيملي ڪاج ۾ هُو ئي شايد امداد کي لنوائي ٿي. تڏهن تہ هُن هي لکيو آهي:

توکي ياد آهي تہ چت چور ڇيو هو تو مون کي
ياد ناهي تہ هليا ياد ڏياران توکي
تہ ڇُرڻ لاءِ ڇڪي پورُ ڪيو تو مون کي

ٿي سگهي ٿو ڪاج ۾ اهڙي ڪا ٻي هجي، جنهن شاعر جي 'آفر' کي 'رفيوز' ڪيو هجي، بهرڪيف 'هوءَ' مجموعي ۾ هڪ نظم جو عنوان آهي 'اڱوات'! اهو نظم وري انهيءَ ڪردار کي پيتا آهي، جنهن منڍ ۾ ئي امداد کي ڇڪي ڇڏيو هو تہ... "نہ دوستي، نہ عشق، جنهن بابت پوءِ هن لکيو:

ميز ٿي آهہ ندي ناهہ اسان جي وچ ۾
پوءِ بہ تو لاءِ ايئن جڻ تہ پريون پار هجان

اجهو رنگا رنگ دنيا ۾ ڦرندي، رنگ رنگ جي چهرن تي نظر پوندي، هي بہ تہ هڪڙو خاص چهرو جيڪو شاعر جي نشاني تي رهيو سو هِن سورٺي نما دوهي ۾ محفوظ ٿي ويو آهي:

هوءَ جا منهنجي گيت ٿي، لوڏي ويئي پير
ڪير آهي سا ڪير، ڏئل وائٺل ٿي لڳي

امداد سنڌ دنيا مان نڪري سئر لاءِ آمريڪا بہ تہ ويو هو. اتي حسن اتفاق... هڪ چهرو چنڊ جهڙو ۽ بدن تارُون تار ندي ۽ اهو بدن بہ تہ امداد جي نگاهہ جي مرڪز ٿي رهيو ۽ صرف نگاهہ جو مرڪز ڪٿي؟ جو ٿر وارا ڏائيندا آهن، پيئڻ بلا ننڊ اندر وات ۾ زهر هاري، پوءِ پُڇ هٽي، ڏنگيل کي حاڱائي بہ ويندي آهي. امداد جي هن شعر ۾ "هُوءَ" بہ ايئن ئي تہ ڪري ٿي:

ملي وينگس هٿي، واسينگ وارن سان شڪاگو ۾
الائي ڇا ڇئي ويئي، اشارن سان شڪاگو ۾

هونئن امداد جي هي سٺ بہ ڇا تہ سٺ. هڪ اهڙي ڇهري بابت جنهن ي شاعر، مدت بعد ڏٺو تہ ڪيس پاسيو:

ايئن لڳو جڻ سج نڪتو ڪيترن مينهن کان پوءِ

تاس جي پتي جيان ڪيڏي ڪٽي اُڇلي ڇڏيئه
۽ ڇٽيءِ سئنڊبل سان هر احساس کي سگريٽ جي ٽوٽي جيان

اجهو هتي حضرت داغ دهلوي جو هڪ شعر، اهڙين ئي ڪافر حسينائن بابت ياد اچي ويو اٿم:

انهي قدمون ني تمهاري انهي قدمون ڪي قسم
خاڪ ۾ اتني ملائي هين ڪه جي جانتا هئي

پر امداد جي هيءَ نئين "هُوءَ" به الائي ڪير...؟ ڪيڏي نه الٽرا ماڊرن.... جنهن بابت هن نظم "ڪڏهن" ۾ اسان کي ٻڌايو آهي ته هو ڪار به ڊرائيو ڪري سگهي ٿي:

ڪڏهن ايئن ئي اچي ڪار منهنجي پرسان جهل
ڪڏهن ايئن به ته مل، ها! ڪڏهن ايئن به ته مل

خير هاڻي وري هي نئون ڇهرو... جنهن جي واڪاڻ ۾ هو چوي پيو:

گل به آهن گل
پر تنهنجي هبڪار جا
هُل به آهن هُل!

.....

مگر توسان ملي ڏاپي نه ٿو ڏاپان
ڏسڻ سان اچ اجهامي ڪا نه ٿي
پڙڪي پوي ٿي

....

ڪنا تار پرجي ويو آهيان
هليا چپ چپن سان ملائي ڇڏيون.

امداد جي هڪ نظم جو عنوان آهي: "لنوائڻ"! ڇا ان جي نائڪا خود امداد جي پهرئين ۽ اسان جي مانائتي خوبصورت سادات ياڄائي؟ جنهن جي مٽان امداد... سحر صاحبه کي آندو هو ۽ جنهن کان امداد هاڻي ڏار آهي، پر ڪنهن وقت ان سان به ته امداد جي لو مٽرج ئي ٿي هئي. ياڻئيان ٿو

امداد جا ڪجهه رومانوي نظم سريرواسنا بابت به آهن... مثال طور "تڏهن" جنهن ۾ هُوءَ فون جي گهنٽي بڌي، باٿ روم مان سڌو فون ڏانهن ڊوڙي تي وجهي ۽ ان دوران اوچتو:

مُرڪي ٿي، پوءِ پاڻ ٿئي ٿي لڄي لڄي
آئيني منجهه آلو بدن ٿي ڏسي جڏهن

ان ئي تسلسل ۾ سندس نظم "انگ" مان هي ڪي سٽون پڙهو:

تو جو چولو لاٿو هوندو
چنبڙ ارهه ۾ ڦاٿو هوندو
تو جو صابڻ لاتو هوندو
ترڪي ترڪي ويو هوندو
تو جو انگ اُگهاڙيو هوندو
تارڻ وارن تاڙيو هوندو

۽ هاڻي پڇاڙي ۾ هيءَ ڳالهه.. تازو ڪراچيءَ ۾ نيشنل ميوزيم جي لان تي هڪ چانهه پارٽيءَ ۾ سحرؔ صاحبه سان هن مجموعي "هُوءَ" ۾ آيل امداد حُسينيءَ جي، معشوقائن کي ڊسڪس ڪيم، ته کلي چيائين: ڪا به زال، پوءِ چو نه اها ڪنهن وقت شاعر جي محبوبه رهي هجي، شاعر جي تازن عشقيه نظمن جو موضوع هرگز نٿي ٿي سگهي.. ته بس هاڻي، ان ڳالهه کي هتي هئين سمجهيو ته جيئن ڪرشن، گوپين جو شيل شڪار ڪري برندا بن ڏانهن موٽي ايندو هو ايئن ڪرشن وانگر شاعر امداد به هتان هُتان گهمي ڦري.. گهر موٽي ٿو اچي، ته ڪيس پناهه به ان جي ئي ٻانهن ۾ ملي ٿو... ڪنهن جي؟ سحر امداد جي..

پروين شاڪر پنهنجو هي شعر! چا سحرجي پاران امداد حسينيءَ بابت لکيو هو:

وہ جہاں بھی گیا لوٹا تو میرے پاس آیا
بس یہی بات ہے اچھی میرے ہرجائی کی *

امداد پنهنجي نظم 'چنڊ' ۾ پاڻ نٿو ڳالهائي، بلڪ هن جي "هُوءَ" تي ڳالهائي. عجب اتفاق، ڀٽائي صاحب جي سورمين ۾ به اهڙا گڻ آهن. ڪٿي هو پاڻ ٿيون ڳالهائين، ته ڪٿي شاهه خود انهن سان ٿو ڳالهائي ۽ ڪٿي وري هو سڀ پاڻ ۾ تا ڳالهائين. امداد وٽ به ايئن آهي، ۽ ڪٿي هو ٿو ڳالهائي، ڪٿي هن جون پريميڪائون پيون ڳالهائين. شايد اهڙي ئي ڪنهن پريميڪا امداد کي ٽي وي تي "دونهين جو بادل" نظم پڙهندي ڏٺو ته ههڙو نظم سامهون آيو:

منهنجي سگريٽ پيئڻ جو نه وڻئي اسٽائيل
آءٌ ٽي وي تي به بيمار لڳو هوس: چيءِ
نظم جنهن وقت پڙهيو هوم: دونهين جو بادل
ته انهي مهل صفا ٻار لڳو هوس: چيءِ

ريتا شهاڻيءَ جي "ميران ٻائي سان وارتالاپ" ڪتاب ۾ ڪنهن وقت پڙهيو هئم، ميران ٻائي، ڪرشن لاءِ رنگا رنگ گيت ويٺي رچيندي هئي، هن ڪتاب ۾ وري اسان جي امداد رنگ رنگ جي گوپين لاءِ ڪئي گيت نظم ۽ غزل رچيا آهن، ۽ انهن مان هڪ هڪ لاءِ چيو آهي:

آئون سورج مکي ته تون سورج
ڪنڌ توکان سوا ڪٿا به ته ڪيئن؟

ڪنهن وقت استاد بخاري چوندا هئا...

زندگيءَ تي ناهي ڪوئي ڀروسو
حُسن کي پوڄي وٺو پوڄي وٺو

اسان جو امداد وري چوي پيو:

زندگي آهي رڳو بس ايتري
يار جي رخسار تي تر جيتري

شاعر جي دل هرجائي به ٿيندي آهي، ۽ ان حقيقت کان به امداد اسان کي آگاهه ڪيو آهي:

وئي دل ته واپس وري ڪا نه شايد
پکيءَ کي نئون آشيانو ملي ويو

غزل

- ڪوڏومل ''جانب''

جيستائين شباب هوندو آ،
تيستائين نقاب هوندو آ.

توکي شايد اِها خبر ناهي،
ڪيڏو سوادي قباب هوندو آ!

هٿ لڳڻ تي خبر پيئي هوندءِ،
پئسو ڏاڍو خراب هوندو آ.

ڪونہ ٻاهر وڃين پڇي سگهندين،
گهر نہ هرڪو نواب هوندو آ.

ڳالهہ ساڳي نہ ڪا هتي ڪڍجانءِ،
سڀ جو پنهنجو جواب هوندو آ.

مرڪ جنهن جي مٿاڇري ''جانب''،
بُغضُ پيي، بي حجاب هوندو آ.

F-42, Kubernagar, Ahmedabad- 382340
M. : 9377928912

شاعري

غزل

مرد ۽ عورت

-آسن واسواڻي ''مجبور''

عورت کي حق گهٽا ملن ٿا،
ڪورا ڪاغذ مگر ڪِلن ٿا.
1.مردن جي دنيا آ قائم،
پنهنجي هستي ڪين ڇڏن ٿا.
2.مرد ۽ عورت مان ٿيا پيدا،
اها حقيقت هو ڀُلجن ٿا.
3.ماتائون، ڀينر ڀاڄايون،
نالي ماتر ئي پوڄن ٿا.
4.رسمون رواج مرد ٺا ٺاهن،
عورت کي باقيات رکن ٿا.
5.مئل مڙس سان جلن ٿيون زالون،
سَتيءَ جو پد مرد ڏين ٿا.
6.ڪين ڪندي وڌوا ٻي شادي،
مرد مگر حقدار رهن ٿا.
7.گهر اندر يا گهر کان ٻاهر،
نيتاگري مرد ئي ڪن ٿا.
8. سمانتا جو ناد وڄي ٿو،
مرد رڳو ان ساڻ نچن ٿا.
9. مندرن ۾ پوڄا ۾ شامل،
آيل زالن کي روڪن ٿا.
10. عورت جي عزت جا دشمن
زوريءَ زناه مرد وَرتن ٿا.
11. آ 'مجبور' انڌير جڳت ۾،
پشيمان ڇا مرد ٿين ٿا ؟

THX - 97, Adipur - 370205. M. : 9428719387

غزل

-سياش شرما ”سجاڳ“

هر پل درد کي دعوت ڏيان،
رب جي ڏنل امانت سمجهان!

نفرت ماڻهپي جي آ دشمن،
مان تہ خدا محبت کي چوان !

بي رخي پيو ڏئي، تہ بہ ڏيان دعا،
دعا ڪرڻ جي حسرت رکان !

جو بد دعا ڏئي، اُن لاءِ بہ ’سجاڳ‘
تنهن سان بہ نہ نفرت ڪيان !

ڪو ڪري عداوت، پل تہ ڪري،
مان سچن لاءِ صداقت رکان !

Block No. 52, Sardarnagar, Ahmedabad - 382475.
M. : 9426324643

غزل

-سريچند ڏُبي 'جگري'

قسمت شايد مو ڳي آهي،
بدحالت مون پو ڳي آهي.

هيءُ پروسي لائق ناهي،
سو دماغ جو رو ڳي آهي.

هڙ ڳرڪائي قوم جو ڪائي،
قوم جو وڏو نو ڳي آهي.

مالهائون، جپ، تلڪ لڳائي،
چڱ تہ وڏو ڪو جو ڳي آهي.

سواءِ سنڌيَت جي سنڌين جي،
هرڪا ڇُرپُر اپو ڳي آهي.

Meera Palace, Ambica Nagar,
Opp. Siddh Hanuman Mandir,
Behind S.T., Junagadh. M. 9427974938

غزل

- نريش اُڏاڻي 'معصوم'

اُستاد شاعرن ۽ اديبن جي خواب جو،
ٿيو آ اُنهن هٿان ئي مهورت ڪتاب جو.

- عُنوان جنهنجو 'چنڊ ڳُهرايان زمين تي'،
چمڪي ٿو چِٽ هجي ڪو ٽڪر ماهتاب جو.

- سڀ کان وڏو سوال هو سُهڻي مهاڳ جو،
ڪارڻ بڻيو مهاڳ ئي اِن جي رُعاب جو.

- سرهاڻ شعر شعر ۾، لفظن ۾ تازگي،
اِن ۾ ٽِڙيا غزل، هي بغيچو گلاب جو.

- هي با اَدب گروهَ کي، سمرپت ڪيو ويو آ،
حقدار جيڪو سچ ۾ آ، اَهڙي ثواب جو.

- موسم سڄو خُمار ۾، مدهوش ٿي چڱو،
آهي اَثر اِهو تہ خوشيءَ جي شراب جو.

- بس هاڻ پاڪن جون دُعائون مِلي وڃن،
آ مونکي انتظار، اُنهن جي جواب جو.

- معصوم جي اِڇا هئي لِکجي ڪتاب ڪو،
ساڪار ٿيو آ اڄ وڃي سُپنو جناب جو.

'VARDAAN'
10-B, Geeta Park Society, G-Ward, Kubernagar,
Ahmedabad- 382340
M : 9825064822

غزل

- نامديو لالا

جِنين سان رکي سي مُحبت جي ٻولي
تِنين زندگي منهنجي رَڻَ ۾ ڇو رولي؟

1. ڪَڍي عيبَ ڪيئي اُجاگر ڪيا تِن
اَسان ڪا بُرائي نہ هرگز ڪا ڳولهِي

2. ڳُجهيون ڪيئِي ڳالهيوُن رکيون سي دِلين ۾
ڪڏهن راز جي ڳالهہ هِت هُت نہ کولِي

3. ڪري چاپلوُسي سَوين ڪَمَ ڪڍي ويا
هِلي سادگيءَ ۾ حَريفن جي ٽولِي

4. ڀَري ڏولَ جن کي ڏِناسي گُلن جا
مِلِي موت ۾ تِن کان خارن جي جهولِي

5. وَفائِيءَ مٿان جن وَهائِي ڪُهاڙي
تِنين جي لنگهي ٿي هِٿان هاڻ ڏولي

6. سُکن جي وَڻن جا وَيا پَنَ ڇَڻِي ڇَڻُ
اَمڙ ڪا ڏني هُوندي سُورن جي لولِي

B-103, Pushkar Homes, Nr, Krishna Park, Opp. Satkar Bunglows,
Nana Chiloda, P.O. Kubernagar, Ahmedabad- 382340
M : 9925285537

غزل

- منوج چاولا 'تنها'

- خَطن جي ڏيرن سَمو ٻُڏو هو،
اَسان سان هونءَ باقي ٻيو نہ ڪو هو.

- نشانيءَ تنهنجيءَ منجهايو آهي،
اَڪيلو مون ڀي رهڻ سڪيو هو.

- ڪٿي وڪيل هرڪا خبر هوندي
قلم بہ سچ کي ڏيڻ لڳو هو.

- اُميد رشتن رکي هئي پر،
اَجايو ويڙَن ڦَڏو وڏو هو.

- ڏسي ڪري سڄ فلڪ تي باڏَل،
هو صبح کان ئي لهي ويو هو.

13, Sindhu Jyoti Society, Old G-ward,
Kubernagar, Ahmedabad - 382340.
M. : 8866997401

غزل

- ڀڳوان ''نردوش''

اهڙي ڪا اڄ لڳي هوا آهي،
ڪوڙُ هرڪو چوڻ روا آهي.

گُلَ مثل مرڪ ڪنهن کي ئي هوندي،
جڻ لڀائڻ جي، سا ادا آهي!

جي، وڏي واڪ سان چون ٿا سچ،
تِن جو راڪو رڳو خدا آهي!

ڏاڍَ جو ناچ آ، اُگهاڙو ئي،
بي حيائي هيءَ جا بجا آهي!

مفت آڪڙ ۾ آدمي اُڏڙن،
وقت جي هيءَ نئين فضا آهي!

گُلُ چِنڊڻ جي ڪئي خطا آهي،
خارَ قاتل ڏني سزا آهي!

ڇو، طبيعت رُکي رَڱين تي تون -
رُتِ بسنتي ٿي دلُربا آهي!

ميڙُ ميلاپ اڄ ڪٿي 'نردوش'؟
ماڻهو، ماڻهوءَ کان ٿيو جدا آهي!

B-703, Sangath Pylon, Koteshwar Road,
Motera, Ahmedabad - 380 005.

غزل

-شالني ساگر

ڪاش ! سڄڻ تون سامهون هُجين
چانڊوڪيءَ ۾ تارا تڪيندي
ٽٽندڙ تارو ڏسي دعا گهريم
ڪاش ! سڄڻ تون سامهون هُجين

جڏهن بهار جي مُند ۾
گُل ڦُل ٽڙن پکي لاتيون لون
ڪاش ! سڄڻ تون سامهون هُجين

جڏهن ساوڻ ۾ برسات پوي
مان مور بڻجي نچان
ڪاش ! سڄڻ تون سامهون هُجين

جڏهن سياري ۾ پارو پني
پيار تنهنجو جيئن تڏ تيئن وڌ ٿئي
ڪاش ! سڄڻ تون سامهون هُجين

ساگر ''جي چولي بڻجي مان''
تنهنجي سيني سان لڳان
ڪاش ! سڄڻ تون سامهون هُجين

جڏهن آخري وقت ۾
ابدي ننڊ ۾ سُمهان
ڪاش ! سڄڻ تون سامهون هُجين
ڪاش ! سڄڻ تون سامهون هُجين

Shalini Sagar
M. : 9910149611

ڪشن خوبچنداڻي 'رنجايل'

(1)

نصيبن ۾ منهنجي ڪٿي روشني آ؟
اَنڌاري ۾ اُلجهيل سڄي زندگي آ.
هنئر غمُ بڻيو جڳ تہ غم خوار آهي،
دکن ساڻ پنهنجي پڪي دوستي آ.
خِزائن جي آنچل ۾ پلجن بهارون،
ڪئي خوب قدرت بہ منظر ڪشي آ.
رکي دل پٿر جان جيئڻ جا ئي قائل-
اسان کان رُسي ويئي شايد خوشي آ.
''رنجايل'' ٽڙي شال، دل جو چمن ٻيو،
وڃي دور ٿي جا، مِلي ٻي رخي آ.

(2)

ٿيا بي وفا پنهنجا، غمُ سو، سٺائي،
سِتم هاءِ! پنهنجن جو دِلڙي رنجائي!
هنيو ڪاٿُ گهر کي تہ پنهنجن ئي آهي،
ويا گهرَ کي گويا تماشو بڻائي!
لڳو يارُ ڪو جي، وفادارُ مون کي،
ڇڏيو آهي جڳ کان ئي اُن منهن مَٽائي!
اچي شل! سڄاڳي اسان جي دلين ۾،
ڏسون دوستيءَ کي اول آزمائي!
رکي آسَ دل ۾ قلبي قولي وشواس-
مٿان جوتِ ڪائي، ڀروسو جڳائي!

غزل

-مينا شهدادپوري ”مينا“

سامهون بيٺل کي تون هٿ جوڙ،
هٿي هلي ٿو بس ! زر جو زور !

1. هرڪو ڪري ٿو ڪُپت ڏنڏي ۾
چئون ڪٿي جي تہ ڪنهن کي چور؟

2. ويڙهہ سدائين هلندي رهي ٿي،
ماڻهو پاسي نانگ ۽ نور !

3. حسن پيي ٿو ناڻي تي ريجهي،
روپيا ڪمائي ٿو تڏهن ڪشور !

4. چاهي غريبن جو جيون هٿ،
وَهوُ ڏٻي جان ٿو وهي ڏور!

5. سچ ٿا چون آ ٿيندو ڀلوان،
ڪوَڙ اڳيان پر ڇو آ ڪمزور؟

D-1, Kalakar Bhawan, Sai Baba Society,
B/h. Sadhu Vaswani School, Ahmedabad - 382475.

غزل

- جڳديش شهدادپوري 'جش'

سايا جي چاهه ۾ مان راهه ڀُلجي ويس،
اُف خوابن ۾ ڪيڏو هاڻ اُلجهي ويس.

سوچ ڪيَ تو سَرو ڪائي وڃي شايد،
آهِه ماحول موڳو-موڳو، ٿڳجي ويس.

خيرَ سان سيرَ جو موقعو ڪٿي مليو،
جامو ماڻهوءَ جو پائي تو هتي هرڪو.

رشتا جوڙيا محبت جا مون جِن سان ئي،
ڪم پَئُن جان ڏسي مان ڏنگ رهجي ويس!

ڪوڙ ڪي سچ ڪرڻ جو فن به آ نيارو،
تن ۾ ناحق اَلا، بدنام ڪئن تي ويس؟

آهه يارو هي دُنيا جو نرالو ڍنگ، 'جش'
هال بهروپيءَ ۾ ڪئن نه مان ڦسجي ويس.

D-1, Kalakar Bhawan, Sai Baba Society,
B/h. Sadhu Vaswani School, Ahmedabad - 382475.
M. : 9824538539

غزل

- گهنشيام ساگر

سُرهاڻ تي اَغوا، ڪُڇي ڪوئي نَہ ٿو !
سونهن جي بہ ٿي آ لُٽَ، ڏِسي ڪوئي نہ ٿو!

1. وَعظن تي هيڏي ڀِيڙ ڄڻ ميلو لڳي،
جاچي سبب اَصلي، پُسي ڪوئي نہ ٿو.

2. هوُ ڇو ٿو سڀ کي نوُسي پائيندي ليئا،
ڳولهي اَچي هُن کي، ٻَڌي ڪوئي نہ ٿو.

3. خود باغ جي رَکپال ڳهوُري ڪَليون ائين،
ويندو ڳيهي خوشبو، جَهلي ڪوئي نہ ٿو.

4. چنڊ بي وفا آ، سونهن سڀ جيءَ تي فِدا !
چُپ چاندني ! چنڊ کي چوي ڪوئي نہ ٿو.

5. پنهنجن مِلايو زهر ڳهرَ جي کير ۾،
رِشتا ڇُٽا هرڪو رُئي، اُٿي ڪوئي نہ ٿو.

C/O Deeplata Jewellers, B-97,
Kubernagar, Ahmedabad- 382340
M : 9998170662

غزل

-راجو رنگلاڻي

ڏني تنهنجي نظر اهڙي،
پريل مئہ سان ڪوئي پيالي.

اُتي آ يار طلب دل ۾،
پيئا هڪ جام پر خالي.

تون گُل اَهڙو گلستان جو،
عجب ۾ خود پيو مالي.

ڪٽي تون اَڪ جهڪائين تي،
جهڪي تي چڙ ڪوئي ڍالي.

بڻي قسمت جي چاهين تون،
بڻي وڻ دل جو تو والي.

ڏسان تو خواب چو اهڙا،
تنهنجو غايل نہ مان خالي.

Block 197/B, Sardarnagar,
Ahmedabad - 382475.

-موتيرام رامچنداڻي ’باغي‘

نپايو نہ يارن

- رُسي ويا الا جي ڇو، نپايو نہ يارن،
  ڪنهن کي بہ ڪڏهن، ستايو نہ يارن.

- اُنهن جي اچڻ لاءِ، نهاري ٿڪس مان،
  مگر عرض اسانجو، اَگهايو نہ يارن.

- هو مرد مانيٺو، ائن ودوان نماڻو،
  ماڻيائون عهدا الاهي، پڏايو نہ يارن.

- هئا مقبول شاعر، هند سنڌ جا هو،
  مسڪرائي ملندا هئا، ڦِٽايو نہ يارن.

- رهيو ساهہ سِڪندو، انهن واسطي هردم،
  پر ڪري قرب ’باغي‘، پاڻ پسايو نہ يارن.

14/1, A-ward, New Bunglow Area,
Saijpur Bogha, Ahmedabad - 382345. M. 9924064046

غزل

-هينا اگناڻي

مرڪ مِٺي ٻارن جي وٽي ٿي،
مهڪ اُنهيءَ مان گلن جي اچي ٿي.

معصوميت تِن جي سڳنڌ مثل،
جِتي هجون اُت اچي وڃي ٿي.

انگل آڙا پيي خوب وٽن ٿا،
هجن غصي ۾ ڳالهه وٽي ٿي.

جڏهن به وَتَ مان ڪن فرمائش،
موهه ۾ اچي سا، ماءُ مڃي ٿي.

رُسڻُ به تَن جو آهه رنگيلو،
رقسامي ۾، خاص لڳي ٿو.

گُهمڻ ڦِرڻ جو تن شونق گهڻو،
جتي هجون اُت پهچي وڃي ٿو،

هٺ ٻارن جو جڳه پرسڌ آ،
رانوڻ کي مات ڪري ڇڏي ٿو.

B-703, Sangath Pylon, Koteshwar Road,
Motera, Gujarat, Ahmedabad - 380 005.
M. : 9624480977

ڪوتا

-مکيش تلوڪاڻي

مُشڪي ويهي رهيس
توکي نہ ڏٺو
هِنَ ميز ۾ حاضر آهين!
هاڻ، سَيا جي، سَماپتيءَ بعد
گهوڙ شروع ٿي ويو آهي
اَنڌا، مَنڌا، پڳل، سَچا،
پاڻ ۾ ٽڪرائين پيا
نشيدار خوشبوءِ دار مَهڪِ
ڦهلجي وئي آهي.
نشيلن نيڻن جو خُمارُ
مون تي بہ، اَثر ڪري ٿو.
غزل موڪريون
چاتيون ڪٽي
مونکي گهيري ويا آهن
هاءِ...هاءِ...هاءِ...
ڪئيميرا مينس
اَسانجو تصويري عَڪُس
جَهٽڻ لاءِ
آتا آهن (تيار آهن)
مان ٻاهر نڪرڻ جو
رستو ڳولهيان پيئي
تون، دل نہ لاهہ
مان پار پوندس
اِنتظار تہ ڪرُ.

41, Sindhu Varsha Foundation,
Adipur (Kutchh) - 370205.
M. : 9537561375

ڪوريل ماس تي

-سريچند ڪيسواڻي

تنهن جي اکين جي
ڏنڌلي روشنيءَ جو شعاع
وساڻي رات
ڪجندڙ ڪنوڻ
سخت چهري جي ڪوملتا
ماس ڌڙن جو مچڪ
چلڪندڙ - چمڪندڙ
جسماني نمائيش
وستر هرڻ
وستر تياڳ جا بي خوف نظارا
برا جڪنيءَ مان ليئاڪا پائيندڙ جسم
انبارشن جي زحمت سهندي
اِموشنل اِمپريشن جا تهخانه
سيڪس پارلر،
جسماني ورڪشاپ
سهڪار اَ سهڪار جو پرشتاچار
جذبن جا دوڪان ڪليل رکي
رشتن جي سنسڪارن سان
رنگين هولي
ڏيءَ، پيڻ، پريمڪا پتني
اِخلاقي نيٽورڪ
سسٽم - سمجهه جي ڪمزوري
جننيءَ جي پيڙا، عارضي زواليت
سنٿيٽڪ، سنبنڌن جو سونو گراف
سروگسي ونش جي حاصلات
جذبن جي ويدنا، ڍهڪاءُ
مرندڙ سنويدنا جُڙتا،
گندين نالين جا جيوڙا
ڪوريل ماس تي!

41, Rohini Banglows,
Nana Chiloda, Noblenagar Road,
P.O. Naroda / E
Ahmedabad-382330.
M. : 942915235

مصروفيت

-پونم ڏنواڻي

سوچ جا ڪڏا ڪوتجن ڪٽي، پر ڇا سوچان
سوچ جي سيڙهي چڙهان تہ سهي پر ڇا سوچان
ائين سوچڻ لاءِ اينرو وقت ڪتي!

ڪيترن خيالن کي مان ڏنو ئي ڪونہ
ائين تي ڪين اندر بند ڪري ڇڏيو
هن زندگيءَ جي ضرورتن تي مصروفيت
مان تنهنجو خيال ڪيان اينرو وقت ڪتي آ.

پهريون مان روز ڪائي نڪرندو هوس گهر مان
اڄ ڪاڏو ڪمائڻ لاءِ تو پتڪان
آهي بہ گهڻو سڀ ٽيبل تي رکيل آهي
پر مان ڇڪي سگهان اينرو وقت ڪتي آ

خوشين کي ميڙهڻ لاءِ ڊڪندو رهان
سڀ حاصل ڪري پاڻ وٽ رکان
وري انهن کي بچائڻ لاءِ ڦتڪان
پر وِهان انهن کي ماڻيان اينرو وقت ڪتي آ.

هن دنيا جي تلسم مونکي پتڪايو آهي
هنن رشتن ناتن يي مونکي ڦاسايو آهي
آس آهي آزاد پنڇيءَ جيان جيبان
پر فرست جو ساه ڪڻا اينرو وقت ڪتي آ.

G.H.B. - E 111,
Sector 5, Gandhidham - 370201.
M. : 9427512555

پاڻ کي ڳولهڻ

-لعل هوتچندائي 'لاچار'

مان آئيني ۾
پنهنجي ئي عڪس ۾
پاڻ کي ڳولهڻ جي
ڪوشش ڪرڻ لڳس
اينٽري ۾
ويچارن جي ٽائيم مشين مونکي
پنجاهہ سال پنيان وٺي اچي
ماضيءَ جي،
اُن اِستان تي بيهاريو
جتي مون پنهنجو جيون
ڄمڻ کان جوانيءَ تائين
گذاريو هو.
چئني طرف نهارڻ سان
اڱڻ واري
کوهہ جي پٽ جي اوٽ ۾
مون پاڻ کي بيٺل ڏٺو
ڪارا وار
ڪاريون اکيون
ويڪري چمڪندڙ پيشاني
چپن تي موهيندڙ مُرڪ.
خوشيءَ کان
مان پنهنجو پاڻ سان ملڻ لاءِ
پنهنجا قدم
اڳتي وڌائڻ لڳس جو
ويچارن جي ٽائيم مشين
مونکي هڪدم روڪي
ٻانهن جي ڪرائي پڪڙي
پنهنجي پاسي ۾ وهاري
واپس آئيني واري عڪس وٽ
اچي بيهاريو
عڪس ۾
پنهنجي وڌيل عمر سبب
ڳلن ۾ پئجي ويل ڪهن
ڏٻري شرير کي
نہ ڏسڻ جي خيال کان
مون هڪدم
آئيني جي ڪرتن کي ڇڪي
پنهنجي اڳ وٽندڙ
عڪس واري ڇهري کي
ڍڪي ڇڏيو
عڪس تڏهن بہ
ذهن ۾ ڏسڻ اچڻ لڳو
احساس ٿيو
حقيقت کي ڪوبہ پردو
ڍڪي ڪونہ ٿو سگهي

Aashiana B-31, Apna Nagar, Gandhidham-370201.
M. : 9427567681

عاشق جو امتحان

- اوکيش ڪمار ڪتري

مان اُنهن کي چاهيان ٿو پر هو مون کي ڌڪارين ٿ
شايد تال ميل جو فرق آهي هو مون کان ڪاڻ ڪڍائن ٿ

1. جڏهن جڏهن اُنهن چاهيو ته چوڏينهن جي چنڊ وانگر ديدار ڪراي
جڏهن مون چاهيو ديدار ڪرڻ، ته اُماوس جو بهانو ڪين ياد آيو

2. ڏينهن ۽ راتيون هڪڙيون ڪيون پيارن کي پائڻ لاءِ
اُنهن ته منهن ورهائي ڪانه ڏنو پنهنجي عاشق کي ڪيڪارڻ لاءِ

3. خبر نه آهي ڪهڙو نشو آهي اُنهن سُهڻن محبوبن جي اکين ۾
هڪ جهلڪ پائڻ ڪانپوءِ مدهوش رهان ٿو ڏينهن ٿوري رات ۾

4. اُنهن دلڪش محبوبن کي ڪهڙي خبر ته عاشق جو حال ڪهڙو هوندو
جتي باهه لڳي هوندي برهه جي، اُتي عاشق جو دل ميڻ بڻيءَ وانگر رجندو

5. جڏهن روح پرواز ڪري، هن شرير مان ايندين تون ته ٿيندو تنهنجو ڪرم
اي بي وفا محبوب ڪلهو ڏجان اَرئي کي ته سؤلو ٿيندو منهنجو جنم

6. تنهنجي ڪاهيءَ کي اسپرشن سان، روح نچي اُٿندو، جيئن مور نچي برسات ۾
شايد ''اُکيش'' مرتڪ شرير ۾ جان اچي وڃي، عجب نه ڪائجو پيار جي امتحان ۾.

House No. 177, Ward-4A, Adipur - 370205.
M. : 9426997208

پاڇو

-سنگيتا ڪلواڻي

بيچئن آڪين ڏنو
ڪوئي وچي رهيو هو پري
مايوس، گم سم هوا ساڻ ڳالهيون ڪندو.
بيچئن آڪين ڏنو
ڪوئي وچي رهيو هو پري
مايوس، گم سم هوا ساڻ ڳالهيون ڪندو.
نديءَ ساڻ وهندو
گهاٽي ماڪ ۾
سڄاڻپ کان پري.
نديءَ سان وهندو
گهاٽي ماڪ ۾
سڄاڻپ کان پري
روئي رهيو هو هوُ
ڪنهن اڻڄاڻ پيڙا کان.
روئي رهيو هو هوُ
ڪنهن اڻڄاڻ پيڙا کان.
هو پنهنجن کان بيخبر.
ويجهو وڃي ڏٺم
جڻ ساهہ سڪي ويو
اُن جو هو هڪ
نہ متجڻ وارو ڏانچو
هوُ تہ هو منهنجو پاڇو
هوُ تہ هو منهنجو پاڇو
سنڌي ٻوليءَ جي وجود جو.

Plot No. 164-165, Ward-4-A,
Bhagyalaxmi Society, House No. 8
Adipur (Kutch) 370205.
M. : 9601172175

سنڌ جي سار

-دوارڪاداس داوڙا

سنڌياري سات کي، سنڌو تي سڌ ڪري،
لهي رءُ لِڱن تان، اهڙو واءُ وهي.

وڇڙيا جي وطن کان، ورن ماڳہ وري،
توکي سارِيان سُپرين، گهڙي ڪين سَري.

پُڇيم پاتال مان، سنڌ لاءِ سوال،
اڃا اوندهہ ۾، اُهي اُهوئي حال.

جاڳيس ڪين اگهور ننڊ مان، ڪيئي ڍاڪو سال،
دانهن ڪٽي ويس جي، آيس تو در لال.

ماڳہ ملي ڪيئن ماٺ ۾، ويڻا ور وجهن،
گهوماڻجي گهر ۾، گهوڙا گهوڙا ڪن.

چُرڻ ڪين چانئٺ تان، ڇاتي پيا پٽن،
جيڪي سُکہ جي سڌ ڪن، سي تہ سور سهن.

دانگيءَ وري، رت ڪيئن وري،
دوارا آهي راهہ نصيب جي، اڃا پنڌ پري.

H-24, Asmakam Appt.-1, Nr. Makasroa Power, Stn. 1,
Samang Bunglows, Vejalpur, Ahmedabad.
M: 9327551343

درد ڀري پڪار

- ڪوشليا آهوجا

هڪ درٻار
شاهي، وڏي درٻار جتي
اَناٿ، اَناٿ نہ ٻہ
پر لاچار، مجبور
مائٽن جا ڇڏي ويل
اٺن ڏهن سالن جا ٻار
اتي ئي پڙهن اُتي ئي رهن
ڪن شيوا سنتن جي
درٻار جي
ڏٺم هڪ نظارو درد ڀريو
تازو مون
هڪ اَٺن سالن جي
ٻار ڪان ٿي ويئي
معمولي ڀُل
بلڪل معمولي ڀُل
سينيئر شيواڌاري
چوڏهن پندرهن سالن جو آيو
پٽي وارن ڪان اندر
ڇڪي وٺي ويس ڪمري ۾
ڏنائينس ڏڙڪا
هنيائينس ٻہ ٽي لتون، چمانون
اُ معصوم جي نرم نرم
ڪومل ڳلن تي
ڀرجي ويون هن
معصوم ٻار جون
ننڍيون ننڍيون اَکيون
آنسن سان ۽
آنسن سان ڀريل اکين سان
هو هن ڏانهن
هيڏانهن هوڏانهن، چؤطرف
نهاري رهيو هو
سوچي رهيو هو هوُ
شايد تہ ڪاش !
هنجي ماءُ هتي هُجي ها تہ!!
تہ ڇا هيءُ هن کي
ايترو ماري ها!؟
يا هنجي ئي ماءُ هن کي
ايترو ماري ها !؟
درد سان ڀريل دل مان
هڪ آواز نڪتو هنجو
سڏڪڻ سان
ممي ! تون مونکي
هتي ڇو ڇڏي وئينءَ.

"Kaushly" Shital Park-C-5, Street No. 4,
Nr. Bajrangwadi, Jamnagar Road,
Rajkot-360006. M. : 0281-2488713

پنهنجا پنهنجا

-مينا هريش سياڳاڻي 'شمع'

1. هر ڪنهن کي آهن، ويچار پنهنجا پنهنجا،
هر ڪنهن آهن، سينگار پنهنجا پنهنجا.

2. ڪوئي ڏک ۾ روئي ٿو، ڪوئي کلي ڪائي،
هر ڪنهن کي آهن، جنسار پنهنجا پنهنجا.

3. ڪوئي ڪنهن لاءِ ٿو مري، ڪوئي ڪنهن کي ماري،
هر ڪنهن کي سِرَ تي آهن، بار پنهنجا پنهنجا.

4. ڪوئي ڪنهنجو پيئي پَسينو، ڪوئي پنهنجو ساري سينو،
هر ڪنهن کي آهن. اختيار پنهنجا پنهنجا.

5. ڪوئي اَمير آهي ٻُڪيو، ڪوئي ٻُکيو آهي سُکيو،
زندگي گهارڻ لاءِ، خُمار پنهنجا پنهنجا.

6. اَهنسا ڪري راڄ دل تي، هنسا ڪري ڏاڍُ دل تي،
وِڙهڻ لاءِ 'شمع' هٿيار پنهنجا پنهنجا.

302, Ratan Park, 3rd Floor, Dev Samaj
Road, Ulhasnagar - 421004.
M. : 9960991632

ڏيتي ليتي

-اين.ڊي.ڻُلا

هر ڪوئي هر ڪنهن سان
نفرت ڪري ٿو
ڪوئي نہ ڪنهن سان
پيار ڪري ٿو

- هر ڪنهن کي پئي آ
پنهنجي مطلب جي
ڪنهن کي نہ پئي آ.
ٻئي جي دک-درد جي

- ٻاون ۽ ٻانيڻن
وڏو آ منجهائي
راهو-ڪيتوءَ جو
چڪر هلائي

- ڏيتيءَ-ليتيءَ
وڏو آ ڦاسائي
غريبن جي ڌيئرن کي
ٻاهہ ۾ جلائي
”ڻُلا“ هر ڪوئي مطلب جو يار آ
اڄ سماج جو برو حال آ

C/10, Sai baba Society, Sardarnagar,
Ahmedabad-382475.
M. : 9687302530

پرديسيءَ جي پريت

- گرداس آهوجا ''اجيم''

1. هڪ پرديسڻ سان پريت لڳائي ويٺس
ءَ زندگي پنهنجي مان ان پنيان وڃائي ويٺس

2. ڏنم جڏهن هن کي دِلِ هن ڏانهن لڙي ويئي
پائڻ هن کي مان سندرِ سپنا سجائي ويٺس

3. پريت ڪيئن ڪجي، هئي نه خبر مونکي يارو،
مان سچيءَ دل سان هن سان دل لڳائي ويٺس.

4. هر هر نهاري هوءَ مون ڏانهن مسڪرائيندي هئي
ءَ اِهو ئي پيار سمجهي دل سان لڳائي ويٺس

5. ٻوڙيم ٻولهيم پر نظر نه آئي هوءَ ڪٿي،
آخر تڪجي، هارجي بيوفا لقب لڳائي ويٺس.

6. اَڪيلو رڻ ۾ رُلائي، ويئي ڇڏي هوءَ مونکي،
اڻ ڄاڻ بيوفا کي مان نه پنهنجو ٻڻائي ويٺس.

7. دل ٽوڙي ڇو دغا ڏيئي ويئي مونکي،
هن پرديسڻ پنيان پنهنجو پاڻ رُلائي ويٺس.

8. اَڙي ڪوئي ٻڌائي ها اَجيم کي تڏهن يارو،
اَجايو پاڻ اَڄ پنهنجو پاڻ کي برباد ڪرائي ويٺس.

C-5, Shital Park "KAUSHLY"
Nr. Bajrangwadi, Jamnagar Road,
Rajkot - 360006.

آزاد نظم

-ڪملا ٻُناڻي

زندگي بوجھہ بڻجي وئي
ٽڪر ٽڪر ٿي بکري وئي
آسن اُميدن اِڇائن
هڙتال ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني آ
اَسان جون گُهرجون پوريون ڪيو
نعري جو آواز بلند ٿيو آ
مونکي بہ آيو آ غصو
زندگي مونکي تو ڏنو ئي ڇاهي
جو تنهنجون گُهرجون پوريون ڪيان
مان سرڪاري واعدن وانگر
تنهنجون گُهرجون پوريون نٿو ڪري سگهان
بهتر آ
تنهنجو گلو گُهٽيان.

B-703, Sangath Pylon, Koteshwar Road,
Motera, Gujarat, Ahmedabad - 380 005.
M. : 9624480977

هائِڪو

-شاديجا ڪنعيو

(1)

مهنگائيءَ جي مار
هر شيءَ جا اگهه چوٽ تي
ڪيئن هلن گهر ٻار.

(2)

ڪهڙي هاڻ تلاش
جو سپنو هو مون ڏٺو
اُڏري ويو آڪاش.

(3)

ناهه جيئڻ ۾ چاهه
جتان ڪٿان نوڪر مِلي
جڻ نہ مُنجهي ٿو ساهه.

(4)

رکہ مالڪ ۾ وشواس
سڀ جو راکو آهه هوُ
جڻ تنهن جو تون داس.

(5)

ننگي آ ننگپال
سڀ ڪنهن کي ٿو هوُ ڏَکي
دينَنِ جو آ ديال

(6)

ڪيئن پوان مان پار
ڪري اڪيلو ويو هلي
جيِون جي منجهڌار.

Sahjanand Society, No. 2, St. No. 7, Joshipura,
Junagadh - 362002. M. 9099292310

ڪوتا

-رتن آڏتاڻي

بربادي ۽ جو هي منظر ڏسندو وڃ،
اکين ۾ ڳوڙها ناهن تہ بہ، ڳوڙها ڏسندو وڃ!
چهرو سانت، جسم ملبوس ۾ ناهوڪو
ليڪن ترس، وسڻ اُلن جو بہ ڏسندو وڃ!
چوي ٿو مرڻ ۾ هاڻي ناهي مَلال
ڪيئن پهتو اُن حال تي، اُهو بہ پڇندو وڃ!
نصيبدار سمجهائين پاڻ کي هرهنڌ
کهڙا زوال ڏِنئہ چئِيس ڪڇندو وڃ !
سونهين نٿو، سونهين نٿو چوندو رهيو
هرهنڌ جوابُ مليس پل رسندو وڃ !
ڪمبخت ٿابڙجي ٿو هاڻ - روز روز
ھُن جي محفل مان هاڻ اُٿندو وڃ !

Opp. Nagabai Mandir,
Gandhigram, P.O. Jhunagadh. 362002.

سيمينارون ڪر ڀلي، سنڌيت کي نه ڦيڙ،
پئسي سان مطلب اٿئي، پهرين پئسو ميڙ.

هرهنڌ ڇيٽي ڇنڊ لڳي، سنڌيت جي سرهاڻ،
ڳيت خوشيءَ جا ڳائجن، تون ٻي خوشي ماڻ.

سڄ لهڻ ڪانپوءِ ”سنڌيا“ ڪري ٿي تنهنجي تات،
ٻڌاءِ ڪيئن ٻاريان ڏيئو، اڄُ ڀلا ڇنڊ رات.

ٽهڪن ۾ ساڄن ٻڌو، سڏڪن جو آواز،
ڪيئن لڪايان غم سوين، کهڙو اهي راز.

نيڻ وڇايان ڇو ن مان، وڳڙا دل جا ساز،
ٻڌي سڄڻ جون آهٽون، ڇاتل لڳو آواز.

ڀونگين ۾ ڏس ٻارڙا، اڀاڳا پيا ٿا ڦرن،
محل سنڌي ڪڏ تان ڏس، روٽي لاءِ مرن.

پيارا نيٺ هٽائيندو، ڀرشٽاچار کي ڪير،
ڀرشٽاچاري هرڪو آ، هڪ ٻئي کان ٻي سير.

ملڪ ۾ مهانگائي ٿي، غريب کي فڪرات،
زهر کائي غريب ڏني، مهانگائيءَ کي مات.

ڪيرائڻ لاءِ پن سُڪل ڪري ٿو وڻ ڇڪتاڻ،
ساه وڃي پنهنجو ئي پل جلائي ايندو پاڻ.

بارش جي پاڻيءَ ۾، وهي آنسن جي ڌار،
ڇڱو ٿيو زماني ن ڏٺو، آ تو سان کهڙي ڪار.

-ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي

ٻاجهارا مون ٻار کي ڏي ڪا اهڙي ڏات،
”سنڌيا“ شل سُرهي رهي، منهنجي سنڌي ذات.

ٻحر وزن ۽ قافيا ڪٿي اَٿم معلوم،
اکر اکر ۾ شل رهي تنهنجو ئي مفهوم.

هر وڏڙي جي وات ۾، هڪ ئي وائي آهه
او جوانڙا تون سنڌي ٻوليءَ ساڻ نڀاهه.

سنڌي پڙهي پيڙهي نئين، بزرگن کي آ فڪر،
جتي ملن بزرگ ٽا ڪن، سدا اهو ئي ذڪر.

پنهنجي ماتر ٻوليءَ ۾ جيڪا شڪتي آهه،
اهڙي ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ هوندي ڀڳتي ناهه.

حام هئي وچ ڀيڙ ۾، سنڌي ڀلي سڏاءِ،
ڀهرين پنهنجي گهر اندر تون سنڌي ڳالهاءِ.

پنهنجي ٻولي ۽ ادب، دل ۾ دلبر ڏار،
ڪامل ٻڻجي پوءِ ڀلي، پنهنجي جيوت گهار.

ويلون آسمهڻ جو، ڪريو جيجل جي سار،
عربي ديوناگريءَ جي، نہ ڪريو پچار.

سنڌ جي زمين ن ڏسي، حشو ڪئي فڪرات،
مفڪر گم ٿي ڏني ا، شمشان کي ب مات.

- ٿڌارام پنجواڻي ’پيارل‘

دک جا فسانا

گيت نہ آهن دک جا فسانا،
پاسن اهي ٿا سک جا ترانا.

غمن جي ڪندا سي خاطرداري
ائين ڏبي خود کي دلداري
سک کي ڏسي نہ بود ۾ اچبو
دک ۾ ٻيي صبر سنتولن رکبو
هر مند جاڻي ڏينهن سهانا
گيت نہ آهن دک جا فسانا...

ڪوئل وانگر جيون گهاريون
دکن کي ڪڏهن نہ وساريون
دکن پٺيان سک ايندا آهن
دک سک سچ ۾ پاڇا آهن
سک دک آهن چڱ نذرانا
گيت نہ آهن دک جا فسانا...

ڪڏهن لڳن ٿيون مست هوائون
ڪڏهن اچن ٿيون خشڪ هوائون
پيئل مهندي رنگ ڪڏي ٿي
رنج بن راحت ڪين ملي ٿي
پيار ۾ ’پيارل‘ سڀ لڳن ديوانا
گيت نہ آهن دک جا فسانا.

ويلو ن آ سمهڻ جو، ڪريو جيجل جي سار،
عربي ديوناگريءَ جي، ن ڪريو پچار.

قسمت جو لکيل ڏسان، مونکي ن آ پرواه،
شاد سنڌي منهنجا رهن، مونکي نہ ڪا بي چاه.

ڪير چوي ايڪو ن آ، قومن ۾ هر وار،
ڪوپ ڏنا ڪيترائي، ايڪتا آ هر بار.

رشتا نڀائڻ لئہ دل ۾ جڙيو شمشان،
دفنائي سڀ جون غلطيون نڀاهيا رشتا مهان.

هٿ هرهڪ کي هلڻو پوي ٿو پائي ڪفن،
آنتڪ وڏيو آ ڪڏهن ٿي وڃي ڪو دفن.

B-2/31, Best Officers Quarters,
Devi Dayal Road,
Mulund (W) Thane - 400080.
M. : 09004641523

طرح جا سيڪس جا اَننئچرل طريقا پيو چاهي. مون وروڌ ڪيو تہ گارگند ۽ مارڪيٽ تي لهي آيو. پريمڪا تہ دور، هوُ مونکي جڻ ڪا شيءِ سمجهڻ لڳو جنهن کي جيئن چاهجي واپرائڻو آهي.

سهاڳ رات جو بدزيبو منظر ڏسو :

بيڪڙيل دروازو کولي، اَندران بند ڪري، هوُ ڪمري ۾ داخل ٿو ٿئي. رات جو هڪ کن وڳو آهي. دوستن سان نچي ٽپي ڌمال مچائي ڪپڙن تي پرفيوم جو ڍير لڳائي سُرهو سُرهو ۽ خوشبوءِ ۾ ترٽي سفيد ڪڙتي پئجامي ۾ هوُ ڏاڍو هئنڊسم پيو لڳي. مان اَجا هنجو اُهو روپ نظرن ۾ سمايان مس ئي تہ هوُ ترت ڪپڙا لاهي اَلف ننگو ٿي پلنگ اڳيان بيهي ٿو رهي. هڪ ڪڻ لاءِ مان هنجي اُن عجيب روپ کي ڏسان ٿي. هوُ انڌا ڌنڌ منهنجا ڪپڙا لاهي سيڪس لاءِ چِتو ٿي پيو. مون روڪي چيومانس :

”هيِ ڇا ! پيار محبت نہ ايندي اَٿئي ڇا؟ سڌو ئي شروع ٿي ويو آهين! منائي آهيان ڇا جا اَڄ ئي خلاص ٿي ويندي؟“

”مان اِنهن اَجاين ڳالهين ۾ ٽائيم ويسٽ نہ ڪندو آهيان.“ هن خفي ٿي چيو.

هاڻي بڌوس. پيار محبت يعني ’فورپلي‘ (Foreplay) کي اَجائي ڳالهہ ٿو سمجهي.

چيومانس : ”تہ باقي شادي ڇو ڪئي اَٿئي؟ هيءَ لوَ مئرج ڪيئن ٿي؟ جنهن ۾ لوَ ئي ڪونهي.“

تہ اَچانڪ چمات هڻي ڪڍيائين ۽ گرجندي چيائين : ’خواهمخواه جو بحث نہ ڪندي ڪر.“

مونکي زوردار جهٽڪو لڳو. صدمو رسيو. سهاڳ رات جو چمات سان سواگت. مطلب نرادر ! هن گڏيري سان مونکي پوري زندگي گذارڻي آهي. لڳي ٿو مون کان ياري پُل ٿي ويئي. هنکي ڏسي هاڻي ئي مونکي وڪارا پيا اَچن تہ هن سان گڏ پوري حياتي ڪيئن گذاريندس؟ چپ چاپ ليٽي رهيس ۽ هوُ من ماني ڪندو رهيو. اِها گويا ريپ ئي هئي. ڪي هندستاني مڙس جڻڪ ريپسٽ ئي آهن.

اِئين گرهست جو ڪڙو ڪسارو رينگٽ هلندو رهيو. اَسان ٻنهي

ڪهاڻي

نئين زندگي

- ايشور مؤرجاڻي

صاف صاف چوان ٿي مان توهان کي صاف صاف! ڪڏهن به شادي اُبهرائيءَ ۾، تڙ-تڪڙ ۾، جلدبازيءَ ۾، بلڪل نه ڪجو. جوانيءَ جي اَنڌ ۾ جي اَهڙو قدم کڻنديون ته پڇتائينديون. مرد تي اَصل اَعتبار نه ڪجو. سهڻي صورت ۽ لذيذ ورتاءَ ۾ اَچي دوکو نه کائجو. نِڪرُ به نوڪي ونجي، اِئين اَسان جا وڏا پنهنجي آزمودي مان اَسان کي چئي ويا آهن. پرش کي اَپنائڻ کان اڳ ايڏو ته کَرِڪائجوس جو اَصلي روپ ۾ اَچي وڃي.

توهان سوچينديون هونديون ته هيءَ وچينءَ عمر واري عورت بڙ بڙ ڇا جي پئي ڪري. منهنجي هيءَ 'بڙ بڙ' توهان کي موت کان ساوڌان ڪرڻ لاءِ آهي. ڇا چيُوَ؟ پڇو ٿيون ڇا جو موت ٻوت؟ توهان جنهن مرد سان لوَ مئريج ڪئي هجي، هن تي مڪمل وشواس ڪيو هجي ته هوُ توهان کي هڪ خوشگوار زندگي ماڻائيندو، اُهو جي توهان سان گارگند ڪري، مارڪُٽ ڪري، ته اِهو توهان جي وَجود تي حملو نه چئبو؟ خوديءَ جي هتيا نه ٿي؟ منهنجي هن پوُمڪا مان توهان سمجهي ته ويون هونديون ته مان توهانجي ناڪام شاديءَ جو داستان توهان کي ٻڌائڻ ٿي چاهيان.

هاڻي ٻڌو منهنجي ڪٿا :

اَجا ڪچي عمر جي هئس، صرف ويهين سالن جي، ته هيِ سهڻو نڱ ملي ويو. نالو هوس پريتم. هنجي نالي تي نه ٻنيلجو. هنجو اَصلي نالو وحشي هئڻ کپندو هو. مائٽن جي مخالفت جي باوجود مون هن سان پنجي وڃي شادي ڪئي. شاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ئي هنجي جِنسَ جي خبر پئجي ويئي. لوَرَ بدران هو لفنگو لڳو. ڪامي ڪتو لڳو. مان ته ڀرين ڏڏڪجي ويس ته هي پريم جي بدران شهوت جو شائق هو. طرح

ڳاڙهو ڏيلو پوڻ لڳو تہ مونکي ڇوٽي موٽي هوٽل کولڻ جي آئيڊيا سُجهي. گهر ۾ ڳالهہ ڪيم تہ مونکي پاڳل سمجهڻ لڳا. ڇوڻ لڳا گهر جو ئي ڳاڙهو مشڪل پيو هلي تہ هوٽل کولڻ لاءِ تہ لکين روپيا کپن. ڇا جادوءَ جي لڪڙي هٿ لڳي اٿئي؟ يا علادين جو چراغ! ڪوہ جي ڏيڏر جي سمجهہ ڪيستائين هلندي؟ مون هِتان هُتان قرض ڪڍي هڪ لک روپيا ميڙيا ۽ هوٽل لون لاءِ اَپلاءِ ڪيو. لون منظور ٿي ويو. اُن کان اڳ شهر جي ٻاهرين ايريا ۾ هڪ جهونو پراڻو بنگلو نظر مان ڪڍيو هو ۽ اُن جي مالڪ سان سؤدي جون ڳالهيون ڪيون هيون. اُهو ٻاهرائي سال ڏيڍ ۾ ٻارهن ڪمرن جي هوٽل تيار ٿي ويئي ۽ هلڻ بہ لڳي. اَسان نوڪريون ڇڏيون ۽ هوٽل کي مڇائڻ ۾ لڳي وياسين. رسيپشن تي مان ۽ پريتم واري وٽيءَ وهندا هئاسين. هنجو هنسڪ رَويو نہ بدليو هو. پٽ جو نالو نڪتو هو سُڌير. اَسان هوٽل جو نالو رکيو 'هوٽل سُڌير'.

توهان چونديون تہ ههڙي رَدِي ماڻهوءَ سان ڇو رهيئن؟ ڪارڻ اِهو هو تہ سڌير ننڍڙو هو. ٻار جي پرورش ڍنگ سان ڪرڻي هئي. هوٽل جو لون وقت سِرُ چڪائڻو هو. ۽ مون پريتم سان شادي پنهنجي مرضيءَ سان پنجي ڪري سماج جي خلاف وڃي ڪئي هئي تہ ڪهڙي منهن سان واپس پيڪن ۾ وڃان ها؟ اِها بہ اُميد هئي تہ من ڪڏهن سڀ ڪجهہ نيڪ ٿي وڃي. اِئين رشتو گهلجندو رهيو.

سُڌير ستن سالن جو ٿيو تہ مون هنکي بددماغ پنا جي سايي کان دور رکڻ لاءِ آس پاس جي ڪنهن شهر جي بورڊنگ اِسڪول ۾ داخل ڪرايو ۽ هنجي سار سنيال لهڻ لاءِ بس ۾ چڙهي هفتي هفتي هن سان ملڻ ويندي هئس. ارڙهين سالن جو ٿيو تہ هِنان هُتان پئسن جي جُڳاڙ ڪري يوُ.ڪي. موڪلي ڇڏيومانس. منهنجي هڪ پڪي ساهيڙي آهي سونا. اُها ڏاڍو سمجهائيندي هئي تہ ههڙي ڪَندم ماڻهوءَ سان رهي مان پنهنجي زندگي وِيرِٿ وڃائي رهي هئس.

هوٽل جي پاسي ۾ مڪان ناهرايوسين ۽ اُتي رهڻ لڳاسين. سس سهرو منهنجي ننڍي ڏير سان رهڻ لڳا. ڏير تہ اَصل اَفلاطون نڪتو. ٿوري عرصي ۾ وڃي ڪروڙن تي پهتو آهي. هڪ هاءِ ڪلاس رِسورٽ ۽ ٻيو بہ خبر ناهي ڇا ڇا اَٿس. چالاڪ ايڏو آهي جو پالٽڪس ۾ وڃي ها تہ

جون اَلڳ اَلڳ هنڌ پرائيويٽ نوڪريون هيون. ٻڌنديِ رهنديِ هئس ته اُتي سنڌس ورڪپليس تي ڪنهن نه ڪنهن ڇوڪريءَ سان اَفيئر هوندو ئي هوندو هوس.

شاديءَ جي ٻن سالن کانپوءِ مان پريگننٽ ٿيس ته هڪ نئون بکيڙو شروع ڪيائين. ڇوِي ٻار نه کپي. هيءُ متي جو سوُر ڇو کنيو پئيي گهمين؟ ڪيرائي ڇڏيس. مونکي اِهو بوجهه نه کپي. بلڪل نه کپي. مون هنجي اِن شيطاني ورتاءَ جو سخت وروڌ ڪيو ته سخت مارڪٽ ڪيائين ۽ گنديون گنديون گاريون وڦلڻ لڳو. مونکي ڌپ هو ته اَنڌ وچان هوُ منهنجي پيٽ تي لتون ٺُڏون هڻي ٻار کي نه ماري ڇڏي. سس سهرو ڪڏهن ٿورو سمجهائيندا هئس ته ڇوندو هو ته هوُ اَسان جي وچ ۾ نه پون. نه ته هوُ نديءَ ۾ وجي ٽپو ڏيندو. اَهڙيون نوٽنڪيون هنکي خوب اينديون آهن. نديءَ ۾ ٽپو ڏيڻ ته دور، هوُ ته نديءَ جي پاڻيءَ کان ئي ڏڪندو آهي.

ويمر جا سوُر ٿيا ته هوُ ڪمري ۾ وڃي پلنگ تي ليٽي ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي سمهي رهيو. اَڌ رات جو وقت هو. مان سوُر کان پئي تڙڦان ۽ هوُ ڪنڌ کي وهاڻو ڏئي وينو هو. سس سهرو آٽو رڪشا ۾ چاڙهي ڪنهن هاسپيٽل ۾ وٺي ويا ۽ اُتي ڪلاڪ ڏيڍ جي پيڙا کانپوءِ پٽ ڄائو. منهنجين اکين مان خوشيءَ جا ڳوڙها وَهي نڪتا. لڙڪ اَصل جهل نه پيا ڏين. ٿورو ٿورو سڏڪيس به پئي ۽ آنسو، جي ذارا رڪجي به نه پيئي. نرسون، ڊاڪٽر ۽ سس سهرو سڀ اَچرج ۾ پئجي ويا ته مان روئان ڇو پيئي. هنن کي ڪهڙي خبر ته مونکي پهريون ڀيرو شدت سان اَحساس ٿيو هو ته منهنجو به ڪوئي آهي ۽ سو به منهنجو وجود جو هڪ حصو. منهنجو لِخت جگر. جنهنکي مان ڀرپور پيار ڏئي سگهان ٿي. پيار، جيڪو منهنجي اَندر ۾ مدت کان دٻيو پيو هو، رڪيو پيو هو. هنج ۾ کڻي مان هنکي پنهنجي سيني جو اَمرت پيارينڌس، هنجا اَنگل ماٽيينديس.

ست ڏينهن هاسپيٽل ۾ رهيس ته هڪ منٽ به پٽ کي ڏسڻ نه آيو. پاڻ ٻڌو ته گهر ۾ گوڙ پيو ڪندو هو ته مان گهر اَچان سَهي ته هوُ پٽ کي کڻي نديءَ ۾ ٻوڙي ايندو. ڏنڌين آٿريون ٿيون ڏيو؟ شل نه اَهڙي مڙس سان پلئه اَٽڪيوَ.

مهانگائي وڌڻ لڳي ۽ پريتمر جا فالتوُ خرچ به وڌڻ لڳا. گرهست جو

ڇوڪريءَ جو نالو هو هيتل. ڇيومانس، ”هيتل سان ڪڏهن اَفيئر
اَٿئي؟“

گويا شاڪ لڳس. يڪ ڪندي چيائين، ”ڇا پئي بڪين!“

”زال کي مڙس سِنگهڻ جي وڏي طاقت هوندي آهي. ۽ تون ته
آهين ئي پڪو عورتباز. هن ڦتاڪيءَ کي رکڻو هئي ته اَئين ۽ اِنٽرويوءَ جو
ناٽڪ ڇو ڪيئه؟ اَجايو پئسا وڃائيه ۽ ٻين ڇوڪرين کي به تڪليف
ڏنئه.“

هوءَ مون تي اُلر ڪري آيو ته ٻانهن زور سان پڪڙي ڇيومانس،
”اِنف! مون تي هٿ هلائڻ جي حماقت نه ڪجانءِ. مان جِمِ ۾ ويندي
آهيان ۽ ڪراٽي ۽ ڪُنگ فوءِ به سکي آهيان.“

هڪ ڪڻ لاءِ منهنجو اِهو چوٺڪائينڊڙ روپ ڏسي هوءَ دهلجي ويو.
پر ترت هڪ جهٽڪي سان ٻانهن ڇڏائي ڪوڪلو ٺهڪ ڏنائين: ”اَڇا! ته
هاٿي هنٽروالي تي ويئي آهين؟ منهنجي مارڪٽ وسري ويئي اَٿئي؟“

”ڪجهه ڪونه وسريو آهي. پر هاٿي پاٿي سِر ڪان مٿي چڙهي
ويو آهي. هيتل جهڙي ڪال گرل نُما ڇوڪريءَ کي رکون، اِهو هوٽل جي
شان وٽان ناهي. هنکي منع ڪري ڇڏ.“

هن صوفا تي ويهي بي شرميءَ سان مشڪندي چيو:

”مونکي ڪجهه جلڻ جي بانس پئي اَچي.“

”اچڻ به کپئي. مان اِنسان آهيان، مشين ناهيان. تو وانگر جي
مان به رنگرليون ملائيندي هجان ها ته؟“

هڪ گندي گار ڏئي سائيڊ تي رکيل گلدستو کڻي مون ڏانهن
اُڇليائين. مون اُهو ڦڙتيءَ سان ڪئچ ڪري ورتو نه ته مٿو ڦاٽي پوي
ها. گلدستو ٽيبل تي رکي مون تاڙيون وڃائي چيو، ”شاباس! ڇا بهادري
جو ڏيکارين! هيتل توکان اڌ عمر جي آهي. پنجويهن ورهين جي. سڌير
لنڊن ۾ هڪ خوبصورت ۽ هائلي ايڊيوڪيٽيڊ اِنڊين ڇوڪريءَ سان شادي
ڪري ڇڏي آهي. اِنڊيا واپس اَچڻ ئي نٿو چاهي.“

”هيتل کي ته مونکي رکڻو ئي آهي. پوءِ تون ڏسجانءِ هوٽل ڪيئن
هلي ٿو.“

”پر جي هن سان چپڪندين ته مان گهر ڇڏي ويندس.“

منستر هجي ها. ۽ پريتم؟ جيڪو بہ ڪم هوندو مونکي اڳيان ڪندو. چوندو مونکي هنن آفيسرن ٻافيسرن سان ڳالهائڻ وڻندو ئي ناهي. ٺٽي (غرور) ٿا ڏيکارين. سچ تہ اِهو آهي تہ هنکي اُنهن سان ڳالهائڻ ئي نہ ايندو آهي.

هوٽل جو ڪم وڌي ويو تہ هڪ رسيپنشٽ رکيسين. ڇوڪري شڪل جي تہ نيڪ هئي پر ڪم سنڀالي وِيني هئي. هنکي بہ نہ چڙيائين. ڇيڙڇاڙ ۽ مستي ڪندو رهندو هوس. پر هوءَ لفٽ نہ ڏيندي هئس. مونکي ديدي چوندي هئي ۽ ڏاڍي عزت ڪندي هئي. اوچتو هڪ ڏينهن ڇوڻ لڳو تہ رسيپنشٽ بدلايون. ٻي ڪا رکون. ڇيومانس هيءَ سني تہ آهي. ڪم بہ برابر سنڀالي ويني آهي. خانداني ۽ فضيلت واري آهي. ڇيائين تہ بيوٽي ڪُئين رکنداسين تہ ڪسٽمرس لَٽوُ ٿي ويندس ۽ ٻي هوٽل ڏانهن اک کڻي بہ نہ نهاريندا. آڪيوُپنسي گهڻو وڌي ويندو. هل پائي، رک بيوٽي ڪُئين. هن سان بحث ڪبو تہ پڙڪي ويندو ۽ جيڪا شيءِ هٿ ۾ ايندس اُن کي ويندو پٽ تي سٽيندو. اَصل ڌمال وٺي مچائيندو. لڳي ٿو رت ۾ ئي رولو اَٿس.

اَخبار ۾ رسيپنشٽ لاءِ اَئڊ وجهائيسين. ڪل اَٺ ڇوڪريون آيون. هڪ ڇوڪريءَ منهنجو تکو ڌيان ڇڪايو. ڄڻ ڪا ماڊل پئي لڳي. جينس ۽ ٽاپ پيل هئس. چهري جو ايڪسپريشن ڪال گرل جهڙو هوس. فلڪ سان پئي هلي. مونکي ڇَٽ فيلينگ ٿي تہ هيءَ اَئڊبڊ پريتم جي پلئن آهي. هوُ هن بومشيل کي ئي سليڪٽ ڪندو ۽ هن سان اَڳ ئي اَفيئر هوندس. هنکي پنهنجي نزديڪ رکڻ ٿو چاهي. مونکي اُلوُ پيبو بڻائي. مان رسيپشنس تي ويٺيس ۽ هوُ هڪ ڪمري ۾ هڪ هڪ ڇوڪريءَ کي گُهرائي نقلي اِنٽرويوُ وٺندو رهيو. تيو اِئين ٿي جيئن مان سوچيو هو. اُن ماڊل ٽائيپ ڇوڪريءَ کي ئي پاس ڪيائين ۽ ٻئي ڏينهن کان ڊيوٽيءَ تي لڳڻ لاءِ چيائينس. هوءَ مون تي هڪ نظر اُڇلي ٽِلندي هلي وئي. پريتم بود ۾ پرجي چيو :

”ڏٺئہ ڇوڪري؟“

”ها، ڏٺم.“ مون طنز ۾ مرڪ مرڪندي چيو.

”ڪيئن لڳئہ؟“

گار نڪتي ۽ ٻئي ٺهه ٺهه ڪري ڪلڻ لڳا. منهنجو سڄو سرير باهه باهه ٿي
ويو. اکين مان گويا چڻگاريون وسڻ لڳيون. روالور هجي ها ته ٻنهي کي
شوٽ ڪري ڇڏيان ها - پائنٽ بلئنڪ! هو ڪجهه پلن لاءِ ڏهلجي ويا.
شايد مان کين ڀيانڪ لڳي هوندس. زمَ سان ڪائونٽر وٽ وڃي هيٽل جو
گلو هٽ جي پوري طاقت سان دٻائي چيم : ”بي اَدب ٺهه ٺهه ڪري ٿي
کلين ! مالڪڻ سان گستاخي ٿي ڪرين!“

هنجون اکيون ڦاٽي ويون. چپ لڙڪي ويس. منهن رڪ ٿي ويس.
سون زور سان هنکي ڌڪو ڏنو ته هوءَ ڪرسيءَ سميت فرش تي وڃي
ونڊي تي ڪري ۽ چيخ نڪري ويس. پريتم کي ڪٽيوس ته رت نه
ڪريس! مان تيزيءَ سان هلي ويس ۽ ڌَمَ سان صوفا تي وڃي ليٽيس.
ٻبر ناهي ڪيترو وقت ليٽي رهيس.

اوچتو اَندر مان گجگوڙ جهڙو آواز آيو : ”ڪيستائين هھڙي ٿرڊ
ڪلاس مڙس سان رهي جيون وئرٿ وڃائيندينءَ؟ سڌير زندگيءَ جو خيال
ئنئه؟ جفاڪشي ڪري هنجي زندگي سنواريئه، اُن لاءِ سڄ پڇ توکي
اد ڏيڻ کپي. پر هاڻي هڪ پل به اَجايو نه وڃاءِ. پريتم کي ڇڏي ڏي.
هنجي اَلڳ زندگي جوڙ. وڃايل وقت جي سوشل سروس سان ڀرپائي
ر. ڪن جا ٻوڙها اُگهه. ڪن جي چپن تي مسڪراهٽ آڻ. ڪن جو درد
ڊ. پنهنجين شرطن تي جيءُ. اِهائي ريئل لائيف آهي.“

هڪ جهٽڪي سان صوفا تان اُٿي تيلهي ۾ چار پنج وڳا، ڪئش ۽
ور وجهي دروازو ٻيڪڙي ڪار هلائي سونا جي فلئٽ ڏانهن رواني
س. لفٽ ۾ چڙهي سونا جي فلئٽ ٻاهران پهچي گهنٽي وڄايم. رات
ڏهه ڪن ٿيا هئا. سونا دروازو کوليو ۽ مونکي ڏسي حيرت ۾ پئجي
ي.

”مون پريتم کي ڇڏي ڏنو.“ منهنجي منهن مان تکو آواز نڪتو.
سونا خوش ٿي چيو، ”دير آئي درست آئي. مان نه توکي سالن
ٻئي چوندي اَچان پريتم کي ڇڏي پنهنجي نئين زندگي شروع
. ڪني آخر وَڏي پَلي!“

هن مونکي ڀاڪر ۾ ڀرڻ لاءِ مون ڏانهن ٻانهون ڦهلايون. مون ٿيلهو
 تي رکيو ۽ اَسين ٻئي هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ ڪشجي ويوسين. اَسان

”وڃ وڃ، هاڻي وڃي پنهنجو ڪم ڪر. متاڪت نہ ڪر.“ چئي هوءَ صوفا تان اُٿي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو هيتل سفيد اَئڪٽيوا تي چڙهي هوٽل پهچي ويئي. ٻاڙهي چوڙيدار ۽ ڪڙتي ۾ هوءَ پڙڪدار پئي لڳي. سڀ ڪجهہ ٻاڙهو ٻاڙهو پيل هوس. ڊپٽو، سئنڊل، چوڙيون ۽ ٽاپس وغيره. چهري ڪي ميڪ اَپ سان خوب چٽي ڏکي آئي هئي.

ڪُتي جو پڇ نڙ ۾ ٻارهن مهنا رکو ۽ ٻاهر ڪڍوس تہ ساڳيو ڏنگي جو ڏنگو ئي رهندو. صفا سڌو نہ ٿيندو. پريتم بہ اُن ئي نسل جو هو. ماڳهين نڙ ئي ڏنگو ڪري ڇڏي اَهڙو ! هيتل تي هوٽل جا ڪسٽمر لٽوُ ٿين اُن ڪان اڳہ هيتل کي ڏسي، هنجي جسم جو جلوو ڏسي، هنجو نازو اَنداز ڏسي، هنجو نخرو ڏسي، هنجون شوخيون ڏسي پريتم جون ڳِگُون ڳڙڻ لڳيون. اُهي ئي لاٽون اُهي ئي ڇُڳهہ! رسيپشن تي هيتل سان ٻي ڪرسيءَ تي سڄو ڏينهن ديرو ڄمائي وينو هوندو هو. هيتل سان کل کل، ٺهہ ٺهہ، ڇيڙڇاڙ ۽ مستيءَ ۾ مگن رهڻ لڳو. لنچ بہ اُتي گهرائي هيتل سان گڏ هڪ ئي ٿالهيءَ ۾ کائڻ لڳو. وس پڄيس ها تہ اُتان هڪ منٽ بہ نہ چُري ها.

مان هوٽل جي ڪم سان بہ ٽي ڪلاڪ پئي ٻاهر ايندي ويندي هئس. گهر جو ڪم بہ ڪرڻو هو. ٿوري دير لائونج ۾ صوفا تي وڃي وهندي هئس تڏهن بہ منهنجو لحاظ نہ رکندا هئا. مستي چالوُ هوندي هئن. هيتل پريتم جي شہ پائي مون ڏانهن چئلينجنگ اَنداز ۾ نهاريندي هئي تہ ڏس پريتم توکي اَڏ تي بہ نٿو پڇي ! ۽ منهنجين آڱرين تي پيو نچي ! منهنجي اَندر ۾ بارود سُلگڻ لڳندو هو.

هڪ ڏينهن تہ حد ڪري ڇڏيائون. شام جا ست ساڍا ست ڪن ٿيا هئا. هيتل کي بورنويتا وٽندي هئي. فرمائش ڪيائين ۽ ويٽر ترت مگ کڻي آيو. مان صوفا تي ڪا مئگزن پڙهي رهي هئس. ڏنم هيتل مگ مان بورنيتا جو هڪ وڏو ڊُڪ ڀري پريتم کي ڏنو. پريتم مشڪندي مون ڏانهن نهاري اُن مان ڊُڪ ڀريو ۽ پوءِ مونکي چيائين تہ مان بہ اُن مان ڊُڪ ڀريان. مون مئگزن ٽيبل تي زور سان ڦٽي ڪري پنهي ڏانهن گهوُري نهاريو ۽ گهر وڃڻ لڳيس تہ پريتم جي منهن مان مون لاءِ نهايت فاحش

واجب واهر

-رميش آڏواڻي

ڪنهن شهر ۾ پرمانند نالي هڪ واپاري رهندو هو. ايشور جي ڪرپا
سان سندس ڌنڌو سنو هلندو هو جنهن مان سندس ڪٽنب جو گذارن سني
نموني ٿيندو هو. پرمانند جي ڪٽنب ۾ سندس پتني، ڌيءُ، پٽ ۽ هڪ
پيرسن ماءُ هئي،

نريندر چوٿين درجي ۾ اَڀياس ڪندو هو ۽ ٿينا ٻين درجي ۾ اَڀياس
ڪندي هئي. ٻئي ڀاءُ-ڀيڻ پڙهڻ ۾ هوشيار هئا. سڄي اِسڪول ۾ سيني
ارن کان گوءِ کڻندا هئا. ساليانا اِمتحان پورا ٿيا ۽ نتيجو ظاهر ٿيو پر
ن دفعي نريندر جو نتيجو هميشه جيان ڪونه آيو چاڪاڻ ته چالو
متحانن درميان نريندر جي ڏاڏيءَ چالاڻو ڪيو گهر ۾ متن-مائتن جي
چ-وڃ سبب نريندر کي چڱيءَ طرح اَڀياس ڪرڻ جو وقت ڪونه مليو.
و غمگين چهري سان گهر موٽيو ۽ پنهنجي پتا کي رزلٽ-شيٽ ڏنائي
خراب نتيجي سبب کانئس معافي طلب ڪيائين.

پرمانند جو ماءُ ۾ ڏاڍو ساهه هو. ماءُ جي وڇوڙي سندس تندرستيءَ
ي لوڏي ڇڏيو، ڪيترن ئي طبيبن کي ڏيکاريو ويو. سيني طبيبن اِهوئي
يو ڏنو ته هو گهري صدمي جو شڪار آهي ڪيس خوشيءَ جي ضرورت
هي دوائن جي نه. ٿن-چئن مهنن ڪانپوءِ پرمانند به هن فاني دنيا کي
وداع ڪيو. ويچاري نريندر مٿان مصيبتن جو پهاڙ اَچي ڪڙڪيو ڪيس
مجهه ۾ نه آيو ته هو ڇا ڪري؟ ڪيئن پاڻ سنڀالي ۽ ڪيئن ماءُ ڀيڻ
. ٻيو ڪو ويجهو مائٽ نه هئڻ ڪري نريندر ۽ سندس ماءُ اِن فيصلي
اَچي پهتا ته نريندر جي مامي کي دڪان تي وهارجي جيئن ٻنهي
رن جو گذر-صفر سني نموني ٿي سگهي. ڪمائي جي ورهاست اَڌ-اَڌ
ر ڪئي وئي.

ٻنهي جي اکين مان خوشيءَ جا ڳوڙها وهڻ لڳا. اَسان هٽ سان هڪ ٻئي جا آنسون اُگهيا. سونا دروازو بند ڪري فرش تان ٽيلهو ڪٽي چيو : ”تون صوفا تي رِلئڪس ٿيءُ، مان ڪافي ٺي ناهي اَچان.“

صوفا تي رِلئڪس ٿيس ته اَندر ۾ هڪ اَنوکي سُرهاڻ محسوس ڪيم. جيڪڏهن توهان مان ڪن کي مون جهڙو مڙس ملي ويو هجي ته نَنهن چوٽيءَ جو زور لائي ترت جان ڇڏائجو.

(نوٽ : ايشور پارتي هاڻ ايشور مورجاڻيءَ جي نالي سان لکندو آهي.)

Queen's Beauty
Opp. Electricity House, Relief Road,
Ahmedabad - 380001.

نريندر ڇوڪري کي وٽي تورو اڳيان آيو ۽ کيس سمجهايائين تہ گاڏيءَ
۾ ڪيترائي ماڻهو وقت گذارڻ لاءِ ڪتاب خريد ڪرڻ چاهيندا آهن پر
سامان جي چوريءَ ۽ گاڏي ڇٽي وڃڻ جي ڊپ کان گاڏيءَ مان هيٺ نہ
لهندا آهن. تون پنهنجي دٻي کان ئي ڪتاب وڪڻڻ شروع ڪري ۽ نفعو
فقط هڪ رپيو رکج. مان هتي ئي بيٺو آهيان. مونکي اَچي اَحوال ڏي.
ڏهن منٽن کانپوءِ ڇوڪرو ڪتاب وڪڻندو نريندر وٽ پهتو ۽ نريندر کي
ٻڌائين تہ مون وٽ هڪ ئي ڪتاب بچيو آهي. نريندر اُهو ڪتاب وٽي
اُن ڇوڪريءَ کي ڏنو ۽ کيس ڪتاب جي قيمت ۽ هڪ رپيو وڌيڪ ڏيڻ لاءِ
ٻڌائين پوءِ نريندر ڇوڪري کي پڇيو، ”هاڻي تو وٽ ڪيتري رقم
آهي؟“ ڇوڪري جواب ڏنو، ٢٥٠ رپيا نريندر اُن مان ٥٠ رپيا ڪڍي
ورتا ۽ ڇوڪري کي ساڳئين دڪان تان ڪتاب وٽي ڏنا ۽ کيس هاڻي
اڳيئن دٻي کان وڪڻڻ لاءِ چيو پر هن دفعي ڇوڪرو پنجن منٽن کان پوءِ
نريندر وٽ پهتو ڇاڪاڻ تہ اڳيان دٻا اي. سي ۽ فرسٽ ڪلاس هئڻ
ڪري هنجا ڪتاب تڪڙو وڪامجي ويا ۽ نفعو پڻ وڌيڪ مليو. نريندر
جي پڇڻ تي هن ٻڌايو تہ سندس وٽ ٢٢٠ رپيا آهن نريندر اُنهن مان
پنهنجا ١٥٠ رپيا ڪڍي ورتا.ڇوڪري وٽ.هينئر ١٨٠ رپيا بچا هئا. پوءِ
نريندر ڇوڪري کي وري ڪتاب وٽي ڏنا ۽ ٻين گاڏين ۾ وڪڻڻ لاءِ چيو
هن کي الوداع ڪري پنهنجي جاءِ تي اَچي ويٺو. اينتري ۾ گاڏي هلڻ
والو تي. اُن ڇوڪريءَ نريندر کان پڇيو، تو اَسانکي ڇوڪري کي پئسن
ڏيڻ کان منع ڇو ڪئي؟ ۽ پوءِ ساڳي تو هن کي ڪتاب جي قيمت کان
رپيو وڌيڪ ڏياريو اُن تي نريندر وراڻيو. جيڪڏهن توهان ۽ مان هن کي
بيک ڏيون ها تہ هنجي عادت پڪي ٿي وڃي ها ۽ هو سڄي عمر بيک
تي گذاري ها ۽ سماج ۾ ذلت ۽ اَپمان واري زندگي گذاري ها. پر
هينئر محنت جي ڪمائي ڪري هو سماج ۾ فخر واري زندگي گذاريندو
تنهنڪري منهنجي هنکي واجبي واهر آهي.“

F-9, Opp. Sita Ice Factory, Kubernagar,
Ahmedabad - 382340.
M. 9712492006

هڪ ئي دڪان مان ٻن گهرن جو خرچ ڏکيو پئي نڪتو پر نريندر جي مامي پيڻ جي صدقي ٻاڦ ٻاهر نہ ڪڍندو هو. جيئن تيئن ڪري غربت ۾ ڏکيا-سکيا ڏينهن ڪٽي نريندر وڏو ٿيو ۽ اِنجنيئرنگ جو اِمتحان پاس ڪيو. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ نريندر کي هڪ سٺي سرڪاري نؤڪري ملي ويئي پوءِ هن دڪان مامي کي سؤنپي ڏنو.

نريندر جو پگهار بہ سٺو هو جنهن سبب هن ٿوري ئي عرصي ۾ چڱي رقم جمع ڪري ورتي. غريبي ۾ ڏينهن گذارڻ ڪري نريندر جي من ۾ غريبن ۽ گهرجائن لاءِ همدردي رهندي هئي پر هن جي مدد ڪرڻ جو طريقو ڪجهہ علحدو هو. هو هر ڪنهن کي ائين سهايتا ڪندو هو جيئن سندس آتم سنمان کي ڌرم نہ رسي ۽ هو فخر سان جي سگهي.

هڪ ڀيري نريندر سرڪاري ڪم سان ٻي شهر وڃي رهيو هو عادت جيان هو اڌ-ڪلاڪ اڳ اِستيشن پهتو ۽ پنهنجي ڊبي ۾ مقرر سيٽ هيٺان سامان رکي ويهي رهيو. سندس سامهون واري سيٽ تي هڪ نؤجوان خوبصورت ڇوڪري ۽ هڪ جوڙو اَچي وينو. اُها ڇوڪري ڪنهن اَمير گهراڻي جي لڳي جو سندس پوشاڪ، سامان ۽ سندس سينگار مان ظاهر پئي ٿيو. ڪجهہ منٽن بعد پڌرائي ٿي تہ اڳيان سگنل ۾ ٽڪنيڪي تڪليف ڪري گاڏي هڪ ڪلاڪ ليٽ چٽندي. نريندر هيٺ لهي آيو ۽ دري ۽ ڪان اَچي بيٺو، نؤجوان ڇوڪريءَ نريندر سان پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ۽ ڪانئس پڻ ڪجهہ سوال-جواب ڪيا. هو اَڃا ڳالهائي ئي رهيا هئا تہ هڪ ٢٠-٢١ سالن جو ڇوڪرو اُتي آيو ۽ ائين چئي بيکہ پنڻ لڳو تہ ڪجهہ مدد ڪيو مون چئن-پنجن ڏينهن کان ڪجهہ ڪونہ کاڌو آهي.

اِهو ٻڌي اُن ڇوڪريءَ پنهنجي پرس مان ٥ رپين جو نوٽ ڪڍيو ۽ اُن جوڙي پڻ پنهنجي پنهنجي پريس مان رپئي-رپئي جو سِڪو ڪڍيو ۽ اُن ڇوڪري ڏانهن هٿ وڌايا پر نريندر کين روڪيو ۽ ڇوڪري کي سمجهايو تہ ايشور اَسان کي قيمتي، سندر ۽ سگهارو سرير ڏنو آهي سو بيکہ پني يا غلط ڪم ڪري ٻي ملهہ بڻائڻ لاءِ نہ پر محنت-مزوري ڪري سماج ۾ ڳاٽ اوچو ڪري جيئڻ لاءِ. پوءِ نريندر اُن ڇوڪري کي اِستيشن تي آيل دڪان تي وٺي ويو ۽ کيس ٢٠٠ رپين جون مخزنون ۽ پترڪائون وٺي ڏنيو ۽ دڪاندر کان ڪجهہ ڪميشن پڻ وٺائي ڏني. پوءِ

خزانو ڦري ماري ايندو آهي. وڏا وڏا سائنسدان، پروفيسر، وزير، وڏا وزير، پاڳل خانن ۾ پليا نپنا آهن، سندن تربيت به اُتي ئي ٿيندي رهي آهي، ڪلاڪارن لاءِ آرام گاهه آهي، اڏ عمر اُتي گذارن، ناز نخرا، رئڻ ۽ ٺهڪ ڏيئي ڪلڻ جا انيڪ نمونا چرين کان سکندا آهن. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته هوُ سڀ چريا ڪونهن، گهڻا سياڻا آهن. پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ، ڪنهنجي به زبردستي ڪين قبول نه آهي. خوددار شخص آهن. ڊاڪٽر ويچارا منجهي پوندا آهن ته اهڙن سياڻن کي، هوُ وڌيڪ سياڻو ڪيئن بڻائن.

هڪ دفعي چيائين، تاج محل ته پوُل پلايان آهي، پاڳل خانو هن جي اڳيان پاڻي ڀري، روز نوان نوان چريا ڪريا ڪيترين ئي پاشائون ڏا ڪٽي اچن. گول گول چپ ڪري ڳالهائڻ، ديوارن کي چميون ڏين. ڳل گسائن پٿرن سان، ٺهه ٺهه ٺهڪ ڏين. ڪي وري ايترا اُداس، اک ئي نه کڻن ڦوهارن مان. جوانڙيون ته ايندڙ ويندڙ کي اشارا ڪن. ها، توکي شايد ڄاڻ ڪونهي، ائين چيلهه ۾ به هٿ وجهي هلن، ڄڻ پنهنجي ملڪ مان پنهنجيءَ گهرواريءَ کي به وٺي آيا آهن. ممتاز محل بيگم کي عقيدت پيش ڪرڻ به ته ضروري آهي. مون کي چيائين تون ڪنهن مهل تاج محل ضرور وڃي ڏسي اچ. چيومانس مان پاڳل خانو ڏسڻ وڌيڪ پسند ڪندس. اردوءَ جا گهڻا شاعر، اُن پاڳل خاني مان شاعري سکي آيا آهن.

سنيش وائڙو ٿي مون ڏي نهارڻ لڳو. چيائين سچ ٻڌاءِ، توکي منهنجو قسم، تون به اُتي ويو هئين. مونکي مچڻو پيو، سنيش هڪ وڏو پاشا وگياني آهي.

68, Neelkanth Society No 1,
P.O. Bhat, Dist Gandhinagar - 382428.
M. 9408286671

مضمون

مذاقيہ ليکہ

آگرو

-ارجن حاسد

ستيش جو فون آيو، چيائين، حاسد احمدآباد اچان تو ٻن ڏينهن لاءِ، تو سان رهاڻيون اچي ڪندس. چيومانس، اُهي ساڳيون نہ جيڪي هميشه اسان ٻئي سُس پُس ۾ ڪندا آهيون، اُهي ئي هن دفعي بہ ڪنداسين. چيائين هن دفعي مون وٽ توري پُٺ پُٺ بہ گڏ تي آهي، اُها بہ پاڻ سان ڪٺي ايندس پوءِ ونڊ ورڇ ڪري وٺنداسين. ونڊ ورڇ واري ڳالهہ وٽي ويئي، هونءَ هميشه اچي مونکي ڦري وٺندو آهي، هن دفعي ونڊ ورڇ ڪيائين تہ ڦري وٺندو سانسِ، اڳيون پويون ڪسرون نڪري اينديون. هونءَ هوُ پتي راند ڪرڻ جو ڪو ڏيو آهي، نہ-پتائي تہ مان ڪيس نہ چوندس، ائين تہ وري توهان مون تي بہ اُهوئي الزام مڙهيندا. ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ هڪ پوسٽ ڪارڊ اچي پهتو. مان وري آگري هليو ويس، تو سان ڪنهن ٻئي پيري گڏبس، احمدآباد آيو تہ هوس، پر حساب ڪتاب پورو بينو نہ تي. مون چيو پڳوان بچايو. هن جو حساب ڪتاب گهڻو مشهور آهي، ڦري فقير ڪري وڃي ها. مشهور ياشاوگياني آهي، پيو ڪڏون ڪوٺيندو، ياشا وري ڪهڙي، جهڙو ماسٽر باراٽي درجي وارو، لکيومانس آگري ۾ پاڳل خانو آهي، تاج محل بہ آهي، تو ئي هڪ دفعي ٻڌايو هئو تہ پاڳل خاني ۾ ياشاوگيان جو ڪوڄ ڪيندر بہ آهي. اُها ياشا ئي پاڳل شخص کي سيڪاريندي سنواريندي آهي. هنن جي سنئين سنڌي ياشا ڪي، هرڪو پنهنجو لهجو، اُچارُ ڏيندو ويندو آهي، لفظن جو ارٿ ئي پڇي پري پوندو آهي، ڪل پيئي ايندي آهي. اُهو توهان تي آهي تہ ڪهڙي بہ معنيٰ ڪڍو جهڙو توهانجو مطلب اهڙي توهانجي مت. سمجهڻ ۽ پرک ڪرڻ جي ڪتراڳ ۾ چو تا پئو. ستيش آهي ڪتراڳي انڪري آگري پيو ايندو ويندو آهي. هر دفعي ڪانئن سندن

ڪاري شيرواني (يا ڪاري صدري)، چوغي، چوڙيدار ۽ ڪاري چشمي واري، هن ڀوڪي شخصيت جي مالڪ ۾ - جو جسماني طور ننڍي قد-بت وارو ۽ سنهڙو هئو - ڪا اَندروني ازغئبي لڪل طاقت هئي، جنهن سبب هو تڪڙو-تڪڙو وڏيون-وڏيون ٻرانگهون ڀريندو ديس-پرديس ۾ سنڌيت جي ادبي ايلچي طور ڪاميابيءَ جي شاهراهه تي اڳتي وڌندو رهيو. ڪوئل-ڪنٺي ڳائڪا ڀڳونتي ناواڻيءَ ۽ اَورچ، محنتي ۽ لڪن واري ڪلاڪار سترام روهڙا ۽ ڪلاڪار منڊل جي روح روان گوبند مالهيءَ جا نالا سنڌي سنگيت-پرچار جي تواريخ ۾ امر رهندا، اِن ۾ شڪ نه اٿم.

سچ-پچ گوبند مالهي هڪ سنستا، هڪ هلچل هئو، گڻن جي کاڻ هئو. سنڌي سنگيت جي پرچار ڪان پهرين، مالهي صاحب ايڪانڪي ناٽڪ دواران سنڌي درشڪن ۾ سنڌي ناٽڪن لاءِ چاهه پئدا ڪيو.

سن جي ڏهاڪي ۾، بڙودا جي نيايه مندر هال ۾، سنڌو سماج، بڙودا طرفان ''سنڌي-ناٽڪ اُتسو'' ۾ مالهي صاحب منشي پريمچند جي ڪهاڻي 'ڪفن' کي سنڌي ايڪانڪي ناٽڪ جي روپ ۾ پيش ڪيو. نه صرف ايترو، پر هن ٻه-ڪرداري ايڪانڪيءَ ۾، اَهم ڪردار پاڻ نڀائي بهترين اَداڪاريءَ جو مثال به پيش ڪيو. ساڳئي جلسي ۾، سنڌو سماج، بڙودا طرفان، هريڪانت جو ناٽڪ ''مڪان خالي آهي'' به پيش ڪيو هئوسين، جنهن ۾ مسوازي شاعر اُميدوار جو ڪردار مان هوس، ته مالهي صاحب پنهنجين تڪنيڪي صلاحن سان گڏ بڙودا جي ڪلاڪارن کي داد پڻ ڏنو هئو. ڪجهه وقت پڄاڻا، بڙودا جي ئي ڳانڌينگر گرهه-هال ۾، آئوترام وارشيا ڪئمپ هاءِ اسڪول جي ساليانيءَ جلسي ۾، هريڪانت جو ناٽڪ ''آخر جيت اَسان جي''، هنديءَ ۾ انواد ڪري مون پيشڪيو هئو. ناٽڪ جي رِهرسل هلندي هڪ شام جو اوچتو مالهي صاحب سان مُڪاميلو ٿيو. سڄي اِسڪرپٽ نظر مان ڪڍڻ بعد، چيائين-''ائين اصل نٿو لڳيم ته اَنُواد وينو پڙهان. ها، هڪ تفاوت آهي ۽ اِهو ته بڙودي ۾ مون هندي ناٽڪ سنڌيءَ ۾ ڪيو هئو، ۽ تون هاڻي سنڌي ناٽڪ هنديءَ ۾ ڪري رهيو آهين. شابس اَٿيئي.'' مالهي صاحب ڪجهه ڪارگر صلاحون به ڏنيون هيون. جن کي عمل ڪيو هوسين. اُن جلسي جو مکيه

اڄ بہ وساري نٿو سگهان
لاهوٽي لڏي ويو

-گووَرڌن شرما 'گهايل'

هر ديش، هر ٻوليءَ ۾، ڪي نہ ڪي اهڙيون شخصيتون پئدا ٿينديون آهن، جي نہ صرف پنهنجو، پر پنهنجيءَ قوم، ٻوليءَ ۽ پنهنجي مُلڪ جو، مان مٿي ڪنديون آهن. اَهڙا اعليٰ اِنسان موٽ ماري نہ سگهندو آهي، سي سدا حيات هوندا آهن. سؤڀاڳيہ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ اَهڙين شخصيتن جي کوٽ نہ آهي. ويڇهڙائيءَ ۾ ڪامريڊ گوبند مالهيءَ جي وفات اهڙن مؤليَوان ماڻڪن جي مالا ۾ هڪ مُلهائتو موتي جوڙيو ويو آهي.

ڪنهن بہ مهان ليکڪ يا ڪلاڪار جو شخصي جيون ايترو اهميت ڀريو نہ ٿيندو آهي، جيترو ساهتيہ ۽ ڪلا جي کيتر ۾ سندس يوگدان. شري گوبند مالهي، پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪُشل ۽ ڪامياب هئڻ سان گڏ، پبلڪ جيون ۽ ساهتڪ کيتر ۾ بہ جيکي پڪا ۽ پختا نشان ڇڏي ويو آهي، اُهي ڪيس نہ صرف هِند ۽ سنڌ ۾ پر دنيا ۾ - جتي جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اَمر بڻائي ڇڏيندا.

زميندار، شري پوهوُمل ڪَتر جي گهر، ڳوٺ ناروشاه، ضلع نوابشاهہ، سنڌ ۾، 5 آگسٽ 1921ع تي، هڪ لاڪيٽي لال جو جنم ٿيو. ٻالپڻ کان هن آزاد طبع ٻار ۾ پنهنجي پتا طرفان ڪني کيل اَدبي ڪتابن مان ئي رُجحان پئدا ٿيو. زميندارِي جيون ۾ ڪابہ دلچسپي نہ رکندڙ هن هُٺئهار ٻار ۾ قدرتي سونهن ۽ سنگيت لاءِ اُڪير پئدا ٿي. سنگيت سندس دل جي ڌڙڪڻ بڻجي، سندس ساهہ ۾ سمائجي ويو. سنگيت يا گائن وديا جي ڪابہ دستوري تعليم يا ديکشا وٺڻ کان سواءِ ئي، هن صاحب اڳتي هلي سنڌيت ۽ سو بہ سنڌي سنگيت جي ڦهلاءَ ۽ واڌاري جي ڪارج ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا!

منهنجيُن اکيُن آکيو، ”صدقي وڃا اوهان جي قرب تان.“ ايتري ۾ گوپ سِڌوا اچي پاسي ۾ ويٺو. ڪُلهي تي هٿ رکي چيائين، ”هل يلا.“ گوپ کي ٻڌايم ته مان ور-ور چوندو آهيان ته مت-ڀيد نه ٿيڻ گهرجي، ڪلا پرڪاش ۾ مالهي صاحب ان جو مثال پيش ڪيو آهي! گوپ سِڌوا چيو، ”مالهي مهان آهي.“

هڪ ڀيري دُبئيءَ تي ويُس. پوني جي عالمن-اديبن سان هڪ ميلاپي ميڙ، منهنجي جنم-ڏينهن جي بهاني، دوست ڀڳوان هراڻيءَ جي جاءِ تي رکيو ويو هو. قريب قريب سڀ سڄڻ اچي ويا هئا. ڪن ٻه-ٻه اکر ڳالهايا ته ڪن گيت يا شعر ٻڌايا، پر ڇيپي-چوري جي شروعات اڃان ڪانه پئي ٿي. ڀڳوان کان پُڇيم ته چيائين، ”ترسُ، بمبئيءَ مان ٻه ڪي دوست اچي رهيا آهن.“ ٿوريءَ دير بعد، ادي ٻلديو ٻُڌراڻيءَ اَچي ٻڌايو ته ”سِڌو اِسٽيشن تان پيو اچان، گاڏي ٻه ڪلاڪ ليٽ هئي.“ ڪيترا مِتر پريان-پريان کان آيا هئا. دير ٿي رهي هئي. ڪي دوست پليٽ ڪائي هٿ ملائي واپس وڃڻ لڳا. انڪل نوين بچي دادا وشنو شهاڻي متي آيا ۽ چيائون - ”گوبند مالهي ۽ ٻيا دوست اچي ويا آهن.“

جُملو پورو ٿيندي ئي مالهي صاحب، ٽيڪچند مست، مِرچوُ مِسڪين. هيملتا سان گڏ ڪمري ۾ داخل ٿيا. سڀ قرب سان گڏيا. مالهي صاحب چيو-”گهايل! تنهنجي ڪري آيو آهيان. پمپري اسٽيشن تي گاڏي بيٺي ته سڀ چون پيا ته دير ٿي ويئي آهي، دوست ٻه هليا ويا هوندا. هِت لهي ٿا پئون. مون چيومان ’نه‘، گهايل دُبئيءَ ٿو وڃي ۽ اڄُ سندس جنم ڏينهن جي محفل آهي، اُتي ضرور هلنداسين.“ مون مالهي صاحب کي ڀاڪر پاتو ۽ اکيُن اَکيُن کي چيو - ”قربان وڃان اَوهان جي قرب تان.“ ڇيو ڇوُرو هلندي، ميزبان ڀڳوان، مالهي صاحب کان پڇيو-”سائين! جيڪي چئو، چانهه، ڪافي؟“ مالهيءَ مُرڪندي مون ڏانهن نهاريندي چيو - ”هيءُ ٻه ڪو ٽائيم آهي چانهه يا ڪافيءَ جو؟“ سڀ ڪلڻ لڳا. مون چيو - ”هيٺ گاڏي تيار بيٺي آهي، هلو ته گهر ٿا هلون.“

مالهي محفل جو مور هو، هردِل عزيز هو. ٻئي ڏينهن صبح جو 11 بجي کين پمپريءَ جي جئه هند هاءِ اسڪول جي هال ۾ هڪ جلسي ۾ شرڪت ڪرڻي هئي. اُتي وڃي، مُڪامبلو ڪري، ڪانئس موڪلائي مان

مهمان هئو دادا پروفيسر رام پنجواڻي. پنجواڻي صاحب منهن تي اچي منهنجي پُٺي ٺپري ۽ مُڇن لاءِ چيائين، ”اَصلي تيون لڳن.“ ان ناٽڪ ۾ مان مکيه رول هڪ سپاهيءَ جو ڪري رهيو هوس. جلسي پوري ٿيڻ بعد مون جڏهن پنجواڻي صاحب کي مالهي صاحب جي ڏنل ڪارگر صلاحن بابت ٻڌايو، ”تڏهن چيائين، ”سچ-پچ مالهي هڪ مڪمل ۽ مقبول ليکڪ، ناٽڪ ڪار ۽ ڪلاڪار آهي.“

گذريل چئن ڏهاڪن ۾ مالهي صاحب سان ملاقاتون ڪرڻ جا اَنيڪ وجهه مِليم. مُمبئي، ٻڙودي، گانڌيڌام، پوني، دهلي ۽ دُبئيءَ ۾. اگر هرهڪ ملاقات جو وستار ڪندس ته هڪ مضمون نه، پر هڪ ڪتاب ٺهي پوندو. هت فقط ٻن-ٽن ملاقاتن جو مختصر ذڪر ڪندس.

نئشنل ڪاليج، باندرا، ۾ سَروَ-ڀارت سنڌي ٻولي ساهتيه ڪلا وڪاس سَڀا طرفان هڪ سَميلن هئو. اُن محفل ۾ ڪويتا-پاٺ لاءِ هيٺري نڪر ۽ مون کي دادا جيرامداس دؤلترام هٿان روڪڙا انعام ڏياريا ويا هئا. لِپي وواد سبب، هال جي سامهون، رستي جي ٻئي پاسي ڪيترائي مقبول ليکڪ اِسترائيڪ تي وينل هئا. هال مان نڪرندي ئي چاتل سُڃاتل اَديبن کي ڏسي مان هُنن طرف وڌي ويس. هري موٽواڻيءَ ”هلو-هلو“ جو جواب ڏنو، موتي پرڪاش به موت ۾ مُشڪيو، ٻين به هٿ لوڏي منهنجيُن ياوناٽن جي موٽ ڏني. مالهي صاحب اُٿي ڳلي مليو ۽ پڇيائين، ”ڪٿي لٿو آهين، هاڻي ڪيڏانهن ويندين؟“ مون چيو، ”سائين! ڪجهه ڏينهن اڳ پڻ ڪلا پرڪاش کي چيو هوم ته باندرا-سَميلن تي اچڻ چاهيان ٿو، پر بمبئيءَ ۾ رهڻ جو مسئلو اٿم، ته يڪدم وراڻيو هئائينم - ”ياءِ، اسان جي گهر سانتاڪروز هليو اچج. صبح جو ڊيوٽيءَ تي ويندي (تڏهن ڪلا پرڪاش آر.ڪي.ٽي. اُلهاسنگر ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرر هئي) مان توکي نئشنل ڪاليج پرسان ڇڏيندي ويندس.“ پر مالهي صاحب ! ائين نٿي ڪري سگهيس، جو پوني کان اڄ صبح جو ئي هت آيو آهيان، ۽ هاڻي اُلهاسنگر وڃڻ جو ويچار اَٿم.“ ان تي نه پهه مالهي صاحب چيو هو، ”پيارا، ٺڪل پيو لڳين... اڄ رات مان به ٻاهر پيو وڃان، نه ته جيڪر پاڻ سان وٺي هلان ها. خير، هڪ دوست کي فون ڪريان ٿو ۽ ڪم ٿي ويندو. اَڄ رات هِت ئي رهي، صبح جو هليو وڃج.“

سنڌي ساهتيہ جو ٽيويڪرڻ

- وڪرم شهاڻي

سنڌي ساهتيہ جو ٽي. وي. ڪرڻ مطلب سنڌي ساهتيہ جون اُهي رچنائون جن کي ٽي. وي. چئنلس تي ڏيکاريو ويو هجي. هت اسان اُنهن رچنائن جو بہ ذکر ڪري سگهون ٿا جن گهر-دفتر ۾ يا ميلن-ملاکڙن ۾ ڪامپيوٽر جي اسڪرين تي يا ڪنهن هال ۾ اسڪرين لڳائي پروجيڪٽرن ذريعي پڻ ڏسي سگهون ٿا. پوءِ اُها ڪهاڻي هجي، ناٽڪ هجي يا ڪاويہ-گاٿا هجي.

سڀ کان پهرين اسان سرڪاري ماڌيم دوردرشن تان پيش ٿيل سنڌي ساهتڪ رچنائن جي تفصيل ڏسون-

سنہ 1970 واري ڏهاڪي ۾ ڀارت ۾ مشڪل سان هڪ هزار ماڻهن وچ ۾ هڪ ٽي. وي. سيٽ هوندو هئو يعني اِئين سمجهجي تہ 100 گهرن مان هڪ گهر ۾ ٽي. وي. سيٽ جو هئڻ ممڪن هوندو هئو. اُن ڏهاڪي ۾ ديش جي ورهاڱي وقت سنڌ مان لڏپلاڻ ڪري آيل سنڌي ڀارت ديش جي ڪنڊ-ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويا هئا ۽ اِئين چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ ان ڏهاڪي تائين لڳ ڀڳ هرڪو سنڌي ٺائينڪو ٿي چڪو هو. اِن ڪري دهلي، بمبئي، احمدآباد، اجمير، جئپور جهڙن وڏن-وڏن شهرن ۾ سنڌي ساهتڪار ۽ ڪلاڪار پنهنجي ساهتيہ ۽ ڪلا جي سرگرمين سان جڙي چُڪا هئا ۽ اُن کي اوج تائين پهچائي چُڪا هئا.

هن ڏهاڪي ۾ ڪجهہ سنڌي ساهتڪ رچنائن کي دوردرشن جي بمبئي ۽ جئپور ڪيندرن تان پرسارڻ جو شرف حاصل ٿيو- بقول شري سشيل گجواڻي (جيڪو اُن دؤر ۾ بمبئي دوردرشن لاءِ ڪم ڪندو هئو) دادا رام پنجواڻي ڀومُکي ساهتڪار ۽ ڪلاڪار هئو. هوُ جيترو سنو ڪهاڻيڪار هو ايترو ئي سُريلو گايڪ ۽ گيتڪار بہ هئو. پنهنجي دؤر ۾ هوُ سنڌي ساهت جو روح-روان پڻ هئو. دادا رام پنجواڻيءَ جي لکيل ڪيترن

ڊبئيءَ هليو ويو هوس.

1998ع ۾ منهنجو هڪ ڪتاب ”ميڙي-چونڊي“ (جنهن کي هِن سال سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، بڙودا-وارن هن سال جي بهترين ڏهن ڪتابن مان هڪ شُمار ڪيو آهي) ظاهر ٿيو. ڪتاب جي ڪاپي ملندي ئي مالهي صاحب لکيم - ”سُهڻي ڪتاب جي هيءَ صرف پهچ ٿو لکان. گذريل چاليهن سالن کان لڳاتار نِباهي رهيا آهيو. اها ڪا گهٽ ڳالهه آهي ڇا؟ ڏٺي ڪري وڌندا رهيو.“

شري گوبند مالهي، جنهن 13 سالن جي عمر ۾ شاعريءَ سان شروعات ڪئي، اڻڳڻي هلي سَون مضمون، ڪيترين ئي ناياب ڪهاڻيون، اَنيڪ ناٽڪ، ايڪانڪيون لکيون. سنڌس شاهڪار رچنائون- شرم ٻوٽي، ديسي سيڻ ڪجن، پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، آنسون، پيار جي پياس (جنهن تي مرڪزي ساهتيه اَڪادميءَ جو انعام حاصل ڪيائون) وغيره وغيره - پنجويهه ٽيهه ناول لکي ’ناول سَمراٽ‘ جو خطاب حاصل ڪيو. مالهي صاحب کي مهاراشٽر گَورو پُرسڪار هڪ لک رُپيه، ڊُبئي جي سَدائين گڏ سنڌي طرفان ”لطيف اَوارڊ ۽ ميڊل ۽ اَنيڪ ميڊل ۽ ٽرافين سان سنمانت ڪيو ويو، پر هن صاحب حُب، حليماڻي، نياز ۽ نِوڙت، سادگي ۽ سهڪار ڪين ڇڏيو.

سنڌي فلم ”سنڌوءَ جي ڪناري“، اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا ۾ الڳ-الڳ عهدن، ٽيڪسٽ بُوڪ بيوُرو، ساهتيه اڪادمي، سي.ايچ.ڊي، سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، مهاراشٽر سنڌي اڪاڊمي وغيره انيڪ اِدارن ۽ سنستائن سان مالهي صاحب جي وابستگي يگاني ليکبي. سنڌ ۽ سنڌيت جو شيدائي، مالهي صاحب هڪ ڪهاڻيڪار، مضمون نِگار، پترڪار، سنگيت جي سُوجهه-ٻوجهه رکندڙ ڪوتا جو پارکوُ، سنڌيت جي هلچل جو سُکاني روح روان، فقيرتن، دلير دوست ۽ سڀ کان وڌيڪ هڪ نيڪ اِنسان هئو. ڇئي سَهجي ٿو تہ ادب جي باغ جو مالهي، هڪ برجستو باغبان، هلي ويو آهي. سنڌي ادب ۾ ٻيا بہ ڪيترا ئي مشهوُر مقبول ۽ قابل قلمڪار آهن، پر هن صاحب جو خال پرجڻ ڏاڍو ڏکيو پيو لڳي. بس، هڪ لاهوُتي لڏي ويو.

202, Rio Grande, Fortaleza, Kalyani Nagar,
Pune-411005. M. : 9172561626

پڻ نئشنل نيٽ ورڪ تي پرسارت ٿي چُڪي آهي.

1980 واري ڏهاڪي ۾ افسانانگار چندولال جئسنگهاڻيءَ جي جاسوسي سيريز ”بگو بئريسٽر“ جون ڪجهه ڪڙيون (Episodes) ونيتا ناگپال جي هدايتڪاريءَ هيٺ بمبئي دورشن ڪيندر تان ٽيليڪاسٽ ٿيون جن کي درشڪن بيحد پسند ڪيو. هن سيريز ۾ سشيل گجواڻيءَ ’بگو بئريسٽر‘ جو ڪردار نڀايو. ڪنهن به ساهتڪ رچنا کي ٽي. وي. جي ماڌيم ذريعي درشڪن تائين پهچائڻ کان پهرين اُن رچنا جو اُن ماڌيم سان نهڪندڙ روپانتر ڪرڻ ضروري آهي جيئن اُن رچنا ذريعي ليکڪ جيڪي چوڻ چاهيو آهي اُهو وڌيڪ اثرائڪ بڻجي درشڪن تائين پهچي ۽ اُن رچنا جو روپانتر ڪندڙ ساهتيہ ۽ ٽي. وي. ماڌيم جي تڪنيڪ بخوبي ڄاڻندڙ هئڻ گهرجي. جيستائين سنڌي ساهتڪ رچنائن جو واسطو آهي ته اُها جوابداري لڳ ڀڳ هدايتڪار ئي نڀائيندو آهي. شايد اِنڪري ئي ڪيترن رچناڪارن کي اِئين محسوس ٿيندو آهي ته سندن رچنا کي غلط نموني پيش ڪيو ويو آهي. ٽي. ويءَ تي پنهنجي پيش ٿيل رچنائن بنسبت نه صرف سنڌي ليکڪن کي پر ٻين ڀاشائن جي ليکڪن کي پڻ شڪايت هوندي آهي. امرتا پريتم جهڙي مهان ليکڪا پڻ پنهنجي ڪهاڻيءَ تي آڌارت نهيل فلم مان ناخوش رهي. گذريل 40 سالن کان دهلي دوردرشن ڪيندر تان ڪي ايڪڙ-ٻيڪڙ ئي سنڌي پروگرام پيش ٿيا آهن جن مان ”هجين حياتي“ پڻ آهي. باقي سنڌي ساهتڪ رچنائن تي آڌارت پروگرام نہ جي برابر ئي آهن- ڪهاڻي يا ناٽڪ تي آڌارت ڪنهن به پروگرام تيار ڪرڻ لاءِ سيٽس جي ضرورت پوي ٿي، آئوٽ ور شوٽنگ جي ضرورت پوي ٿي- ليکڪ ۽ ڪلاڪارن جي چڱي پيمينٽ ، ٿئي ٿي اِنڪري اڪثر ڏٺو ويو آهي ته دوردرشن تان پرسارت ٿيندڙ روگرامن ۾ گهڻو ڪري ساهتڪ سماجڪ مسئلن تي اِنٽرويوز (ملاقاتون) ۽ ڪ ٻن ڪلاڪارن کي گهرائي گيت-سنگيت جي پروگرامن جي شڪش ئي وڌيڪ ٿيندي رهي پوءِ چاهي اُهو دهلي دوردرشن ڪيندر جي، بمبئي، جئپور يا احمدآباد جو دوردرشن ڪيندر هجي. شايد ڌي پروگرامن لاءِ محدود بجيٽ جي الاٽمينٽ ٿيندي هجي يا سنڌي وگرامن لاءِ مقرر اڌڪارين کي سنڌي پروگرامن جي پيشڪش ۾

گيتن، ڪهاڻين ۽ ناٽڪن جا ڪتاب پڻ شايع ٿيا- دادا رام پنجواڻيءَ جو ڪتاب ”انوکا آزمودا“ پڙهندي مان ڪافي متاثر ٿيس ۽ اُن ڪتاب ۾ ڏنل سندس آزمودن کي فلمائي بمبئيءَ جي دوردرشن ڪيندر تان اُنهن کي ٽيليڪاسٽ (پرسارڻ) ڪرڻ جو ويچار ڪيو جنهن جي شروعات ”بگيءَ وارو“ جي يادگار واقعي سان ڪئي جيڪو 1976 ۾ بمبئيءَ جي دوردرشن ڪيندر تان پرسارت ٿيو.“

اُن ئي دؤر ۾ جئپور جي مايا ايسراڻي جئپور جي دوردرشن ڪيندر سان جڙيل هئي. اُن شاهه جي رسالي ۾ شايع ٿيل سٺن سورمين مان ڪجهه سورمين جو گورڌن ڀارتيءَ کان ناٽيه روپانتر ڪرائي، اُنهن کي فلمارائي جئپور جي دوردرشن ڪيندر تان ٽيليڪاسٽ ڪرايو هئو. جئپور جي دوردرشن ڪيندر تان ئي ڏيتي ليتيءَ جي وشيه تي آڌارت ناٽڪ ”ڪميشن“ ۽ هربخش خوبچنداڻيءَ جي لکيل ناٽڪ ”چانهه جو پيالو“ پڻ ٽيليڪاسٽ ٿيا جن ۾ سندر اگناڻي ۽ لڇمڻ ڀمياڻيءَ پڻ پنهنجي اداڪاريءَ جو جوهر ڏيکاريو هئو.

1980 واري ڏهاڪي ۾ بمبئي جي دوردرشن ڪيندر تان ڪيترا ئي سنڌي پروگرام پيش ٿيا جيڪي ساهتڪ ڪهاڻين تي آڌارت هئا-

مدن جماڻيءَ جو لکيل وصيعت نامو، پکيئڙا ڀڄري ۾ ۽ اکر ڀوري وشنو ڀاٽيا جو لکيل گهر-گهر ۾ مهاڀارت، واسديو نرمل جو لکيل نئون ٽيليفون مکيه هئا.

دوردرشن جي نئشنل نيٽ ورڪ تان ”ايڪ ڪهاني“ ڪاريه ڪرم جي سلسلي ۾ الڳ-الڳ ڀاشائن جي ڪهاڻين جو پرسارڻ ٿيندو رهندو هئو- هن پروگرام ۾ سندري اُتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻي ”بنڌن“ جو منجو ايسراڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ پرسارڻ ٿيو. بعد ۾ سندريءَ جي ڪهاڻي ”ولايتي گهوٽ جي ٻولها“ تي آڌارت سنڌي ٽيليفلم پڻ هنديءَ ۾ ’ڊب‘ ڪري هن پروگرام ۾ پيش ڪئي ويئي.

موهن ڪلپنا جي ڪهاڻي ”پٽر جو دشمن“ ۽ تارا ميرچنداڻيءَ جي هڪ ڪهاڻيءَ جو پڻ منجو سنگهه جي هدايتڪاريءَ هيٺ هن پروگرام ۾ پرسارڻ ٿيو.

ايشور چندر جي لکيل سنڌي ڪهاڻي جو هندي روپانتر ”غلط گٽ“

''ڊبل اسٽانڊرڊ'' ۽ ''پوپري'' جي آڌار تي پڻ ٽيلي فلمن جو نرماڻ ڪري آشا چاند ڏي. ڏي گرنار تان پيش ٿيندڙ سنڌي روگرام ۾ پيش ڪيون.

آشا چاند جيترين ٻي ٽيلي فلمن ۽ پروگرامن جو نرماڻ ڪيو آهي اُهو بهترين آهي اِئين ڪٿي چئجي ته ٻين ڀاشائن جي ٽيليڪاسٽ ٿيندڙ پروگرامن کان ڪنهن به نموني گهٽ ناهي. بهترين ٽيلي-فلم ناهڻ لاءِ ڪافي خرچ ٿئي ٿو. دبئي جا ڪجهه اسپانسرس آشا چاند جي پروگرامن کي اسپانسر ڪندا آهن انڪري ئي هوءَ سٺي اسٽانڊرڊ جون ٽيلي فلمون ۽ ٻيا ڪاريه ڪرم نرماڻ ڪري سگهي ٿي.

سنڌي ڀاشائي ڪوئي راجيه نه هئڻ سبب سنڌي ويڊيو فلمن جي ٻين لوڪل ڀاشائن جيان مارڪيٽنگ ڪرڻ مشڪل آهي ڇو ته اُنهن جو بجيٽ ئي ايترو گهٽ هوندو آهي جو مهامصيبت سان ٽيلي فلم تيار ٿيندي آهي. اُنهن جي وڪري لاءِ ناهڻ واري کي ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائڻو پوندو آهي. سنڌي ايريا جي ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ دڪانن تي اُهي ڪامن ٿيون يا ڪنهن سنڌي پررگرام ۾ اُنهن جي ڪجهه وڪامڻ جي آشا رکي سگهجي ٿي. اِنڪري ڪوبه ڌنڌيڌاري اهو ڪاريه ڌنڌي جي خيال کان مشڪل ڪندو. ڪوٽ جو ڌنڌو ڪير ڪندو؟

سنڌي ساهتڪ رچنائن تي آڌارت ويڊيو پروگرام ٻين ٻولين جي اسٽانڊرڊ جيان تڪنيڪي لحاظ کان بهتر هوندا ته سنڌي درشڪن ۾ قبوليت حاصل ڪندا. جيتوڻيڪ سنڌي درشڪ ڪنهن حد تائين پروگرام جي ماڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تنهن هوندي به سنڌي ساجڪ سنستائن کي ان ڏس ۾ ڪوششون وٺڻ گهرجن جيئن نئين جنريشن کي پڻ اهڙن سنبنڌي پروگرامن ڏسڻ لاءِ آماده ڪري سگهجي.

ويجهڙائيءَ ۾ ڪيترن ئي سنڌي ته-فصلن ۽ ايڪانڪي ناٽڪن تان ويڊيو تيار ڪيون ويون آهن جن ۾ ڪجهه سنڌي ساهتيه جي بهترين ناٽڪن ۽ اُلٽو ڪيل ناٽڪن جو شمار آهي.

بمبئيءَ جي جبوتي ڪلا مندر سنستا پاران پي. بي. چاند جي لکيل لوڪين ايڪانڪين ''رشتا آهن رشتن جو ڇا'' ۽ ''زندگي هڪ ناٽڪ جون ويڊيوز تيار ڪيون ويون آهن. جن جو هدايتڪار آهي گوپال

دلچسپي نہ هجي. سيني ڪان وڏيڪ دک جي ڳالهہ اِها آهي جو اُنهن جي سنڌي سماج جي ڪنهن بہ نيتا کي ان ڏس ۾ ڪوششون ونڻ جي درڪار محسوس نٿي ٿئي.

سرڪاري يا ارڌ سرڪاري سنستائون جيڪي سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ برپا ڪيا ويا آهن اُنهن جي پاليسي پڻ سنڌي ساهت جي بهترين رچنائن جون ويڊيو فلم ناهڻ جي ڏس ۾ اُتساهہ ڏياريندڙ ناهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪجهہ وقت ڪان آشا چاند مُهيم هلائي رهي آهي تہ ٻين ٻولين جيان سنڌي ٻوليءَ کي پڻ دوردرشن پاران 24 ڪلاڪن جي چئنل شروع ڪرڻ گهرجي. جيئن سنڌي ٻولي ۽ تهذيب جي ڀارت جي ڪند-ڪڙڇ ۾ پکڙيل سنڌين تائين پهچ ٿئي.

گذريل ڏهاڪو ورهين ڪان اليڪٽرونڪ ميڊيا جي ٽيڪنيڪ ۾ تڪڙيون ڦيرڦارون ٿي رهيون آهن. اڄڪلهہ هر موبائيل ۾ ڪئميرا فٽ ٿيل آهي جنهن جي ذريعي پڻ ساهتڪ رچنائن تي آڌارت ننڍيون-ننڍيون سنڌي ويڊيو فلمون ناهي سگهجن ٿيون جيئن ٻين ٻولين ۾ ٿي رهيو آهي ۽ وقت بہ وقت چٽاپيٽيون رکي اُنهن فلمن ناهيندڙن کي همٿائي سگهجي ٿو. جيئن هڪ عام ماڻهو پڻ ان ڏس ۾ پنهنجو يوگدان ڏيئي سگهي. اهڙين معياري ويڊيو فلمن کي يوُ ٽيوب ذريعي پڻ دنيا ڀر ۾ رهندڙ سنڌين تائين پهچائي سگهجي ٿو.

آشا چاند پنهنجي سنستا سنڌي سنگت جي پاران احمدآباد دوردرشن جي ڊي.ڊي. گرنار تان ٻن ٽن سالن تائين هر هفتي سنڌي پروگرام پيش ڪيا. جن ۾ ڪيترا ئي پروگرام سنڌي ساهتڪ رچنائن تي آڌارت هئا. انهن رچنائن ۾ سندن ماتا سندري اُتمچنداڻيءَ جي بهترين ڪهاڻين ڀوري، ڪٽي-پارٽي، اِنصاف ۽ ولائتي ڳهوٽ جي ڳولها پڻ شامل آهن. هي پروگرام سنڌي سنگت جي پاران اسپانسرڊ ٿيل هئا. اِئين ئي آشا بمبئي دوردرشن جي سهيادري چئنل تان پڻ ڪافي وقت تائين اهڙا پروگرام اسپانسرڊ ڪري پيش ڪيا. رام پنجواڻيءَ جو ناٽڪ ”سماج شيوڪ“، گوبند مالهيءَ جي ڪهاڻي ”پهاڄ“ ۽ ايشور چندر جي ڪهاڻي ”هي ڪهڙو حساب“ تي آڌارت ٺهيل فلمون پڻ هنن پروگرامن ۾ پيش ٿيون آهن. وليرام ڪشناڻيءَ جي لکيل ڪهاڻين

گهر ويني ئي ويڊيو تي انهن ناٽڪن جو مزو ماڻي سگهندا. جنهن سبب سنڌي گهرن ۾ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه جو پرسار ته ٿيندو ئي ساڻ ساڻ نئين ٽهيءَ وارا جيڪي انگريزي ماڌيم وارن اِسڪولن ۾ پنهنجي پڙهائي ڪن ٿا ۽ گهر ۾ پڻ سنڌي ڳالهائڻ جي جن کي عادت ناهي اُنهن جي ڪنن تي سنڌي ٻوليءَ جو پرلاءُ پوندو.

اڄ جي يگه ۾ جڏهن هرڪو ننڍو-وڏو موبائيل، اِنٽرنيٽ ۽ ٽي. وي. چئنلس ۾ کوهيل آهي ته ساهتڪ ڪتاب پڙهڻ جي فرصت ڪنهن کي ملندي- ڪنهن به ٻولي ۽ اُن جي ساهتيه خاص ڪري سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي پرچار-پرسار لاءِ هينئر اليڪٽرونڪ ماڌيمن کان وڌيڪ اثردار ڪو ذريعو ڪونهي... سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه کي زنده رکڻ لاءِ سنڌي سماجڪ سنستائن کي ان ڏس ۾ ئي اڳتي وڌڻو پوندو...

51-Star Apt., Nr. Nalanda Complex,
Vastrapur, Ahmedabad-380015.
Mob. : 09429901565

راڳهاڻي. چندر ’زخمي‘ جي لکيل ايڪانڪي ناٽڪ ’’ڊاڪٽر مان ڪن تون‘‘ جو ڪمار ڪلواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ وڊيو تيار ڪئي ويئي آهي. گوپال راڳهاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ ئي واسديو ’نرمل‘ جي ايڪانڪي ’’ابو-ائين ڪيئن ڪبو‘‘ جي وڊيو پڻ تيار ڪئي ويئي آهي.

گذريل ست سالن کان بمبئيءَ جي سنڌي رنگ منچ ۽ سنڌي فلمن سان جڙيل مدن جماڻي ’’وتائي فقير‘‘ جي جيون ۽ ٽوٽڪن تي آڌارت وڊيو فلم ’’وتايو فقير‘‘ ناهي آهي جنهن ۾ هُن خود ئي وتائي فقير جو ڪردار پڻ نڀايو آهي.

ڀوپال جي هندي ۽ سنڌي رنگ منچ سان جڙيل اشوڪ بولاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ سندر اگناڻيءَ جي ٻن ايڪانڪين ’’ساهه تي کهڙو پروسو‘‘ ۽ ’’شل صبوح نه ٿئي‘‘ جي احمدآباد ۾ منچڻ وقت، اُنهن ٻنهي ناٽڪن جي وڊيو تيار ڪرائي ويئي ۽ چندر ساوناڻيءَ اُن وڊيو کي سنڌي درشڪن تائين پهچايو. چندر ساوناڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ اُلتو ڪيل تفصلو ناٽڪ ’’بابا مان شادي ڪندس‘‘ جو جيوتي ڪلا مندر جي پاران جڏهن بمبئيءَ ۾ منچ ٿيو اُن وقت هن ناٽڪ جي پڻ وڊيو تيار ڪئي ويئي.

انڊس-انڊ فائونڊيشن دهليءَ جي سهڪار سان ’’عمر-مارئي‘‘ لوڪ ڪٿا جي ڪٺ پُتلي ڪيل جو پڻ وڊيو تيار ڪيو ويو آهي جنهن جي ايڊاپٽيشن ڪئي آهي احمدآباد جي ناٽڪڪار جيٺي لالواڻيءَ ۽ جنهن کي مهيپت ڪويءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو ويو. ڀوپال جي سنڌي ۽ هندي رنگ منچ جي ڄاتل سڃاتل شخصيت ڪويتا ايسراڻيءَ جي هدايتڪاري ۽ ’اکنڊ سنڌو سنسار‘ جي بئنر هيٺ اشوڪ منواڻي جو ناٽڪ ’’ڏوهي ڪير؟‘‘ ۽ ڪيئلداس فانيءَ جي ناٽڪ ورهاست جو منچ ٿيو. انهن ٻنهي ناٽڪن جو وڊيو تيار ڪري سنڌي درشڪن تائين پهچايو ويو.

مان سمجهان ٿو ته سنڌي رنگ منچ تي پيش ناٽڪن جون وڊيوز ناهيون وڃن ته اُهي گهٽ خرچ ۾ تيار ٿينديون ۽ جيڪي درشڪ وقت ۽ حالت جي سبب ناٽڪ ڏسڻ لاءِ ناٽڪ هال تائين نٿا پهچي سگهن اُهي

ڪمايوسين. پنهنجي سنسڪرتيءَ ۽ سڃاڻپ لاءِ پرمارٿي بڻيا آهيون. پر اُن سان گڏ سنڌي ٻولي، سنسڪرتي کان اَڀالا ۽ هيٺا بڻجي ويا آهيون پنهنجي هستي، وجود قائم رکڻ لاءِ، اَسين پنهنجي لاچاري لڪائڻ ۾ نوان نوان بهانا ڳولهي وٺندا آهيون. اَسين بهاني بازيءَ لاءِ نقلي پٽي کي چڙهي نٿا سگهون ڇو جو هاڻوڪي وقت ۾ اسين صرف نالي ماتر سنڌي آهيون.

اَڄ ڪالهه جتي ڪٿي قومي نعرو ''سنڌيءَ ۾ ڳالهايو، سنڌيءَ ۾ پڙهو، سنڌيءَ ۾ لکو، سنڌي ٿي رهو.'' پڙهڻ ٻڌڻ لاءِ ملي ٿو. شاعر موتي پرڪاش جو قومي ترانو آهي،

''آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي،
برپٽ ۾ باغ لڳائڻ وارا سنڌي.''

۽ اَڄ اُهي ئي سنڌي دلين مان، گهرن مان سنڌيءَ کي ڪڍي سنڌو جوت کي وسائي، اوندهه اَنڌڪار ڪري پاڻ پرچائي رهيا آهن. لبن تي هڪ ڳالهه ۽ ورتيءَ ۾ ٻي ڳالهه. اَسانجي چوڻي ۽ ڪرڻيءَ ۾ فرق آهي. وويڪ مارڻ ۾ اَسين بلڪل ويرم ڪونه ڪندا آهيون. وويڪ وڏيل اِنسان جيڪي پاڻ تہ ڪم ڪونہ ڪندا آهن، پر ٻئي ڪنهن بہ شخص خاص ڪري نوجوانن کي نالائق ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، گهرن ۾ پنهنجي اؤلاد آڏو سنڌيت جي هوا کي پهچڻ ئي نہ ڏيندا آهن ۽ چوندا وتندا آهن تہ ''هَماري بَچون ڪو سنڌي نهين آتي.'' وري جڏهن ٻندن ٻار فخر سان ڳالهه اوچو ڪري چوندا آهن، ''هم سنڌي بَنڌي نهين جانتي.'' تڏهن مائٽن جا ٻٽيهہ ئي ڏند ٽڙي پوندا آهن.

اَسين ڳالهه ٿا ڪريون سنڌي جوانن جي، جيڪي سنڌي گلشن جا گلاب آهيون. نئين پيڙهي آهيون، جيڪا گهٽي قدر سنڌي سڏائڻ ۾ فخر محسوس نٿي ڪري. اَسين سنڌي جوان جي ڪم، سنڌيت، سنڌي ٻوليءَ جي صدق جي عدم موجودگيءَ تي ڇو ڳالهائي رهيا آهيون؟ ڪاڻ تہ اِها هڪ حقيقت آهي تہ سنڌي جوان پنهنجي ٻوليءَ کان گهڻو-گهڻو دور ڀڄل آهي. وڏن جون غلطيون ئي اِن حالت لاءِ جوابدار آهن. اِها بہ حقيقت آهي تہ اَسين نوجوان، نئين پيڙهي بہ ان گهمنڊ ۾ آهيون تہ اَسين نئين پيڙهي آهيون، اَسان آزاد خيالن جا آهيون.

سنڌي نؤجوان ساهتيہ سامهون مسئلا

- روشني روهڙا

برکہ شاعر شري اَرجن حاسد جن جي هڪ شعر جو مکڙو آهي،

''زندهہ سان قوم رهندي جنهن جي زبان زندهہ.''

بلڪل سچ آهي ڪنهن بہ قوم، جاتيءَ، قبيلي جي سڃاڻپ اُن جي زبان يعني ماتر ڀاشا ٿيندي آهي. ٻوليءَ سان ئي سنسڪرتي جڙيل هوندي آهي. اَسان سنڌين جي ٻولي سنڌي ڀاشا آهي. سنڌي مهان دنيا ڀر سڌريل موئن جي دڙي جي سڀيتا وارن سنڌين جي ماترڀاشا آهي. سونهاري سنڌ جي سڀاجهڙن، سنڌو سپوتن جي ٻولي آهي. ٻولي تڏهن زندهہ رهندي آهي، جڏهن اُها روزمرّه جي جيون وهنوار ۾ عمل ۾ هوندي آهي.

هيءَ دنيا حيرت اَنگيز آهي، هر ساعت سانئڍي جيان ڪيترا ئي رنگہ روپ بدلائي ٿي. بدلاءُ قدرت جو نيم آهي. سنڌي سماج بہ وقت بہ وقت گهٽيئي ويس بدلائي نوان رنگہ روپ اَختيار ڪري رهيو آهي. آزاديءَ بعد سنڌي قوم پنهنجي ماترڀومي سنڌ کان بي گهر هوندي بہ هند ۾ ٽڙي پکڙجي وڃڻ بعد بہ، پنهنجو صوبو، زمين نہ هوندي بہ هر مشڪلات کي مردانگيءَ سان منهن ڏنو. سنڌي اديبن، مفڪرن، ودوانن قلم هلائي سنڌي ٻولي هلچل سان، سخت جفاڪشي، اورچائيءَ کان ڪم وٺي سنڌي ٻوليءَ کي ڀارتي جوڙجڪ جي اَنين شيڊول ۾ درج ڪرايو. اِها ڳالهہ هرهڪ سنڌيءَ لاءِ فخر جو باعث بڻي ۽ سنڌي سماج جو ڳاٽ اوچو ٿيو. سرڪار تہ سنڌي ڀاشا کي تسليم ڪيو، پر سنڌين جي ٻوليءَ جي مڃتا ڪانپوءِ سنڌي خود پنهنجي ٻوليءَ کان دور ٿيندا ويا. هوائي ڪُڪڙ سنڌي قوم لاءِ ڀاشائي نابوديءَ طرف اِشارا پيو ڪري جو سنڌين پنهنجن گهرن مان سنڌيءَ کي ٽڙي هڪالي ڪڍيو آهي.

اَسان سنڌي ڀارت ۾ نرواسي ٿي آياسين، پرشارتي بڻجي خوب ناڻو

ويجهائڻو آهي. نئين پيڙهيءَ کي اَڃا اَڃڻ ڪپي پر اِن نموني اَڃڻ نہ ڪپي تہ صرف بطور ڏيکاءُ، فئشن، نالو ۽ اِنعام ڪمائڻ لاءِ نہ، پر پاڻ سان ڪجهہ نئون ڪٺي اُيرٽو آهي. جنهن ۾ محنت، اَيياس هجي، جيڪو پنهنجي وقت لاءِ پاڻ ۽ ٻين لاءِ دستاويز ثابت ٿئي.

اَسان جوان-جوانڙيون سنڌي ٻوليءَ جي سار، سنڀال لاءِ اَڄ ڪنا ٿيا آهيون. اڳي ٻہ گهڻن موقعن تي پاڻ ۾ ۽ سنڌي ساهتيہ سان جڙيل آهيون ۽ گنڀيرتا سان تن نوجوانن جي رُخ-لاڙي، سوچ، اَيياس ۽ تڪليفن جو جائزو هر لحاظ ۽ ڪنڌ ڪان وٺي رهيا آهيون.

اَسين اِهو ٻہ ڄاڻون ٿا تہ هرهڪ سماج جي سچي تصوير اُن جو ساهتيہ ئي ٿيندو آهي. جيڪو وقت جي گردش ۾ ٻہ اَمِٽ آهي. اَسان جو سنڌي ساهتيہ ٻہ قديم ۽ جديد آهي. هر صنف ۾ مالامال آهي، اعليٰ درجي جو آهي. ڀارتي ٻولين سان برميچي سگهي ٿو. هر لحاظ کان معياري آهي. پر هڪ سچائي اِها ٻہ آهي تہ اُن جو پانڪ گم آهي.

معياري ادب آڏو مسئلا ۽ للڪارون تہ آهن تہ سياويڪ نوجوان ساهتيہ سامهون ٻہ مسئلا هوندا ئي ۽ آهن ٻہ.

اَول ترين بنيادي مسئلو آهي ٻوليءَ جي واهپي جو. سنڌي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي درجي تان هٽي ويئي آهي. ماءُ جي ٻوليءَ بدران اَنگريزي، هندي ۽ مڪاني ڀاشائن جڳهہ والاري آهي. سنڌي ماڌيم جا اِسڪول ذري گهٽ بند ٿي ويا آهن، ٿي رهيا آهن. ڪاليج يونيورسٽين ۾ سنڌي وشيہ پاڙهڻ جو بندوبست آهي پر شاگرد گم آهن. اَنگريزي ماڌيم اِسڪولن ۾ ٻہ سنڌي وشيہ پاڙهڻ جو ڪو جوڳو بندوبست ڪونهي. تعليم ئي ساهتيہ پڙهڻ ۽ لکڻ لاءِ آمادهہ ڪندي آهي ڇو جو واهپي ڪري ئي ٻوليءَ جو محاورو ٿيندو آهي. نوجوان ٻولي سکن ئي ڪونہ ٿا. تعليم پرائين ئي ڪونہ ٿا تہ لکڻ ٻہ اُنهن لاءِ ڏکيو ٻٽيو آهي.

اَسان جي سامهون لپيءَ جو ٻہ معاملو آهي جو گهٽي پاڱي جتي ڪٿي ديوناگري هلي ٿي ۽ اَسان جو گهڻو ساهتيہ سنڌي لپيءَ ۾ شايع ٿيل آهي. اَسان وٽ ديوناگري-سنڌي لپيءَ جو جهڳڙو تہ هلندڙ ئي آهي. اُن ۾ ٻہ ڇنائي اَڃا ٻہ رهيل آهي ۽ هاڻ وري رومن لپيءَ جي ٻہ گهر هلي رهي آهي. سوال اِهو آهي تہ لپي ڪهڙي ٻہ هجي پر اُن لاءِ بنيادي

اَسان کي وديشي سيبتا جو در ڪڙڪائڻ ۾ آنند حاصل ٿئي ٿو. جي نوجوانن جي اِها سوچ آهي تہ پوءِ اَسين جتي ڪٿي، هر سنستا، هر ساهتڪ، ڪلاتمڪ مشغوليءَ ۾ ويندي سماجڪ سنستائن ۾، ادارن ۾ چوندا آهيون تہ نئين پيڙهي، نوجوانن کي اَڳيان اَچڻ کپي. اَسين اُنهن کي اَڳيان آڻڻ لاءِ محنت ڪنداسين. سنڌي ٻولي، ساهتيہ ۽ ڪلا جي شيوا ڪنداسين. محنت ۽ شيوا لفظ ڪيترا نہ بي معنيٰ ٿي ويا آهن. سنڌي ادب ۽ سماج جي ٺيڪيدارن جي اِنهن وڳلن ۽ حفاظتي لفظن مان ڌپ ٿيندو آهي، اِهي ڪوڪلا آهن صرف پاڻ پڌائڻ ۽ پاڻ کي سنڌي نوجوانن ۽ سنڌيت جا همدرد ٻڌجڻ جو ڏيکاءُ ڪندا آهن ۽ جڏهن، جتي نوجوانن کي اَڳيان وڌائڻ کپي، موقعا ڏيڻ گهرجن، اُتي نوجوانن کي پاسيرو ڪري پاڻ اَڳئين قطار ۾، منچ تي ٻيٺل ۽ ويٺل نظر ايندا آهن.

اَسين ۽ هرڪو چاهي ٿو تہ نوجوانن کي اَڳيان اَچڻ گهرجي، جو تواريخ شاهد آهي تہ نوجوان ئي ڪنهن بہ تحريڪ ، بَدلاوَ جو ڪرنڌهو ٿيندا آهن. اُهي هوا جو رُخ موڙي سگهندا آهن. جوانن ۾ اُتساهہ، اُمنگ، جوش، هوش، آتم وشواس، صحيح سوچڻ ۽ سمجهڻ جي شڪتي وڌيڪ هوندي آهي. سنڌي جوان بہ اُتساهہ ۽ اُمنگ جو ڪرڻو آهي! اوچ تعليم يافتہ آهي. صرف هنن کي پاڻ سڃاڻڻو آهي تہ مان سنڌي آهيان. سنڌي سڪ واري سنڌي، منهنجي ساهہ سڳوري سنڌي، منهنجي جان جيئاري سنڌي، منهنجي اَباڻي ٻولي سنڌي، منهنجي ماءُ جي ٻولي، لوليءَ جي ٻولي سنڌي ٻولي.

سنڌيت جي رکوالن، متوالن ڪجهہ وقت کان سنڌي جوانن کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ جوانن ۾ سنڌيت سڃاڻپ‌ءَ سان گڏ ساهتيہ ۽ ڪلا طرف موڙ ڪائڻ سان گڏ پنهنجين جڙن جي تلاش ڪرڻ بہ شروع ڪيو آهي. البت رفتار ڍلي آهي پر روشنيءَ جو ترورو ضروري آهي ۽ وشواس جاڳڻ شروع ٿيو آهي تہ پل گهڻي دير ٿي چڪي آهي پر ڪاري ٻات اونداهي ٿئي اُن کان اڳہ جاڳڻ بہ پنهنجو پاڻ هڪ صادق ۽ نفي پهلوُ آهي. چوندا آهن ”جتان جاڳہ تي اُتان ئي صبح.“ صبح ٿيو آهي، اَسان کي اَڳتي آيل نوجوانن کي اَجا-اَجا اَڳتي آڻڻو، وڌائڻو ۽

آهن، ڇاڪاڻ ته ٻيون اشاعتي ادارا جيڪي سرڪاري امداد حاصل ڪن ٿا، سي به نوجوان لکندڙن کي همٿائڻ ۾ ڪو خاص ڪردار ادا نه ٿا ڪن. جيڪي نوجوان ادب لکن ٿا تن جو سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي ته سندن ڪتاب ڇپجي ئي ڪونه ٿا. ڪجهه نوجوانن پاڻ ڪتاب ڇپرايا آهن. ڪي ادارا آهن جيڪي نوجوانن جا ڪتاب ڇپائين ٿا پر اهي ڪنهن نه ڪنهن شرط تي ڇپجن ٿا، ڪي ادارا اهڙا آهن جيڪي نوجوانن کي ساڳي ئي ادبي سرگرمين ۾ آڻين ٿا، پر ادارن جو سوچ

آهن، چاهي پريشد آهن اُنهن کي نوجوان ساهتيه آڏو هن مسئلي طرف ڌيان ڏيڻ جڳائي ۽ ڪوششون تيز ڪرڻ گهرجن. ادارن جي ڳالهه هلي رهي آهي ته اِهو غور ڪرڻ بہ واجب ٿيندو تہ ڀارت سرڪار سنڌيءَ لاءِ ٻئي لپيون عربي چاهي ديوناگريءَ کي قبوليت ڏني آهي. ادارا عربيءَ کي وڌيڪ ۽ ديوناگريءَ کي گهٽ توج ڏيندا آهن. ڪن ادارن ۾ تہ صرف سنڌي لپيءَ کي مڃتا حاصل آهي. جنهن ڪري نوجوان اديب جيڪي سنڌي لپيءَ ۾ لکندڙ، ڪتاب شايع ڪندڙ آهن اُهي لاڀن، موقعن ۽ اِنعامن کان رهجي وڃن ٿا. اِن جا گهڻيئي مثال آهن.

نوجوان ساهتيہ جي وڪاس، واڌارو ۽ ڦهلاءُ لاءِ نوجوانن جي صحيح رهنمائي نٿي ڪئي وڃي. ادارن جي يوجنائن جي ڄاڻ اُنهن تائين نٿي پهچي جنهن ڪري ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ، اُن جي لاءِ حاصل ٿيندڙ مالي اِمداد، ورهاست، ٿوڪ خريدي ۽ اِنعام جي شرط شروط جي ڄاڻ نہ ملڻ ڪري هو ويچارا نااُميد رهن ٿا. وري ڪتاب ڪتان ۽ ڪيئن ڇپائجي، ڪهڙي لپيءَ ۾ شايع ڪجي اِها بہ هنن جي چنتا جو باعث بڻجي ٿي.

اڪثر اِئين ڏٺو ويو آهي تہ نوجوان ساهتيڪ ڪتاب جو ڪوبہ نوٽ نہ ورتو ويندو آهي. اُنهن جي ڪابہ اوڪ-ڏوڪ، رائزني، رويو نہ ڪيو ويندو آهي. اگر ڀُل چڪ ۾ ڪنهن ڪتاب کي اِنعام حاصل ٿيندو آهي تہ اُن جي معيار، لکڻي، ساهتيڪ صنف کي ڪٺي ڪافي واد وواد يا بکيڙو ڪيو ويندو آهي. ڪتاب جو صحيح ۽ صحتمند جائزو وٺڻ لازمي آهي.

سنڌي مخزنن، رسالن ۽ اَخبارن ۾ نوجوان ساهتيہ کي گهٽ ۾ گهٽ جاءِ ڏني ٿي وڃي. ادارن جي ساليانين مخزنن ۽ ٻال مخزنن ۾ جوڳي جاءِ ملي ٿي تہ وري اُن لاءِ رسالي جي معيار کي ڪٺي اَنيڪ سوال پئدا ڪيا ٿا وڃن.

اَدبي چٽاڀيٽين ۾ نوجوان ساهتيہ ۽ معياري ساهتيہ کي جدا نہ ڪري هڪ ئي ماپي سان ماپيو ٿو وڃي ۽ اڪثر وچيل-مچيل نالن وارا ساهتيڪار اِنعام حاصل ڪري ويندا آهن. اِن قسم جو پيدياوَ، تنگ نظريو بہ تہ هڪ نوجوان ساهتيہ لاءِ مسئلو آهي. ڇا نوجوان ادب لاءِ جدا چٽاڀيٽيون نٿيون رکي سگهجن؟ جن مان اندازو لڳائي سگهجي تہ

ٻاشا سمجهڻ ٻہ تہ لازمي آهي. ٻاشا ئي سمجهہ ۾ نہ ايندي تہ پوءِ ڪهڙي ٻہ لپيءَ ۾ صرف لکڻ-پڙهڻ ۾ ڪو لاڀ ڪونهي. ٻي مطلب معنيٰ ڪانسواءِ اناپ - سناپ لکڻ جو ڪو مقصد نہ آهي. لکڻ لاءِ معياري ادب جو اَڀياس ضروري آهي. ڪنهن ٻہ وشيہ، صنفن جي ماهريت اُن جي لاڳيتي اَڀياس ۽ معياري رچنائون پڙهڻ سان حاصل ڪري سگهجي ٿي. ديوناگريءَ-رومن لپيءَ وارن نوجوانن کي سنڌي-عربي لپي نہ اَچڻ ڪري اُهي سنو بهترين سنڌي ادب پڙهڻ کان وانجهيل رهن ٿا. اِن ڪري ساهتيہ جي اَڌپوري ڄاڻ ٻہ نوجوان ادب سامهون بيٺل نظر اَچي ٿي.

ساهتيہ لکڻ لاءِ ساهتيڪ ماحول ٻہ ضروري آهي اِهو ماحول حاصل ٿيندو آهي ارد-گرد مان، ساهتيڪ سنستائن مان، لئبررين مان ۽ ساهتيڪ مشغولين مان. اِئين تہ ساهتيڪ مشغوليون ٿينديون رهنديون آهن ۽ نوجوانن جي نہ جهڙي حصيداري هوندي آهي. سنڌي ساهتيڪارن پنهنجي اؤلاد کي ساهتيہ ورثو نہ ڏنو آهي جيڪي سنڌي ساهتيڪار آهن اُنهن مان گهٽا پاڻ کي اوچو، مايہ ناز سمجهندا آهن. نون اديبن کي همٿائڻ جي ڪوشش تہ نہ ڪندا آهن پر مخالفت ڪندا ٻہ نظر ايندا آهن. هوُ نون اديبن کي همٿائڻ پنهنجي شان جي خلاف سمجهندا آهن. ساهتيڪ ماحول کي ساهتيڪارن جي گروپ بنديءَ ٻہ وڏو ڇيهو رسايو آهي. ساهتيڪ ماحول ۾ اَدبي ڪلاس، ورڪشاپ ۽ سيمينارن مان ئي پريرڻا حاصل ڪري نوان ساهتيڪار، پاڻ کي ساهتيہ لکڻ-پڙهڻ سان جوڙين ٿا. اِهي بند آهن جنهن ڪري نوان ليکڪ پئدا ٿيڻ بند ٿي ويا آهن. ڪٿي-ڪٿي ادبي ڪلاس هلن ٿا پر صرف نالي ماتر. اُتي نوجوان اديبن جي رهنمائي، سونهپ نہ جهڙي ڪئي ويندي آهي. اِئين ٻہ ڏنو ويو آهي تہ اُنهن جي رچنائن تي اوڪہ-ڊوڪہ ڪرڻ بدران اُن تي الزام لڳايا ويندا آهن ۽ چريتر تي حملا ٻہ ڪيا ويندا آهن يعني اُنهن کي نااُميد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. وقتي اُهي پنهنجي علميت ۽ ڄاڻ جو مظاهرو ڪندا آهن ۽ پاڻ پڏائڻ ۾ ڪابہ ڪسر باقي نہ رکندا آهن. ساهتيڪ ماحول لاءِ اَدبي ڪلاس-ورڪشاپ ضروري آهن جيڪي ٻہ سنڌي ٻاشا جي وڪاس جا وسيلا، اِدارا، اڪادميون

گهڻ گنيئرتا سان ڪنيو آهي. اَسان کي سوشل ميڊيا ڪري لکڻ-پڙهڻ لاءِ ايڪانٽ به گهڻ ٿي ملي ته اڪيلو رهڻ تي به هري ويا آهيون. ايڪانٽ ۽ اڪيلائي به جدا ڳالهيون آهن. جن کي به اسان کي سمجهڻو پوندو- ڇو جو لکڻ-پڙهڻ لاءِ ايڪانٽ ضروري آهي.

اَچو ته اسين نوجوان اَدب جا جيڪي پانڌيئڙا آهيون پهرين ته سنا ذهني پانڪ ٻڌجون. آتم وشواس وڌائي، نواڻ طرف مڙي، اُها نواڻ ڪٿي اَچون جيڪا عملي، سمجهه واري سنڌي نوجوان ساهتيه جي وڪاس ۽ واڌاري ۾ مدد روپ ٿئي. نراسائي ۽ ويڳاڻپ کي دور ڪري، پل دل دماغ تي مغربي سڀيتا جا اَثر هجن پر پنهنجي ٻولي، ڀاشا، ادب ۽ سنسڪرتيءَ سان جڙون. واهپي ۾ سنڌي ٻولي آڻي ٻوليءَ کي زنده رکي شري اَرجن حاسد جي قوُل کي عملي جامو پهرايون.

37. Aditya Bunglows,
Awas Park, Nr. Noblenagar,
P.O. Kubernagar, Ahmedabad-382340.
M. 9586236994

اسان جو نوجوان ساهتيہ ڪتي پهتو آهي، ڪهڙي معيار جو آهي؟ نوجوان ساهتيہ جو جدا جائزو وٺڻ گهرجي. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هتي اُن جو جائزو وٺڻ جي شروعاتي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. سنڌي ٻولي، ادب جي وڪاس لاءِ جيڪي ماڌيم پرنٽ ميڊيا، آڪاشواڻي، دوردرشن، ٽيلي فلم، سي. ڊي.، ڊي.وي.ڊي. وغيره آهن اُنهن ۾ نوجوان ادب کي اڳي ڪافي اڳرائي حاصل هئي، پر هاڻي نہ جهڙي آهي.

اَڄ جو زمانو سوشل ميڊيا جو آهي. اُن جي طاقت ۽ ڦهلاءُ وڌي رهيو آهي. چار نالا هرهڪ جي زبان تي اڪثر هوندا آهن فيس بوڪ، ٽويٽر، يوٽيوب ۽ ايپس يعني موبائيل ائپيليڪيشن. سول پليٽفارم ۽ سوشل ميڊيا جو سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ جي واڌاري ۾ نوجوانن جي اَهم ڀوميڪا تي زور ڏيڻ لاءِ اِي-نيوز ليٽرس ۽ اِي مخزن وڌائڻ جي ضرورت آهي ۽ سنا معياري ڪتاب ڪوش وغيره اَنواد سميت اُنهن تي ميسر ڪرڻ گهرجن. نوجوان ڪميونيڪٽرس پنهنجي پيڙهيءَ کي ڀاشا ۽ ساهتيہ سان جوڙي سگهن ٿا ڇو جو هڪ لفظ آهي پيئر پريشر نوجوان پيڙهيءَ ۾ وڏيڪ ڪم ڪندو آهي. جنهن جو حاصل مطلب آهي تہ نئين ٽهي، نئين ٽهيءَ جي ڳالهہ ٻڌندي، سمجهندي ۽ عمل ۾ آڻيندي آهي. هاڻي آن لائين ورثي جو يگ اَچي ويو آهي. ڊجيٽل وِل ذريعي ڀاشا ۽ ساهتيہ جيڪو اَسان جو ورثو آهي. اُن کي آن لائين ڪرڻ بہ لازمي آهي.

ڳالهيون گهٽيون آهن پر ڪي خاص ڌيان جوڳيون خاص اَسان نوجوان ساهتيڪارن سان بہ لاڳو آهي. جيڪي پنهنجو پاڻ ۾ اَهم آهن، اَسان ٻين تي ڳالهايون ٿا. اُنهن جون ڪميون پيشيون ڏسون ٿا پر اَڇو تہ هڪ نظر پاڻ تي ورائي پنهنجو جائزو بہ وٺون جيڪو مشڪل پل آهي پر آهي حقيقت ۽ سچائي.

نوجوان ساهتيہ آڏو آئيڊيا ۽ وشين جي ڪمي آهي ڳڏوڳڏ وشواس بہ گهٽ آهي. نالو، ناڻو، اِنعام ۽ سنمان ڪمائڻ جو موهہ بہ آهي. اسان جي پنهنجي لائيف اِسٽائيل بہ سنڌي ماحول سان جڙاءُ نٿي رکي تہ وري جذباتي رڪاوٽون بہ آهن.

اَسان وٽ نيمائتي لکڻ ۽ پڙهڻ جي بہ کوٽ آهي. اَسان ساهتيہ کي

ماتر ٻاشا اُها ٻاشا آهي جيڪا ٻارُ سڀ کان پهرين سهج ۽ سياويڪ نموني سکي ٿو. ان ٻاشا ذريعي هوُ پنهنجي آس پاس جي ماحول کان واقف ٿئي ٿو پنهنجي آزمودن ۽ احساسن کي خيالن ۾ خلقي ٿو ۽ اُنهن کي اِظهاري ٿو. ٻاشا جو ويچارن سان گهرو ناتو آهي. ٻارُ ماءُ جي ٿڃ سان گڏ-گڏ پنهنجي ماتر ٻاشا به سکندو آهي. ماءُ جيڪا ٻاشا ڳالهائي ٿي سا ئي ٻاشا ٻار سکندو آهي. ٻاشا جو اِهو لاڳاپو ڏيري-ڏيري وڌندو ويندو آهي. ٻار ڪجهه به سوچيندو آهي ته پنهنجي ماتر ٻاشا ۾ ئي سوچيندو آهي. چوندا آهن ٻار مُڇ جو وار، جيڏانهن ورائيس تيڏانهن وري. ننڍڙن ٻارن جي دلين ۾ ننڍي هوندي کان ئي جيڪڏهن اسين پنهنجي ماتر ٻاشا جو ٻج پوکينداسين ته پوءِ اُميد رکي سگهجي ٿي ته اُهو ٻج سَلي جو روپ وٺي شاهي وڻ ٿي پوندو. جي جڙ کي لڳاتار روز پاڻي ڏجي ته ڦل ڦول خود به خود ٿي پوندا. تيئن ٻار سان روز پنهنجي ماتر ٻاشا ۾ ڳالهائڻ سان هوُ پنهنجي ماتر ٻاشا ضرور سکندو. گهر پريوار ۾ شروعاتي پرارٿنائون، خوشي ۽ ڏک جي ويچارن کي ماتر ٻاشا ۾ ظاهر ڪرڻ سان ٻار تي به اِنهن جو گهرو اثر پوي ٿو. ٻار جي مانسڪ وڪاس لاءِ ماتر ٻاشا اوتري ئي ضروري آهي، جيترو ڪ ٻار جي بدني وڪاس لاءِ ماءُ جي ٿڃ. ماتر ٻاشا جي ضرورت اِن ڪري آهي. ڇو جو ٻار جي شروعاتي ويچارن کي ناهڻ ۾ ماتر ٻاشا جوئي وڏو هٿ آهي اُها ٻار جي شخصيت، منورتي، سماجڪ وشواس، ايياس جي لائقي ۽ پيڙهه پڪي ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿي. ان سطح تي ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ جي بنيادي ڄاڻ حاصل ڪئي ويندي آهي. ملهه ۽ قدر اپنايا ويندا آهن ۽ ماحول سان واسطو رکندڙ چيتنا ۾ تيزي ايندي آهي.

هر قوم جي سيپتا ماتر ٻاشا سان جُڙيل آهي. روزمرّه جي جيون وهنوار ماتر ٻاشا ۾ آهي تنهن ڪري سنڌين لاءِ ماتر ٻاشا سکڻ لازمي آهي. ماتر ٻاشا معرفت سماجي سڃاڻپ ايندي، ماضيءَ جي پيڙهين جي آزمودن کان مستقبل جون پيڙهيون محروم ٿي وينديون جي اُهي سنڌي نه سکندا هوُ صرف پٿر جا پُتلا هوندا. ماتر ٻاشا کان محروم ڪرڻ، تيڻ ۽ رهڻ اَهڙو اخلاقي ڏک آهي جنهن جو ڏنگ زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي ناسوُر بڻجي سنائيندو. وقت اچڻ تي اُها نراس ناگرڪ جي پيڙهي

ماتر ڀاشا جي اَهميت ۽ ضرورت

- ڊا. ورشا ڊي. اُڏوداساڻي

ماترڀاشا يعني ماءُ جي ڀاشا. ماءُ جي ڀاشا کي ماترڀاشا چيو وڃي ٿو. ماتا جا ٽي روپ آهن. هڪ جنني، ٻي ڀارت ماتا ۽ ٽين ماتر ڀاشا. ماترڀاشا سان سنسڪرتي ۽ سنسڪار جُڙيل آهن. ڀاشا ۽ سنسڪرتي جو پاڻ ۾ گهرو سنٻنڌ آهي. ڪابہ سنسڪرتي جيتري پُراڻي هوندي، اُن سان واسطو رکندڙ ڀاشا بہ اوتري پُراڻي هوندي ڪنهن بہ سنسڪرتي کي ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جو ذريعو ڀاشا ئي آهي.

هر اِنسان جي بنيادي سڃاڻپ هن جي ماترڀاشا آهي. جنهن ۾ هوُ پنهنجن گهرجن، ضرورتن، ڀاونائن ۽ اُمنگن جو اِظهار ڪري ٿو. اِنسان جو جيون ۽ وهنوار اُنهيءَ ئي ڀاشا جي آڌار تي ريتين، رسمن، رواجن، لوڪ ڪٿائن، لوڪ ساهتيہ موجب ٿيندا آهن. اِنسان پنهنجي پرمپراگت سماج، ساهتيہ، سينيما ۽ سنسڪرتيءَ سان بہ اُنهيءَ ماترڀاشا وسيلي جُڙيل ۽ ٻَڌل آهي. ٻين لفظن ۾ اِئين بہ چئي سگهجي ٿو تہ هر اِنسان ماترڀاشا ۾ جيئي ٿو، مري ٿو، ساهہ کڻي ٿو، کلي ۽ روئي ٿو، کائي ۽ پيئي ٿو. ڪوبہ ماڻهو ڪم ڌنڌي، نؤڪري، پيشي ۽ سماجڪ ڪارروائين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيترين ئي ٻولين سکي ٿو ۽ سکڻ کان پوءِ بہ ماترڀاشا کان سواءِ ڪنهن بہ ٻيءَ ڀاشا جي مڪمل حوالي ٿي نٿو سگهي. ماترڀاشا هن جي رڳن ۾ رت سان گڏ ڊوڙي ٿي. مهاراشٽر جي سنت گيانيشور سنينءَ صديءَ ۾ آڌياتمواد جو پرچار ڪندي پنهنجي ماترڀاشا بابت چيو آهي تہ ماترڀاشا سروَ سريشٽ آهي هرڪو اُها سؤلائي سان سکي، لکي، پڙهي، سمجهي ۽ گيان حاصل ڪري ٿو سگهي. ماترڀاشا سکڻ آسان آهي. سماجڪ سؤمان ۽ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندڙ آهي. منهنجي ماترڀاشا آڪاش ۾ وِهار ڪندڙ آهي ۽ انهيءَ ۾ اينتري سمرتي آهي جو برهم وديا سؤلائيءَ سان سمجهائي سگهجي ٿي.

سوچ ويچار ڪري اِن نئين ودوان کي پنهنجي گهر وٺي آيو. ڇڱو آدر ستڪار ڪري ڪيس سنا سنا طعام کارايا ۽ رات جو سمهڻ واسطي ڪيس آرام دائڪ بسترو ڏنو. جڏهن هوُ گهري ننڊ ۾ هو تڏهن مکيه وزير هن جي پير ۾ سئي ٽنبي. درد ٿيڻ تي اُن ودوان رڙ ڪئي الا ڙي مان مري ويس. ٻئي ڏينهن راجا جي دربار ۾ مکيه وزير اَچي ٻڌايو تہ هن نئين ودوان جي ماتر ڀاشا سنڌي آهي.

صاف ظاهر آهي تہ ماتر ڀاشا اسان جي من جي گهراين سان لاڳاپو رکندڙ آهي. جڏهن اسان کي ڪو درد، ڪا پيڙا ٿئي ٿي تہ اِهو دکہ اسان پنهنجي ماتر ڀاشا ۾ ظاهر ڪندا آهيون.

Depatrment of Sindhi Bhasha Bhavan,
Fcaulty of Arts, M.S.U. of Baroda.
Mob. : 9275032415

تي پوندي.

سنڌين کي سنڌي نہ ايندي ساهتيہ نہ پڙهندا تہ فخر ڇا تي وٺندا. انڪري اسان کي قبول ڪرڻ گهرجي تہ منهنجي ماتر ڀاشا سنڌي مهان آهي. جذباتي سطح تي ماتر ڀاشا هر شخص جي شخصيت جو اُهو اڻونڊيو حصو آهي جنهن کي قائم رکڻ، وڌائڻ، ويجهائڻ سندس اخلاقي فرض بڻجي ٿو وڃي.

ڀاشا رڳو هڪ ڪميونيڪيشن جو سرشتو نہ آهي، ڀاشا هڪ سماجڪ وهنوار بہ آهي، ڇو تہ ڀاشا جو اِستعمال ڪندي اِهو ڌيان رکڻ ضروري آهي تہ ڪير، ڪنهن سان، ڪٿي ۽ ڪهڙي موضوع تي ڳالهائي رهيو آهي. اِن ڪان سواءِ ڀاشا ڪنهن جاتيءَ جي سڃاڻپ جي نشاني ۽ تهذيب جي ڏي-وٺ جو واهڻ بہ آهي. مثال طور سنڌي ڀاشا سنڌين جي پاڻ ۾ ويچارن جي ڏي-وٺ جو ساڌن ۽ سنڌين جو سماجڪ وهنوار جو هڪ حصو آهي. سنڌي ڀاشا سنڌين جي سڃاڻپ جي هڪ نشاني ۽ سنڌيت کي سنڀالي رکڻ جو وسيلو آهي.

ماتر ڀاشا ۾ اُها طاقت آهي جو ماڻهو کي قدم قدم تي هر قسم جي مدد ملندي آهي. نيتائون تہ ڀاشا جي آڌار تي سنڌين جي علائقي ۾ سنڌيءَ ۾، پنجابين جي علائقي ۾ پنجابيءَ ۾، گجراتين جي علائقي ۾ گجراتيءَ ۾ ڀاشڻ ڏيئي ڪري اُنهن جي دل جيتي ڪري اليڪشن ۾ کٽي ايندا آهن يعني تہ ماتر ڀاشا جي پهچ اسان جي من جي اندروني گهراين تائين آهي.

اُن لاءِ هڪ درشٽانت پيش ڪري رهي آهيان.

ڪنهن راجا جي دربار ۾ هڪ وڏو ودوان آيو. اُهو سيني ڀاشائن جو ڄاڻو هو ۽ سيني ڀاشائن ۾ ڀاشڻ ڪري سگهندو هو. راجا اُن ودوان کان اُن جي ماتر ڀاشا جي باري ۾ پڇيو تہ ودوان چيو توهان جي دربار ۾ وڏا-وڏا ودوان آهن اُهي ٻڌائين تہ منهنجي ماتر ڀاشا ڪهڙي آهي؟ راجا پنهنجي دربار جي هڪ هڪ ودوان کي گهرائي اُن سمسيا جو حل ڳولهڻ لاءِ چيو پر ڪوبہ ودوان ان نئين ودوان جي ماتر ڀاشا جي باري ۾ ٻڌائي نہ سگهيو.

آخر ۾ رجا جي دربار ۾ مکيہ وزير اِهو ڪم پاڻ تي ڪنيو. مکيہ وزير

پسجن پيا جيڪي ڪائنات جي ذري-ذري سان پڻ ڇانيل آهن. شاه جي اَهڙن روحاني ڪلامن ۾، چنڊ ۽ تارا، بيابان ۽ بحر، جبل ۽ شهر، پکي ۽ پسون، پوک ۽ واپار، خوراڪ ۽ پوشاڪ جا حقيقي ۽ اَنوکا چٽر آهن جيڪي تنهن وقت جي ملڪ جي مالي، سماجڪ، سياسي، اِخلاقي ۽ روحاني حالت پيش ڪن ٿا. شاه صاحب اِهي سمورا روحاني راڳ اَفسانن ۽ قصن وسيلي نماڻي نوع ۽ سلوڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيا آهن. اُنهن راڳن مان، شاه صاحب جي ئي نجي کوج آهن اَهڙن سنڌي راڳن تي نظر وجهون، اُهي راڳ آهن، 1. سُر سامونڊي 2. سُر سسئي آبرو 3. سُر معذوري 4. سُر ڪوهياري 5. سُر ليلا چنيسر 6. سُر حُسيني 7. سُر مومل راڻو 8. سُر مارئي 9. سُر گهاتو 10. سررپ 11. سُر ڪاهوڙي 12. سُر بروو سنڌي 13. سُر ڪارايل 14. سُر ڏهر 15. سُر ڪاپائتي.

مٿيان راڳ شاه صاحبن جي نجي کوج آهن. هاڻ شاه جي هينئين پد جي ڪماليت ڏسو، جنهن کي پڙهندي من تہ شانت ٿئي ٿو، بلڪ روح، ڏٽيءَ سان ملي هڪ ٿيو وڃي،

''اکين ۾ تي ويهہ، تہ آئون واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آئون نہ پسان کو ٻيو.''

هاڻ سنت سورداس جي روحاني راڳن کي پسڻ سان معلوم ٿيندو تہ سورداس جا سمورا راڳ ڪلاسيڪل لحظي ۾ ڪرشن جي ڀڳتيءَ سان رپور آهن. سنت سورداس پنهنجن روحاني ڪلاسيڪل راڳن ۾ ڌروپد، مار ۽ هوريءَ جو ڀرپور اُپيوگ ڪيو آهي. سندن هينيان راڳ بيحد رسڌ آهن.

راڳ جنگلا، راڳ اهيرون، راڳ بئراڻي، راڳ گند-ملهار، راڳ گند رنگ، راڳ بسنتي، راڳ ڪرنات، راڳ هنيلي، راڳ شري هني، راڳ ڪيرڻ ۽ راڳ ڪرنگ وغيره مٿيان راڳ سندن نجي کوج آهن. باقي ت سورداس جا پد 72 راڳن ۾ مروج آهن.

اَچو تہ اَهڙي سنت جو هينئيون پد ماڻيون جو راڳ 'ورنداوني سارنگ' ارت آهي ۽ ترتال ۾ رچيل آهي،

روحاني راڳن جا خالق، شاهه لطيف، سنت سورداس، سنت ميران ۽ سوامي هريداس

- ايم. وي. ڀيماڻي

راڳ روح جي خوراڪ آهن. راڳن سان ئي روح شانتي پائي ترپت ٿين ٿا. اهڙا راڳ جڏهن دئوي شڪتي ٻڌجي روحن ۾ پرويش ڪن ٿا، تڏهن روحاني آلاپ آلاپي، ساري عالم کي نه صرف سڪون بخشين ٿا، بلڪ سَين جو جيون سکميه ۽ مڌر بڻايو ڇڏين.

15، 16، 17 صدي ڏاري ڀارت جي هن پوتر ڀون تي اَهڙا اُتم-اعليٰ ۽ پوتر روحن جا ڏٽي، سنت روپي اَوتار ڏاري آيا جن ڀڳتي ۽ روحاني راڳن سان نه صرف جَنَ-جَنَ جي تنل دلين کي ٺاريو، بلڪ سماج کي جيون جيئڻ جي روشن راه پڻ ڏسي. اَهڙن مهان سنتن ۾ شاهه لطيف، سنت سورداس، سنت ميران ۽ سوامي هريداس اڳرا آهن.

چار ئي سنت تنهن وقت جا مهان ڪوي ۽ راڳي نه هئا بلڪ چئني سنت ڪوين جا پد، ڪلام ۽ ڀڄن، ڀڳتي ۽ روحاني سنگيت جي تال-لئه ۽ سُرن سان ڇانيل هئا ۽ اَڄ جي دؤر ۾ پڻ آهن. اَچو ته اَهڙن سنت ڪوين جي ڀڳتي ۽ سنگيت ڀريل راڳن سان روبرو ٿيون.

سڀ کان پهرين شاهه لطيف جي ڪلامن ڏانهن نظر ڊوڙائيندي معلوم ٿيندو ته شاهه صاحب ڪل 30 راڳ جوڙيا. جيڪي ڀڳتي ۽ روحاني سنگيت سان ڀمتار آهن. تنهن وقت شاهه جي نوراني نظر سنڌ جي سَرِ زمين، سِڌي-سادي عوام، سنڌن هلت ۽ سنڌن ريتن-رسمن تي ويئي. جن کي ڀانئي، شاهه صاحب جي روحاني روح اَهڙا دئوي آلاپ آلاپيا جن ۾ نج سنڌيت ۽ صوفيت جي هبڪار پسجي پيئي. اِنهيءَ سبب شاهه صاحب جي راڳن ۾ عوام جي فهم فڪر ۽ اِنساني برادريءَ جا پوتر ۽ پاڪ جذبا

سنت ڪوي نہ آهن، بلڪ روحاني راڳن جا ڏاڍي آهن. شاهہ لطيف جو سمورو سنڌي ڪلام صوفي ۽ لوڪ سنگيت سان ڇانيل آهي. جيڪو نہ صرف سنڌين جي دلين کي وندرائي ٿو، بلڪ سندن اُداس اکين کي آٿت پڻ ڏئي ٿو. ڪٿي هو ڀهاڪي روپ ۾ پياس ٻجهائي ٿو تہ ڪٿ ڏوهيڙن روپ ۾ اَنتر جو آرام بڻجي ٿو. شاهہ پنهنجن ڪلامن ذريعي سموري سنڌي عوام کي ساڃاهہ ۽ سکيا ڏئي ٿو ۽ گڏوگڏ سنڌين جي روحن کي پڻ ٺاري ٿو. مطلب تہ شاهہ جا اَهڙا روحاني راڳ اَڄ پڻ جَهرَ-جهنگ ۾، ٿَر ۾-بَرَ ۾، محفل ۾ مجلسن ۾، اوتارن ۽ اوطاقن ۾، مزهين ۽ مقبرن ۾، مطلب تہ هرهنڌ روحاني راڳن ذريعي دنيا جي سموري سنڌي عوام ۾ گونججي رهيا آهن. جنهن کي ٻڌائي، وڄائي ۽ ماڻي هرهڪ سنڌي سُڪون پائي ٿو. هاڻ پاڻ ڏسنداسين تہ سنت سورداس اَنڌا هئا، پر اُنهن پنهنجي روح کي ڪلاسيڪل راڳن ذريعي، ڌروپڪ، ڌمار ۽ هوريءَ جي تالن سان اَهڙو تہ مڪمل بڻايو ۽ ڪرشن جي ڀڳتي سنگيت ۾ لِيِنُ ڪيو جو سندن روح ڪرشن ميہ بڻجي پيو. ايتري قدر جو جڳہ جو ڏاڍي ڪرشن پڻ سندن راڳن تي ريجهي ٻالڪ روپ ڌاري هر وقت، هر پل سندن سار سنڀال لهندو هو. نہ صرف ايترو پر هر وقت سنت سورداس جي شيوا ۾ حاضر رهندو هو.

وري سنت ميران جي روحاني شڪتي ڏسو، سندن روحاني ڀڄنن ۾ ڀڳتي سنگيت ۾ روحاني نرتيہ جو اَهڙو ميل هو، جو جڏهن ميران اَنتر مان نڪتل اَهڙا روحاني ڀڄن ڳائيندي-ڳائيندي روحاني نرتيہ ڪندي هئي، تڏهن سموري سڌ-ٻڌ کوهي، جڳہ کان جدا ٿي، ڪرشنميہ بڻجي اَهڙو تہ جهومندي هئي جو ڪيس پسيندڙ ساري خلق پڻ پنهنجي سڌ-ٻڌ کوهي ميران جي تال ۾ لئہ سان نہ صرف جهومندي هئي بلڪ ڪرشنميہ بڻجي اَنتر جي آنند جي اَنوڀُتي ڪري آنندميہ بڻجي هئي. اَڄ پڻ نہ صرف ڀارت، بلڪ دنيا جي ڪنڊ-ڪڙڇ ۾ ميران جي روحاني ڀڄنن جي ڌوم آهي. پوءِ ستسنگ هجي، ڪٿا هجي، گهر هجي، انو هجي يا شهر هجي، اِسڪول هجي، ڪاليج هجي، ٽي. وي. هجي يا ريڊيو هجي، چتر هجن يا سنيما هجي، عام هجي يا خاص هجي، اَنر جي يا مادا هجي، ڪلا هجي يا ڪلاڪار هجن مطلب تہ هر ڏس ۽

"चरण कमल बंदी हरी राई,
जाकी कृपा पंगु गिरीलाधै, की सब कुछ दरसाई,
बाहिरी सुनै, गुंगे पुनि बोले, रंग चले सिर छत्र धराई,
सूरदास स्वामी करूणामय, बार-बार बंदि तिहिं पाई।"

هاڻ سنت ميران جي ڀڄنن ۽ راڳن کي پرکينداسين تہ معلوم ٿيندو تہ سنت ميران پنهنجا روحاني ڀڄن 27 راڳن ۾ جوڙيا آهن. جن ۾ سندس اڳرا ۽ مقبول راڳ آهن، 1. راڳ سورٺ 2. راڳ ڪافي 3. راڳ ڏناسري 4. راڳ تلڪ-ڪامود 5. راڳ پيمپلاسي 6. راڳ مالڪوس 7. راڳ مانڊ.

ميران جو هينيون پد ماڻيون جو راڳ تلڪ ڪامود تي آڌارت آهي ۽ ترتال جي سنگت پائي اَنتر کي جهنجهوڙيو ڇڏي،

"मैं हरि बिना, ना जाऊँ माई,
पान ते पीरी, भई मीरां, विद्या तन छाई,
लाल गिरधर की दासी मीरां, उपजी सुखदाई,
अबके दरसन देहुं मोंहि, न मुक्ति जाई।"

اَهڙيءَ ئي طرح سوامي هريداس جي راڳن کي پسڻ سان معلوم ٿيندو تہ سوامي هريداس جي روحاني راڳن ۾ پڻ ڪلاسيڪل لحظو آهي. سوامي هريداس جا ڀڳتي پُر پد، 58، راڳن ۾ مروج آهن. جن ۾ هينيان راڳ بيحد مقبول آهن.

راڳ ڪانڑا، راڳ ڪماچ، راڳ ڪيڏار ۽ راڳ بسنت. سندن هينيون ڪلاسيڪل پد جيڪو راڳ ڪماچ آڌارت آهي، اُهو سندن ڪرشن ڀڳتيءَ جو اَديت مثال پيش ڪري ٿو.

"प्रथम लड़ाऊँ श्री गुरू, वंदन करी हरिदास।
विपुल प्रेम निज नेम गाई, कहि सुजस बिहारिन दास।।
गुरु सेवन गोविंद मिल्यो, गुरू गोविंद आहे।
बिहारी दास (श्री) हरिदास का जीवन है सुख चाहि।।"

مٿين چئني سنتن ڪوين جا پد ماڻيندي
اِهو معلوم ٿيندو تہ چئني سنت ڪوين جا نظم، پد، ڪلام ۽ ڀڄن، ڀڳتي سنگيت جي ساڌنا سان ڇانيل آهن. سندن پد ايشوري تتون سان جڙيل آهن. چار ئي ساڌارڻ

سنگيتميه روحاني گونج، چپي-چپي تي گونججي رهي آهي. انهيءَ
کان وڌيڪ سچائيءَ جو مثال ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو.
چار ئي سنت ڪوي نه صرف ماهر راڳي آهن، بلڪ روحاني ڀڳتي
سنگيت جي زنده مثال آهن.

Shree Natraj
Post ofiice chowk,
Una-362560
M. 998276200

ڪيترن ۾ ميران جا ڀڄن، نرتيه سان ڳڍجي ۾ پسجي رهيا آهن.

اَهڙا ئي روحاني راڳن جا ڏٺي هئا سوامي هريداس. اُنهن روحاني راڳن کي ڪلاسيڪل رنگ ۾ جوڙي اَهڙي تہ ماهريت حاصل ڪئي جو سندن ڪلاسيڪل سنگيت کي پرکي تنهن وقت جا مهان راڳي ميان تانسين ۽ بئجو بانورا سندن شش بڻيا. سوامي هريداس پنهنجي ڀڳتي سنگيت ذريعي ڏروپد ۽ ڌمار جو سِرجن ڪيو جنهن ڪري کين انهيءَ سنگيت جا اُپائڻهار ۽ داتا سڏيو وڃي ٿو. پنهنجي شاستريہ ڀڳتي راڳن کي هنن ڏروپد ۽ ڌمار جي سنگيت سان، پنهنجي سُريلي ناد کي برهماناد ۾ پراپت ڪيو. جنهن سبب دئوي راڳن سان گهنشيام کي ريجهائي پل پل کي ست-چت-آنند بڻايو. تنهن وقت جا هو نہ صرف ماهر روحاني راڳي هئا پر خوددار پڻ ايترا جو اُن وقت دهليءَ جي بادشاهہ اَڪبر کي پڻ سندن راڳہ ٻڌڻ لاءِ عام لوڪن جو ويس ڌاري، سندن شش ميان تانسين سان، جهنگل ۾ سندن ڪٽيا تي وڃڻو پيو ۽ سوامي هريداس جي وقت موجب راڳہ ٻڌڻو پيو جو ٻڌي راجا اَڪبر توڙي شش تانسين سندن الوڪ راڳہ تي نہ صرف اَکن ڇڪن بڻيا، بلڪ سڌ-ٻُڌ کوهي ڪرشنميہ بڻيا.

15، 16، 17 صديءَ جي مڌيہ ڪال جا چار ئي سنت نہ صرف اُتم ڪوٽيءَ جا آدرش ڪوي هئا، بلڪ سندن ڪلامن، پدن ۽ نظمن ۾ ايشوري تت سمايل هو. جن نج شڌ ڀڄنن جو روپ ڌاريو. جيئني سنت ڪوين اُنهن کي اَهڙي تہ دئوي ڀڳتي سنگيت سان جوڙيو جو پاڻ بہ پورڻ بڻيا ۽ خدائي مقام پراپت ڪيائون. ڀڳتي سنگيت ۾ راڳہ-راڳڻين ۽ نرتيہ سان سندن ڪلام، پد ۽ ڀڄن اَهڙا تہ جڙيا جو صدين گذرڻ بعد پڻ اُنهن کي ٻڌڻ سان هرڪو پنهنجي سڌ-ٻُڌ وڃائي خالق ۾ سمايو ڇڏي. اَهڙن ڀڳتي راڳن سان روح کي نرمل بڻائي ست-چت-آنند پراپت ڪرڻ جو ٻيو سؤلو ۽ ناياب طريقو ڀلا ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟

جهڙيءَ طرح شاهہ لطيف جا نج سنڌي راڳہ نہ صرف هند توڙي سنڌ جي سنگيت جي شان آهن بلڪ سموري سنڌي عوام جي زبان ۽ روح جي راحت آهن تهڙيءَ ئي طرح اُتر ڀارت جي ورنداون جي ڪونج گلين ۾ سنت سورداس، ميران ۽ سوامي هريداس جي پدن، ڀڄنن ۽ نرتيہ جي

અદબી ચમન

૨૦૧૭



સિંધી સાહિત્ય અકાદમી, ગુજરાત રાજ્ય

ગાંધીનગર

